حیات النبی
صلی اللہ علیہ وسلم

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org

حيات النبي ﷺ

يعني

حضور انور حبيب ڪبريا رسول عربي محمد
مصطفيٰ صلي الله عليهٖ و عليٰ آلہٖ و اصحابہٖ
بارڪ و سلم جي پاڪ زندگيءَ ۽ حيات
با برڪات جو مفصل ۽ محقق احوال

تصنيف ڪيل

جناب مولانا ابوالمحامد حڪيم مولوي
فتح محمد صاحب "صغير" سيوستاني
"عمدة الحڪماء"

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ

www.maktabah.org

نئون ڇاپو ١٩٩٤ع

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا
"سنڌي ادبي بورڊ" وٽ محفوظ آهن.

قيمت: پنجاهه روپيا
[Price Rs: 50-00]

ملڻ جو هنڌ

"سنڌي ادبي بورڊ" جو بُڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو سنڌ
۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو، ۽ شمشيرالحيدري، سيڪريٽري،
سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.maktabah.org

فهرست مضامين

ديباچو
رسول الله جي پيدا ٿيڻ جي ضرورت ۽ سبب ١
عرب جي ملڪ جو حال ۽ عربن جي حالت ٥
حضرت پاڪ جي ولادت (جنم) ١٨
حضرت جي والد جي عمر ٢١
محمد نالي جي معنيٰ ٢١
ڌيج پيڻ وارا ڏينهن ٢٢
حضرت پاڪ جي والد جو دنيا مان لاڏاڻو ٢٢
حضرت پاڪ جي ڏاڏي عبدالمطلب جي عمر ۽ وفات ٢٢
حضرت پاڪ جي چاچي ابوطالب جو ڪين نپائڻ ٢٣
شام جي ملڪ جو سفر ۽ پادري بحيره سان ملاقات ٢٣
ڪين عرب ۾ محمد امين ڪري سڏيندا هئا ٢٥
بيبي خديجة الڪبريٰ سان شادي ٢٥
انهيءَ شاديءَ وقت حضرت جي ۽ بيبي صاحبه جي عمر ٢٧
ٻڪريون چارڻ ٢٨
ڪعبة الله جي نئين سر عمارت ۽ حجر اسود جو ذڪر ٢٩
الله پاڪ جي قدرتن جو ويچار ٣٠
حضرت پاڪ، محمد بن عبدالله جي بدران محمد رسول الله
سڏجڻ لڳو ٣١
حرا غار ۾ جبرئيل جو اچڻ ۽ اقرء سورت جو نازل ٿيڻ ٣٣
نبوت جي بشارت ٣٤
عيسائين جي وڏي پادريءَ ورقه بن نوفل جيي حضرت پاڪ
جي نبوت ۽ رسالت بابت شاهدي ٣٥
سورت الحمد لئي ٣٦

www.maktabah.org

وضو ۽ نماز ۳٦
سورت مزمل ۽ مدثر ۳۷
ڪيترن مؤمنن اسلام قبول ڪيو ۳۹
زالن جو مسلمان ٿيڻ ۳۹
اسلام جي دعوت اول ڳجهي پوءِ ظاهر ظهور ۴۰
سر وليم ميور انگريز ۽ ڊاڪٽر اي سپرنگر جي شاهدي
حضرت جي صداقت بابت ۴۲
حضرت جي نبي ٿيڻ وقت دنيا جي حالت ۴۳
حضرت عيسيٰ جا حواري بد اعتقاد رهندا هئا ۴۵
حضرت پاڪ تي ڪافرن جا ظلم ۽ ايذاءَ ۴۸
حضرت جن کي الله پاڪ جي طرفان دلبريون ۵۱
حضرت جن کي پنهنجن مائٽن جي سمجهائڻ جو خدائي حڪم ۵۱
حضرت جن جو جبل جي چوٽيءَ تي وعظ ۵۳
حضرت جو سڀني قبيلن کي وري سڏي سمجهائڻ ۵۴
مڪي جا ڪافر ابوطالب وٽ دانهن ڪئي ويا ۵٦
ابوطالب وٽ وري ٻئي دفعي ڪافرن جو اچڻ، حضرت
کي روڪڻ لاءِ ۵۸
حضرت رسول الله صلعم جي اصحابن تي ڪافرن جا ظلم ۵۹
ايماندار زالن سان ظلم ٦۲
ڪافرن جون عادتون ۽ خيال ٦۴
حضرت جون ضروري ۽ خاص سمجهاڻيون ٦۵
ڪيترن مسلمانن جو حبش جي ملڪ ۾ لڏي وڃڻ ۷۰
حضرت جعفر طيار جي پر تاثير تقرير ۷۱
حبش جي ملڪ جو وڏو پادري بہ مسلمان ٿيو ۷۳
قريشن جو ابوطالب وٽ حضرت کي روڪڻ لاءِ اچڻ ۷۳
هڪڙي انگريز فلاسفر جي شاهدي ۷۴

www.maktabah.org

ٻئي انگريز جي شاهدي	۷۴
پادري عماد الدين جي شاهدي	۷۳
هڪ غار ۾ بند رهڻ جنهن کي شعب ابوطالب چوندا آهي	۷۵
قريشن جو حضرت سائين جن جي خاندان سان قطع تعلقات	۷۵
نجران نالي شهر جي عيسائين جي جماعت جو حضرت وٽ بحث لاءِ اچڻ ۽ مسلمان ٿيڻ	۷۶
ضماد نالي ڦيٽائي جو مسلمان ٿيڻ	۷۷
حضرت پاڪ جي پيشن گوئي پوري ٿي	۷۸
ابو طالب جي وفات	۷۹
بيبي خديجة الكبريٰ رضي الله عنها جي وفات	۷۹
حضرت پاڪ جو طائف جي سفر تي روانو ٿيڻ ۽ عام قبيلن کي خدائي پيغام پهچائڻ	۸۲
سر وليم ميور جي شاهدي	۸۶
سويد بن صامت جو ايمان آڻڻ	۸۷
يثرب جي سفيرن کي اسلام جي دعوت ۽ اياس بن معاذ جو فيضاب ٿيڻ	۸۸
طفيل بن عمر دوسي جو ايمان آڻڻ	۸۹
ابوذر غفاري جو مسلمان ٿيڻ	۹۲
ذڪر معراج	۹۴
معراج جو مختصر تذڪرو	۹۹
نماز جي پنجن وقتن جو فرض ٿيڻ	۱۰۲
هجرت يعني لڏي وڃڻ جا سبب	۱۰۴
بيعت عقبه اوليٰ	۱۰۵
بيعت جا شرط	۱۰۶
بيعت عقبه ثاني	۱۰۷
مصعب جي وعظ سان اسيد جو ايمان قبول ڪرڻ	۱۰۸

www.maktabah.org

سچوئي قبيلو هڪ ئي ڏينهن ۾ مسلمان ٿيو ١١٠
حضرت رسول الله جا ٻارهن نقيب يعني حواري ١١١
هجرت ١١٥
دارلندوه ناليءَ هڪڙيءَ جاءِ ۾ حضرت جن جي قتل لاءِ
ڪافرن جو ميڙ ۽ صلاح مصلحت ١١٥
حضرت پاڪ جو روانو ٿيڻ ١١٧
غار ثور ۾ پهچڻ ١١٨
غار ثور مان نڪرڻ ١٢١
حضرت ابوبڪر جي نياڻيءَ بيبي اسماءِ رضہ جي همت ۽ قوت ايماني ١٢٢
ام معبد نالي هڪ مائيءَ وٽ حضرت جن جو آرام لاءِ لهڻ ١٢٣
حضرت پاڪ جو معجزو ١٢٣
حضرت جن جو حليو مبارڪ ١٢٤
نبوت جا تيرهن سال مڪي وارا ١٢٥
سابقين اولين جو ذڪر ١٢٥
رستي ۾ بريده نالي هڪڙي شخص ۽ ٻين ستر ڄڻن جو
يڪدم مسلمان ٿيڻ ١٢٧
قبا نالي هڪڙي جاءِ ۾ پهچڻ ١٢٧
اسلام ۾ پهريون جمعو ١٢٩
مسجد نبوي جي عمارت ١٣٥
اذان (بانگ) جو مقرر ٿيڻ ١٣٧
مسلمانن جي پاڻ ۾ برادري ١٣٨
هجرت وقت حضرت پاڪ جي عمر ١٤١
هجري سن جو بنياد ١٤١
ايندڙ نبيءَ لاءِ يهودين جو انتظار ١٤٢
حضور جن، حضرت عيسيٰ مسيح جي طرفداري ڪئي ١٤٢
ايندڙ نبيءَ لاءِ عيسائين جو انتظار ۽ سندن خود ساخته مسئلن
ڪي حضرت جن جو رد ڪرڻ ١٤٣

www.maktabah.org

منافقن جو نمونو ١٤٤
انصارن جي همدردي مهاجرن سان ١٤٥
امن عام جو عهدنامو ۽ مديني جي جدا جدا مذهب وارن
جو گڏجي حضرت رسول الله جي برڪت سان هڪ قوم
ٿيڻ ۽ سڀڪنهن کي مذهبي آزادي ملڻ ١٤٥
حضورجن جو امن عام لاءِ ٻهراڙيءَ ۾ گشت ڪرڻ ١٤٨
قريشن جو مديني تي حملي ڪرڻ جو خيال ١٤٩
قريشن جي هڪڙي شرارت ١٤٩
حضورجن صلعم جي تقرير ١٤٩
قريشن جي ٻي شرارت ١٥٠
قريشن جي مسلمانن تي ٻهرين ڪاهه ١٥٠
ابوجهل جي شرارت ١٥٠
قريشن جو لشڪر ١٥١
انصارن جي صداقت ١٥١
مسلمانن کي اڃا جنگ جي اجازت نه هئي ١٥٢
اسلام ۽ رسول الله صلعم جي صداقت جو دليل ١٥٤
اعتراض ڪندڙن جي شبهي جو رد ١٥٤
مسلمانن تي قريشن جي ٻي ڪاهه يا بدر جي جنگ ١٥٥
اسلام جي دشمنن جي قتل جي پيشين گوئي ١٥٦
جنگ بدر ۾ مسلمانن جي عاليشان فتح ١٥٦
جنگ بدر ۾ معجزو ١٥٧
قيدين سان مسلمانن جو سلوڪ ١٥٧
قريشن جي ٽين شرارت ۽ حضورجن جي قتل جي تياري ١٥٨
عمير جو مسلمان ٿيڻ ١٦٠
قريشن جي ٽي مختصر ڪاهه يا جنگ قرقرت الڪدر ١٦١
قريشن جي چوٿين ڪاهه يا جنگ اُحد ١٦١

www.maktabah.org

بيبي فاطمہ زهرا رضہ ۽ عايشہ صديق رضہ جي همت جنگ جي
ميدان ۾ ١٦٤
عورت جي دل ۾ پنهنجي مڙس جي عزت ۽ سچي محبت ١٦٤
حضرت مصعب شهيد جو جنازو ۽ اڻ پورو ڪفن ١٦٤
رسول الله جي چاچي حضرت حمزي جي شهادت ١٦٥
جنگ اُحد ۾ انس بن نضر جي همت ۽ جوش اسلامي ١٦٥
سعد بن ربيع جو شهيد ٿيڻ ۽ شهادت جي وقت رسول الله صلعم
ڏي سندس سلام ۽ قوم ڏي آخرين پيغام ١٦٦
شهيدن جي يتيم اولاد سان حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي شفقت ١٦٧
عماره بن زياد رضہ جي شهادت ۽ رسول الله صلعم جي محبت
جو نمونو ١٦٧
اصحابن جي پهلواني، بهادري ۽ همت جو نمونو ١٦٧
قبيلي بنو دينار جي هڪ عورت جي همت ۽ ايماني ڪماليت ١٦٨
حضورجن جي عام رحمت ۽ باجهہ، ظالمن لاءِ هدايت جي دعا ١٦٨
ڪافرن جي چوٽين شرارت، اسلام جي ڏهن مشنرين (واعظن)
جو مارجڻ ١٦٩
اصحابن جا اسلامي اخلاق ١٧٠
حضرت رسول الله جي سچي محبت انهيءَ ڪي چئجي ١٧١
ڪافرن جي هڪ ٻي شرارت ۽ اسلام جي ستر مشنرين
(سيکاريندڙن) جو ڪسجڻ ١٧٣
قريشن جي اره زورائي ۽ حديبيہ جو واقعو ١٧٤
قريشن جي قاصد جي بي ادبي ۽ حضرت جن صلعم ۽ اصحابن
جو تحمل ١٧٥
بيت الرضوان ١٧٧
صلح جا شرط ١٧٧
صلح نامو حضرت علي لکيو ١٧٨

www.maktabah.org

خيبر جي لڙائي ۽ مسلمانن جي فتح ١٨٠
قريشن جي پنجين ڪاهه ۽ عهد شڪني، آخر مڪي جي فتح ١٨٢
حضرت جن جو مڪي ۾ پهچڻ ١٨٣
پيشن گوئي پوري ٿي ١٨٣
حضرت رسول الله جو عام رحم ۽ پاڄه ۽ ملڪي خير خواهي
۽ عام امن جون لشڪر کي هدايتون ١٨٤
ٽي سؤ سٺ بت ڪعبة الله ۾ ١٨٦
ظالمن سان نيڪي ١٨٧
بيت الله جي ڪنجي حقدار کي ڏني وئي ١٨٨
بيعت جا شرط ۽ اقرار ١٨٩
عورتن کان وڏيڪ اقرار ۽ شرط ١٨٩
عورتن کان بيعت وٺڻ جو رستو ١٩٠
حضرت پاڪ جي هٿ لائڻ سان فضاله بن عمير جي دل ۾
ايمان جو نور پيدا ٿيڻ ١٩٠
مڪي وارن قريشن تي اجا به وڏيڪ مهرباني ١٩١
جنگ حنين ١٩١
حضور جن صلعم جي لاثاني فياضي ١٩٤
دائي حليما جي ڌيءَ کي عزت ١٩٤
سچن مسلمانن جي سچائي ١٩٤
يهودين جون شرارتون ۽ عهد شڪنيون، مسلمانن سان اڳرايون
۽ آرهه زورايون ١٩٥
جنگ احزاب يا خندق واري لڙائي ١٩٦
حضور جن عليه الصلوات والسلام کي قتل ڪرڻ جو منصوبو ١٩٩
مسلمانن سان عيسائين جون جنگيون ٢٠٠
جنگ موته ٢٠١
حضرت جن صلعم کي جنگ جي احوالن بابت الهام ٢٠٢

www.maktabah.org

تبوڪ جو سفر ۽ بنا جنگ فتح ٢٠٢
ڪعب بن مالڪ جي سخت آزمائش ۽ سندس قصور جي معافي ٢٠٧
دنيا جي بادشاهن ڏي اسلام ۾ داخل ٿيڻ بابت حضرت جن جا خط ٢١٢
روم جي بادشاهه ڏي حضور جن جو خط ٢١٥
روم جي وڏي پادري جو مسلمان ٿيڻ ٢١٧
حبش جي بادشاهه نجاشي ڏي حضور جن جو خط ٢١٨
مصر جي بادشاهه ڏي حضور جن جو خط ٢٢١
ايران (فارس) جي بادشاهه ڏي حضور جن جو خط ٢٢١
حضور جن جو معجزو ٢٢٣
يمن جي گورنر جو مسلمان ٿيڻ ٢٢٣
حضور جن جو ٻيو زبردست معجزو ٢٢٣
شاهه بحرين جو مسلمان ٿيڻ ٢٢٥
عمان جي حاڪم ۽ سندس ڀاءُ جو مسلمان ٿيڻ ٢٢٦
سردار عبد ۽ عمرو بن عاص جي عجيب گفتگو ٢٢٦
دمشق جي حاڪم ڏي اسلام جي دعوت جو خط ٢٢٩
يمامه جي حاڪم ڏي حضور جن جو خط ٢٣٠
ٻين رياستن جي والين جو مسلمان ٿيڻ ٢٣٠
حضور جن جي خدمت ۾ ڪيترن ملڪن مان وفدن (جماعتن) جو اچڻ ٢٣١
وفدن جا نالا ٢٣١
وفد ثقيف جو حال ٢٣٢
وفد عبدالقيس ٢٣٣
اسلام جا چار مکيه امر ٢٣٤
خاص شراب بابت اسلام جا چار مکيه نهي (منع) ٢٣٤
وفد بني حنيفه ٢٣٥

www.maktabah.org

وفد قبيلہ طي ٢٣٦
وفد اشعرين ٢٣٦
وفد ازد ٢٣٦
حضرت رسول الله صلعم جون مفيد نصيحتون ٢٣٧
وفد بني الحارث ٢٣٧
جنگ ۾ فتحمند ٿيڻ جو عجيب راز ٢٣٨
وفد دوس ٢٣٨
وفد همدان ٢٣٩
وفد طارق بن عبدالله ٢٤٠
وفد تجيب ٢٤٢
حديثن جو حضرت جن جي وقت ۾ ئي لکجڻ ٢٤٢
پنهنجي مريد کي پاکر يعني هديو يا تحفو ڏيڻ ٢٤٣
وفد بني سعد هذيم ٢٤٤
وفد بنو اسد ٢٤٥
مسلمان ٿيڻ ۾ الله جي مهرباني سمجهڻ گهرجي نہ کنهن تي ٿورو ڪجي ٢٤٥
وفد بهراء ٢٤٦
حضور جن صلعم جو معجزو ٢٤٦
وفد عذره ٢٤٧
وفد خولان ٢٤٨
پيرن فقيرن جي نالي تي خيرات ڪرڻ انهيءَ خيال سان تہ هو اسان کان خوش ٿي اسان جا ڪم ڪندا رهن ۽ ناراض ٿي نقصان نہ پهچائين ڪفر جون رسمون آهن ٢٤٩
وفد محارب ٢٥٠
اسلام قبول ڪرڻ گناهن کي ميٽي ٿو ٢٥١
وفد صداء ٢٥١
حضور جن جو معجزو ٢٥١
وفد غسان ٢٥٢
وفد بني عيش ٢٥٢
بي سبب هجرت ڪرڻ ضروري نہ آهي ٢٥٢
وفد غامد ٢٥٣

www.maktabah.org

وفد بني فرازه ٢٥٣
الله پاڪ ڪنهن جي به سفارش ٻڌي وٺ ڪونه ٿو ڪري ٢٥٤
وفد سلامان ٢٥٥
وفد نجران ٢٥٥
هڪڙي پادريءَ کي رسول الله جي زيارت جو نهايت شوق ٢٥٨
حضرت ابراهيم مسلمان هو يهودي ۽ نصارو ڪين هو ٢٥٩
حضرت رسول الله صلعم کي پوڄڻ ناجائز ۽ حرام آهي ٢٦٠
وفد نخع ٢٦٢
حج جو فرض ٿيڻ ٢٦٣
حضور جن حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي اميرالحاج بنايو ٢٦٤
حضور جن صلعم حضرت علي رضہ کي سورت توبه ٻڌائڻ
لاءِ نائب مقرر ڪيو ٢٦٤
حج الوداع ٢٦٤
حضور جن صلعم جو حجة الوداع جي وقت خطبو ۽ وعظ ٢٦٥
جاهليت جي رسمن بابت ارشاد ٢٦٦
حضور جن جو آخرين خطبو (ليڪچر) ٢٦٧
قبرستانن جي زيارت لاءِ حضور جن جي تشريف ٢٦٨
حضور جن صلعم جي آخرين بيماري ۽ تنهن کان پوءِ وفات ٢٦٩
بيماريءَ جي وقت جي دعا ٢٦٩
حضور جن قبر پرستيءَ بابت وصيت طور سخت منع ڪئي ٢٧٠
حضور جن صلعم جي بيماريءَ وقت حضرت ابوبڪر حضور جن
صلعم جي حڪم موجب امام ٿيو ٢٧١
حضور جن صلعم جي دنيائي ۽ مالي حالت پڇاڙيءَ ۾ ٢٧٢
پويون ڏينهن ٢٧٢
حضور جن صلعم پوئين نماز حضرت صديق اڪبر رضہ جي
پويان پڙهي ٢٧٣
بيبي خاتون جنت جو حال حضور جن جي وفات وقت ٢٧٥
بيبي عائشه صديقہ جو حال حضور جن جي وفات وقت ٢٧٦
حضرت امير عمر جو حال حضور جن جي وفات وقت ٢٧٧
حضرت ابوبڪر صديق جو حال حضور جن جي وفات وقت ٢٧٧
حضرت علي جو حال حضور جن جي وفات وقت ٢٧٨

www.maktabah.org

پيش لفظ

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمده و نصلي علىٰ رسوله الڪريم.

ڪنهن به مصنف جي لاءِ خوش قسمتيءَ جي ڳالهه آهي ته سندس تصنيف جي قدرداني سندس حياتيءَ ۾ ٿئي. پر جيڪڏهن سندس محنت ۽ ڪاوش جي قدر و منزلت سندس وفات ڪان پوءِ به ٿئي ته اها تصنيف نه صرف سندس هڪ يادگار رهندي، بلڪ سندس روح کي به راحت رسائيندي.

منهنجي والد مرحوم، حڪيم فتح محمد صاحب، پنهنجي پياري پرڳڻي ۽ انهيءَ جي مٺي ٻوليءَ جون جيڪي ادبي خدمتون ڪيون، آهي پڙهندڙن کان مخفي نه آهن. مون کي پنهنجي ننڍپڻ ۾ چڱيءَ طرح ياد آهي ته ڪين ادبي خدمت ڪرڻ ۾ ۽ سا به خاص طرح اسلامي ۽ مذهبي طرز جي، هڪ خاص لذت ۽ مزو ايندو هو، ۽ پاڻ هميشه فرمائيندا هئا ته مون گناهگار بندي جو زاد راه هيءَ آهي. رسول مقبول صلي الله عليه وسلم جن جي ذات پاڪ سان ڪين هڪ قسم جو والهانه عشق ۽ محبت هوندي هئي ۽ عموما پنهنجي مجلسن يا محفلن ۾ پاڻ سونهارن جي اسوه حسنه مان گهڻائي مثال بيان ڪندا هئا. والد مرحوم جن جي تصنيف "حيات النبي" بارگاه رسالت ۾ سندن عقيدت جو هڪ نذرانو آهي. منهنجي لاءِ وڏي سعادت آهي جو مونکي "حيات النبي" جي نئين اشاعت لاءِ پيش لفظ لکڻ جو موقعو مليو آهي.

والد مرحوم جن جون جيڪي پيون تصانيف به گهڻيءَ حد تائين اڻلڀ ۽ ناياب ٿي پيون آهن، تيئن "حيات النبي" به کپي وپو هو. ڪيترائي دفعا مون خيال ڪيو ته اهو ڪتاب ڇاپائي پڌرو ڪجي پر

www.maktabah.org

زماني جي ڪمن ڪارين جي ڪري، ائين ڪرڻ ممڪن نه ٿي ڪين سگهيو. انهيءَ ڪري هيڪاري وڌيڪ مون کي پنهنجن ڪوتاهين جو احساس ٿيڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ منهنجو پراڻو دوست ۽ هم سبق، محمد ابراهيم صاحب جويو، مون وٽ آيو ۽ ٻڌايائين ته "سنڌي ادبي بورڊ" ارادو ڪيو آهي ته هن سال "حيات النبي" ڇاپائي شايع ڪري. اها ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس ۽ مون بورڊ کي فورا انهيءَ جي اجازت ڏني. مون کي اميد آهي ته هيءُ ڪتاب جڏهين ناظرين جي هٿ ۾ پهچندو ته انهيءَ قسم جي لٽريچر جي ڪمي ۽ گهٽتائي، يا نايابيءَ جي ڪري جا خلاءَ پيدا ٿيل آهي سا ڪافي حد تائين پوري ڪندو.

آخر ۾ منهنجي گذارش آهي تہ پڙهندڙ، منهنجي والد مرحوم جن جي حق ۾ دعاي مغفرت ڪرڻ فرمائين.

و آخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين.

٧٦، اسٽريچن روڊ
ڪراچي.
مورخہ ٦ جنوري ١٩٥٣ع

خاڪسار حڪيم محمد احسن
سابق ميئر- ڪراچي.

www.maktabah.org

ديباچو اشاعت اول

بسم الله الرحمان الرحيم

نحمده تعاليٰ و نصلي و نسلم عليٰ رسوله الكريم

زبان اٿم، مگر حمد الاهي جي حق ادا ڪرڻ کان عاجز. قلم اٿم، مگر حق تعاليٰ جي ڪماحقه ثنا لکڻ کان قاصر. هٿ اٿم، مگر جنهن احسن الخالقين عطا فرمايا آهن، تنهن خالق پاڪ جي تعريف لکڻ کان ناتوان. اکيون اٿم، مگر ساريءَ دنيا جي ظاهر باطن خدا جي حڪمن ڏسڻ ۾ حيران. آها زبان ئي ڪنهن کي ڪانهي جنهن سان اهڙي حق ادا ڪرڻ جي لاف هڻي. آها سياهي ئي ڪانه سُجهيم، جا پروردگار عالم جي ثنا ۽ صفت لکڻ لاءِ ڪافي ٿي سگهي. اهڙا قلم ڪٿان آڻيان، جن سان اهڙو داستان لا انتها لکان؟ اهڙا ڪاغذ ڪٿان گهوليان، جن تي هي بيان بي پايان پورو ڪريان؟

ٿين مس جي سڀئي دريا، لکان حمد خدا تنهن سان،
سڪي دريا وڃن، ليڪن نه ٿئي حمد خدا پورو.
شجر شاخون ٿين ڪلڪون، هنا پنن جي ٿين تن جا،
ڪريان ڪوشش لکڻ جي، ته به نه ٿئي حق ثنا پورو.
سچائي هاڻ ڪي ٿو حق تعاليٰ ئي حقيقت ۾،
ڪري تعريف جو حق پي سگهي رب العلا پورو.

قل لوكان البحر مدادا لكلمات ربي لنفد البحر قبل ان تنفد كلمات ربي ولو جئنا بمثله مددا۔

(سورت ڪهف رڪوع ١٢)

[چئو (اي رسول)، منهنجي رب جي حڪمت لکڻ لاءِ درياه مس ٿي پون ته اهي درياه، الاهي حڪمتن لکجي پوري ٿيڻ کان اڳ ئي هوند سڪي پورا ٿي وڃن (مگر

www.maktabah.org

پڙهندا. اميد اٿم تہ جلدئي پنهنجو ٻيو ڪتاب "اخلاق محمدي" بہ، جو بہ هاڻي ڇاپ ٿي پيو آهي، نظرثاني ڪري، سنڌاري، جامعہ اسلاميہ جي سرپرستيءَ هيٺ ڇاپائي وجهندس. ڏاڍي خوشي ٿيندي، جيڪڏهين "اخلاق محمدي" بہ سنڌاري، پنهنجي حياتيءَ ۾ ٻئي ڀيو دفعو ڇاپيل ۽ مسلمانن جي هٿن ۾ پهتل ڏسندس. تنهن کان سواءِ منهنجو هڪڙو ننڍڙو رسالو نالي "دل ۾ گهاءَ ڪندڙ مناجات" بہ آهي، جو بہ ناياب ٿي ويو آهي ۽ مسلمان ان لاءِ بہ بيتابيءَ ڏيکاري رهيا آهن: اُميد تہ اهو بہ جلد ڇپارائي وجهبو: انشاءالله تعالیٰ دل ۾ تہ اهڙي اسلامي علمي خدمت جا گهڻائي خيال ۽ جذبا اٿم، پر افسوس جو صحت جي خراب ٿي وڃڻ ۽ ڪمن جي گهڻائيءَ کان مجبور آهيان. منهنجو عرض آهي تہ منهنجا اسلامي ڀائر سون گنهگار ۽ نابڪار جي حق ۾ پس غائبانہ دعا فرمائين، تہ الله تعالیٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان مونکي صحت بخشي ۽ توفيق عطا فرمائي، تا تہ آءٌ اهڙي اسلامي خدمت بجا آڻڻ واريءَ مراد ۾ ڪامياب ٿيان. آمين. وآخر دعوتنا ان الحمد لله رب العالمين.

خاڪسار حڪيم فتح محمد سيوهاڻي

مقيم ڪراچي سنڌ. ٢١ رجب المرجب

سنہ ١٣٤٤ هجري، مطابق ٥ فيبروري

سنہ ١٩٢٦ عيسوي.

www.maktabah.org

ديباچو اشاعت دوم

بسم الله الرحمن الرحيم

نحمد و نصلي و نسلم

الله پاڪ جا لکين شڪرانا، هزارين حمد ۽ آهار احسان آهن، جنهن مهربان مولا منهنجي تصنيف ڪيل ڪتاب "**حياة النبي**" کي منهنجي حياتيءَ ۾ ئي چڱي مقبوليت بخشي آهي ۽ منهنجي هن ناچيز قلمي خدمت کي قبول فرمايو آهي. "حياة النبي" ورهين کان وٺي ڪيترن ئي اشتياق مندن کي ملي نٿي سگهيو، جو ته هنءَ هٿ ڪپي ويو هو: صدها ماڻهن اشتياق جا خط لکيا، تقاضائون ڪيون ته وري اهو ڪتاب جلد ڇاپيو وڃي، مگر ڪتاب جي ڇاپائڻ ۽ مشتاق ڀائرن تائين پهچائڻ سان ته منهنجو ڪو واسطو ڪو نه هو- اهو ڪم ڇاپائيندڙن ۽ وڪڻندڙن جو هو- انهيءَ ڪري آءٌ سندن اشتياق پوري ڪرڻ کان عاجز ۽ قاصر هوس.

اڄ الحمدلله "جامعه اسلاميه و يتيم خانه حاجي عبدالله هارون" جي سرپرستيءَ هيٺ منهنجو اهو پيارو ڪتاب، ٻئي دفعي ڇاپجي پڌرو ٿو ٿئي. هن ٻئي دفعي جي ڇاپجڻ وقت سون ساري ڪتاب کي وري سرسري نظر سان ڏسي ڪجهه قدر سڌاريو آهي. هيءَ سڌاريل ڇاپو اڳئين ڇاپي کان گهڻي قدر چڱو ٿيو آهي- اگرچ ڇاپي جون ڪي غلطيون اڃان به رهجي ويون اٿس، پر اڳئين ڇاپي کان گهٽ گهٽ- هن دفعي ڪتاب مان آهي ٿورا ٽڪرا ڪڍي ڇڏيا اٿم، جي ٻين قومن لاءِ سڌيءَ طرح اعتراض جهڙا هئا، جن جي ڪري شايد انهن کي رنج رسيو هجي. هاڻي اميد ته مسلمان منهنجا ڀائر ۽ غير مسلمان دوست هن ڪتاب کي اڳي کان به وڌيڪ حب ۽ هيج، شوق ۽ ذوق، لطف ۽ لذت سان

www.maktabah.org

خدائي حڪمتون ڪڏهن هوند لڪئي پوريون نه پون)؛
جيتوڻيڪ ايتري مدد پي به ڪئي آليون.]

" برگ درختان سبز در نظر هوشيار"
" هر ورقي دفتري ست معرفت ڪردگار"
(سعدي رح)

"سجاڻ پر سائينءَ جي، جي آهين سياڻو،
ته جاڻ پر هن ڳالهه جي ٿج نه اياڻو:
وڻ وڻ جو هر پَن ڏيو، هن دفتر جو داڻو،
سيڪو ڏيو ساڻو، صفت پر سائينءَ جي."

هاڻي پوءِ آءٌ انهيءَ بابت ڪهڙي ڪوشش ڪريان؟ ڇا چئي ڇا چوان؟ ڇا لکي ڇا لکان؟ جيڪي چوان سو ٿورو. جيڪي لکان سو اڻ پورو. تڏهن هيترو لکڻ بس آهي ته سڀڪا صفت ۽ ثنا، هر قسم جي واکاڻ ۽ وڏائي انهيءَ ئي هڪ خالق اڪبر کي سونهي ٿي، انهي ئي هڪ مالڪ مولا جو حق آهي، جو هن دنيا جي ساري چرخي کي هڪ اهڙي انتظام سان خلقي چلائي رهيو آهي، جنهن ۾ جيترو ڏو نهارجي، اوترو ڏو بي عيب معلوم ٿئي ۽ جيترو ڏو پرائو ٿئي اوترو ڏو مضبوط ٿئي.

ماتريٰ في خلق الرحمن من تفاوت فارجع البصر هل ترىٰ من فطور ثم ارجع البصر ڪرتين ينقلب اليڪ البصر خاسئا وهو حسير. (سورت ملڪ رڪوع ۱)

[نه ڏسندين تون مهربان مولا جي پيدا ڪرڻ واري قانون ۾ ڪو فرق؛ پوءِ وري چتائي ڏس ته اچئي ٿو ڪو چير يا ڦاٽ (فرق يا تفاوت) ڏسڻ ۾؟ پوءِ نهاري وري نهار ته تنهنجي نظر توڏي ٿڪجي ماندي ٿي موٽندي.]

" هيڏاهن هوڏاهن چؤ طرف نهاريو پيو نهار،
سهڻو پسندين صاف تون جانب جو جنسار:

www.maktabah.org

سج چنڊ تارا سانجهيون، صبح ليل نهار،
گرمي سردي جهولا، بستان باغ بهار؛
مٽي پاڻي ساڪ آس، باه هوا هر ڪار،
آهي سڀ اسرار، حيرت لاءِ 'حڪيم' چئي.“

سبحانه، و تعاليٰ شانه،

”شان مٿاهون شاه جو سو شاهن جو پي شاه،
پاڪ منزه سو اڪثي، مٿان ٿيڻ گمراه،
حق جي حق ۾ پانهنجا ٿاه ڪڏهن ڪ ٿاه،
سڌي اها ٿئي راه، وات نه ونجان آبتي.“

سڀڪنهن شي جو ضرور ڪو جوهر هوندو آهي: خالق اڪبر ساري مخلوقات جو جوهر حضرت انسان کي بنايو، جنهن جي وجود ۾ ايترين تہ حڪمتون ۽ اسرار موجود آهن، جو ڪو هجي جو پروڙي ۽ ڪو هجي جو سمجهي. وري انسانن جو جوهر حضرت نبي آخرزمان حضور پر نور رسول خدا احمد عربي محمد مصطفیٰ صلي الله عليه وسلم کي ڪيائين، جن جي اسم توڙي جسم ۾ نور الاهي ۽ شعاع رباني ايترو تہ رکيل آهي، ۽ سعادت ۽ برڪت ايتري تہ بخشيل آهي، جو اڄ ڏينهن تائين ظاهر ۽ روشن آهي. جيڪڏهن دنيا ۾ خدا جو هي برگزيدو نبي ۽ الله جو هي پيارو پيغمبر پيدا نہ ٿئي ها، تہ دنيا پنهنجي حقيقي خالق کي هرگز سڃاڻي ڪين سگهي ها. ڪنهن بزرگ ڇا نہ سچ فرمايو آهي:

”آءٌ خدا کي محمد جو خدا سمجهي ٿو مڃان“

خدا جي خدائي ۽ يڪتائي، ذات ۾ توڙي صفات ۾ جهڙي ۽ جيتري حضرت بابرڪت محمد عربي صلي الله عليه وسلم جي وسيلي سان دنيا کي معلوم ٿي، اوتري ۽ اهڙي ڪڏهن بہ ڪنهن جي هٿان نہ ٿي؛ انهن جو انڪار ڪرڻ ڄڻ سج جي سوجهري کان انڪار ڪرڻو آهي.

www.maktabah.org

اما بعد،

پاسي ۾ دل، دل ۾ ايمان، ايمان ۾ اخلاص، اخلاص ۾ خلوص رکندڙ صاحبن جي خدمت ۾ منهنجو عرض آهي ته اڄ آءٌ سندن اڳيان هي هڪ اهڙو ڪتاب حاضر ٿو ڪريان، جنهنجو قدر اُميد ته سيڪنهن اهل ايمان، اهل اخلاص ۽ اهل خلوص وٽ هوندو ۽ ٿيندو. هھڙي متبرڪ ۽ ضروري ڪتاب جي ضرورت ۽ گهرج سنڌ وارن کي جيتري قدر هئي، اوتري قدر پئي ڪنهن به ڪتاب جي ڪانه هئي؛ مگر افسوس جو سنڌ جا اهل علم ۽ اهل قلم هن پاسي کان اهڙو ته پاسي گذاريندا رهيا جو ڄڻ هن لاءِ نه سندن قلم ٺي تيار هو، نه هٿ ٺي ٿي هليا. ناول ۽ ناٽڪ لکي سنڌي زبان کي عيبدار ڪيائون، ماڻهن جو مذاق بگاڙيائون، اوليائن ڪرامن جون ڊبل ڊبل ۽ مبالغي آميز تاريخون لکيائون، مگر سيدالانبياءَ والمرسلين صلي الله عليه وسلم جي مبارڪ احوال لکڻ جي، افسوس جو يادگيري به ڪانه ڪيائون! مون هھڙي ضروري ڪتاب لکڻ جي سخت ضرورت سمجهي هٿ ۾ ڪنيو. مون ڪهڙيءَ طرح هي متبرڪ ڪتاب لکي پورو ڪيو، سا خبر مون کي آهي: صبح کان وٺي شام تائين، شام کان وٺي رات جي ١٠ بجي تائين، بيمارن جي علاج ۽ مريضن جي معالجي ۾ مشغول رهڻ ۽ هرهڪ بيمار جي مختلف پڪارن پڌڻ کان سخت ٿڪجي پوڻ هوندي به پنهنجي ننډ ڦٽائي، آرام حرام ڪري، هي ڪتاب لکندو رهيس. رڳو ڪنهن هڪڙي ڪتاب جو ترجمو لکڻو هجي ها ته به ٺهيو، پر عربي، پارسي ۽ اردو جي عظيم الشان ۽ شاهي ڪتابن کي اٿلائڻ، هرهڪ ڳالهه جي تحقيق ڪري پوءِ لکڻ، البت تڪليفائتو ڪم هو. عربي ڪتابن مان صحيح بخاري، منهج العمال سيوطي، سيرت حلبي، شفا قاضي عياض، پارسي ڪتابن مان مدارج النبوت، شرح مشڪوات، شاه ولي الله جي تصنيف ٿيل سوانح عمري رسول الله صلعم، وغيره؛ اردو ڪتابن مان ته

گهڻو، ۾ خاص طرح، 'پياري نبي کي پياري حالات' ۽ 'رحمت للعالمين' وغيره منهنجي نظر ۾ رهندا هئا. اردو ڪتابن مان گهڻو ڪري چوکي مدد، رحمت العالمين مان ورتي اٿم، مگر جيسين عربي محقق ڪتابن مان دلجاءِ نه ڪيم، تيسين نه لکيم. انهيءَ لکڻ مان منهنجو مقصد خدانخواسته ڪو اظهار فخر نه آهي، مطلب فقط هي آهي ته هن ڪتاب ۾ جيڪي لکيو اٿم، سو پنهنجي ڄاڻ موجب تحقيق ۽ ڪوشش سان لکيو اٿم. انهيءَ هوندي به جيڪڏهن ڪاٿي منهنجا ۽ منهنجي قلم جا پير ترڪي يا ٿڙڪي ويا هجن، ته پڙهندڙ صاحب منهنجين مجبورين تي نظر ڪري معاف فرمائين. مون کي اميد آهي ته اڳ هن ڪان پوءِ "اخلاق محمدي" * لکندس: تنهن کان پوءِ اميد اٿم، ته سنڌي زبان ۾ هڪڙا اهڙا خطبا لکندس جن ۾ شعر گهٽ هوندو ۽ نثر ۾ وعظ گهڻو. خطبي جو مطلب ئي آهي حاضرين کي خطاب ڪري ديني ۽ دنيائي ضروري ڳالهين بابت وعظ ڪرڻ؛ سو مطلب رسمي خطبن مان ڪجهه به حاصل نٿو ٿئي- رسمي خطبن ۾ هڪڙي ئي مضمون هڪڙي ئي نموني تي زور لڳايل هوندو آهي سو به شعر ۾. خطيب وري جڏهن منبر تي بيهي اهڙا خطبا پڙهندا آهن، تڏهن انهيءَ شعر کي اهڙي ته راڳن سان آلاپي پڙهندا آهن جو انهيءَ وقت ڪين خطيب سڏڻ ئي خطا آهي. ڇا حضور جن عليه الصلوات والسلام به ڪڏهن خطبي ۾ راڳ سان ڪي شعر پڙهيا؟ (استغفرالله) پوءِ خطبي ۾ شعر جو زور شور هڪ اهڙي بدعت آهي جنهن ۾ عام ۽ خاص خطيب ڦاسي ويا آهن- منهنجو ارادو آهي ته اهڙا خطبا لکان جي

* الحمد لله انجام موجب "اخلاق محمدي"، "حيات النبي" جي پوري ڏيڍ ڪان پوءِ جلد ئي لکي پورو ڪيم، جو "حيات النبي" وانگي ئي مسلمانن وٽ مقبول ٿيو ۽ هٿون هٿ کپي ويو. باقي سنڌي خطبا اڃا ٺاهي نه سگهيو آهيان: اميد الله ۾ آهي، حياتي هوندي ته خطبا به جلد ئي لکندس، انشاءَ الله تعاليٰ. — فقير فتح محمد

www.maktabah.org

سنڌي زبان جي نثر ۾ هجن ۽ گهٽو ڪري انهن ۾ حضور جن عليه الصلوات والسلام جي حياتيءَ مبارڪ جا احوال، اصحابن ڪرامن جي قربانين ۽ سندن سچي ايمان جا مثال، خدا ۽ رسول جا احڪام، اسلام جي غازي بهادرن جا واقعات، ۽ اهڙيون ٻيون عجيب ۽ مفيد معلومات بيان ٿيل هجن. اُميد تہ اهڙا خطبا پنهنجي قوم لاءِ وڏيڪ فائدي مند ٿيندا. انشاءَ الله تعاليٰ.

هن ڪتاب جو نالو "حيات النبي" رکيو اٿم، جو ڪيترن سببن جي ڪري منهنجيءَ دل کي ڏاڍو وڻي ۽ پيارو لڳي ٿو. هن متبرڪ ڪتاب لکڻ سان منهنجو خاص مطلب هي آهي، تہ منهنجا مسلمان ڀائر ڏسن تہ حضور جن عليه الصلوات والسلام جي هلت چلت ڪهڙي هئي؟ ۽ جاهليت جون رسمون ڇا هيون؟ صاف ۽ سچو اسلام ڇا آهي؟ حضور عليه الصلوات والسلام جون مجلسون، خطبا ۽ وعظ ڪهڙي نموني جا هئا؟ اصحاب ڪرام جي محبت حضور جن سان، ۽ حضور جن جي ٻاجهہ ۽ شفقت مٿن ڪيتري ۽ ڪهڙي نموني جي هئي؟ اسان مسلمانن کي هي ڪتاب پڙهي، پاڻ ۾ نهارڻ ۽ خدا جي واسطي غور ۽ ويچار ڪرڻ گهرجي تہ اسين ڪيتري قدر مسلمان سڏائڻ جا لائق آهيون؟ رب تعاليٰ شال منهنجي پورهئي کي ساب وجهي ۽ هن جو ثواب منهنجي والد بزرگوار، حضرت با برڪت حافظ حاجي مولانا خليفہ غلام محي الدين حڪيم سيوستاني رحمت الله عليه کي رسائي. آمين.

خاڪسار ابوالمحامد حڪيم فتح محمد
"صغير" سيوهاڻي

مقيم ڪراچي سنڌ.

٢٥ جمادي الاوليٰ ١٣٣٢ هجري مقدس
مطابق ٢٢ اپريل ١٩١٤ عيسوي.

www.maktabah.org

بسم الله الرحمان الرحم

اللهم صل علی سيدنا محمد و آل سيدنا محمد
كما صليت علی سيدنا ابراهيم و آل سيدنا ابراهيم
الك حميد مجيد ·

[اي اسانجا خدا تون پنهنجون رحمتون ۽ برڪتون نازل ڪر اسان جي سردار محمد مصطفيٰ ۽ سندن آل (اولاد ۽ اصحاب) تي، جئن تو پنهنجون رحمتون ۽ برڪتون نازل ڪيون اسان جي سردار حضرت ابراهيم ۽ سندس آل تي. تون سڳورو ۽ ساراهيل آهين.]

دنيا ۾ ڏسجي ٿو ته دين ۽ ڌرم، مذهب ۽ متا تمام گهڻا آهن. سڀڪو چوي ته منهنجو ڌرم چڱو ۽ منهنجو دين حق، منهنجو پير ڀلو ۽ منهنجو پيغمبر سچو، ۽ سڀ ڪو پنهنجي پنهنجي سمجهه آهر، پنهنجي پنهنجي دين ۽ ڌرم، ديوتائن ۽ پيغمبرن ڪي ساراهي پيو؛ ساراهڻ ته ٺهيو، پر وري پين پيغمبرن کي ندين ۽ سٽين بہ پيا- ڪي چون ته اسان جي ديوتائن ڪي، پيدا ڪرڻ، مارڻ ۽ جيارڻ جي سگهه آهي، ته ڪي چون ته اسان جو پيغمبر خدا جو پٽ، بلڪ ڪن ڳالهين ڪري خود خدا آهي. ڪي ڪئن چون ته ڪي ڪئن- مطلب ته اهي يا اهڙي قسم جون ڳالهيون ٻڌي، حال في الحال ته عقل ئي ويچارو چڪر ۾ پئجو وڃي ۽ ماڻهن جي سمجهه ۽ خيالن تي خيرت وٺيو وڃي. هاڻي جيڪڏهن ٿڌيءَ دل ۽ نرم خيالن سان، سڀني ڌرمن ۽ سڀني پيغمبرن تي ويهي ويچار ڪبو، ته بيشڪ چئي سگهجي ٿو، ته هنا سڀ پنهنجي پنهنجي وقت ۾ حق تي ۽ هنا سڀ خدا جا نيڪ بندا ۽ خدائي مذهب تي؛ نہ ڪي هنا پيدا ڪرڻ ۽ مارڻ

www.maktabah.org

جيارڻ وارا، نہ ڪي هنا خدا جا پٽ يا خود خدا؛ نہ ڪي اسان ڪي اهي خيال ڪم ايندا، نڪي اهي ڳالهيون ڪي فائديمند يا ڪمائتيون آهن: ڏسڻو فقط هي آهي تہ دنيا ڪنهن جي فيض سان فيضياب ٿي؟ ڪهڙي پيغمبر جي سچي تعليم سان دنيا ۾ انسانيت ۽ اخلاق جو نور ۽ رونق پيدا ٿي؟ ڪهڙي بزرگ انسان جي برڪت سان حيوانن جهڙا انسان، انسان، ۽ انسانن جهڙا انسان ملائڪن جهڙا، بلڪ ملائڪن کان بہ اعليٰ ٿيا؟ ڪهڙي پيغمبر جو مذهب انسان جي حال موافق آهي؟ ڪهڙو مذهب يا ڌرم ساري دنيا لاءِ هڪ جهڙو فائديمند آهي، ۽ ٿي سگهي ٿو؟ ڪهڙي مذهب ۾ الله پاڪ جي شان موافق سندس بندگي ۽ عبادت ٺهرايل آهي؟ ڪهڙي مذهب جي عبادت ۾ فلسفو ۽ حڪمت رکيل آهي؟ ڪهڙي پيغمبر ڪي گهڻو وقت قسمين قسمين تڪليفون پهتيون، ماڻهن ستايو ۽ دشمن ڏڪاريو، مگر هو خدا جو نبي، الله جو سچو رسول، ڪڏهن بہ خدائي تعليم ڏيڻ ۽ خدائي دين پکيڙڻ ۾ ڪين هٽيو؛ آخر جنهن ڪم تي الله پاڪ مقرر ڪيو هوس ۽ جو بار مٿس پنهنجي خالق رکيو هو، سو نيڪ وڏي همت ۽ جوانمرديءَ، صداقت ۽ سچائيءَ سان پنهنجن مبارڪ ۽ همت ڀريل ڪلهن تي کڻي؛ ثابت ڪري ڏيکاريائين تہ سچن جا قدم ڪڏهن بہ ڪين لڏندا آهن؛ سچ ۽ حق کي آخر فتح ٿيندي آهي. اهي مٿيون ڳالهيون خيال ۽ ڌيان ۾ وهاري ڇٽي سگهجي ٿو تہ هڪ اسلام ئي آهي، جو اڃا تائين پنهنجي زبردست ۽ هميشه قائم رهندڙ پاڪ ڪتاب (قرآن شريف) جي وسيلي، حق ۽ سچ جا جلوا ڏيکاريندو رهيو آهي، ۽ قيامت تائين ڏيکاريندو رهندو ۽ هڪ حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه و آله وسلم ئي پيغمبر آهي، جنهن جي مبارڪ حياتيءَ تي ڌيان ڏجي ٿو ۽ سندن اڄ تائين اثر ڏسجن ٿا تہ بي اختيار چوڻو پوي ٿو تہ "اشهدان محمدا لرسول الله" يعني الله کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ چوان ٿو تہ محمد ڪريم بيشڪ الله پاڪ جو رسول آهي.

www.maktabah.org

دنيا ۾ جيڪي به مذهب آهن تن سڀني مذهبن جا وڏا وڏا عالم، حضرت پاڪ جي سچائيءَ بابت شاهد يون ڏئي چڪا آهن ته دنيا جو سڌاريندڙ، حيوانن جهڙن انسان کي انسان، ۽ انسانن کي ملائڪن کان به وڌيڪ بنائڻ وارو حضرت پاڪ جهڙو ٻيو ڪو به پيغمبر دنيا ۾ نه ٿيو ۽ نه ڪو ٿيندو.

هي جو مون مٿي لکيو آهي ته سڀ ڌرم ۽ دين حق تي هئا ۽ سڀ پيغمبر سچا هئا، اهو فقط منهنجو چوڻ نه آهي بلڪ اهو اسان جو اسلامي اعتقاد آهي. قران شريف ۾ اها هدايت لکيل آهي، ته سڀني قوم ۾ الله تعاليٰ هادي ۽ رهبر موڪليا، سمجهائيندڙ ۽ سڌاريندڙ پيدا ڪيا. سڀني پيغمبرن کي عزت جي نگاهه سان ڏسڻ گهرجي ۽ سندن پيغمبريءَ کي مڃجي، يعني دل سان قبول ڪجي ته هو خدا جا پيغمبر هئا. هاڻي ڪتاب جا پڙهندڙ! اوهين انصاف ڪجو ته اهو عقيدو چڱو يا انهن صاحبن جي هلت چڱي جي خدا جي نبين ۽ پيغمبرن کي گهٽ وڌ چون ۽ بي ادبي ۽ بي عزتيءَ سان ياد ڪن ٿا!

اسلام جو سڀڪو حڪم اهڙو آهي، جنهن مان صاف ثابت ٿئي ٿو ته هي حڪم انهيءَ خالق جي درگاهه مان آيل آهي، جنهن انسان کي خلقيو آهي؛ انسان جي ذري پرزي حال جي خبر اٿس. بس اهائي نشاني آهي اسلام ۽ حضرت رسول ڪريم عليه الصلوات والسلام جي سچائيءَ جي. دين ۽ خدائي مذهب اهو آهي جو ساريءَ دنيا لاءِ سندس دروازا کليل هجن؛ نه رڳو ڪنهن هڪ ملڪ ۽ هڪ قوم لاءِ. اهڙو دين، جيڪڏهن آهي ته والله هڪ اسلام ئي آهي، جنهن جي تعليم ساري دنيا جي مخلوقن لاءِ هڪ جهڙي آهي- چا هندستاني، چا ايراني، چا يوناني، چا جاپاني، چا يوروپي، چا ايشائي، چا پورا ۽ چا ڪارا، ڪير به هجن ته اسلام ۾ داخل ٿي سگهن ٿا- اهوئي آهي خدائي دين جو صاف ۽ روشن نشان. دنيا ۾ ڪرو آهو پيغمبر چئبو، جنهن جي نصيحت ۽ هدايت انساني حال موافق هجي، جنهن مان ماڻهو اثر وارا ٿين

www.maktabah.org

۽ ان تي تعميل ڪن. سو اوهين ويچار ڪري وري ويچار ڪريو تہ اسلام ۽ حضرت پيغمبر عليه الصلوات والسلام جي مقدس تعليم ڪهڙي نہ اعليٰ ۽ عمدي، وڻندڙ ۽ آسان آهي!

آءٌ اڄ ساريءَ دنيا جي سردار، مرسلن رسولن جي مهندار، حضرت رسول خدا محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جي پاڪ حياتيءَ جي تاريخ لکان ٿو: خاص هن لاءِ تہ اسان جا بيخبر ڀائر دنيا جي هڪڙي زبردست مصلح، اعليٰ درجي جي سڌاريندڙ، الله پاڪ جي سچي رسول، خاتم الانبياءَ عليه الصلوات والسلام جي احوال ۽ اتوال، گڻن ۽ لڇڻن، هلت ۽ چلت ڪان واقف ٿين، پاڻ ان پيروي ڪن ۽ هي فيصلو بہ ڪري سگهن تہ بيشڪ پيغمبري عهدو انهيءَ ڪي ٿي ڇنجي ۽ جنهن پاڪ انسان هيڏا سارا ڏاڪڙا ۽ تڪليفون سر تي سهايون، سوئي سچ پچ رسول، ۽ رسول بہ سڀني رسولن کان وڏو رسول هو ۽ آهي. هن ڪتاب پڙهندي، دوست ۽ دشمن سڀڪو چئي سگهندو تہ اهڙي پاڪ انسان جي خدائي آواز کي نہ ٻڌڻ ۽ سندس سڏ تي لبيڪ نہ چوڻ، نهايت ناداني آهي.

جيڪي مخلص مسلمان منهنجو هي ڪتاب پڙهي، روحاني فيض ۽ فائدو حاصل ڪن، سي خدا ڪارڻ مون پوئتي پيل گنهگار جي حق ۾ دعا ڪن تہ الله تعاليٰ دنيا ۾ شال منهنجي عاقبت موچاري ۽ اولاد صالح ڪري، ۽ آخرت ۾ بخشش ۽ مغفرت سان سرفراز فرمائي. (آمين) منهنجي بہ دعا آهي تہ الله تعاليٰ شال منهنجن مسلمان ڀائرن کي ايمان جي نعمت سان نوازي ۽ کين حضور جن عليه الصلوات والسلام جي تابعداري نصيب ڪري. آمين!

www.maktabah.org

حضرت رسول الله صلعم جي پيدا ٿيڻ جي ضرورت ۽ سبب

هي ته سڀڪو ڄاڻندو ته انسان جيسين بيمار نه هوندو، تيسين ڪيس دوا درمل ۽ علاج معالجي جي ڪھڙ ڪانه هوندي. ٻار به جيسين بيمار نه ٿيندو، تيسين ڄاڻندس ماڻت حڪيم وٽ دوا لاءِ نه نيندس. اهڙيءَ طرح دنيا ۾ جيسين سخت بگيڙ ۽ پاپ نه پکڙندا، بدديني ۽ بي ايمانيءَ جا ڪم نه ٿيندا، تيسين ڪو رسول يا پيغمبر پيدا ڪونه ٿيندو. جيڪڏهن پاپ ۽ بددينيءَ جا ڪم دنيا ۾ وڌيا ته ضرور آهي ته ڪو خدا جو رسول ۽ الله پاڪ جو پيغمبر پيدا ٿئي، دنيا کي انهن پاپن ۽ گناهن جي گندگي ۽ غلاظت کان پاڪ ۽ صاف ڪري. اهو الله پاڪ جو قديم کان وٺي دستور ۽ ٺهرايل آهي ته پنهنجن بي خبر ٻانهن کي پنهنجن موڪليل ۽ سمجهايل رسولن جي وسيلي خبردار ڪندو آهي، يا هيئن چئجي ته جڏهن الله جا ٻانها نادانيءَ ۽ بيخبريءَ سببان گناهن ۽ پاپن جي مرضن ۾ گرفتار ٿيندا آهن، تڏهن الله پاڪ پنهنجي درگاه مان سيکاريل روحاني حڪيم يعني رسول ۽ پيغمبر دنيا ۾ موڪلي، گناهن جي مرضن جي علاج جو انتظام ۽ بندوبست ڪندو آهي. انهيءَ ۾ ته ڪجهه به شڪ ڪونهي ته جنهن وقت حضرت پاڪ عليه الصلوات والسلام پيدا ٿيو، تنهن وقت تحقيق عرب جي ملڪ ۾ تمام بدديني پکڙيل هئي ۽ هڪ زبردست رسول ۽ پيغمبر جي سخت ضرورت هئي، پر اڳتي هيٺ چٽيءَ طرح لکي ظاهر ڪندس ته نه فقط عرب جي ملڪ ۾ بدديني هئي، پر ساري دنيا ۾ پاپن ۽ گناهن جو جهڙ ۽ لڙهو، چوڌاري انڌوڪار هئي.

www.maktabah.org

دنيا جو خالق يعني الله پاڪ ماڻهن جي دلين تان بلڪل وسري ويو هو، پاڻهن ۾ مخلوق جو لاڳاپو پنهنجي سائينءَ ۽ خالق کان بلڪل ٽٽي ويو هو. ماڻهو ماڻهو نه رهيا هئا، بلڪ شڪل ۽ صورت ۾ سو ماڻهو هئا، باقي عادتن ۽ لڇڻن ۾ جانورن ۽ پسن کان به پري هئا. نه دنيا جي انتظام ۽ عدالت جو ڪو ڍنگ هئن، نه اخلاق ۽ اطوار ڪي چڱا هئن. ٺڪر، پٿر، باهه، پاڻيءَ، وڻ ٽڻ، سڀ جي پوڄا ۽ عبادت ڪندا هئا ۽ انهن ئي طاقت ۽ بي جان شين کي خدا جو مٽ بلڪ خدا کان به وڌيڪ سمجهندا هئا. ڪي نالائق ته اهڙا به هئا، جو الله پاڪ سان چٿرون ڪندا هئا؛ چي خدا کي ڏيرون آهن، اولاد آهي وغيره وغيره. توبه توبه! مطلب ته دنيا ۾ هرطرف- ڇا اوڀر، ڇا اولهه، ڇا اُتر، ڇا ڏکڻ- اهوئي حال ۽ اهائي اونداهه هئي؛ نه ابراهيمي دين جو اثر رهيو هو، نه موسوي مذهب باقي بچيو هو، نه عيسيٰ مسيح جي ڪرامتن ۽ معجزن جو تاثير رهيو هو. هندوستان ۾ ويدن جا مڃيندڙ ته ڪنهن ڪم جا نه رهيا هئا، آهي ويچارا ته نالي ماتر هندو ۽ ويدن کي مڃيندڙ سڏبا هئا. فارس ۾ زردشت جو مذهب هڪ پراڻو دفتر ٿي ويو هو. اهڙيءَ طرح چين ۾ ٻڌ ڌرم جو حال هو. اهڙي حال هوندي، اهڙي وقت ۾ نه هميشه وانگي ٽيمپرري (وقتي) رسول جي گهرج هئي، نه ڪنهن خاص ملڪ لاءِ ڪنهن پيغمبر جي ضرورت هئي، بلڪ اهڙي وقت ۾ هڪ اهڙي جامع الصفات ڪامل ۽ مڪمل بلڪ اڪمل رسول جي ضرورت هئي جو ساري دنيا کي هميشه لاءِ اهڙو رستو ڏيکاري ڇڏي، جنهن رستي تي هلڻ سان هو گمراه نه ٿي سگهن ۽ اهڙو نسخو ٻڌائي، جنهن جي وسيلي سان هو پاپن ۽ گناهن جا بيمار شفاياب ٿيندا رهن. اهڙي عظيم الشان ۽ زبردست انتظام ۽ ڪم لاءِ اهڙي مقدس رسول جي پيدا ٿيڻ جي سخت ضرورت

www.maktabah.org

هئي، جنهن جون انساني طاقتون، ظاهري ۽ باطني، دلي ۽ دماغي قوتون سڀني اڳين پيغمبرن ۽ نبين کان اعليٰ ۽ اوُليٰ هجن، جو ساري دنيا جي سڌارڻ جو بار پنهنجن مبارڪ ڪلهن تي کڻي سگهي ۽ ساري دنيا جي مخالفن جي مخالفتن کي سهي، پنهنجي فرض جي ادائگيءَ ۾ ڪوتاهي نه ڪري. چو ته الله پاڪ کي هن آخري زماني (ڪلجڳ) ۾ هڪ آخرين پيغمبر ۽ آخرين رسول موڪلي پنهنجي مخلوق کي خبردار ڪرڻو هو جئن متان ڪو انسان چوي ته اسان جي خالق اسان کي پيدا ڪري، اسان جي هدايت ۽ سڌري هلڻ لاءِ ڪو بندوبست ڪو نه ڪيو. انهيءَ حجت پوري ڪرڻ لاءِ هونءَ ته هر وقت هر ملڪ ۾ الله تعاليٰ پنهنجا رسول ماڻهن ڏي موڪلي ميار لاهيندو آيو، پر پڇاڙيءَ ۾ ساري دنيا کي هڪ ئي رستي تي هلڻ لاءِ هڪ آخرين نبي ۽ زبردست رسول موڪلي الله پاڪ کي حجت پوري ڪري ڇڏڻي ضرور ئي. انهيءَ ڪري ساري دنيا جو سڌاريندڙ ۽ سڀني مذهبن ۽ متن جو مغز ۽ جوهر ڪڍي ساري دنيا کي هڪ خيال ۽ هڪ رستي تي آڻيندڙ، وڇڙيل مخلوق کي پنهنجي خالق سان ڳنڍيندڙ، نڌڻڪي ڌڻ جو ڌنار ٿيندڙ، بي خبرن کي خبردار ڪندڙ، جاهلن کي عالم بڻائيندڙ، بڇڙن کي خدا جي خوف کان ڊيڄاريندڙ، چڱن کي بهشت ۽ رحمت جي بشارت ۽ مبارڪ ڏيندڙ، الله جي قدرتن جو بيان ڪندڙ، هيڻن کي ڏاڍن جي ظلم کان ڇڏائيندڙ، انسانن جي جان ۽ مال جو بچاءُ ڪندڙ، سوَن ورهين جي جنگين کي ٽاريندڙ، رُٺلن ۽ وڙهيلن کي پرچائيندڙ، مسڪينن ۽ يتيمن جي سنڀال لهندڙ، اڙين کي آڌار ڏيندڙ، ولهين جي واهر ڪندڙ، خدائي قاعدو هلائيندڙ، الله جي دين کي دنيا ۾ پکيڙيندڙ، ماڻهن کي الله پاڪ ڏي سڏيندڙ، ڇڙوڇڙ ڌڻ کي تنواريندڙ، انسانن کي انسان

www.maktabah.org

بلڪ انسانن مان ملائڪ بڻائيندڙ، ٻاجهارو، رحم وارو، صاحب لطف ۽ ڪرم جو، صاحب شان ۽ شرم جو، صاحب تخت ۽ تاج جو، صاحب براق ۽ معراج جو، حضرت بابرڪت عالي درجت سيد المرسلين امام النبيين بشير المتقين نذير المجرمين سيدنا مولانا شفيعنا خاتم الانبياء حبيب الله، صفي الله، نبي الله، رسول الله محمد المصطفيٰ احمد المجتبيٰ صلي الله عليه و عليٰ آلہ و اصحابہ وسلم، اسلام جو سنئون سڌو رستو الله پاڪ وٽان معلوم ڪري، پاپن ۽ گناهن جي بيمارين لاءِ قران پاڪ ۽ ڪلام الله جو شافي ڪافي نسخو پاڻ سان ڪڻي دنيا جي ميدان ۾ تشريف فرما ٿيو. الله پاڪ جو قديم قاعدو آهي ته جيڪو انسان جيترري قدر سندس گمراه ٻانهن کي تڪليفون وٺيي، رنج ۽ ايذاءَ سهي راه تي آڻيندو، اوتري قدر الله پاڪ وٽ زياده محبوب ۽ زياده پيارو لڳندو. هن ڳالهہ کان ڪو دشمن کان دشمن بہ انڪار نہ ڪندو تہ پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي الله کي هڪ الله ڪري مڃيندڙ انسان، جيترا حضرت پاڪ ڏٺا اوترا ڪنهن بہ پيغمبر کي ڏسڻ نصيب نہ ٿيا. انهيءَ ڪري بنا دير مدار چئي سگهجي ٿو - چئي چا سگهجي ٿو، پر سچ پچ آهي بہ ائين - تہ ساري دنيا ۾ اول کان وٺي آخر تائين حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم سڀني انسانن، سڀني رسولن، سڀني پيغمبرن کان وڌيڪ الله پاڪ وٽ پيارو ۽ محبوب آهي. پوءِ جهان جي خالق ۽ دنيا جي مالڪ پنهنجي محبوب کي جا سهڻي صورت ۽ وڻندڙ سيرت بخشي هوندي سا سڀڪو سمجهي ۽ ويچار ڪري سگهي ٿو. صورت ۽ سيرت يعني شڪل ۽ شمائل جو بيان اڳتي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڪبو. هن وقت خاص طرح عربستان جي ملڪ ۽ عربن جو حال لکان ٿو، جنهن جي پڙهڻ سان پڙهندڙ صاحب سمجهي سگهندا تہ ساريءَ دنيا مان عرب جي ملڪ ۾ وڌيڪ فساد

www.maktabah.org

هو ۽ عرب جي ملڪ ۾ ساري دنيا جا بگڙيل مذهب اچي گڏ ٿيا هئا، جنهن عرب جو ملڪ ساري دنيا جي بگڙيل مذهبن جي مَنڊِي هو. پوءِ ساري دنيا جو سڌاريندڙ آخرين پيغمبر به اهڙي ئي ملڪ ۾ پيدا ٿيڻ گهربو هو؛ جو آخر پيدا ٿيو. شال الله پاڪ جون صلواتون ۽ رحمتون مٿن هجن — آمين!

عرب جي ملڪ جو حال ۽ عربن جي حالت

هونءَ ته ساري دنيا ۾ ايتري قدر خرابيون ۽ فساد هئا، جو جيڪڏهن هزار پيغمبر پيدا ٿين ها ته به دنيا جو فساد ۽ ڪفر ايترو ڪين وڃائي سگهن ها، جهڙو الله جي محبوب ۽ خدا جي رسول حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم عرب جهڙي جهنگلي ملڪ ۾ پيدا ٿي، ملڪ مان ڪفر، شرڪ ۽ فساد دفع ڪيو. دنيا جي آخرين پيغمبر ۽ سڀني رسولن جي سردار، عرب جهڙي ملڪ ۾ پيدا ٿي، جو ساري دنيا جو سڌارو ڪيو، تنهن ۾ انهيءَ پاڪ رسول جو هڪ وڏو معجزو آهي جو لکن معجزن کان به وڌيڪ چئبو. حضرت عيسيٰ مسيح چوڻ ۾ اچي ٿو ته مٿا جياريا، ڪوڙهيا چڱا ڀلا ڪيا، پر قلب جا ڪارا جيترا حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم روشن دل ڪيا، تيترا ڪنهن به نبيءَ ڪين ڪيا. انهيءَ لکڻ مان منهنجو مطلب ڪو حضرت عيسيٰ مسيح تي (معاذ الله) اعتراض ڪرڻ جو بلڪل نه آهي، پر ڏيکارڻو فقط هي آهي ته حضرت عيسيٰ ساري دنيا جي سڌارڻ لاءِ آيل ئي ڪين هو. جيترو ٻار سندس طاقت ۽ وقت جي ضرورت آهر الله پاڪ مٿس رکيو هو، اوترو پاڻ پتوڙيائين ۽ فرض ادا ڪيائين. مگر حضرت

www.maktabah.org

محمد مصطفیٰ صلي الله عليه وسلم تي بار جهڙو رکيو ويو هو ۽ پاڻ انهيءَ بار کڻڻ ۽ فرض ادا ڪرڻ ۾، ڪري به حد چڙهيئون: انهيءَ ڪري سندن شان به اعليٰ آهي. معجزا ۽ ڪرامتون ڏيکارڻ رسولن ۽ پيغمبرن جو مقصد اصلي ڪينهي، سندن اصلي مقصد آهي خدا جي هيڪڙائيءَ جو ٻج ماڻهن جي دلين ۾ ڇٽڻ ۽ ڪفر جا خيال انسانن جي قلبن مان ڪڍڻ، سو حضور جن جي اثر مان ڪفر گهٽي قدر ڪافور ٿي ويو. دنيا ۾ توحيد جو ڏونڪو وڄي ويو، اڄ ڪيتريون ئي قومون ڏسجن ٿيون، جي پاڻ کي هڪ خدا کي مڃڻ واريون ـ چوائن ٿيون ـ اگرچ هو حضور جن کي نٿيون مڃين.

ڏسو جنهن ملڪ يعني عرب ۾ پاڻ سونهارا پيدا ٿيا، رسالت ۽ پيغمبريءَ جو فرض پورو ڪيائون، سو ملڪ نه ڪو وڏو هو، نڪو اڪي سڌريل هو، ـ البت فرانس جي ملڪ کان سو ڀيڻو بيشڪ آهي، ـ سندس ڪو ڀاڱو وسندڙ آهي ته گهڻو حصو واريءَ ئي واري، جبل ئي جبل، ڍٻون ۽ ڍير آهي. جتي ته يمن جي وادي ۽ طائف جا جبل سرسبز، آباد ۽ نظاري جهڙا آهن ته الحجر ۽ عرب جي وچن ڀاڱن جي زمين اهڙي سنسان، سڃ ۽ غير آباد پيئي آهي، جهڙو آفريڪا جو رڻ.

اهو ملڪ سمورو ئي هڪ حاڪم جي هٿ ۾ ڪونه هو، ڏکڻ ڀاڱن تي حبش جي حڪومت هئي ته اپرندي ڀاڱن تي فارس جو هٿ هو. اُتر ڀاڱن تي روما جي مشرقي شاخ يعني حڪومت قسطنطنيه جو قبضو هو ۽ اندريان ڀاڱا پنهنجي خيال ۾ خودمختيار ۽ آزاد هئا، مگر اڪيون سيني حڪومتن جون منجهن هيون. اندرين ڀاڱن جا رهاڪو پنهنجي خودمختياريءَ جي ڪري ڏاڍا خراب ۽ ڪربل هئا،

www.maktabah.org

بي پرواھ، جھيڙا ڪار، فسادي، بيڪار، سست، جواري، شرابي، ڪبابي، زبان دراز، هٺيلا، ٿوريٺي ڳالھ تي وڙھڻ وارا، پاڻ پڏائيندڙ، عياش، بت پرست، آتش پرست، بي دين، زاني (رنڊي باز)، حرام خور، ڪوڙا، دغا باز، ٺڳ، وياج خور، تور ۽ ماپ ۾ ڪپت ڪندڙ، ظالم، جاهل، جيئرين نياڻين کي جيئري ئي کڏن ۾ وجھي پورڻ وارا، بي رحم، بي قياس، خدا کان بي خبر، مطلب تہ سخت اڻ سڌريل هئا؛ وري عجب تہ اهو جو ايڏي اڻ سڌريلائيءَ هوندي بہ مغرور، بي پرواھ ۽ بي حيا رهندا هئا. اهو خيال ئي ڪونہ ڪندا هئا تہ ڪي اهي ڪم بُرا آهن، ڪرڻ نہ جڳائن، بلڪ پنهنجي رنڊي بازيءَ ۽ عشق بازيءَ جا بيت ۽ شعر پنهنجن معشوقن جي نالن سميت ٺاهي وڏو فخر ۽ ٺرڪ ڪندا هئا، ڪنهن قسم جي بہ لڄ ڪانہ ايندي هين. اسلام کان اڳ جا اهڙا عربي شعر تمام گھڻا آهن، جن جي پڙهندي انهيءَ وقت جي اخلاقي ۽ دنيائي حالت جي پوري خبر پئجيو ٿي وڃي.

عرب جي ملڪ ۾ يهودي، عيسائي ۽ صابئي اهي قومون بہ هيون، جي ظاهر ڪري تہ ائين چوڻ ۾ آيو ٿي يا ائين چوڻ ۾ اچي سگھي ٿو تہ حضرت موسيٰ، حضرت عيسيٰ مسيح، حضرت ابراهيم خليل الله عليهم السلام اهڙن نبين جون مڃيندڙ قومون هيون، مگر در حقيقت انهن پهرين پيغمبرن جي هڪ اصول جي بہ پيروي ڪانہ ڪندا هئا، ۽ ايتري قدر پنهنجن پيغمبرن جي پيرويءَ کان ڦري ويا هئا، جو سندن پاڪ ڪتاب توريت ۽ انجيل وغيره ۾ بہ پنهنجا نفساني رايا داخل ڪري ۽ قصا ڪهاڻيون وجھي، خدائي ڪتابن بدران نفساني ڪتاب بنائي ڇڏيا هوائون. انهيءَ کان وڌيڪ بت پرستي ۽ ستاره پرستي جي عادت بہ انهن ۾ پئجي وئي هئي. انهن ڳالهين هوندي بہ پاڻ کي عيسائي، يهودي ۽ صابئي

www.maktabah.org

وغيره وغيره سڏائيندا هئا. جيڪڏهن انين سڏايئون ته ڪو سچ پچ حضرت موسيٰ، حضرت عيسيٰ ۽ حضرت ابراهيم عليهم السلام جا سچا آمتي ڪين چئي سگهبا. خود حضرت موسيٰ ۽ حضرت ابراهيم، حضرت صالح پيغمبر ۽ حضرت عيسيٰ عليهم السلام پنهنجن پنهنجن آمتين کي انهن حالتن ۾ ڏسن ها ته ڪڏهن ڪين چون ها ته هي اسان جا آمتي آهن. ويچار جي ڳالهه آهي ته پيغمبرن جا اصول بت پرستيءَ جي بلڪل برخلاف هئا، پوءِ هو ڪيئن انهن بت پرستن کي پنهنجو سمجهندا؟ عام طرح عيسائي فقط حضرت عيسيٰ کي خدا جو پٽ چوندا هئا، مگر عرب جي ملڪ جا عيسائي ته بيبي مريم کي خدا جي زال ۽ ملائڪن کي الله پاڪ جون ڌيرون به ڪري ڪوٺيندا هئا (نعوذ بالله من ذالڪ). بت پرست وري اهڙيءَ شه ۾ پهل هئا، جو "الله" جي لفظ جو مونث "لات"، ۽ "عزير" جي لفظ جو مونث "عزيٰ" ڪري بڻايو هئائون. عام يهودي حضرت عزير پيغمبر کي ابن الله (الله جو پٽ) ڪري سڏيندا هئا، پر عرب جي ملڪ جا يهودي پنهنجي قوم جي زالن تورڙي مڙسن کي خدا جا پٽ ۽ ڌيون ڪري ڪوٺيندا هئا. آتش پرست گهڻو ڪري ڌيءَ ۽ ڀيڻ کي پنهنجي گهر ۾ عورت بڻائي وهاريندا هئا، مگر عرب جي ملڪ جا مجوسي ته پنهنجي سڳيءَ ماءُ کي ڇڏي، باقي ٻيءَ جي ڀيڻ زالن کي به پنهنجون زالون بڻائيندا هئا. گهڻو ڪري عرب جا ماڻهو علم کان بي خبر هئا، لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا ئي ڪين هئا. هنر ۽ صنعت کان اڻ واقف هئا. دنيا ۾ سدري گذارڻ جو ڏانوُ ئي ڪين ايندو هون. جنگ جوٽيندا هئا ته صلح جو خيال ئي ڪونه ٿيندو هون. ڪنهن به گنهگار کي معافي ڏيڻ ته وڏو گناهه سمجهندا هئا. ڪي نامراد ته اهڙا به هئا جي چوندا هئا ته خدا آهي ئي ڪونه؛ جيڪي آهي سو زمانو آهي. چڱي ۽ مٺي ڪم جي ڪري جزا سزا ملڻ

www.maktabah.org

جي خيال تي ڪلندا هئا. مطلب ته دنيا ۾ جيڪي به بگڙيل مذهب ۽ ڌرم هئا، سي سڀ اچي عرب جي ٽڪري ۾ گڏ ٿيا هئا. شايد الله پاڪ جي مرضي هئي ته جيئن حضرت نوح جي طوفان وقت سڀ ڪنهن جانور جي جنس مان جوڙو جوڙو هڪ هنڌ بيڙيءَ ۾ ڪٺو ڪيو ويو هو، پوءِ جڏهن خير ۽ رحم ٿيو، تڏهن ساري دنيا ۾ انهن جوڙن مان گنج ٿي ويا، تيئن دنيا مان بگڙيل مذهبن ۽ خيالن جا ڪي ڪي ماڻهو هڪ هنڌ عرب جي ملڪ ۾ گڏ ڪجن ته آخرين پيغمبر انهن کي تڪليف وٺي اَتي سڌاري ڇڏي، ته پوءِ انهن مان ساري دنيا ۾ سڌاري جو اثر پکڙجي. سو ٿيو به ائين ساڳيا عرب جا بدو ۽ جاهل ماڻهو، جن کي سواءِ عشق بازي، گهوڙن ڊوڙائڻ، تيراندازي، راند روپ، کيل تماشن، جنگين جهيڙن، شراب پيئڻ ۽ ٻين اهڙن بڇڙن ڪمن ڪرڻ جي، ٻيو ڪجهه ايندو ۽ اَچهندو ئي ڪين هو، نه اها خبر هين ته اسان جي مٿان ڪو احڪم الحاڪمين، شاهن جو شاهه بي پرواه موجود آهي، جو اسان جي گناهن ۽ پاپن کي ذري پرزي سميت ڏسي پيو، جنهن جي حضور ۾ اسان کان اسان جي هنن بڇڙاين جي پڇا ٿيندي - ساڳيا سي ئي، دنيا جي بگڙيلن کي سڌاريندڙ ۽ ظاهر باطن جي بادشاهت جا مالڪ، روحاني فيض بخشيندڙ، بي علمن ۽ جاهلن کي تعليم ڏيندڙ ۽ اُستاد ٿيا. سيني گڏجي رسول الله (صلعم) جي روحاني فيض جي چشمي مان اهڙو ته خوشبودار ۽ سڳنڌ وارو آب حيات پيتو، جنهن جي سرهاڻ ۽ سڳنڌ، مٺاڻ ۽ مزي تي دنيا جون قومن جون قومون ڪيولين ۽ ماکوڙن وانگي اچي گڏ ٿيون، يا هيئن چوان ته جيئن ماکيءَ تي مکيون! سبحان الله!

هر ڪجا بود چشمهٔ شيرين،
مردم و مرغ و مور گرد آيند.

www.maktabah.org

(جتي ڪٿو تلاءُ هوندو آهي، اُتي ماڻهو،
پکي ۽ ڪوليون اچي گڏ ٿينديون آهن.)

هن ڳالهه لکڻ کان وري به دل ڪين ٿي رهي ته حضرت پاڪ جي ظهور پر نور کان اڳ ساري دنيا جي متان اوندهه ۽ گمراهيءَ جا بادل پريا بيٺا هئا. جيڪڏهن عرب جي ملڪ ۾ ٽي سؤ پنجهٺ (٣٦٥) بتن جي پوڄا ٿيندي هئي ته هندستان ۾ سڄيون ٽيهه ڪروڙ ديوتائون پوڄيون ويون. مطلب ته دنيا جي ڪنهن به حصي ۾ وحدانيت ۽ هيڪڙائيءَ جو پتو ئي ڪونه ملندو هو. مگر اسان جي سرڪار نامدار ۽ اسان جي سردار رسول مقبول محمد مصطفيٰ صلي الله عليه و آله واصحابه وسلم دنيا کي انهيءَ اونداڪار مان ڪڍي نور ۽ روشنيءَ ڏي آندو، انڌن کي اکين وارو ڪيو ۽ توحيد الا هـي دنيا ۾ ڦهيڙي. هـيءَ ڳالهه پڌري پئي آهي ته توحيد ۽ الله پاڪ جي هيڪڙائيءَ کي قبول ڪرڻ سراسر ثواب ۽ نسوري نيڪي آهي. اهڙو چڱو ڪم دنيا ۾ پيو اصل ڪونهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو پيا انيڪ نيڪ ڪم ڪري ٿو، مگر خدا جي هيڪڙائيءَ جو قبولدار نه آهي ته سندس سڀ نيڪيون پاڻيءَ ۾ آهن. اهوئي سبب آهي جو اهو حقاني هوڪو ۽ رباني رستو پين سڀني رستن ۽ راهن تي غالب ٿي ويو. اڄ دنيا ۾ جتي جتي اهو آواز پڌجي ٿو ته دل پئي خوش ٿئي ۽ روح کي پئي راحت اچي ته نيٺ حق حق ٿيندو آهي ۽ ناحق ناحق، سچ سچ ٿيندو آهي ۽ ڪوڙ ڪوڙ. رکو سنڌ ۾ عام طرح هندو صاحبن جي حال تي نظر ٿي ڪجي ته اڄ آهي به گهڻي زور سان خدا کي هڪڙو ڪري مڃڻ لڳا آهن ته بيشڪ تحقيق خدا هڪڙو آهي. تن مان ڪي پنهنجن مذهبي پستڪن ۽ شاسترن ۽ ويدن کان اڻ واقف صاحب چون ٿا ته اسان جي ڪتابن ۾ به

www.maktabah.org

لڪيل آهي ته خدا هڪڙو آهي. بس ائين چئي پاڻ کي پيا خوش ڪن، مگر حال هي آهي جو زبان سان ته خدا کي هڪڙو ڪري پيا مڃين پر ساڳي بُت پرستي پيا ڪن، ٽڪاڻن ۾ وڃي سورتين ۽ پاون جي اڳيان خدا جي ڏنل پيشاني پيا گسائين ۽ سجدا پيا ڪن، ۽ هو انهن بتن کي خدا جي روپ ۾ سمجهن ٿا. توبه توبه! ڪي انصاف جا ڪوڏيا صاف چئي ڏين ٿا ته مندر خاص بت پرستيءَ لاءِ آهن، ۽ باوا خاص بت پرستيءَ جي سکيا ۽ تعليم ڏيندڙ آهن، انهن کي هرگز نه مڃيندا سين، اسين پوريءَ طرح خدا کي هڪڙو ڪري مڃون ٿا. اهي صاحب بيشڪ خدا جي مهرباني ۽ رحمت جا اميدوار ٿي سگهن ٿا. انهن صاحبن ۾ باقي هيءَ رونڪ رهيل آهي ته جنهن پاڪ رسول اها تعليم ساري دنيا کي وڏي آواز سان اچي ڏني، تنهن پاڪ رسول جي پيروي ۽ تابعداري کان شرمائين پيا. اگرچه دل ۾ سچي ڳالهه سمجهندا هوندا، ڪي صاحب همت وارا، خدا ترس، حق جا طالب ته انهيءَ کان به قدم اڳيرو رکي ڪلمو توحيد جو پڙهي ڏيندا آهن: ”لا اله الا الله محمد الرسول الله“ صلي الله عليه و آله و اصحابه وسلم. ياد رکو ته جو انسان خدا جو ٿيندو ته خدا به انهيءَ جو ٿيندو. جيڪڏهن دنيا جا ماڻهو سڀ پاڻ سان ٺهيل هجن مگر هڪ خدا ٺهيل نه هجي، ته درحقيقت ساري دنيا کي پاڻ سان بگڙيل سمجهڻ گهرجي. رسول الله عليه الصلواة والسلام جي صحبت جي رنگ مان رنگيل اصحابي سونهارا تڪليفن هيٺ آيا، ڏک ڏٺائون، مگر الله ۽ الله جي رسول کي نه ڇڏيائون ۽ خدا جي آواز کي رڙيون ڪري ملڪ ۾ پڌاريائون ۽ حق جي منادي ڪيائون، پيائي ۽ دوئي دل مان ڪڍي ڇڏيائون، هڪ خدا جي لڙهه لڳا، پوءِ ساڳيا آهي اخلاص ۽ سچائيءَ وارا، فقيرن مان امير، گمراهن بدران هادي ۽ مرشد ٿي پيا. هڪڙي

www.maktabah.org

اصحابي سونهاري خواب ۾ ڏٺو ته سندس ٻانهن ۾ ڪنگڻ پيا آهن. اٿي حضرت پاڪ جي خدمت شريف ۾ ويو. چيائين 'يا رسول الله مون هيءُ خواب ڏٺو آهي.' پاڻ فرمايائون ته 'ايران جي بادشاهن قيصر ۽ ڪسريٰ جا بادشاهي ڪنگڻ تنهنجن ٻانهن ۾ پوندا.' ويچاري انهيءَ مسڪين ابوجهل اصحابي سونهاري پنهنجون ٻانهون (جن تي وڏا وڏا وار چاول هئا) ٻاهر ڪڍي چيو ته 'يا رسول الله ڇا هنن ٻجن وارين ٻانهن ۾ بادشاهي ڪنگڻ پوندا؟' پاڻ فرمايائون ته 'هائو، انهن ئي ٻانهن ۾!' ساري دنيا شاهد آهي، تاريخ جا ڪتاب کولي ڏسو ته ساڳئي اصحابيءَ سونهاري، قيصر ۽ ڪسريٰ جي ملڪ يعني ايران جي بادشاهيءَ جا ڪنگڻ ٻانهن ۾ پاتا. ڇا؟ انهيءَ کان وڏيڪ ٻه ڪا ٻي صداقت جي شاهدي ٿي سگهندي؟ نه نه، ٻلڪل نه، پوءِ ڪي سمجهو ٿا ته هيءَ سڀ ڇو؟ هي خاص هن ڪري ته رسول الله جي پاڪ صحبت جي فيض کان هو اهڙا ته فيضياب ٿيا هئا، جو سندن توڪل ۽ تڪيو پوريءَ طرح الله پاڪ تي هو. هو الله پاڪ جا ٿي ويا هئا ۽ الله انهن جو ٿي ويو هو. "رضي الله عنهم و رضوا عنه" - يعني خدا انهن کان راضي ۽ آهي خدا کان راضي. پوءِ هنن کي کهڙي پرواه؟ "لا خوف عليهم و لا هم يحزنون" - يعني انهن تي ڪنهن به قسم جو خوف ڪونهي نڪي آهي ڪڏهن به غمگين ٿيندا.

ڪتاب پڙهندڙن صاحبن کي هن ڪتاب پڙهندي چڱيءَ طرح معلوم ٿيندو ته ڪيتري قدر نه حضرت پاڪ بنا ڪنهن به نفساني خيال جي صبر، نرمي، مضبوطي ۽ تحمل سان جانورن جهڙن ماڻهن کي سڌاريو ۽ ساري دنيا جي قومن ۽ ملڪن کي هڪ ٻڌائي ڳنڍي ڇڏيو ۽ کهڙيءَ طرح نه انسان جو درجو وڌايو ۽ توحيد جو سبق سيکاريو

www.maktabah.org

۽ ماڻهن جي دلين ۾ الله پاڪ جي پيار ۽ محبت جو نقش ڄمايو ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو ته سج، چنڊ، تارا، باهه ۽ پاڻي سڀ انسان جا خادم آهن. امير ۽ غريب جو سنڌو سيڙهو وچان ڪڍي، سڀني کي هڪ ٻئي جو ڀاءُ بنائي هڪ ڪري ڇڏيائون. ڪو ڪنهن سان نه ريس ڪندو هو نه حسد، نه دشمني نه ضد، زبانن ۽ رنگن جو تفاوت ئي ڪو نه رهيو هو. ڪارا ۽ يورا سڀ هڪ زنجير کي ڇنبڙيل، سڀ هڪ رستي تي هلندڙ، سڀ هڪ هنڌ وهندڙ ۽ سڀ هڪ تاڻو ۾ ڪانئيندڙ هئا، جڻ نالي ڪاڻ گهٽا هئا، مگر درحقيقت هڪ ئي ويا هئا. رسول الله عليه الصلوات والسلام جڏهن آهو خدائي بار لاٿو ۽ فرض ادا ڪيو، ٻانهن کي خدا سان ملايو ۽ قومن کي قومن سان ڳنڍيو، تون ڇا تون ڇا ۽ جهڳڙا ۽ دشمنيون ملڪ ۽ ماڻهن مان ڪڍي ڇڏيون، ماڻهن جي دماغن ۽ دلين کي روشن ڪري نور سان ڀريو، صداقت ۽ علم جو جهنڊو کڙو ڪيو، تڏهن مرڪندڙ منهن، چمڪندڙ پيشاني، خوشي ۽ رضامنديءَ سان دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. لاڏائي ۽ ڇالاٽي ڪان اڳ الله پاڪ وٽان هيءَ آيت آئي- ”اليوم اكملت لكم دينكم واتممت عليكم نعمتي ورضيت لكم الاسلام دينا“ - يعني اج مون اوهان جو دين ڪامل ڪيو ۽ پنهنجون نعمتون ۽ مهربانيون اوهان تي پوريون ڪيون ۽ اوهان جي اسلام قبول ڪرڻ ڪان آءٌ راضي آهيان.

حضرت رسول الله صلعم جي صحبت ڪان سنڌس اصحاب سونهارا اهڙا ته روشن دماغ ٿي ويا هئا، جو خدائي ڪلام جا اشارا ٻه جهٽ سمجهي وٺندا هئا. حضورجن جي سچي رفيق امير المومنين حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جڏهن اها آيت ٻڌي، تڏهن بي اختيار روئڻ لڳو. ٻين اصحابن پڇيو ته ’اي رسول الله جا سچا دوست، هي وقت ته خوشيءَ

www.maktabah.org

جو آهي جو الله دين کي ڪامل ڪيو ۽ پنهنجي رضامندي بابت آيت شريف موڪلي آهي.' حضرت صديق اڪبر فرمايو ته 'سچ اِها ڳالهه خوشيءَ جهڙي آهي، پر هن آيت مان آءٌ سمجهان ٿو ته اسان جو سردار، اسان جو سائين رسول مقبول عليه الصلوات والسلام هن ڪان پوءِ دنيا ۾ گهٽو ڪين رهندو، چو ته پاڻ پيدا ئي دين کي ڪامل ڪرڻ لاءِ ٿيا هئا، پوءِ جڏهن دين ڪامل ٿي چڪو تڏهن پائنجي ٿو ته پاڻ جلد اسان کان جدا ٿيندا ۽ هن دنيا مان لاڏاڻو ڪندا.' اِهو اشارو ٻڌي سڀ اصحاب سونهارا روئڻ لڳا. (سبحان الله) هن مان معلوم ٿيو ته حضرت رسول مقبول عليه الصلوات والسلام آيا ئي دين کي ڪامل ڪرڻ ۽ دنيا کي سڌارڻ لاءِ هئا ۽ سندن پيدا ٿيڻ جي ضرورت ۽ سبب ئي اهو هو.

سندن پاڪ صحبت مان اهڙو ته عجب ۽ حيرت ۾ وجهندڙ اثر پيدا ٿيو، جو ڪنهن به پيغمبر جي تاريخ ۾ اهڙو ڪونه ٿو لڀي. رسول الله صلعم جي فيض سببان حبش جو بادشاه نجاشي، عمان جي ملڪ جو بادشاه جيفر ۽ دومة الجندل جو بادشاه اڪيدر، نجد جي وحشين ۽ تهامہ عرب جي بدُن ۽ يمن جي مسڪينن مان ڪلهي ڪلهي ۾ هٽي بيهڻ ڪان عيب يا عار ڪونه ڄاڻندا هئا. عبدالله بن سلام، جو اڳي يهودين جو وڏو عالم هو، ورقه بن نوفل جو عيسائين جو وڏو پادري هو، ۽ عثمان بن طلحه جو صابي دين جو ٻريو مڙس هو، پنهنجون پنهنجون مسندون ۽ گاديون ڇڏي رسول الله صلعم جي دروازي جا مجاور، سندن گهوڙي جا ڪنجڪي ۽ اسلام جا خادم ٿي پيئا. يهودين جو زرخريد غلام سلمان فارسي، اهلبيتن جي درجي کي اچي رسيو. بلال حبشيءَ کي، حضرت امير المومنين فاروق اعظم رضه جهڙو مڙس (جنهن جي دهڪي ۽ هيبت کان ايران جا بادشاه ۽ آس پاس جا حڪام به ڏڪندا هئا) سائين سائين ڪري سڏيندو هو.

www.maktabah.org

مطلب ته شاه ۽ گدا سڀ هڪ رنگ ۾ رنگجي ويا. ساڳيو خالد بن وليد رضي الله عنه، جو احد جي جنگ ۾ بت پرستن جي لشڪر جو سپه سالار ٿي مسلمانن سان وڙهڻ لاءِ ميدان ۾ نڪتو هو، سو ڪجهه وقت کان پوءِ حضرت رسول الله صلعم جي حضور ۾ حاضر ٿي، لات ۽ عزيٰ کي لت هڻي، بي عزت سمجهي، مندرن کي ڊاهي مسلماني لشڪر جو جنرل يعني سپه سالار ٿي اچي ويٺو. اهڙيءَ طرح عروه بن مسعود رضي الله عنه، جو حديبيه ۾ حضرت پاڪ کي مڪي ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ سفير ۽ قاصد ٿي آيو هو، سو پاڻهي مديني شريف ۾ اچي، حضرت پاڪ جي حضور ۾ حاضر ٿي، ڪلمو پڙهي، پنهنجي قوم کي اسلام ڏي سڏڻ لڳو ۽ انهيءَ خدمت ۾ جان قربان ڪيائين. ساڳيءَ طرح سهيل بن عمرو رضه، جو حديبيه جي عهد نامي وقت بت پرستن جي پاران عهد نامي جو ڪمشنر مقرر ٿيو هو، جنهن عهد نامي ۾ حضرت پاڪ جي صحيح تي اعتراض ورتو هو- يعني حضرت پاڪ صحيح ۾ لکايو هو "محمد رسول الله"، ته سهيل اعتراض ڪيو ته "رسول الله" جو اکر ڪاٽي ڇڏيو، ڇو ته اسين رسول ڪري مڃونس ٿي ته ٿا- ساڳئي سهيل رسول الله جي وفات بعد بيت الله ۾ بيهي بي اختيار اسلام جي سچائيءَ تي وڏو ليڪچر (وعظ) ڪيو، ۽ هزارن کي حيران ڪري وڌائين. اهڙيءَ طرح حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه، جو ترار جو هردار ڪٽي رسول الله عليه الصلوات والسلام جي قتل لاءِ نڪتو هو، سوئي مرد خدا رسول الله صلعم جي وفات واري ڏينهن ترار هٿ ۾ ڪٺي محبت ۽ جوش پرئي آواز سان ڇوٽ لڳو ته 'خبردار، جيڪو چوندو ته رسول الله مري ويو تنهن کي آءٌ هن اگهاڙي ترار سان ماريندس.' وحشي بن حرب رضه جنهن امير حمزي کي شهيد ڪري، سندس جگر ڪڍي، سنڌ سنڌ ڌار ڪري، جنازي کي سخت بي عزت ڪيو هو، ساڳيو اهو رسول الله

www.maktabah.org

صلعم جي بزرگ چاچي جو قاتل، اسلام قبول ڪري نيٺ مسيلمہ ڪذاب (جنھن نبيءَ ھجڻ جي ڪوڙي دعويٰ ڪئي ھئي) جو قاتل ٿيو ۽ اسلام قبول ڪرڻ بعد رسول الله صلعم وٽ ھين اسلام وارن جھڙو ليکجڻ ۾ آيو. آبو سفيان بن عبدالمطلب، جو رسول الله جو سڳو سؤٽ ھو، جو حضرت پاڪ جي خلاف چٺرن جا بيت شعر چئي ماڻھن ۾ مشھور ڪندو ھو، سا ڳيو سوئي توفيق ربانيءَ سان رسول الله صلعم جي حضور ۾ حاضر ٿي، مسلمان ٿيو ۽ حنين واريءَ جنگ ۾ ھڪڙوئي ھڪڙو رسول الله جي رڪاب کي جھليو ڪنجڪي ٿيو بيٺو ھو. اھڙيءَ طرح ابو سفيان بن حرب رض، جنھن سڄا ست ورھہ حضور جن کي ستايو ۽ ساڻن جنگيون ڪيون، سوئي اسلام قبول ڪري اھڙو تہ معتبر ٿيو، جو نجران جي عيسائي علاقي تي مسلمانن جي طرفان حاڪم مقرر ٿي ويو. طفيل دوسي رض، جو مڪي شريف ۾ ڪنن ۾ ڪپاھہ وجھي گھمندو ھو تہ متان محمد رسول الله صلعم جو آواز ڪنن ۾ پھچي، سو سا ڳيو پنھنجي وطن ۾ وڃي ماڻھن کي محمد ڪريم عليه الصلوات والسلام جو آواز پھچائيندو ۽ ٻڌائيندو رھيو. سا ڳيو عبد ياليل ثقفي رض، جنھن طائف جي ملڪ ۾ حضرت کي تڪليف پھچائڻ لاءِ ڇوڪرن کي پويان ٻچي ڇڏيو ھو، سو رسول الله صلعم جو صبر ۽ تحمل، مات ۽ نرمي ڏسي حيران ٿي مدينې شريف ۾ اچي حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ پنھنجي قوم وٽ ايمان ۽ محبت جا موتي پاڻ سان ڪٺي موٽيو. سا ڳيو بريدت بن الحصيب اسلمي رض، جو قريشن ڪان ھڪ سؤ آٺن جي انعام جو انجام وٺي ستر سوار ساڻ ھمراہ ڪري حضرت پاڪ جي گرفتار ڪرڻ لاءِ نڪتو ھو، سو ٻن ٽن ڪلاڪن اندر خدائي ڪشش سان رسول الله صلعم جو علم بردار ٿي بيٺو. اھڙا مثال سوين ڇا ھزارين آھن،

www.maktabah.org

جن جي لکڻ سان ڪتاب تمام وڏو ٿي ويندو: انهيءَ ڪري مثيان ٻه ٽي مثال ئي ڪافي آهن.

دوستو! هي سڀ حضرت رسول الله صلعم جي پاڪ تعليم جو اثر ۽ نتيجو هو، جو آهستي آهستي دلين کي فتح ڪندو ۽ مٿن قبضو ڪندو ويو. حضور جن جا جاني دشمن جي سندن ساهه وٺڻ لاءِ پويان ڳهندا وتندا هئا، جڏهن اسلام قبول ڪرڻ لاءِ حضور ۾ حاضر ٿيندا هئا ته، اهي جاني دشمن به حضرت رسول الله صلعم جا جاني دوست ٿي پوندا هئا؛ ۽ رسول الله عليه الصلوات والسلام انهن کي پنهنجو جاني دوست ڪري چاهيندو هو. الله پاڪ جي شان ۾ قسمين قسمين بي ادبيون طرحين طرحين گستاخيون ڪندڙ، جڏهن اسلام قبول ڪرڻ لاءِ حضور ۾ حاضر ٿيندا هئا، تڏهن الله پاڪ انهن جون سيئي مدايون معاف ڪري پنهنجي رحمت ۽ ٻاجهه جو ٻاچو مٿن پکيڙيندو ۽ لطف ۽ ڪرم جو هٿ مٿن ڦيريندو هو ۽ هزارن لکن گناهن کان کين پاڪ صاف ۽ آزاد ڪري ڇڏيندو هو ۽ اهڙو ڪري ڇڏيندو هون، جو ڄڻ ماءُ جي پيٽ سان نوان ڄاول هئا. الله پاڪ اهو مهربان ۽ رحم وارو آهي، جو انسان ڪيتريون به خطائون ۽ بي فرمانيون ڪري، مگر ورِي به جيڪڏهن سمجهي، پنهنجي رب کي سڃاڻائين ۽ توبه ڪيائين ته الله جي رحمت جو دروازو کليل آهي؛ بيشڪ اهو انسان انهيءَ ۾ داخل ٿي سگهي ٿو. الله، بخشڻ ۽ رحم ڪرڻ لاءِ تيار آهي پر ڪو هجي جو ڪناس بخشش گهري ۽ معافيءَ جو طالب ٿئي؟ الله تعاليٰ سدائين پنهنجي ٻانهن کي پنهنجي ٻاجهه ۽ لطف سان هيئن فرمائي ٿو:

باز آ، باز آ، هر آنچه هستي باز آ!
گر ڪافر و گبر و بت پرستي باز آ!

www.maktabah.org

اين درگهہ ما درگهہ نؤميدي نيست،
صد بار اگر توبہ شکستي باز آ!

"موٽي اچ، موٽي اچ! جهڙو آهين تهڙو موٽي اچ!
جيڪڏهن ڪافر، گبر ۽ بت پرست آهين تہ بہ موٽي اچ!
اسان جي هيءَ درگاہ نا اميدي جي جاءِ ڪينهي؛
سؤ دفعا جيڪڏهن توبہ ڀڳئي تہ بہ موٽي اچ!"

(اللهم تب علي واغفرلي ولوالدي وللمؤمنين ـ

اي منهنجا مولا تون منهنجي توبه قبول ڪر ۽ مون کي بخش ۽ منهنجي پيءُ ماءُ ۽ سڀني مومنن کي بہ بخش!

يوم يقوم الحساب ـ

انهيءَ ڏينهن جنهن ڏينهن عملن ۽ ڪرتوتن جو حساب ٿيندو ۽ ليکو لهندو.)

حضرت پاڪ جي ولادت (ڄمڻ)

جنهن پاڪ رسول يعني رسولن جي سردار، نبين جي مهندار محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآلہ وسلم جي پيدا ٿيڻ بابت حضرت ابراهيم دعا گهري هئي ۽ جو پاڪ رسول حضرت موسيٰ جي مثيل ٿيڻو هو ۽ جنهن پاڪ رسول کي حضرت دائود، پهلوان جو خطاب ڏنو هو ۽ جنهن سائينءَ کي حضرت سليمان، محمد ڪريم اڳيئي ڪري ڪوٺيو، ۽ حضرت يسعياہ نبي ساراهيو هو ۽ حضرت حبقوق پيغمبر قدوس (پاڪ) ڪري سڏيو هو ۽ حضرت يحيٰي حمدث (احمد) نالو ڏنو هو ۽ جنهن آخرين پيغمبر کي حضرت عيسيٰ، فارقليط جي نالي سان ياد ڪري ويو، آخر سوئي سردار، سوئي سائين تاريخ

www.maktabah.org

٩، مهيني ربيع الاول، سن عام الفيل جي پهرئين سال، مطابق ٢٠ اپريل سنه ٥٧١ عيسوي، ۽ مطابق ٢٥ ويساک سنبت ٦٢٨ بڪرمي، سومر جي ڏينهن، پره ڦٽيءَ کان پوءِ، سج اڀرڻ کان اڳ، بهار جي موسم ۾ مڪي شريف جي شهر ۾ پيدا ٿيو. سندن والد (پيءُ) جو نالو عبدالله، ڏاڏي جو نالو عبدالمطلب، پڙ ڏاڏي جو نالو هاشم، ٽئي ڏاڏي جو نالو عبد مناف ۽ چوٿين ڏاڏي جو نالو قصيء آهي. هن طرح محمد رسول الله صلعم بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبد مناف بن قصيء، پاڻ جڏهن خير سان ڄاوا، تڏهن سندن ڏاڏي عبدالمطلب، سندن نالو محمد (عليه صلوات و السلام) ۽ سندن ماءُ خواب ۾ هڪ غيبي ملائڪ کان بشارت طور معلوم ڪري، سندن نالو احمد (عليه الصلوات والسلام) رکيو. هڪڙي حديث ۾ پاڻ فرمايو اٿن ته 'زمين تي منهنجو نالو محمد ۽ آسمان تي منهنجو نالو احمد آهي.' اهڙيءَ طرح توريت ۾ سندن مبارڪ نالو محمد ۽ انجيل ۾ احمد ڪوٺيو ويو آهي. پاڻ پنهنجي پيءُ جا هڪڙائي پٽ هئا يعني ڪو بيو ڀاءُ ڪونه هون، مگر جهڙا هڪڙائي پٽ هئا اهڙائي پنهنجي پيءُ جا يتيم پٽ به هئا. سندن والد (پيءُ) سندن جمڻ ۽ دنيا ۾ اچڻ کان ٿورو وقت اڳيئي هن جهان مان لڏي ڪين يتيم ڪري پنهنجي پيءُ يعني سندن ڏاڏي عبدالمطلب جي هٿن ۾ ڇڏي ويو.

پيارا پڙهندڙؤ! الله پاڪ جو ڪوبه ڪم حڪمت کان خالي ڪينهي. حضرت پاڪ کي يتيم ڪيائين، انهيءَ ۾ وڏي حڪمت هيءَ آهي ته جو پاڪ نبي ساري دنيا جو سڌاريندڙ، محتاجن جو مددگار، غريبن جو غمخوار، هيڻن جو همراه، يتيمن جو يار ٿيندو، سو پلي ته يتيمي ۽ ڇورڙائيءَ جو ذائقو به چکي ڇڏي ته پوري خبرداريءَ سان يتيمن،

www.maktabah.org

اباڻن ۽ ڇورڙن جي سنڀال لهي ۽ هنن جا ڏک درد ميٽي. اهوئي سبب آهي جو حضرت پاڪ هميشه يتيمن ۽ ڇورڙن تي ٻاجهه ۽ رحمت جا هٿ گهمائيندا هئا ۽ يتيمن کي تعظيم ڏيندا هئا. سچ ته يتيمن جو قدر انهيءَ کي پوندو جنهن يتيميءَ جا ڏينهڙا ڏٺا هوندا ۽ تڪليفن ۾ گذاريو هوندو. پاڻ جيئن يتيم هئا، تيئن ڪنهن استاد وٽان پڙهيل به ڪين هئا، ۽ جيئن يتيم ۽ اڻ پڙهيل هئا، تيئن وري غريب ۽ مسڪين به هئا. الله پاڪ قران شريف ۾ ڪين پنهنجن ڳڻن جون ڳالهيون ياد ڏياري فرمائي ٿو:

الم يجدڪ يتيما فاوي، ووجدڪ ضالا فهدي،
و وجدڪ عائلا فاغني، فاما اليتيم فلا تقهر،
و اما السائل فلا تنهر، و اما بنعمة ربڪ فحدث.

اي محمد) عليه الصلوات والسلام ڇا ڪين لڌو هو توکي (خدا) يتيم؟ پوءِ پنهنجي پناهه ۾ آندئين ۽ لڌئين توکي اڻ پڙهيل، پوءِ رستي لائيئين يعني لدني علم سيکاريئين ۽ لڌئين توکي (اي محمد عليه الصلوات والسلام) غريب ۽ مسڪين، پوءِ بي پرواه ڪيائين ۽ سڀ ڪجهه ڏنائين - پوءِ يتيم کي ڪڏهن به نه ڇڙٻجانءِ ۽ نه ستائجانءِ ۽ سواليءَ کي ڪڏهن به خالي نه ڇڏجانءِ ۽ الله پاڪ جي مهربانين جون ڳالهيون ڪندو ۽ ڳڻ ڳائيندو وتجانءِ.

حضرت جي والده (ماءُ) جو نالو بيبي آمنه هو جا وهب جي نياڻي هئي، وهب بنو زهره جي قبيلي جو برهو مڙس ۽ سردار هو. بيبي صاحبه سڳدن ڇمڻ کان اڳ خواب ۾ ڏٺو ته ڪو روحاني ۽ رباني ملائڪ کين هي اکر پيو چوي:

www.maktabah.org

انك حملت بخير العالمين فاذا ولدته فسميه محمد او اكتمى شانه.

(تنهنجي پيٽ ۾ آهو نيڪ انسان آهي جو ساري جهان کان ڀلو آهي. جڏهن ڄڻينس ته محمد نالو رکجانس ۽ سندس شان لڪائجانءِ).

جنهن سال پاڻ خير سان ڄاوا ته انهيءَ سال سخت ڏڪار هو پر سندن ڄمڻ شرط خدا جي اهڙي ته مهرباني ٿي جو ڏاڍو اڃي سُڪار ٿيو ۽ ماڻهو ڏاڍا خوش گذارڻ لڳا، ايتري قدر جو انهيءَ سال کي عرب جا ماڻهو 'سنته الفتح والا بتهاج' خوشي ۽ ڪشادي رزق جو سال سڏڻ لڳا.

حضرت جي والد جي عمر

جڏهن حضرت ڄائو ۽ سندن ڄمڻ کان اڳ سندن والد حضرت عبدالله وفات ڪئي، تڏهن حضرت جي والد جي عمر (٢٤) چوويهه ورهيه هئي. حضرت پاڪ جي ڏاڏي عبدالمطلب به يتيميءَ جو وقت ڏٺو ۽ اهو ذائقو چکيو هو، سو حضرت جي ڄمڻ جي خبر پڌندي ئي گهر آيو ۽ صاحبزادي کي ڪعبي ۾ کڻي ويو ۽ آتي دعا گهري موٽائي گهر کڻي آيس. ستين ڏينهن عقيقو ڪيائين ۽ سڀني قريشن کي سڏ ڏنائين.

محمد نالي جي معنيٰ

ماڻهن عقيقي جي دعوت کائي پڇيو ته اوهان پنهنجي خاندان جا سڀ نالا ڇڏي صاحبزادي جو نئون نالو "محمد" ڇو رکيو آهي؟ سندن ڏاڏي عبدالمطلب جواب ڏنن ته ڀلي هي ٻچو ساري دنيا ۾ ساراهيل ۽ واکاڻيل ٿئي. محمد جي معنيٰ آهي ساراهيل ۽ واکاڻيل.

www.maktabah.org

ٽيج پيڻ وارا ڏينهن

مڪي جي وڏن ماڻهن جو قديم دستور هو ته ٻار ڄڃهن ائن ڏينهن جو ٿيندو هو ته ٽيج پيارڻ دائن جي حوالي ڪري، ٻهراڙيءَ ڏي موڪلي ڇڏيندا هوا. انهيءَ دستور موجب حضرت پاڪ کي به حليمه سعديه جي حوالي ڪيو ويو جا ڇهين ڇهين مهيني آٽي سندين والده ۽ سندن ٻين مائٽن کي ڏيکاري ويندي هئي. جڏهن حضرت سائين ٻن سالن جا ٿيا، تڏهن سندن ٽيج ڇڏائي وئي ۽ بي بي حليمه ڪين سندن والده (ماءُ) وٽ ڪٺي آئي. مگر سندين والده ڪين وري به بي بي حليمه جي حوالي ڪيو، ڇو ته انهيءَ پاسي جي آب هوا حضرت سائينءَ جي طبيعت کي ڏاڍي موافق ٿي هئي.

حضرت پاڪ جي والده جو دنيا مان لاڏاڻو

جڏهن حضرت سائينءَ جي چمار ڇئن ورهن جي ٿي ته سندين والده صاحبه ڪين پاڻ وٽ گهرائي ورتو ۽ جڏهن سندين عمر مبارڪ ڇهن ورهين جي ٿي ته بي بي آمينت سندهن والده به دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. ۽ سندن ڏاڏي عبدالمطلب ڪين نپاڻڻ ۽ سنڀالڻ شروع ڪيو.

حضرت پاڪ جي ڏاڏي عبدالمطلب جي عمر ۽ وفات

پر جڏهن حضرت سائينءَ جي عمر مبارڪ آئن ورهن جي ٿي ته سندن ڏاڏي عبدالمطلب به ٻياسي ورهن جي چمار ۾ دنيا مان چالاڻو ڪيو.

www.maktabah.org

حضرت پاڪ جي چاچي ابو طالب جو ڪين نپائڻ

پوءِ آخر سندن سڳو چاچو ابو طالب ڪين نپائڻ لڳو، جنهن جي حضرت سائينءَ سان ڏاڍي دل ۾ محبت هئي، انهيءَ ڪري ڪو وقت به جدا ڪين گذاريندا هوا.

شام جي ملڪ جو سفر ۽ پادري بحيره سان ملاقات

جڏهن حضرت سائينءَ جي عمر ٻارهن ورهين جي ٿي، تڏهن ابو طالب ڪين شام جي مسافري تي وٺي ويو، جو واپار جي سانگي اوڏاهين ويو ٿي. جڏهن شام جي شهر بصري ۾ پهتا، تڏهن هڪڙي گرجا ۾ وڃي لٿا. آتي هڪڙو پادري بحيره نالي ڏاڍو سمجهو ۽ سياڻو، توريت ۽ انجيل جو وڏو عالم هو. ڪيس سدائين آخرين پيغمبر جي پيدا ٿيڻ ۽ ڏسڻ جي آس ۽ آداس هوندي هئي، ڪيس معلوم هو ته هي هي نشانيون انهيءَ آخرين پيغمبر جون هونديون؛ تنهن حضرت پاڪ کي ڏسي چاچي سڃاتو ۽ بي اختيار سندن چاچي ابو طالب کي چيائين ته خدا نه ڀلائي ته هي پڇو آخر زماني جو وڏو شاندار پيغمبر ٿيندو. ٻنهي ڪلهن جي وچ تي نبوت جي مهر جو نشان به ڏنائين جو بائبل ۾ پڙهيو هئائين ته آخر زماني جي پيغمبر کي اهو نشان هوندو. ڪتاب يسعياه جي باب ٩٠ ۾ نبوت جي مهر جو ذڪر ڏنل آهي. اسڪان ارمن نالي عيسائيءَ، جو ١٦٦٦ع ۾ بائبل جو عربي ترجمو ڪيو آهي انجي ٤٢ باب ۾ هي فقرو موجود آهي:

و آثر سلطنت علي ظهره و اسمه احمد
(جيڪو آخرين پيغمبر پيدا ٿيڻو آهي تنهن
جي حڪومت جو اثر ۽ نشان سندس پٺيءَ تي
هوندو ۽ سندس نالو هوندو احمد.)

www.maktabah.org

انهيءَ پادريءَ حضرت سائينءَ جي زيارت جي خوشيءَ ۾ ساري قافلي جي مهماني جهلي ۽ ابو طالب کي سمجهايائين ته هن ملڪ جا يهودي هميشه نبين جا دشمن هوندا آهن، ائين نه ٿئي جو انهن کي خبر پئجي وڃي ۽ صاحبزادي کي ڪا تڪليف پهچائي وجهن، انهيءَ ڪري بهتر صلاح آهي ته تون اڳتي نه وڃ ۽ پوئتي موٽ. انهيءَ پادريءَ هيئن به چيو ته مون تازو هڪ خواب به ڏٺو هو ته انهيءَ پاسي جنهن پاسي کان اوهين آيا آهيو سڀ وڻ ٽڻ هڪڙي ڇوڪري جي آڏو نياز پيا ڪن ۽ اونڌا پيا ٿين. انهيءَ پادريءَ جي صلاح موجب ابوطالب ڪين موٽائي ڳوٺ روانو ڪيو.

حضرت سائين جن اڃا ننڍا هئا ته هڪ دفعي مڪي شريف ۾ ڏاڍو ڏڪار پيو. ابوطالب ٻچا ڪيو جو حضرت سائينءَ کي ٻاهر ميدان ۾ وٺي ويو ۽ چيائينس ته ٻچا تون دعا ڪر ته مينهن وسي. حضرت سائينءَ برڪت ڀريل چپ چوري ڏاڍي نياز سان پنهنجي خالق کان دعا گهري. الله پاڪ اها پياري دعا قبول ڪئي ۽ ايترو مينهن اچي وسيو جو سارو ملڪ سرسبز ۽ آباد ٿي ويو.

ڪين عرب ۾ محمد اَمين ڪري سڏ ٻيندا هوا

جڏهن پاڻ خير سان جوان ٿيا تڏهن ايتري قدر ته چڱو سڀاءُ، چڱا لڇڻ، فضيلت، اخلاق ۽ لياقت منجهن ڏسڻ ۾ آئي، جو اهڙي ڪنهن به جوان ۾ ڪنهن به ڪانه ڏٺي هئي. عرب جا ماڻهو سندن اهي ڳڻ ۽ چڱايون ڏسي حيران ٿيندا هئا ۽ فخر ڪندا هئا ته عرب ۾ هڙو لائق ۽ سلڇڻو جوان پيدا ٿيو آهي. منجهن ننڍي هوندي کان ئي وٺي امانت داريءَ جو ڳڻ تمام گهڻو هو، ڪوڙ ڪڏهين ڪين ڳالهائيندا هئا، ٻيجا طرفداري ڪنهن جي به ڪانه ڪندا هئا، سچ سڀ ڪنهن کي چئي ڏيندا هئا، اجائي سنگت

www.maktabah.org

۽ اجائي صحبت کان اصل نندي ئي لاڪر ڀڄندا هئا. قريش ڪيترو به زور ڪندا هون ته ميڙن ملاکڙن ۾ هلن، پر پاڻ ڪڏهن به ڪين ويا. مطلب ته ايتري قدر ته سندن تعريف اچي ٿي جو گهر گهر سندين وصف ۽ واکاڻ هلڻ لڳي ۽ نندي وڏي جي وات ۾ اها وائي هئي ته محمد جهڙو سچو، محمد جهڙو امين نه ٿيو، نه ٿيندو ۽ نه ڄائو، نه ڄمندو. عرب جي ماڻهن کي اها ته خبر ئي ڪانه هئي ته ڪنهن وقت هي نيڪ انسان ساري دنيا جو سڌاريندڙ ۽ شاندار آخرين پيغمبر ٿيندو، مگر تنهن هوندي به سندين فضيلتون ڏسي کين صادق (سچار) ۽ امين (امانت ڪندڙ) اهي لقب ڏيندا هئا. نيٺ اهڙو اچي حال ٿيو جو جيڪڏهن به ڄڻا، ٻه قبيلا يا ٻه قومون پاڻ ۾ وڙهنديون هيون ته ڪين امين ۽ مصنف مقرر ڪندا هئا ۽ جيڪي پاڻ فيصلو ڪندا هئا، کا ڌر به انڪار نه ڪندي هئي. ڪيترن ماڻهن ته پنهنجون قيمتي قيمتي شيون وٽن امانت اچي رکيون. مطلب ته نندا توڙي وڏا سندن ادب ۽ تعظيم ڪرڻ ۽ سندين صداقت ۽ امانت مڃڻ لڳا.

بي بي خديجة الڪبريٰ سان شادي

نيڪ انسان کي هزارين گهرندا، ليڪن محبت ڏيندا، اهڙي گوهر بي بها جا خريدار هزارين، اهڙي محبوب جا محب لکين. حضرت سائينءَ جي ساک ۽ نيڪي ٻڌي ڏسي، ڪيترن واپارين خيال ڪيو ته پاڻ اسان سان واپار ۾ شامل ٿين ته ڏاڍو چڱو، ڪيترن قبيلن سڱ آڇيا، ڪيتريون ڪنواريون اهڙي گهوٽ لاءِ حاضر، مگر الله پاڪ پنهنجي رتيل نبيءَ جي هرهڪ ڪم، هرهڪ قدم ۾ حڪمت رکائي هئي، سو الله پاڪ جي حڪمت ۽ حڪم کان سواءِ ڪو ڪم ٿيڻو نه هو. عرب جي هڪ عزت واري شريف خاندان

www.maktabah.org

جي هڪ بيوه بي بي "خديجہ" نالي پئسي واري ۽ بيئل عورت هئي ۽ هميشه پنهنجي پئسي مان واپار هلائيندي هئي. تنهن جو حضرت سائينءَ جو ناموس سٺو ۽ نيڪي بڌي ته امين ۽ سچار هڪ ئي آهي، سو سنديس اچي مرضي ٿي تہ محمد (عليه الصلوات والسلام) منهنجي پئسي مان واپار هلائي، ڇو تہ اڪثر ائين ٿيندو آهي ته وبچارين بيوه ۽ بيوسيلي عورتن سان ماڻهو ڏاڍيون دغائون ۽ ڪپتون ڪندا آهن. انهيءَ ڪري بي بي خديجہ صاحبہ گهريو تہ ههڙو سچار ۽ امانتدار جيڪڏهن منهنجي پئسن مان واپار هلائيندو تہ تر جيترو بہ تفاوت ۽ ڌوڙ جيترو بہ جوکو ڪونہ ٿيندو. آخر بي بي صاحبہ اهڙو عرض چورائي موڪليو. حضرت سائينءَ پاڻ قياس ڪري ويچاري بيوه عورت جي حال ۽ مال تي ترس کائي قبول ڪيو ۽ سندس پيسا کڻي شام جي طرف واپار جي لاءِ روانا ٿيا. خدا جي قدرت ۽ حضرت سائين جي برڪت ٿي، جو انهيءَ دفعي واپار ۾ تمام گهڻو ڪٽيو ٿيو، ايترو جو ٻين واپارين کي عجب لڳي ويو. انهيءَ مسافريءَ ۾ بي بي خديجہ جو ٻانهو ميسره نالي بہ حضرت سائينءَ سان رفيق هو ۽ قسمين قسمين فضليتون ۽ چڱا لڇڻ ۽ معجزا (پيغمبر جون ڪرامتون) حضرت جا سچي سفر ۾ ڏٺا هئائين، جي اچي پنهنجي سائڻ بي بي خديجہ کي ذري پرزي سميت ٻڌايائين. بي بي صاحبہ اگرچ بيوه هئي، پر وڏن وڏن سردارن سندن سنگ چڪايو هو تہ پاڻ نامنظور ڪيو هئائين، مگر حضرت جي فضيلتن کيس بي اختيار ۽ لاچار ڪري وڌو ۽ پاڻ نڪاح ڪرڻ جو عرض چوارائي موڪليائين. جڏهن تہ الله پاڪ جي بہ اهائي مرضي هئي، تڏهن حضرت سائينءَ بہ اهو عرض بي بي صاحبہ جو قبول فرمايو، ۽ شادي ٿي. عرب جا وڏا وڏا ماڻهو ۽ سردار حيران ٿي ويا. پر چڱن سان ڪنهنجي ريس.

www.maktabah.org

انهيءَ شاديءَ وقت حضرت جن جي ۽ بيبي صاحبہ جي عمر

جڏهن هيءَ شادي خير سان ٿي، تڏهن حضرت سائينءَ جي عمر مبارڪ ٢٥ ورهيہ هئي ۽ بي بي صاحبہ جي عمر ٤٠ ورهيہ. حضور جن عليه الصلوات والسلام ڪي اڪثر اولاد هن ئي بي بي صاحبہ مان هو. حضور جن جو اولاد، پڪي روايت موجب بہ صاحبزادا هئا ۽ چار صاحبزاديون. قاسم، ابراهيم، زينب، رقيہ، اُم ڪلثوم، فاطمه. حضرت ابراهيم حضور جن جو صاحبزادو، بي بي ماريہ قبطيه رضہ مان هو. بعض روايتن ۾ آهي تہ عبدالله ثالي بہ حضور جن ڪي فرزند هو، جو بہ بي بي خديجتہ الڪبريٰ مان هو. ڪن روايتن ۾ طاهر ۽ طيب ثالا بہ آيل آهن. اهي سڀئي فرزند ننڍي هوندي ئي وفات ڪري ويا هئا. سڀني پائن پينرن ڪان ننڍي، بي بي فاطمه زهرا رضہ هئي، جا حضرت سائين جي وفات ڪان پوءِ بہ حيات هئي. باقي پيا سڀ صاحبزادا ۽ صاحبزاديون سندن هوندي ئي دنيا مان لاڏائو ڪري ويا هئا. پنجاهہ ورهيہ چار تائين حضرت سائين جي نڪاح ۾ فقط بي بي خديجہ صاحبہ رضہ هئي ۽ ڪابہ بي شادي تيستائين ڪانہ ڪئي هئائون. جڏهن بي بي صاحبہ جي عمر مبارڪ جو پيمانو اچي پريو ۽ الله پاڪ سان وصال جو وقت ٿين، تڏهن نهايت نيڪي ۽ عزت، پاڪائي ۽ ايمان، خوشي ۽ خدائي محبت سان دنيا مان لاڏائو فرمايائون. حضرت سائين، نہ انهيءَ ڪري تہ بي بي صاحبہ سندن بي بي هئي، بلڪ انهيءَ ڪري تہ صاحب حياءَ ۽ ايمان جي، صاحب شرف ۽ شان جي، چڱن اخلاقن واري، خدا پرست ۽ خدا ترس، پنهنجي گهر جي مالڪ جا حق پورا ڪندڙ، پنهنجي خالق جا فرض بجا آڻيندڙ بي بي هئي، گهڻو ڪري سندن ذڪر

www.maktabah.org

۽ نيڪي ڪندا هئا، ته دنيا جون عورتون سمجهن ته نيڪ عورتن جي نيڪي مرڻ ۽ دنيا کي ڇڏڻ کان پوءِ به پئي هلي، ۽ هُئن به سمجهن ته پنهنجن مڙسن ۽ پنهنجي خدا سان چڱيءَ طرح هلڻ گهرجي ۽ هميشه سداري جهڙن ڪمن ۾ مڙسن سان ٻانهن ٻيلي ٿجي. هن شاديءَ ٿيڻ کان پوءِ حضرت سائين سدائين سڄو وقت آسمان ۽ زمين جي پيدا ڪندڙ خدا جي عبادت ۾ گذاريندا هئا ۽ خدا جي خلق جي خيرخواهي ڪندا رهيا.

ٻڪريون چارڻ

انهيءَ وچ ۾ نبين ۽ رسولن جي سنت (طريقي ۽ هلت) موجب اهڙو اتفاق به ٿيو، جو حضرت سائينءَ ٻڪرين جو ڌڻ چاريو ۽ سنڀاليو. الهامي ۽ خدائي ڪتابن ۾ پيغمبرن کي راعي يعني ڌڻدار (ڌنار) جو لقب ڏنو ويو آهي. ٻڪرين چارڻ جو ڪم ٻين نبين به ڪيو هو. جهڙو حضرت موسيٰ عليه السلام. ڏسو خروج باب (۱) ورس (۳) ۽ حضرت عيسيٰ عليه السلام به ماڳئي مطلب ۽ معنيٰ جا لفظ ڪم ۾ آندا آهن ته 'آءٌ بني اسرائيلن جي گمراه ڌڻ کان سواءِ ٻئي ڪنهن وٽ به نه آيو آهيان.' ڏسو متي باب ۲۴ ورس ۱۵. متيءَ جي انهيءَ فقري مان هي به نيڪ روشن ٿيو ته حضرت عيسيٰ مسيح عليه السلام ساري دنيا جي سڌارڻ لاءِ آيل ئي نه هو جئن متي لکيو ويو آهي، بلڪ خاص بني اسرائيلن لاءِ آيو هو. هي جو اڪثر نبين کي ٻڪرين چارڻ جو اتفاق ٿيو آهي سو سياڻا مانهو ته سمجهي سگهندا هوندا، پر تنهن هوندي به عرض آهي ته جانورن ۾ چارڻ پيارڻ ۽ سنڀالڻ لاءِ ڏکيو جانور ٻڪريون آهن. ٻڪرين جي ڌنار کي ٻڪرين چارڻ ۾ جيتري تڪليف ۽ ڏاکڙو ٿئي ٿو، اوترو ڪنهن به ڌنار

ڪي نه ٿو ٿئي. اهڙيءَ طرح حيوانن ڪي سڌارڻ ته سولو آهي، پر انسانن ڪي سڌارڻ ۽ سنڀالڻ بلڪل ڏکيو آهي، تنهنڪري خدا جا پيغمبر ٻهريون ٻڪريون چاري هڪ قسم جو آزمودو حاصل ڪن ٿا. غصو، چڙ ۽ ڪڪ ٿيڻ جو مادو منجهان گهٽ ٿيو وڃي ٿو، پوءِ هو خدا جا پاڪ رسول گهٽي تحمل ۽ سهڻ سان الله جي مخلوق کي سڌارڻ لڳن ٿا؛ ۽ جئن ڌنار ٻڪرين جي چڙوچڙ ڌڻ کي تنواري سنواري گڏ ڪندا آهن، اهڙيءَ طرح حضرت پاڪ ته ساري مخلوق جي ڌڻ کي گڏ ڪرڻ ۽ هڪ راه تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ سيني پيغمبرن کان وڏيڪ ڪامياب ۽ فتحمند ٿيا. اللهم صلي عليه و علی آله و اصحابه و سلم.

ڪعبة الله جي نئين سر عمارت ۽ حجر اسود جو ذکر

حضرت سائينءَ جي عمر مبارڪ ۲۵ ورهين جي اڃا مس ٿي ته ڪعبة الله جي عمارت کي قريشن نئين سر تيار ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ ڪم ۾ حضرت سائينءَ به ڏاڍي مدد ڏني ۽ پاڻ پنهنجي سر پهڻ ڍوئي پئي پهچايائون. جڏهن حجر اسود (ڪاري پٿر) جي رکڻ جي مهل ٿي، تڏهن انهيءَ جي رکڻ بابت حجاز، عرب جي سيني قومن ۽ قبيلن ۾ اچي جهيڙو لڳو ته ڪير اهو پٿر پنهنجن هٿن سان ڪعبة الله ۾ کوڙي، ڇو ته اڳين نبين جي وقت جي قديم نشاني هئي، تنهن ڪري انهيءَ جي کڻي کوڙڻ ۾ وڏي عزت ۽ آبرو سمجهيائون ٿي. چار ڏينهن اهڙو ته جهيڙو لڳو ۽ ايتري مخالفت ٿي جو هزارن خونن ٿيڻ جو امڪان هو. آخر گهڻي لڙ بکيڙي کان پوءِ هيءُ ٺهراءُ ٿيو ته جيڪو ماڻهو ٻهرين ٻهرين حرم پاڪ جي دروازي کان اندر گهڙندو، سوئي

www.maktabah.org

امين ۽ منصف ٿيندو جڏهن وڏيس تڏهن ڪري. اها راءِ ابو اميه بن مغيره ڏني هئي. آخر خدا جي قدرت، جو پهريون ماڻهو اندر آيو، سو حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم هو. سڀني جي وات مان رڙ نڪري وئي "هذالا مين هذا لامين" اڄهو منصف اچي ٿو! اڄهو منصف اچي ٿو!! سبحان الله نبي ٿيڻ کان اڳيئي خدا جي خلق حضرت پاڪ کي جنگين جهيڙن جو ٽاريندڙ، امانت ۽ انصاف ڪندڙ سمجهندي هئي. اهڙو رتبو ڪنهن به پيغمبر کي نصيب نه ٿيو. خير- حضرت سائينءَ احوال ٻڌي سڀني قبيلن کي هڪ ٻئي سان راضي ڪرڻ ۽ مخالفت ۽ دشمني جي دفع ڪرڻ جو ضرور سمجهيو، تڏهن پاڻ ڇا ڪيائون جو پنهنجي چادر مبارڪ وڇائي، انهن تي پنهنجن هٿن مبارڪن سان پٿر (حجر اسود) کڻي رکيائون، پوءِ هر هڪ قبيلي جي سردار کي فرمايائون ته گڏجي هن چادر کي ڪنڊ ۽ کڻي کوڙڻ واريءَ جاءِ تي آڻيو. سڀني ائين ڪيو ۽ پٿر کي کڻي آتي آيا. پوءِ حضرت سائينءَ پاڻ پنهنجن مبارڪ هٿن سان کڻي اتي کوڙيو. ائين ڪرڻ سان سڀ خوش ٿيا ۽ خوفناڪ جنگ به ٽري وئي. سمجهو ماڻهو هتان سمجهندا ته هي ڄڻ نبوت جو بنيادي پٿر هو، جو حضرت پاڪ جي هٿان الله تعاليٰ رکايو.

الله پاڪ جي قدرتن جو ويچار

انهيءَ عمر يعني ٣٥ ورهن کان پوءِ چاليهن ورهين تائين، حضرت سائينءَ جو احوال ايترو آهي ته پاڻ ساري عربستان ۾ نيڪ مرد، ديندار، امانت دار، خليق، چڱن لڇڻن وارا، منصف مزاج، خدا ترس، بزرگوار، رحم دل، يتيم پرور، رحيم ۽ ڪريم سڏبا هئا، ۽ انهن ڳالهين ۾ ايتريقدر ته مشهور ٿي ويا هئا، جو ماڻهو سندن مثال ڏيندا ۽ ڳالهيون

www.maktabah.org

ڪندا هئا، انهن ڳالهين ۾ صفتن کان سواءِ منجهن هڪ اهڙي صفت به هئي جا ڪنهن ۾ به ڪانه ليندي هئي. يعني حضرت سائين سدائين ڪنهن خيال ۽ ويچار ۾ محو ۽ غرق رهندا هئا ۽ خدا جي قدرتن ۽ ڪارخانن، آسمان، زمين، سج، چنڊ، تارن، وڻن ٽڻن، باغ باغيچن، بر، بحر، جهنگل، برسات، وج ۽ ڪڪرن وغيره ۾ غور ۽ خوض ڪندا هئا، ۽ هميشه مراقبي ۽ مڪاشفي ۾ مشغول رهندا هئا، ۽ ائين سمجهڻ ۾ ايندو هو ته ڪنهن اونهي خيال ۾ آهن يا ڪا وڏي ڳڻتي اٿن. آخر اهڙو حال اچي ٿيو، جو شهر، آبادي ۽ ماڻهن کان دل کڻي ٿي پين ۽ ماڻهن جا افعال کين بلڪل ناپسند لڳندا هئا. نيٺ ڪجهه ڏينهن جو ڪاڌو پيتو پاڻ سان کڻي، جبل حرا جي هڪ غار ۾ وڃي رهندا هئا ۽ الله پاڪ جي عبادت ۽ بندگيءَ ۾ وقت خير جو گذاريندا هئا، ۽ انهيءَ خيال ۽ ڌيان ۾ رهندا هئا. کين انهيءَ وقت اها خبر خير ڪا هئي ته پاڻ ڪنهن وقت زبردست نبي، آخر زماني جا پيغمبر، ساري دنيا جا سڌاريندڙ ۽ يتيمن، غريبن، مسڪينن ۽ بيواهن جا اميدگاه ٿيڻا آهن، ۽ جن ماڻهن کان پڇن ۽ گوشائتو گذارن ٿا، ساڳيو تن سان گڏ گذارڻو ۽ انهن کي سڌارڻو پوندن.

حضرت پاڪ، محمد بن عبدالله جي بدران محمد رسول الله سڏجڻ لڳو

خدا جو شان ته ڏسو جو عبدالله جي يتيم فرزند ۽ بي بي آمنه جي پياري پٽ کي الله تعاليٰ آخر نبين جو سردار ۽ رسولن جو مهندار بنايو، جنهن جو ڪنهن کي به خيال ۽ گمان ڪونه هو. جڏهن خير جا چاليهه (۴۰) سال عمر مبارڪ مان پورا ٿين تڏهن الله پاڪ کين نبوت ۽ رسالت

www.maktabah.org

بخشڻ لاءِ چُونڊيو ۽ ڏٺيو، انهيءَ عهدي عطا ڪرڻ لاءِ لائق ۽ جڳائتو سمجهيو، ڇو ته چاليهن ورهين جي ڄمار تائين جيڪي به نفساني قوتون انسان ۾ هونديون آهن، سي پنهنجو زور ڇڏي نرم ۽ ڍريون ٿينديون آهن. آهو جوانيءَ وارو جوش، آهي جوانيءَ جا اُمنگ سڀ گهٽجي حد اعتدال کي پهچندا آهن ۽ ٻين احتياجمندن جي بار کڻڻ ۽ تڪليف سهڻ لاءِ انسان انهيءَ عمر ۾ سگهتو ٿي سگهندو آهي. اگرچ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم، الله پاڪ جي خاص عنايت ۽ احسان سان ڄمندي ئي ڄام هئا، ۽ ننڍي هوندي ئي بزرگ ۽ جوانيءَ ۾ ئي پيرمرد هئا مگر الله تعاليٰ هر هڪ ڳالهه ۾ جا حڪمت رکائي آهي، ضرور آهو ڪم انهيءَ حڪمت موجب ٿيندو آهي. انهيءَ عمر ۾ الله پاڪ سهڻ ۽ بار کڻڻ، نرميءَ ۽ اعتدال جي خاص حڪمت رکائي آهي. ان موجب حضرت سائينءَ کي به الله تعاليٰ انهيءَ عمر ۾ نبوت بخشڻ ۽ رسالت ڏيڻ مناسب سمجهي. تنهن کان سواءِ وڏي حڪمت انهيءَ ۾ هيءَ به هئي ته ماڻهن کي هيءَ پڪ ٿئي ته جنهن انسان سڄا چاليهه ورهيه نيڪيءَ، ناموس ۽ عزت سان سچو ۽ امين ٿي گذاريو آهي ۽ هميشه ٻُڇڙي صحبت ۽ بڇڙن خيالن کان پاڪ ۽ پري رهيو آهي، سو انسان الله تعاليٰ تي ڪوڙ ڪڏهن به ڪين هڻندو ۽ ڪڏهن به ڪين پاڻکي هرو ڀرو نبي ۽ رسول ڪوٺائيندو. هان جيڪڏهن جوانيءَ ۾ ئي اهڙا خيال هجنس ها ته البت شڪ جو امڪان هو. تنهن کان سواءِ ٻيا نبي به انهيءَ عمر ۾ نبي ٿيا آهن، اهو الله تعاليٰ جو قديم دستور آهي. خير الله تعاليٰ پنهنجن حڪمتن موجب حضرت پاڪ کي چاليهن ورهن جي ڄمار پوري ٿيڻ تي نبوت بخشي ۽ حضرت جبرئيل عليه السلام جي اچڻ کان اڳيرو هي حال ٿيو، جو جڏهن حضرت پاڪ جن شهر مان نڪري ٻاهر جبل ۽ جهنگ ڏي

www.maktabah.org

ويندا هئا ته هر طرف کان 'السلام عليڪ يا رسول الله، السلام عليڪ يا رسول الله' اهو آواز وڻن ٽڻن، پهڻن پٿرن مان نڪرندو هو ۽ حضرت سائين هيڏي هوڏي نهاريندا هئا ته هن لاءِ ته خبر پوين ته ڪير آهي جو هي آواز ڪري ٿو؟ مگر ڏسڻ ۾ ڪجهه به ڪين ايندو هو. پاڻ حيران ٿيندا هئا ۽ عجب ۾ پوندا هئا ته هي ڪهڙو اسرار آهي! هڪڙي ڏينهن حضرت علي مرتضيٰ رضه ساڻس گڏجي شهر کان ٻاهر ويو، حضرت علي فرمائي ٿو ته جيڪو وڻ يا وڏو ڪو پٿر اڏو آيو ٿي ته منجهانس 'السلام عليڪ يا رسول الله' جو آواز نڪتو ٿي. ۽ ٣٣ ورهيه چمار کان وٺي نوراني چمڪاٽ ۽ روشني حضرت سائينءَ کي ڏسڻ ۾ ايندي هئي، جنهن جي ڏسڻ سان خوش به ٿيندا هئا ۽ حيران به. اهڙيءَ طرح بعضي خواب اهڙا به لهندا هئا، جي بلڪل سچا نڪرندا هئا.

حرا غار ۾ جبرئيل جو اچڻ ۽ اقرءَ سورت جو نازل ٿيڻ.

هڪڙي ڏينهن رمضان مهيني ۾ حضرت سائين جبل حرا جي غار ۾ الله پاڪ جي عبادت ۽ ڌيان ۾ مشغول هئا ته اوچتو ئي اوچتو الله تعاليٰ جو برگزيدو ۽ مقرب ملائڪ حضرت جبرئيل عليه السلام وٽن آيو ۽ هي پاڪ ڪلام، الله جي درگاهه مان آندائين ۽ اچي حضرت سائينءَ کي ٻڌايائين ته:-

اقراءَ باسم ربڪ الذي خلق، خلق الانسان
من علق، اقراءَ و ربڪ الاڪرم الذي
علم با لقلم، علم الانسان مالم يعلم.

www.maktabah.org

[پڙهه (اي محمد عليه الصلوات و السلام) پنهنجي پروردگار (پالڻهار) جي نالي سان جنهن (سڀ ڪجهه) اپايو آهي جنهن انسان کي پاڻيءَ جي ڪيڙي مان پيدا ڪيو. پڙهه! پڙهه!! تنهنجو پالڻهار گهڻي ٻاجهه وارو آهي جنهن قلم جي وسيلي علم وڌايو جنهن انسان کي سو سڀ سيکاريو، جو کيس معلوم ئي نه هو.]

نبوت جي بشارت

پر انهيءَ آيت شريف جي اچڻ کان اڳ حضرت جبرئيل عليه السلام فقط ڪين رسالت جي بشارت ۽ خبر ڏيڻ آيو هو. اها بشارت ۹ تاريخ مهيني ربيع الاول مطابق ۱۲ فبروري سنه ٦١٠ع جي سومر جي ڏينهن الله پاڪ جي درگاهه مان حضرت سائينءَ کي ملي. انهيءَ وقت سندن عمر ۴۱ ورهيه هئي يعني چاليهه ورهيه پورا ٿيل هئا ۽ ايڪيتاليهين ۾ سندن پير هو. حضرت جبرئيل عليه السلام اچي چيو "اي محمد! بشارت هجئي، قبول فرماءِ، او هين الله پاڪ جا رسول آهيو، الله پاڪ اوهان کي اهو عهدو عطا ڪيو آهي، آءٌ جبرئيل خدا جو خاص ملائڪ آهيان جو اهڙيون خبرون ۽ پيغام نبين وٽ کڻي ويندو آهيان." حضرت پاڪ، جو اهو غيرمعمولي آواز ۽ احوال ٻڌو ۽ ڏٺو، سو گهبرائجي ويا ۽ بلڪل جلد پنهنجي دولتخاني (حويليءَ) ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ اچڻ شرط اچي ليٽي پيا ۽ بيبي صاحبه کي فرمايائون ته "منهنجي مٿان ڪو ڪپڙو وجهه." جڏهن طبيعت مبارڪ ۾ آرام آيو، تڏهن بيبي صاحبه سان سمورو احوال ڪيائون ۽ فرمايائون ته، "مون سان هي هي حالتون ٿيڻ لڳيون آهن، نه ڄاڻان هن کان پوءِ الائي ڪهڙو حال ٿيندو ۽ خبر نه آهي

www.maktabah.org

تہ منھنجي جان کھڙين مصيبتن ۾ پوندي."
بيبي صاحبہ فرمايو "کو خيال نہ کريو، اوھان کي کھڙو ڊپ آھي، اوھين پنھنجن مٽن مائٽن سان شفيق ۽ مھربان آھيو، سدائين سچار آھيو، رنن زالن، يتيمن، ڇورڙن، بيواھن، بيوسيان جا مددگار، حامي، ھڏڏوکي ۽ ھمدرد رھيا آھيو، مھمان نواز بہ جھڙو ڪونھي، پوءِ تڏھن کھڙو سبب آھي جو اوھان کي خدا دنيائي تڪليف ۽ ڏک ۾ وجھندو، بلڪل نہ، اميد تہ جيئن اوھين جھان ئي جا خيرخواہ آھيو تيئن ڌڻي تعاليٰ بہ اوھان کي ضرور تڪليفن کان بچائيندو رھندو."

عيسائين جي وڏي پادريءَ ورقه بن نوفل جي حضرت پاڪ جي نبوت ۽ رسالت بابت شاھدي.

انھن دلاسن ڏيڻ ھوندي بہ بيبي صاحبہ جا کيو جو پنھنجي سوٽ ورقه بن نوفل عيسائي عالم وٽ وئي ۽ سمورو احوال وڃي ٻڌايائينس. ورقه احوال ٻڌي چيو تہ، "سبحان الله سبحان الله! قسم آھي انھيءَ پاڪ خدا جو جنھن جي ھٿ ۾ منھنجي جان آھي تہ اِھو احوال نبين جو احوال آھي ۽ اھو ناموس اڪبر (جبرئيل عليه السلام) آھي، جو حضرت موسيٰ عليه السلام وٽ بہ الله جا حڪم آڻيندو ھو. بيشڪ محمد خدا جو رسول ۽ نبي آھي". ورقه بن نوفل کان اھو جواب ٻڌي بيبي صاحبہ حضرت سائينءَ وٽ آئي ۽ کين پاڻ بہ اچي مبارڪ ڏنائين ۽ ورقه جو احوال ٻڌايائين. انھيءَ کان پوءِ ھڪڙي ڏينھن حضرت سائين ڪعبۃ الله جي طواف (عبادت لاءِ چوڌاري ڦرڻ) واسطي آيا، آتي ورقه مليُن ۽ ورقه وري روبرو خبرچار پڇن، پاڻ سمورو احوال ٻڌايائونس. ورقه چيو تہ، "مون کي قسم آھي انھيءَ ذات پاڪ جو

www.maktabah.org

جنهن جي ۾ هٿ منهنجو ساهہ آهي تہ، تون خدا جو رسول آهين ۽ قوم توکي ڪوڙو سڏيندي، تڪليفون ڏيندي، شهر مان ڪڍي ڇڏيندي، وڙهندي، جهيڙا ڪندي، جيڪڏهن منهنجي حياتي رهي تہ آءٌ توسان اهڙي مدد ڪندس، جو ڏسڻ وارا پاڻهئي ڏسندا." پوءِ ڇا ڪيائين جو ڏاڍي محبت ۽ پيار، سڪ ۽ صداقت سان حضرت جي مٿي مبارڪ کي پاڻ ڏانهن ويجهو ڪري تارونءَ جي مٿان چمي ڏئي ورتائين. حضرت سائينءَ چيو تہ "ڇا مون سان منهنجي قوم وڙهندي ۽ مون کي ڪڍي ڇڏيندي؟" ورقہ چيو "هائو! او هان کان اڳي، جو بہ رسول يا نبي خدا جو پيغام قوم جي سڌاري لاءِ وٺي آيو آهي تہ قوم ساڻس سامهون ٿي آهي ۽ کيس تڪليف ڏني اٿس، مگر خدا مددگار ٿئي ٿو تنهن ڪري پرواهہ نہ ڪانهي."

سورت الحمد لٿي

انهيءَ کان پوءِ قرآن پاڪ جي پهرين سورت فاتحہ يعني الحمد نازل ٿي، جنهن ۾ قرآن شريف جا سڀ مطلب اشاري طور بيان ٿيل آهن، گويا سڄي قرآن شريف جي سڀني مطلبن جي ياداشت يا فهرست آهي.

وضوءِ نماز

تنهن کان پوءِ هڪڙي ڏينهن حضرت جبرائيل عليہ السلام حضرت پاڪ کي جبل جي پاسي وٺي ويو ۽ سندن روبرو ويهي وضو ڪيائين، پوءِ کيس ڏسي حضرت سائينءَ بہ وضو ڪيو ۽ ٻنهي گڏجي نماز پڙهي، مگر امام ٿي نماز پڙهائي جبرئيل، جنهنڪري حضرت سائين جن نماز جو طريقو سکيا. نماز مُنڍ کان حضرت سائينءَ تي فرض ٿي هئي، اگرچ

www.maktabah.org

پنجن وقتن جي مقرري وغيره نبوت ملڻ کان پوءِ يارهين سال ۾ ٿي هئي. انهيءَ کان پوءِ لاڳيتو حضرت پاڪ تي خدا جو وحي (جبرئيل) ايندو رهيو.

سورت مُزمِل ۽ مُدثر

تنهن کان پوءِ سورة مُزمل نازل ٿي جنهن ۾ رات جو الله پاڪ جي يادگيري ۽ عبادت لاءِ جاڳڻ ۽ اُپي تي بيهڻ بابت حڪم ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح سورة مُدثر ۾ هيٺيان حڪم آيا.

يا ايها المدثر قم فانذر وربک فکبر وثيابک فطهر والرجز فاهجر ولا تمنن تستکثر ولربک فاصبر [اي چادر ڍڪيل (نبي) اُٿ ۽ آئي پنهنجي قوم کي ايندڙ عذاب الاهي کان ڊيجار ۽ پنهنجي رب (پالڻهار) جي وڏائي ياد ڪر ۽ پنهنجا ڪپڙا صاف ۽ پاڪ رک ۽ بچڙيءَ ۽ نہ وڻندڙ هلت (يعني مخلوق پرستي) کان پري رهہ، ۽ ڪنهن تي بہ وڏائيءَ لاءِ ٿورو نہ ڪر ۽ خاص خدا ڪارڻ تڪليفون سهہ ۽ صبر ڪر.]

حضرت سائين نبوت ۽ رسالت جي سروپا سان سرفراز ٿي، حڪم احڪام درگاه الاهيءَ مان حاصل ڪري پنهنجي حويليءَ (گهر) ۾ آيا ۽ اچي خدائي پيغام پڌاياڻون، خدائي حڪم سڻاياڻون ۽ الله پاڪ جي هيڪڙائي بابت سمجهاياڻون. سندن سچو سڏ سُڻي سندن ڪن مائٽن ۽ دوستن لبيڪ لبيڪ جا آواز بلند ڪيا. جڏهن تہ گهر وارن سڀني کي حضرت سائينءَ جي سچائيءَ ۽ امانت جي پڪ هئي، تڏهن ڪين هن ڳالهہ ۾ بہ بي ڌڙڪ سچو سمجهي، بيبي صاحبہ خديجة الڪبريٰ

www.maktabah.org

۽ حضرت علي ڏهن ورهين جي عمر ۾ ۽ حضرت ابوبڪر صديق ۽ زيد بن حارث انهن ٻه انهيءَ ڏينهن ڪلمو پاڪ – لا اِله اِلا الله محمد رسول الله – پڙهيو ۽ خدا جي هيڪڙائي ۽ رسول ڪريم جي سچائي جي ساک پري.

گهر جا ماڻهو يا مائٽ مٽ اگرچه محبت ۽ قرب ۾ ٻين ڪان وڌيڪ هوندا آهن مگر مذهبي ڳالهه بابت سيڪو ڍڪو ۽ مضبوط هوندو آهي. يار دوست بيشڪ سچا هوندا آهن مگر مذهب جي چڏڻ يا قبرائڻ ۾ شامل ڪڏهن ڪين ٿيندا آهن، جيسين انهيءَ ڳالهه کي سچ نه سمجهندا آهن. هي آزمودو به سيڪنهن کي هوندو ته متن سائنن ۽ يارن دوستن کي جيڪڏهن ڪو ماڻهو چوندو ته آءٌ اوهان سيني جو وڏو ٿيان يا آهيان يا مون کي اوهين پريو مڙس يا وڏو ماڻهو، پيشوا يا اڳواڻ سمجهو ته ڪڏهن به ڪين مڃيندس، بلڪ اڪثر مخالف ٿي پوندا آهن، مگر جيڪڏهن سچ پچ هو لائق هوندو ته ممڪن آهي جو مڃينس به ڪٿي. هاڻي انصاف سان خيال ڪري ڏسو ته حضرت سائين چوي ته آءٌ رسول الله آهيان، الله پاڪ وٽان مون ڏي پيغام اچي ٿو ۽ هن ذات پاڪ جو مون سان خاص تعلق ۽ لاڳاپو آهي؛ هو مون سان ڳالهائي ٿو ۽ مون کي هي هي حڪم ڏئي ٿو ته آءٌ اوهان کي ٻڌايان، بت پرستي (مورتي پوڄا) اجايو ڪم آهي، خدا کي هڪڙو ڪري مڃو وغيره وغيره. اهي ڳالهيون اهڙيون نه آهن جو ڪو به انسان يڪدم مڃي سگهي ۽ پنهنجي ابي ڏاڏي جي مذهب بت پرستي کي فوراً ڇڏي ڏئي ۽ دل و جان سان ڪين رسول الله ڪري مڃي، مگر اسان جي سردار نامدار محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جڏهن اِهو آواز ڪڍيو ۽ هنن کي چيائون ته آءٌ خدا جو رسول آهيان، منهنجي معرفت جيڪي خدا جا حڪم اچن ٿا

www.maktabah.org

سي قبول ڪريو ته انهيءَ ۾ اوهان جي لاءِ بهتري آهي ۽ انهيءَ سان اوهين الاهي عذاب کان ڇٽي سگهندئو، ته گهڻو ڪري جلد سندن مت مائٽ ۽ يار دوست مڃڻ لڳا ۽ تصديق ڪيائون. انهيءَ مان صفا ثابت آهي ته حضرت پاڪ سيني جا آزمايل ۽ سچا امين هئا. هنن کي پڪ هئي ته ههڙو نيڪ انسان، ههڙو ڀلو مانس ڪڏهن به ڪوڙ ڪين ڳالهائيندو، جنهن نيڪ مرد ڪڏهن ڪنهن انسان تي به ڪوڙ ڪونه هنيو آهي، سو ڪيئن پنهنجي پيدا ڪندڙ خدا تي ڪوڙ هڻندو؟ هرگز نه!

ڪيترن مڙسن اسلام قبول ڪيو

خير، تنهن کان پوءِ جلدئي ٿورن ڏينهن اندر بلال، عمر بن عنبسه، خالد بن سعد رضي الله تعاليٰ عنهم به مسلمان ٿيا ۽ ڪلمو توحيد جو لا اله الا الله محمد رسول الله۔ پڙهيائون. وري حضرت ابوبڪر جي سمجهائڻ ۽ نصيحت سان حضرت عثمان غني، زبير، عبدالرحمان بن عوف، طلحه سعد بن ابي وقاص رضي الله تعاليٰ عنهم اهي سيئي به ڪلمي پاڪ جي ذڪر ۾ شامل ٿي مسلمان ٿيا. تنهان پوءِ ابو عبيده عامر بن عبدالله بن الجراح (جنهن کي امين الامت سڏ بندا هئا) عبدالاسد بن هلال، عثمان بن مطعون، عامر بن فهيره ازدي، ابو حذيفه بن عتبه، سائب بن عثمان بن مطعون ۽ ارقم رضي الله تعاليٰ عنهم اهي سيئي به مسلمان ٿيا. اهي يا پيا به اهڙا خدا جا بندا ڪيترائي اسلام ۾ داخل ٿيا.

زالن جو مسلمان ٿيڻ

مڙسن کان سواءِ زالون به ڪيتريون ئي بت پرستي کان توبه ڪري خدا پرستي قبول ڪرڻ لڳيون، نه ته زالون

www.maktabah.org

اڪثر گمراهيءَ جي خيال ۽ پراڻن رسمن ۽ رواجن کي ڪين ڇڏيندڙ هئا، مگر هن خدائي آواز تي ڪيترين زالن به لبيڪ چيو، ڪنڌ نايو ۽ سر جهڪايو ۽ پنهنجي اڳوڻن خيالن، رسمن ۽ رواجن کان پڇتايو. تن مان بيبي خديجه رضي الله تعالىٰ عنها جو ذڪر ته مٿي پڙهيو. تنهن کان سواءِ حضرت پاڪ جي چاچي بيبي اُم الفضل، اسماءَ بنت عميس، اسماءَ بنت ابي بڪر ۽ فاطمه ڀيڻ حضرت عمر فاروق جي رضي الله تعالىٰ عنهم اهي نيڪ بيبيون به مسلمان ٿيون.

اسلام جي دعوت اول ڳجهي پوءِ ظاهر ظهور

اگرچ ڪجھ خدا جا بندا مسلمان ٿيا، مگر تنهن هوندي به اهي سڀ جبلن جي غارن ۾ لڪي لڪي نماز پڙهندا هئا، ڳجهيءَ طرح پنهنجي خالق جي عبادت ڪندا هئا ۽ حضرت سائين به ٽن سالن تائين ته ڳجهو پالهو ماڻهن کي سمجهائيندا هئا ۽ وٽن وڃي، پٿرن پوڄڻ ۽ چنڊ سج جي پوڄا کان ماڻهن کي روڪيندا هئا، پر جڏهن يا ايها المدثر ۾ به حڪم ٿين ته اٿ ۽ اٿي ماڻهن کي الاهي خوف کان ڊيڄار ۽ هي آيت به نازل ٿي.

فاصدع بما تؤمر

(جيڪي توکي حڪم ڏجي ٿو اهو صاف صاف ۽ پڌرو پڌاءِ.)

تڏهن پاڻ ظاهر ٿي اسلام جي تعليم پکيڙڻ لڳا ۽ خدا جي هيڪڙائيءَ جي تبليغ ڪرڻ ۽ بُت پرستيءَ کي ننديڻ لڳا. پاڻ جيڪي به چوندا هئا، سو اهڙو ته اثر وارو ۽ چڀندڙ هوندو هو جو ماڻهن جي دلين ۾ بي اختيار ويهي ويندو هو، ۽ اهڙو ته اثر ڪندو هو، جو ماڻهو حيران ٿي

www.maktabah.org

ٿي چوندا هئا ته محمد جي ڪلام ۾ سحر يا جادو آهي. سحر ٻحر ٻيو ڪهڙو هو، جوش دل مان اندر جو آواز هو جو حق ۽ سچ هجڻ ڪري بي اختيار اثر ڪندو هو. پاڻ ڏاڍي جوشن سان الله جي مخلوق کي سمجهائيندا هئا ۽ پاڻ فصيح ۽ بليغ به ڏاڍا هئا، مگر سندن گفتگو سدائين وڏن ۽ بزرگن وانگي سراسر نصيحت ۽ هدايت سان ڀريل هوندي هئي. جڏهن روحاني حقيقتن جو بيان ڪندا هئا ته اهڙو ڪندا هئا جو انهن حقيقتن کي ٻڌندڙن جي آڏو ڄڻ موجود ڪري بيهاريندا هئا، يعني اهڙي صفائي ۽ عمدگيءَ سان روحاني حقيقتن کي بيان فرمائيندا هئا، جو ٻڌندڙ انهن اڻ ڏٺلن ڳالهين کي ائين سمجهندا هئا ته ڄڻ اکين آڏو بيٺيون آهن. مثال لاءِ جڏهن خدا جي جلال ۽ جمال ۽ بزرگي جو بيان ڪندا هئا ته ٻڌندڙن جي دلين ۾ خدائي جلال جو نقش ڄمي ويندو هو. اهڙيءَ طرح جڏهن الله پاڪ جي قهر يا غضب جو بيان ڪندا هئا ته ٻڌندڙ حيران، پريشان ۽ ششدر رهجي ويندا هئا يا جڏهن الله پاڪ جي مهر، لطف ۽ رحمت جو ذڪر فرمائيندا هئا ته ٻڌندڙن جون دليون نهايت خوشيءَ ۽ اميد ڪان باغ بهار ٿي وينديون هيون، يا جڏهن بهشت يا بهشتي نعمتن جو ذڪر ڪندا هئا ته انسان جي آڏو گويا بهشت ۽ بهشتي نعمتن جي تصوير بيهي ويندي هئي. اهڙيءَ طرح دوزخ يا حساب ڪتاب جو ذڪر فرمائيندا هئا ته سبحان الله ٻڌندڙ آهو ڪم ڄڻ ٿيندڙ ڏسندا هئا. سندن قول ۽ ڪلام ۾ اهڙي ته حڪمت مولا سائينءَ رکائي هئي، جو عرب جا قابل قابل ۽ فصيح بليغ انسان حيران ٿي هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪندا هئا ته هڙهي جوهر جو انسان ته نه ڪو ٿيو نه ڪو ٻڌو نه ڪو ڏٺو. پاڻ جڏهن گمراهن کي سمجهائيندا هئا ۽

هدايت تي اچڻ لاءِ وعظ ۽ نصيحت ڪندا هئا تہ سندن جسم مبارڪ جو ھڙ و حال ٿيندو ھو، جو جڻ ڪنهن، وڏي غنيم ۽ مهم جي اچڻ کان ڊچي ماڻهن کي خبردار ڪري رهيا آهن تہ، اجها ٿي اها غنيم ۽ مهيم اج صبح ڪڙ ڪي.

سر وليم ميور انگريز ۽ ڊاڪٽر اي سپرنگر جي شاهدي حضرت جي صداقت بابت

ساڳيو اهڙيءَ طرح جئن هتي مون لکيو آهي تئن مشهور انگريز سر وليم ميور بہ پنهنجي ڪتاب تاريخ محمديءَ ۾ لکيو آهي ۽ ڊاڪٽر اي - سپرنگر پنهنجي ڪتاب سيرت محمدي جي صفحي ٢٩ ۾ لکيو آهي تہ، ’حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم تيز فهم ۽ تمام وڏي نظر وارا هئا. سندن عقل ۽ راءِ مضبوط ۽ طبيعت عاليشان هئي. اگرچ پاڻ شاعر جي نالي کي پسند ڪين ڪندا هئا، مگر سندن ڪلام شاعرن کان بہ وڌيڪ عمدو ۽ لذيذ هوندو هو. قرآن پاڪ جي عبارت هڪ ئي سان ملندڙ ۽ مضمون عالي درجي جو، حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي فضيلتن جا شاهد آهن، سندن خيال ۾ هميشه خدا جو تصور ۽ خيال هوندو هو. سج اڀرندو يا مينهن وسندو يا ملا ڦٽندا يا وڻ ڄمندا ڏسي الله پاڪ جي قدرت تان ٻلهار (قربان) ويندا هئا. وڄ جي گوڙ، پاڻيءَ جو آواز، پکين پکڻن جا مٺا مٺا آواز ۽ سريليون ٻوليون ٻڌي پنهنجي ڌڻيءَ جي آواز کي ياد ڪندا هئا. سنسان جهنگلن، رڻن پٽن ۽ پراڻن ويران ٿيل شهرن کي ڏسي خدائي قهر ۽ غضب جو نتيجو سمجهندا هئا.“ هيءَ آهي هڪڙي انگريز تاريخ لکندڙ جي شاهدي.

www.maktabah.org

حضرت جي نبي ٿيڻ وقت دنيا جي حالت

جن ڏينهن ۾ الله تعاليٰ حضرت سائين جي ڪلهن تي نبوت جو بار ڌريو، تن ڏينهن ۾ ساري دنيا گمراهيءَ جي اونهي کڏ ۾ پيل هئي. انسانيت يا ماڻهپو ته اصل ماڻهن مان ڇڏائي ويو هو، ماڻهو به مرن جهڙا ٿي پيا هئا. بني اسرائيلن جو حال ته اهڙو وڃي ٿيو هو جو ڪين ماڻهو عام طرح نانگ يا نانگن جا ٻچا ڪري سڏيندا هئا. حضرت مسيح جي لعنت سببان ظاهري شڪل ڪان سواءِ منجهن ڪابه ايمان جي نشاني ڪانه رهي هئي. هين ڪي ڏسي هي به بت پرستي سکي پيا هئا. يورپ وارا ته ليکي ۾ ئي ڪين هئا، آهي حيوان ۽ وحشي سڏبا هئا. انگلستان ۾ برٽن ۽ سيڪسن نالي وحشي قومون هونديون هيون. انگلستان جي سيني ضلعن ۾ ووڊن نالي بت جي پوڄا ٿيندي هئي. فرانس ۽ اهڙن ٻين ملڪن ۾ ته پادرين ڪيترا ناجائز ڪم جائز ڪري ڇڏيا هئا. فرانس جو ته سدائين انگلستان جي سيڪسن قوم سان الب نالي درياءَ تي جهيڙو لڳو پيو هوندو هو. اها لڙائي سنه ٧٨٢ع کان پوءِ به جاري هئي. انهن ڏينهن ۾ ماڻا چار هزار ويچارا سيڪسن نهايت ئي بي رحمي ۽ بي شرميءَ سان شهر وردن ۾ قتل ڪيا ويا هئا.

ايران تي مزدڪي نالي قوم جو زور هو، جن زن، زر ۽ زمين کي عام طرح وقف (خيرات) ڪري ڇڏڻ ۾ پنهنجي ڀلائي ۽ نجات سمجهي هئي. هندستان ۾ پراڻن جي پرچار جو زمانو شروع ٿيو هو ۽ بام مارگي فرقو زور هو. سندن ڌرمي اصول نهايت خراب ۽ بي شرمي جهڙا هئا. جهڙو ته سندرن ۾ زالن ۽ مڙسن جون اگهاڙيون شڪليون ناهي رکندا هئا ۽ انهن جي پوڄا ڪندا هئا. عباد تخانن (ٺڪاڻن)

www.maktabah.org

۾ اهڙيون گنديون شڪليون ۽ نه ڏسڻ جهڙا بت درن دروازن تي هٽي ڇڏيندا هئا، جن مان ڪي ڪي پراڻا بت هن وقت به عجائب خانن ۾ نموني طور رکيا آهن. جن کي ڏسي اڳئين زماني جي بي سمجهي ۽ بداخلاقي ۽ بي ديني جي حالت ڪجهه نه ڪجهه معلوم پئي ٿئي، ۽ بلڪل ٻچان پئي لڳي. چين وارن بيوقوفن ته پنهنجي ملڪ کي آسماني فرزند جي بادشاهي سمجهي خالق کان منهن موڙي ڇڏيو هو، ذري ذري ڪم لاءِ جدا جدا بت ٺاهيا هئائون. مينهن جو، اولاد جو، جنگ جو ۽ امن امان جو. وري بتن کي سزا ڏيڻ جو اختيار بادشاه کي هوندو هو. حڪيم ڪان فيوشش کي چين جو اگرچ سڌاريندڙ سمجهڻ ۾ اچي ٿو پر انهن ڏينهن ۾ ته آهو به اهان ڪونه پيدا ٿيو هو. مصر ۾ عيسائي ڌرم زور هو پر حضرت مسيح بابت روز روز نوان نوان اعتقاد گهڙبا هئا، نوان نوان فرقا پيدا ٿيندا هئا ۽ هڪ ٻئي کي ڪافر سڏيندا هئا، ۽ پنهنجي مخالف کي قتل ڪرڻ ته ڇڏيو پر باهه ۾ ساڙڻ کان به ڪين گسندا هئا. هي اٿو انهن ملڪن جو حال جي انهيءَ وقت سڌريل سڏبا هئا ۽ وڏن وڏن بادشاهن جي حڪومت هيٺ هئا؛ پر عربستان جو حال سڀ کان بڇڙو هو جنهن جو ذڪر مٿي لکي آيو آهيان. حضرت پاڪ اهڙن مرن کي ماڻهو ڪيو ۽ اهڙن ملڪن کي اخلاق ۽ انسانيت جي شمع سان اچي روشن ڪيو، جنهن جي روشنيءَ سان سيني انڌن کي پنهنجي انڌائي ۽ اونداهيءَ ۾ پيلن کي پنهنجي انڌوڪار جي خبر پئجي وئي ۽ سيڪو سمجهڻ لڳو ته برابر اسين ڏاڍي انڌوڪار ۽ اونداهه، خرابيءَ ۽ خواريءَ ۾ هئاسين. حضرت سائينءَ جو قدر تڏهن پوندو، جڏهن ٻين نبين جي اثر ۽ عمل کي به ڏسبو. مثال لاءِ حضرت عيسيٰ عليه السلام کي پيش ڪجي ٿو ته حضرت مسيح کي سندس مائٽن ۽ ياٺن ڪين سڃيو سو ڪين مڃيو، بلڪ

هڪ دفعي انهن گڏجي حضرت مسيح کي حواسن ڦريل ۽ چريٽ سمجهي گرفتار ڪرڻ جو خيال به ڪيو هو، ۽ سندس خاص حواري (مريد) به هميشه ساڻس بد اعتقاد ۽ ضعيف الايمان رهندا هئا، جنهن بابت انجيل ۾ گهڻو ذڪر آهي. ۽ خود ڪيترن پڪن پختن عيسائين به انهيءَ ڳالهه کي مڃيو آهي.

حضرت عيسيٰ جا حواري بداعتماد رهندا هئا

جهڙيءَ طرح سر وليم ميور پنهنجي ڪتاب اردو تاريخ ڪليسا ۾ لکيو آهي ته مسيح جي حوارين ۽ شاگردن سندس تعليم جي حقيقت کي بلڪل نه سمجهيو هو ۽ انهن حوارين جو سست ايمان رکيو دنيائي نعمتن ۽ فائدن جي اميد ۾ لڳل هو. مسيح جي گرفتار ٿيندي، سڀ سندس حواري وغيره کيس ڇڏي، لڪي ۽ ڀڄي ويا، ۽ پطرس نالي سندس مريد عدالت ۾ پنهنجي خداوند مسيح کان ڦري ويو، وري مسيح جي سوريءَ تي چڙهڻ کان ته سڀ بلڪل مايوس ۽ نااميد ٿي پيا.

اهڙيءَ طرح ٿامس ڪارلائل صاحب پنهنجي هڪ ليڪچر ۾ لکيو آهي ته، ”محمد صاحب جو هميشه اهو حوصلو ۽ خيال هوندو هو ته دنيا ۾ سچو ٿي گذارجي. جيڪي به کيس سڃاڻندا هئا، سي سڀ کيس چڱو سمجهندا هئا، اهوئي دليل سندس ڀل مانسائي لاءِ ڪافي آهي. اجا ڪراڙو ٿيوئي ڪين هو ته نفساني خواهش کي لتاڙي ڇڏيو هئائين ۽ جيڪو سندس دنيا ۾ حصو هو، اهو هي هو ته ساري دنيا ۾ صلح ۽ سانت هجي؛ جيڪو اهڙي رسول کي نفساني خواهش تي هلندڙ وغيره چائندو ته آءٌ توبه توبه ڪري ڪڏهن به ڪين مڃيندس.“

راڊويل صاحب، جنهن قرآن شريف جو ترجمو لکيو آهي، سو انهيءَ ترجمي جي ديباچي ۾ لکي ٿو ته "محمد صاحب جا سڀ ڪم هن نيڪ نيتي تي ٻڌل هئا ته پنهنجي ملڪ جا جاهل ۽ بي سمجهه ماڻهو جهالت، ذلت ۽ بت پرستيءَ جي دام کان آزاد ٿين، ۽ انهيءَ کان سواءِ وڏي مراد سندن هيءَ به هئي ته الله پاڪ جي هيڪڙائي ۽ توحيد (جا سندن پاڪ روح جي رڳ رڳ ۾ پريل هئي) دنيا ۾ وڌي." مٿين انگريزن جي لکڻ مان معلوم ٿيو ته حضرت جن کي ڪيتري قدر نه پنهنجي قوم بلڪ پنهنجي قوم کان سواءِ ساري دنيا جي قومن جي سڌارڻ جي گهڻي هئي ۽ ڪين اهائي خواهش ۽ سندن اهائي مراد هوندي هئي ته ٻانها سائينءَ کي سڃاڻن، مخلوق ۽ خالق جو سنڌو سيڙهو ٿئي؛ مگر نادان قوم، جاهل قوم، بي خبر قوم، جي جي تڪليفون ڪين بيگناهه پهچايون، سي جڏهن ڏسجن ۽ پڙهجن ٿيون ته حيرت ۾ پئجو وڃجي ٿو ته ڇا حضور پُر نور رسول الله صلي الله عليه وسلم جا نيڪ خيال، ۽ وري ڇا ڪمبخت قوم جا بڇڙا حال. رسول الله گهري ته سنهنجي قوم پرندڙ، ساڙيندڙ ۽ خانو خراب ڪندڙ باهه کان بچي ۽ ڪمبخت قوم انهيءَ تي ضد ۽ زور ۽ شدت شور ڪري. رسول الله صلعم گهري ته دنيا جا انسان جانورن جهڙي حياتيءَ کان ترقي ڪري ملڪوتي حياتي حاصل ڪن، مگر دنيا جا ماڻهو زور لائن ته انهيءَ خسيس ۽ ذليل حياتيءَ ۾ هجون. رسول صلعم گهري ته ڏاڍا هيڻن سان ڏاڍ ۽ ظلم نه ڪن مگر نادان انسان گهرن ته دنيا ۾ ظلم هليو اچي. رسول الله صلعم گهري ته دنيا عدل ۽ انصاف سان پرجي وڃي، مگر ظالم گهرن ته اهو شڪار هٿئون نه وڃي. رسول الله صلعم گهري ته خدا جي خلقيل پيشاني بتن ۽ مورتين جي اڳ نه گسائجي، بيوقوف بت پرست چون ته اها ته ابي ڏاڏي جي پراڻي هلي

www.maktabah.org

چلي آهي، سا کھڙي بہ کٿي بچڙي هجي، مگر ڪڏهن به نہ ڇڏيون، رسول الله صلعم گهري تہ ملڪ ۾ چوري نہ ٿئي، ڌاڙا نہ لڳن، غريبان مار نہ ٿئي، شراب پي انسان بدمست نہ ٿين، جوا نہ ڪيڏين، پراين نياڻين ڏانهن بچڙي نظر نہ ڪڻن، راڳن ۽ روپن، تالن ۽ تماشن ۾ غافل ۽ غرق، ڪاهل ۽ مست ٿي، دنيا جي سڌاري ۽ خالق ۽ مخلوق جي حقن کان بيخبر نہ ٿين، مگر نالائق انسان بيهودا انسان اهڙي سچن، اهڙي خيرخواه، اهڙي پاڪ رسول، اهڙي عاليشان سڌاريندڙ جي بزرگانہ، پدرانہ، مشفقانہ، ناصحانہ، عالمانہ، حڪيمانہ، مدبرانہ صلاحن جو قدر نہ ڪري، اِنهي پاڪ ۽ بيگناه، انهي پلي انسان ۽ خيرخواه سان سامهون ٿي، ڪيس تڪليفون، اهنج ۽ ايذاءَ رسائن ۽ کين شاعر، ساحر، جادوگر، ڪوڙو، فريبي، چريو وغيره وغيره دل ڏکوئيندڙ لفظن سان سڏين، مجوتيءَ ۽ آفرين بدران اهڙا برا لقب ڏين. افسوس هزار افسوس، حيف صد حيف. ڇا اهڙو حال ڏسي ڪو بہ انسان هوند صبر ڪري سگهي؟ ڇا اهڙيون تڪليفون ۽ مصيبتون پسي طاقت آهي جو برداشت ڪري سگهجي؟ ڇا اهڙيون مشڪلاتون ڏسي ڪوڙي ۽ فريبي ماڻهوءَ جا قدم قائم ۽ پير مضبوط رهي سگهن؟ هرگز نہ! بلڪل نہ!! مگر هن خدا جي سچي رسول ۽ الله پاڪ جي پاڪ نبيءَ تڪليفون ۽ مشڪلاتون سڀ سَٺيون، اهنج ۽ ايذاءَ سڀ سر تي سهايائ ليڪن زبان سان رکو آف بہ ڪونہ ڪيائون ۽ وقت بوقت بيخبر بندن کي معاف ڪندا آيا ۽ چوندا رهيا تہ او انسانو! او هين مون کي ڪڻن بہ کٿي ڪريو، پرزا پرزا ڪري ڇڏيو، مگر آءٌ تيسين اوهان کي نہ ڇڏيندس جيسين اوهان جون پيشانيون ۽ ڪنڌ الله پاڪ جي اڳيان جهڪندا ۽ نمندا نہ ڏسندس، جيسين اوهان ۾ انساني آثار ۽ انساني

www.maktabah.org

اخلاق ۽ اطوار نہ ڏسندس، جيسين او هان کي او هان جي افعالن کان واقف ۽ بدچالين کان خبردار نہ ڏسندس؛ مطلب تہ جيسين او هان کي پکو ۽ پختو خدا پرست مسلمان نہ ڏسندس. (الله اکبر) همت ۽ استقلال انهيءَ کي چئجي، رسالت ۽ نبوت، پيغمبري ۽ اصلاح جا حق اهي آهن.

حضرت پاڪ تي ڪافرن جا ظلم، ايذاءَ ۽ اهنج

ابولهب ۽ عقبہ ٻئي ڪمبخت ڇا ڪندا هئا، جو ڪرفتي ۽ ڇيڻا، گند ۽ ڪچرو گڏ ڪري رستي لنگهندي مٿن وجهندا هئا، يا رستي ۾ وجهي رستي کي پري ڇڏيندا هئا. پاڻ نهايت نرمي ۽ آرام سان چوندا هئا تہ او عبد مناف جا اولاد! پاڙي جا حق اهي نہ آهن جي او هين ڪم ۾ آڻيو ٿا، ائين چئي پاڻ انهيءَ گند ۽ ڪرفتي کي صفا ڪري ڇڏيندا هئا.

پاڻ حج جي موسم ۾ بي اختيار ميدان تي نڪري ماڻهن کي سڏي چوندا هئا تہ 'يا ايها الناس قولو لا اله الا الله تفلحوا — اي انسانو! چئو تہ هڪ خدا ڌاران ٻيو ڪو خدا ڪونهي تہ خدائي عذاب کان ڇٽو ۽ نجات ملي.'

ڪمبخت ۽ ظالم ابولهب پٿرن جون جهوليون ڀري سندن پويان پيو گهمندو هو ۽ جتي جتي پاڻ ائين فرمائيندا هئا تہ کين پٿر هڻندو هو، ايتري قدر جو پاڻ زخمي ٿي پوندا هئا ۽ رت ڏينهن ڏيهون ڪري پيو وهندو هو. مٿان وري هيءُ پيو چوندو هو تہ مٿان ڪو هن ڪوڙي جي ڳالهہ ٻڌي. ايتري هوندي بہ پاڻ تمام تحمل ۽ صبر سان فرمائيندا هئا تہ آهي ڪو خدا جو ٻانهو، جو مون سان همراهہ ٿئي تہ مان پنهنجي رب سائينءَ جو پيغام پهچايان؟ انهيءَ شخص کي خدا بهشت ۾ پنهنجو ديدار پسائيندو.

www.maktabah.org

هيءَ ته ابولهب جو حال ڀڏو؛ پر ابولهب جي زال ڇا ڪندي هئي، جو جهنگل مان ٻيرن جا تڪا ڪنڊا گولي ڏيرن جا ڍير پنهنجي گهر اچي گڏ ڪندي هئي، جڏهين اونداهيون راتيون ٿينديون هيون ته حضرت سائينءَ جي وڃڻ واري رستي ۾ ڪيڙي هاري ڇڏيندي هئي. حضرت سائين جو عبادت ۽ ڪعبته الله جي طواف لاءِ پوئينءَ رات جو نڪرندا هئا ۽ گهڻو ڪري انهيءَ رستي ڪان ايندا ويندا هئا ته ڪين آهي ڪنڊا پيرن ۾ تنگن ۾ چڀي ويندا هئا ۽ پاڻ ڦٽجي پوندا هئا، تڏهين پاڻ ويهي آهي ڪنڊا ۽ پنهنجن مبارڪ ۽ نازڪ پيرن مان ڪڍندا هئا ۽ هيئن به چوندا هئا ته هيءَ حق پاڙي جو نه آهي. بس انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهه نه ڪُڇندا هئا.

هڪڙي ڏينهن پاڻ درگاهه الاهي جي آڏو ڪنڌڙو نمائي سجدي ۾ پيا هئا ته ڪنهن ڪافر آڻ جي اوجهري گهلي گهلي اچي سندس پٺيءَ تي وڌي. اهڙيءَ طرح ڪيترا دفعا ائين ٿيو آهي، جو نماز پڙهڻ وقت يا ڪاڌي کائڻ وقت غلاظت ۽ ڪرفتي اچيو مٿن اڇلائيندا هئا، يا جڏهين پاڻ حويليءَ کان ٻاهر نڪرندا هئا ته ڪين چوڌاري پهڻ پٿر هڻندا هئا، يا ڪعبته الله ڏي ويندا هئا ته ڪين رستي ۾ اچي آڏو ٿيندا هئا ۽ اوڏاهين وڃڻ کان روڪيندا هئا، يا پاڻ قرآن شريف پڙهندا هئا ته ڪافر گوڙ اچي مچائيندا هئا ته سندن آواز ڪو ڪونه ٻڌي، يا لنگهندي لنگهندي مٿان ٻهر جا ڪارا ڀريل ڪٽي اڇلائيندا هئا، يا ڪين سڌ ڪري گهٽ وڌ گالهائيندا هئا.

هڪڙي ڏينهن حضرت سائين ڪعبته الله ۾ الله تعاليٰ جي عبادت ۾ مشغول هئا، پويان عقبه نالي ڪافر ڇا ڪيو! جو پنهنجي پوتيءَ کي وٽي وٽي رسي وانگي ڪري سجدي جي وقت ۾ آها چادر سندن گردن مبارڪ ۾ وجهي وڪڙ

www.maktabah.org

ڏيڻ لڳو، ايتري قدر جو ڪين سخت گهوگهو آيو مگر پاڻ ائين ئي الله پاڪ جي عشق ۽ محبت ۾ شوق ۽ لذت سان سجدي ۾ پيا هئا، ايتري ۾ پريسان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه آيو ۽ اهڙو حال ڏسي پتنگ وانگي اچي حاضر ٿيو ۽ نهايت جوش سان ڪافر کي ڌڪو ڏئي ڪيرائي هيٺن چيائين:

آتقتلون رجلا ان يقول ربي الله وقد جاءڪم بالبينات.
(ڇا اوهين بزرگ انسان کي ماريو ٿا، جو چوي ٿو ته منهنجو رب پالڻهار هڪ الله آهي، ۽ هن اوهان وٽ خدائي نشانيون ۽ ثابتيون به آنديون آهن.)

اهي لفظ جو حضرت صديق اڪبر رضه جي واتان ڪافرن ٻڌا، سو حضرت سائينءَ کي ڇڏي ڪيس ورائي ويا ۽ تمام سخت ماريائونس، مگر حضرت صديق اڪبر کي اهائي خوشي بس هئي ته حضرت رسول الله صلعم ڪافرن جي چنبي مان ڇٽا. هيءَ ته جيڪي لکيو اٿم سو بلڪل ٿورو آهي انهيءَ کان وڌيڪ ايذاء ۽ ظلم ڪافرن بيگناهه مٿن ڪيا، مگر پاڻ خدا جي حڪم موجب الله جو پيغام ظاهر ظهور ٻڌائيندا ۽ الله پاڪ جي فرمان جي آڏو آهي ڪندا به گل ۽ اها غلاظت ۽ ڪچرو به مشڪ ۽ عنبر ڪري سمجهندا هئا ۽ صابر ۽ شاڪر رهندا هئا.

اللهم صل علي نبيڪ الصابر الشاڪر الذي صبر علي المصائب لرضائڪ و شڪر علي الطافڪ و الا ئڪ و آله اصحابه و بارڪ وسلم.

(اي منهنجا مولا تون رحمتون ۽ مهربانيون، برڪتون ۽ سلام موڪل پنهنجي صابر ۽ شاڪر نبيءَ تي جنهن خاص تنهنجي رضامندي لاءِ مصيبتون سٺيون ۽ تنهنجي

www.maktabah.org

روحاني مهربانين ۽ احسانن جو شڪرگذار رهيو. ۽ سندس اولاد ۽ اصحاب تي رحمتون، برڪتون ۽ سلام موڪل.)

حضرت جن کي الله پاڪ جي طرفان دلبريون

ڪافرن جڏهن حد کان وڌيڪ مٿن ظلم ڪيا ۽ تڪليفون پهچايون، جي هوند ويچارو انسان بلڪل سهي نه سگهي، تڏهن الله تعاليٰ پنهنجي رسول جي دلبري ۽ دلجوئي لاءِ قرآن شريف جي وسيلي پين نبين جا ذڪر کين پڌايا ۽ انهن جي تڪليفن کان کين واقف ڪيو ته سڀڪنهن وقت پيغمبرن تي اهڙيون تڪليفون ۽ ايذاءَ ٿيندا آيا آهن ۽ کين ماڻهو گهٽ وڌ ڳالهائيندا آيا آهن. جهڙيءَ طرح الله تعاليٰ فرمايو آهي:

ڪذالڪ ما اتي الذين من قبلهم من رسول الا قالوا ساحر او مجنون.

(اهڙيءَ طرح انهن ڪافرن کان اڳين ڪافرن ڏي ڪو اهڙو رسول نه آيو جنهن کي انهن جادوگر يا چريو نه ڪري سڏيو هجي.)

اهڙيون پيون به سوين آيتون آهن جن ۾ سندن دلگيري دفع ڪرڻ ۽ دلبري ڏيڻ لاءِ اڳين نبين جا ذڪر تمام عمدا ۽ نصيحت جهڙا بيان ٿيل آهن.

حضرت جن کي پنهنجي سائٽن جي سمجهاڻ جو خدائي حڪم

هڪڙي ڏينهن الله پاڪ جي درگاهه مان کين هي حڪم آيو:

www.maktabah.org

و انذر عشيرتک الا قربين

[۽ ڊيڄار (اي رسول) پنهنجن ويجهڙن

مٽن ۽ عزيزن کي (الاهي عذاب کان].

جڏهن اهو حڪم پهتو، تڏهن پاڻ سونهارن خدائي فرمان جي تعميل لاءِ سڀني بني هاشمين کي کاڌي جي دعوت ڏني جنهن تي اٽڪل چاليهارو کن هاشمي آيا مگر انهيءَ ڏينهن ابولهب بک شک ڏاڍي ڪئي ۽ اجايو مٿو گهڻو هنيو، جنهنڪري حضرت سائينءَ کي خدائي حڪم پڌائڻ ۽ سمجهائڻ جو وجهه ڪونه مليو. انهيءَ ڪري وري ٻئي ڏينهن به دعوت ڪيائون، جڏهن سڀئي واندا ٿيا، تڏهن پاڻ فرمايائون ته ”اي عزيزو! آءٌ اوهان کي دنيا ۽ آخرت جي چڱائيءَ ۽ ڀلائيءَ جي ڳالهين پڌائڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ خدا جي طرفان رسول ٿي آيو آهيان. آءٌ نٿو ڀانيان ته مون کان اڳ ڪو به هن ملڪ ۾ اوهان ۾ اهڙو پيدا ٿيو، جنهن اوهان کي اهڙيون خدائي ڳالهيون پڌايون هجن. آءٌ اوهان کي پنهنجي مولا سائينءَ ۽ اوهان جي خالق ڏي سڏيان ٿو. آهي ڪو اوهان مان جو منهنجي هيءَ ڳالهه قبول ڪري؟“ اتي حضرت علي چيو ”يا رسول الله آءٌ حاضر آهيان.“ حضرت سائينءَ فرمايو ته ”اوهين هن جي ڳالهه قبول ڪندا ڪريو ۽ جيڪي اوهان کي چوي ته پڌندا ڪريو.“ تنهن تي سڀني وٺي کليو ۽ ٺٺوليون ڪندي حضرت عليءَ جي پيءُ ابوطالب تي چٿرون ڪرڻ لڳا ته هاڻي تون پنهنجي پٽ جي ڳالهه ۽ حڪم مڃيندو ڪر. مطلب ته پاڻ خدا جي تعميل ڪيائون ۽ پنهنجن مائٽن کي سمجهايائون. اگرچ سڀني وٺي لڙ ڪيو ۽ کليو، مگر پاڻ انهيءَ ٺٺوليءَ ۾ هٺيا ته پاڻ خدا جي حڪم جي تعميل ڪري سگهيا. مڃن نه مڃن ته ٻين جي وس هو.

www.maktabah.org

حضرت جن جو جبل جي چوٽيءَ تي وعظ

خير، وري به ڪين آرام نه آيو ۽ الله جي حڪم جي تعميل لاءِ جبل صفا تي چڙهي پنهنجي قبيلي وارن کي نالي به نالي سڏيائون، جڏهن سڀ اچي گڏ ٿيا، تڏهن پاڻ فرمايائون ته مهرباني ڪري اوهين مون کي ٻڌايو ته آءٌ دنيا ۾ سچي عمر سچو ٿي رهيو آهيان يا ڪوڙو؟ سڀني چيو ته تون امين ۽ صادق ٿي رهيو آهين، بيشڪ اسين مڃون ٿا ته اوهان ڪڏهن به ڪوڙ ڪونه ڳالهايو آهي. پاڻ فرمايائون ته ڀلا هينئر آءٌ جبل جي چوٽيءَ تي بيٺو آهيان ۽ اوهين هيٺ بيٺا آهيو، آءٌ هيڏي هوڏي چوڌاري ڏسي وائسي سڀهان ٿو مگر اوهين جبل جي چوڌاري ڪجهه به ڏسي نٿا سگهو، ڇو ته هيٺ بيٺا آهيو. هاڻي چئو ته جيڪڏهن آءٌ اوهان کي چوان ته اجهو هٿيار ٻوهار ڏڪيل رهزنن ۽ ڌاڙيلن جو ٽولي جو ٽولو مڪي تي ڪاهيندو اچيو ٿو، ته هوند مڃو؟ سڀني چيو ته تو جهڙي سچي ماڻهوءَ جي ڳالهه ڇو نه مڃون ۽ ضرور اسين به هوند تيار ٿيون. تڏهن پاڻ فرمايائون ته مون هي فقط اوهان کي مثال ٻڌايو مگر جيڪڏهن مون کي ايتري قدر سچو سمجهو ٿا ته:-

انى نذير لكم من بين يدي عذاب شديد

(آءٌ اوهان کي ايندڙ سخت عذاب کان ڊيڄاريان ٿو.)

موت اوهان جي مٿان بيٺو آهي ۽ اوهان کي خدا وٽ حاضر ٿيڻو آهي، هڪڙي ڏينهن ضرور حساب ڪتاب ۽ جواب ڏيڻو آهي، جيڪڏهن اوهين الله تي ايمان آڻيو ۽ کيس واحد لاشريڪ ڪري مڃيو ته اهو اوچتو ايندڙ عذاب اوهان جي مٿان ٽري ويندو، نه ته سڀ اوهين انهيءَ سخت عذاب ۾ هلاڪ ٿي ويندؤ!

www.maktabah.org

هي ڳالهه ٻڌي سڀئي ڪافر ڪين ڪوڙو ڪوڙو چوڻ لڳا. انهن مان ابولهب (جو سندن مکو چاچو هو) چيو ته چريو اجايو مٿو پيو هٽي، ائين چئي هڪڙو پهڻ به حضرت کي هڻي وڌائين ۽ چيائين ته

تبالک سائر اليوم لهذا جمعتنا

(سڄو ڏينهن شل هلاڪ هجين، ڇا رڳو انهيءَ مطلب لاءِ اسان کي سڏيئي ۽ گڏ ڪيئي؟)

ائين ڪري ۽ ائين چئي، سڀ هيڏي هوڏي ٽڙي پکڙي هليا ويا.

حضرت جو سڀني قبيلن کي وري سڏي سمجهائڻ

جڏهن انهيءَ طرح به نه سمجهيا تڏهن پاڻ هڪڙي هنڌ ويهي سڀني کي هن طرح فرمائڻ لڳا، "اي اولاد ڪعب بن لوي جا! بچايو اوهين پنهنجن ساهن کي خدائي باهه کان، ڇو ته مون کي ڪو اختيار ڪونهي جو اوهان کي بچايان جيسين نه چوندؤ 'لا إِلٰه الا الله.' اي اولاد مره بن ڪعب جا! بچايو اوهين پنهنجن ساهن کي خدائي باهه کان، ڇو ته مون کي ڪو اختيار ڪونهي جو اوهان کي بچايان جيسين نه چوندؤ، 'لا إِلٰه الا الله.' اي اولاد عبد شمس جا! بچايو اوهين پنهنجن ساهن کي خدائي باهه کان، ڇو ته مون کي ڪو اختيار ڪونهي جو اوهان کي بچايان جيسين نه چوندؤ، 'لا إِلٰه الا الله.' اي اولاد عبد مناف جا! بچايو اوهين پنهنجن ساهن کي خدائي باهه کان، ڇو ته مون کي ڪو اختيار ڪونهي جو اوهان کي بچايان جيسين نه چوندؤ، 'لا إِلٰه الا الله.' اي اولاد هاشم جا! بچايو اوهين پنهنجن ساهن کي خدائي باهه کان، ڇو ته مون کي ڪو اختيار ڪونهي جو اوهان کي بچايان جيسين نه چوندؤ 'لا إِلٰه الا الله.' اي اولاد عبدالمطلب

www.maktabah.org

جا بچايو او هين پنهنجن ساهن کي خدائي باهہ کان، چو تہ مون کي کو اختيار کونهي جو او هان کي بچايان جيسين نہ چوندؤ 'لا إِلٰه الا الله.' اي منهنجي ڌيءَ فاطمہ! بچاءِ تون پنهنجي ساهہ کي باهہ کان، تون مون کان منهنجو مال ملڪيت جيڪي آهي سو گهرين تہ ڏئي سگهندس مگر مون کي کو اختيار کونهي جو توکي بچايان جيسين نہ چوندي رهندينءَ 'لا إِلٰه الا الله.'

مطلب تہ حضرت سائينءَ چڱيءَ طرح وري وري پنهنجن عزيزن کي سمجهايو ۽ خدائي حڪم پورو ڪيو ۽ رسالت جو حق ادا ڪيو، ويندي پنهنجي نياڻيءَ خاتون جنت کي بہ پين سان گڏ سمجهايائون تہ آخرتہ تنهنجو بہ ذميوار نہ آهيان. اگرچ بيبي صاحبہ اڳئي اسلام قبول ڪيو هو.

پاڻ اهڙيءَ طرح پنهنجن عزيزن توڙي بيگانن سڀني کي سمجهائيندا رهيا. ۽ جيئن جيئن کين تڪليفون رسيون ٿي، تيئن تيئن پنهنجي قوم کي جوش ۽ محبت سان سمجهايائون ٿي ۽ جي نہ ٿي سمجهيا ۽ کين ستايائون ٿي تہ پاڻ الله جي درگاهہ ۾ گهڻي نياز ۽ ادب سان عرض ڪندا هئا:

اللهم اهد قومي فانهم لا يعلمون

(اي منهنجا مولا تون منهنجي قوم کي هدايت ڏي چو تہ اهي مون کي نٿا سڃاڻن)

هڪڙي ڏينهن پاڻ سوفهارا ڪعبۃ الله کان اچي لنگهيا ڇا ڏسن تہ ڪيترائي ڪافر آهن جو بتن کي سجدا پيا ڏين ۽ متا پيا گهن. حضرت سائينءَ رڙ ڪري چيو تہ اي قريشو! قسم خدا جو او هان پنهنجي پيءُ ابراهيم جي دين کي بلڪل ڇڏي ڏنو آهي بلڪ ان جي مخالف آهيو. چوڻ لڳا تہ اسين هنن بتن کي خدا جي يادگيري ۽ محبت لاءِ پوڄيون ٿا ۽ هنن کي وسيلو سمجهون ٿا. حضرت سائينءَ

www.maktabah.org

کين گهٽوئي سمجهايو مگر ڪفر جي سياهي اهڙي ته دلين تي چڙهيل هئي، جو سمجهڻ ته پنهنجي ماڳ رهندو آئلو وڙهڻ لڳا ۽ وري ابوطالب وٽ آيا.

مڪي جا ڪافر ابوطالب وٽ دانهن کڻي ويا

ابوطالب کي اچي چيائون ته اي ابوطالب تنهنجو ڀائٽيو اسان جن الاهن (ٻتن) کي گهٽ وڌ چوي ٿو ۽ اسان جي ابي ڏاڏي جي رسمن تي ٽوڪون ڪري ٿو ۽ اسان کي بي عقل ۽ بي سمجهه سمجهي ٿو ۽ اسان جي وڏن کي گمراه ڪوٺي ٿو، سو تون جهلينس نه ته اسين کيس ڏسنداسين. ابوطالب کين نرمي ۽ آهستگيءَ سان سمجهايو، جنهن تي هليا ويا. مگر حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم پنهنجي جان کي تريءَ تي رکي نهايت جرات سان الله جي مخلوق کي الله ڏي سڏيندا رهيا ۽ منادي ڪندا رهيا ۽ چوندا رهيا ته 'اي الله جا پيدا ڪيل انسانو! لا اله الا الله يعني هڪ خدا ڌاران ٻيو ڪو خدا ڪونهي' انهيءَ وقت ڪافرن جو غلبو هو ۽ هنن جو اهڙو ته زور هو جو ڪنهن کي به طاقت نه هئي جو انهن جي برخلاف ڪجهه به ڪڇي سگهي. ڪو ڪونه هوند اها هام ٻري ته اهڙن بيدينن کي سڌاري ۽ پنهنجو سکيو جيءُ جنجال ۾ وجهي. جيڪڏهن حضرت سائين جن به اهو خيال ڪن ها ته ڪڏهن به اهڙيون نه سهڻ جهڙيون تڪليفون کين ڏسن ها، مگر الله پاڪ جي حڪم جي آڏو ڪير آهي، جو ڪنڌ نه نائيندو ۽ سر نه جهڪائيندو؟ جڏهن حضرت سائينءَ ڏي سندن عزيزن کي سمجهائڻ ۽ خدائي عذاب کان ڊيجارڻ جو حڪم آيو هو، جنهن جو ذڪر مٿي گذري آيو ته کين اها ڳالهه ڏاڍي ڳري لڳي، انهيءَ ڪري ٻاڻ ڪجهه وقت تعميل ڪرڻ کان ترسي پيا، مگر وري الاهي حڪم آيو جنهن

www.maktabah.org

۾ ڪين ڏوراپو بلڪ تنبيهہ هئي. لاچار ڏاڍي جوش سان سمجهائڻ لڳا، جي نٿي سمجهيا تہ وري وري بہ سمجهايائون ٿي تہ خدائي حڪم جي پوري پوري بجا آوري ٿئي. پاڻ خود الله جي بي پرواهہ ۽ لا اُبالي سرڪار کان ڏڍندا هئا ۽ جيڪي بہ خدائي حڪم انسانن لاءِ ايندا هئا اول پاڻ ڪي انهن جي پوري ڪرڻ لاءِ بدل چاهيندا هئا ۽ هميشه خدا جو خوف سندن دل تي هوندو هو ۽ جڏهن جڏهن خدائي حڪم پهچائڻ لاءِ حضرت جبرئيل وٽن ايندو هو تہ پاڻ ڏڍي ويندا هئا تہ الله شل خير جو ڪوحڪم نازل فرمائي ۽ پنهنجي رحم ۽ رحمت جو حڪم موڪلي. شل غضب ۽ قهر کان بچائي ۽ گهٽو ڪري جڏهن خدائي پيغام مٿن ايندو هو تہ جيڪڏهن اُٺ تي سوار هوندا هئا تہ اُٺي جهڪي ويندو هو ۽ جيڪڏهن پيادا هوندا هئا تہ پاڻ بگهرجي ويندا هئا ۽ لڱ ڪاندارجي ويندا هئن ۽ هراسجي ويندا هئا، خاص خدا جي خوف کان. جڏهن تہ پاڻ رحمت اللعالمين (ساري دنيا لاءِ رحمت) ٿي دنيا ۾ آيا هئا، انهيءَ ڪري سدائين موافق توڙي مخالف، دوست توڙي دشمن لاءِ خدا کان خير ۽ رحمت، هدايت ۽ سعادت جي دعا گهرندا هئا، ڪڏهن بہ ڪنهن کي نہ پِٽيائون نہ گهٽ وڌ ڳالهايائون. فقط اهو شوق هوندو هون تہ ماڻهو سڌرن ۽ صراط المستقيم (سڌي رستي) تي اچن ۽ خدائي رنگ ۾ رنگجن، مگر سندن عزيز توڙي ذاريان ڪن ڪان سواءِ جن جلد ئي ايمان آندو هو، باقي سڀئي سندن آزار ۽ تڪليف پهچائڻ جي پويان هئا ۽ سڀني جو انهيءَ تي زور هو تہ پاڻ انهيءَ ڳالهہ کي ڪٿي ڇڏين. مگر ڇڏين ڪئن؟ الله پاڪ جو مٿان سخت حڪم ۽ تاڪيد هو، پوءِ رسول الله صلعم جو وس ڪهڙو؟ جو خدائي حڪم هوندي بہ ماٺ ڪري وهن.

www.maktabah.org

ابوطالب وٽ حضرت کي روڪڻ لاءِ وري ٻئي دفعي ڪافرن جو اچڻ

هڪڙي ڏينهن ڪافر گڏجي ٻئي دفعي ابوطالب وٽ آيا ۽ اچي چيائونس ته ابوطالب! ڏس تون اسان ۾ پريو مڙس به آهين، عزت وارو به آهين. توکي اسان اڳي به چيو هو ته تون پنهنجي ڀائٽيي کي جهل ته ڪيس نه جهليئي، مگر هاڻي اسين قسم سان ٿا چئون ته اسين ماٺ ڪري ڪين وهنداسين ۽ اهڙي ته جنگ ڪنداسين جو يا اوهين ڇٽ يا اسين ڇٽ. ائين چئي هليا ويا. ابوطالب کي انهن ميڻي جي ناراض ٿيڻ جو ڏاڍو خيال ٿيو ۽ پنهنجي ساري قوم ناراض ڪرڻ ۽ انهن جي دشمني پرائڻ مناسب نه سمجهيائين. تڏهن حضرت سائينءَ کي سڏي چيائين ته ابا! ساري قوم مون وٽ آئي هئي ۽ هٿ هڻ چئي ويا آهن. هاڻي ڀلائي ڪري مون کي توڙي پاڻ کي تڪليف ۾ نه وجهه ۽ اهو خيال لاهي ڇڏ. حضرت سائينءَ اتي سمجهو ته چاچو پويان پير ڪري ٿو ۽ منهنجي مدد ۽ همراهيءَ کان ڪڪ ٿيو آهي، تڏهن پنهنجي الله سائينءَ کي سنڀالي چيائون ته چاچا! قسم آهي مون کي منهنجي مولا جو جيڪڏهين منهنجي ساڄي هٿ ۾ سج ۽ کٻي هٿ ۾ چنڊ ڪٽي اچي رکن هن لاءِ ته آءٌ اهو خيال ڇڏي ڏيان ته ڪڏهن به هوند ڪين ڇڏيان جيسين اهو ڪم الله تعاليٰ پورو ڪري يا آءٌ انهيءَ خيال ۾ پورو ٿي وڃان. ائين چئي سندين اکين ۾ ڳوڙها ڀري آيا ۽ لڙڪ وهي هليا ۽ پاڻ رُئڻ لڳا ۽ اٿي هلڻ لڳا. اتي ابوطالب جي دل اچي ڀري ۽ پنهنجي سچي ۽ ٻي ڏوهي، ساڃهي ۽ سڌاريندڙ ڀائٽي کي ڇڏڻ پنهنجي قوم جي ڇڏڻ کان به وڌيڪ ڳرو لڳس. بي اختيار سڏ ي

چيائين، اچ اچ بابا! هاڻي جيئن وڻيئي تيئن وجي ڪر. جيسين منهنجي سريءَ ۾ ساهه هوندو تيسين آءٌ توسان آهيان.

مطلب ته گهڻوئي ڪافرن پاڻ پتوڙيو ۽ ڪوششون ڪيون مگر الله تعاليٰ سندن سڀ منصوبا ڊاٺا ۽ رسول الله صلعم کي انهن جي ڏکين، ظلمن ۽ منصوبن کان بچائيندو آيو.

حضرت رسول الله صلعم جي اصحابن تي ڪافرن جا ظلم

حضرت سائينءَ کان سواءِ وري جن جن نيڪ ۽ پاڪ دل انسانن مٿن ايمان آندو هو ۽ کين مڃيو هو ۽ الله پاڪ جي هيڪڙائي ۽ رسول الله صلعم جي رسالت تي يقين ڪيو هو، تن بيگناهن کي به ڪافرن ستائڻ ۽ تڪليفن ڏيڻ ۾ حد ڪري ڇڏي ۽ کين گهڻايو، جن جو احوال ڏسي پڙهي بت جا وارئي ڪانڊارجو وڃن ۽ اکين آڏو اونداهه اچيو وڃي، وري عجب وٺيو وڃي ته حضرت رسول الله صلعم جي پاڪ ۽ سچي تعليم جو اهڙو ته پڪو ۽ مضبوط اثر هو، جنهن مؤمنن جي دلين کي اهڙو ته همت وارو ۽ مضبوط بنائي ڇڏيو هو، جو ظالمن ۽ مصيبتن جا پهاڙ سندن سچن سينن تي ڪڙڪائي اچي وجهندا هئا ته هڪ خس برابر به کين سمجهندا هئا ۽ نهايت دليريءَ ۽ جوانمرديءَ سان سڀ سهي ويندا هئا، مگر پنهنجي الله ۽ رسول کان ڪڏهن به کين ڦرندا هئا. ڪافر ماري ماري ظلم ڪري ڪري ساڻا ٿي پوندا هئا، مگر پنهنجي ڪوشش جو ڪو نتيجو ڪونه ڏسندا هئا، پوءِ حيران ٿي هڪ ٻئي کي چوندا هئا ته هي ڪهڙو اسرار آهي؟

مثال لاءِ حضرت بلال حبشي رضي الله عنه (خدا ان کان راضي هجي شال) اميه بن خلف جو غلام هو. جڏهن اميه ٻڌو ته بلال مسلمان ٿيو آهي، تڏهين ويچاري تي

www.maktabah.org

قسمين قسمين مصيبتن جو ميڻهن وسائڻ لڳو. گردن ۾ رسو وجهي ڇوڪرن کي ڏيندو هو، جي کيس مڪي جي گهٽين ۾ رُلائيندا ۽ گهليندا وتندا هئا، جنهنڪري ڪنڌ ئي ڦٽجي پيو هوس. جڏهن اهو ظلم بس ٿيندو هو، تڏهن وري مڪي جي واديءَ ۾ ڪوسيءَ ۽ تتل واريءَ تي ليٽائي گرم تتل پٿر سندس ڇاتيءَ تي رکائيندو هو. انهيءَ کان سواءِ وري پويان ٻانهون ٻڌي ڇهبڪن سان ماريندو، اُس ۾ وهاريندو ۽ بک ڏيندو هوس. مگر حضرت بلال اهڙي حال هوندي به احد احد جا نعرا پئي هنيا. جڏهن ايترن ظلمن هوندي به حضرت بلال کين مُڙيو، تڏهن اميه کيس وڪڻو ڪيو، جنهن تي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه خريد ڪري آزاد ڪري ڇڏيس.

اهڙيءَ طرح عمار ۽ سندس والد ياسر ۽ سندس والده سميه سڀ مسلمان ٿيا هئا. ظالم ابوجهل انهن ويچارن بيگناهن کي به قسمين قسمين عذاب ۽ ايذاءَ ڏنا، تڪليفون رسايون ته من اسلام کان ڦرن ۽ الله جي رسول کي گهٽ وڌ چون ۽ بيجا ٻتن جي تعريف ڪن، مگر هنن ايماندارن هڪ اکر به اجايو واتان نه ڪڍيو ۽ بلڪل مضبوط رهيا. هڪڙي ڏينهن ويچارن کي ابوجهل پئي مارايو ته حضرت سائين جن اچي لنگهيا ۽ ستن ظلم ۽ ايذاءَ ٿيندڙ ڏسي ڏاڍو ڏک ٿين. پاڻ درد ڀري آواز سان فرمايائون:-

اصبروايا آل ياسر فان موعد کم الجنة

(او ياسر جا فرزندؤ! صبر ڪجو الله پاڪ اوهان کي بهشت ۾ پنهنجو ديدار پسائيندو.)

ڪمبخت ابوجهل ته بيبي سميه سان سخت بي حرمتي ۽ بي عزتي ڪري کيس بيگناه ماري ڇڏيو جنهن جو بيان لکڻ ويچارو قلم قبول ئي نٿو ڪري.

www.maktabah.org

ابو فکيه افلح کي ٽنگن ۾ رسيءَ ٻڌي پٿريلي زمين تي گهليئون ۽ گهوگها ڏئي اڌ مئو ڪيئون ٿي ۽ هڪ ڳرو پهڻ ڇاتيءَ تي رکيئونس ٿي، جنهنڪري ويچاري جي زبان ٻاهر نڪري ايندي هئي، مگر زبان مان اسلام جي برخلاف هڪ اکر به ڪونه ڪڍيائين.

اهڙيءَ طرح خباب بن ارث سان جيڪي هلتون ڪيائون سي اهڙيون هيون، جو هوند انسان انسان سان ته ڪڏهن ڪين ڪري. ويچاري ايماندار خدا پرست کي وارن کان وٺي وار وڪوڙي وڪوڙي ڪنڊ ئي مروڙي ڇڏيندا هئا ۽ پهڻ ڪوسا باهه جهڙا ڪري انهن سان سارو بت ڏنيندا هوس، مگر هي سچو عاشق رسول الله صلعم جو حضور جن جي عشق ۾ اوين ئي الست رهندو هو ۽ انهن تڪليفن جو ذرو به خيال ڪونه ڪندو هو ۽ هر حال ۾ رسول الله جي صحبت ۽ زيارت کان پري رهڻ سهي ڪين سگهندو هو.

صهيب بن سنان سان به ڏاڍا آگرا ٿي هليا، مگر ويچاري سچي ايمان واري صهيب انهن ڪمبختن جون سڀ آگرايون سٺيون ۽ سڀ سختيون سر تي سهايون، مگر اسلام تي جان فدا رهيو. ويچارو جڏهن مڪي مان لڏي وطن ڇڏي مديني ويو ٿي ته قريشن قيد ڪري وڌس. ويچاري ڇا ڪيو جو جيڪي به تير توشو، ڏوڪڙ پيسو هوس، سو سڀ ظالمن کي ڏئي جند ڇڏائي مديني هليو ويو مگر رسول الله جي جدائي سهي نه سگهيو.

عامر بن فهيره سان به ڏاڍا ڏکيا ڏينهن لاتئون، مگر هو خدا جو خالص بندو پنهنجي سچي محبت کان ڪين مڙيو. جڏهن حضرت رسول الله عليه الصلوات والسلام جن ڪافرن جي بيجا ۽ غير واجبي سختين ۽ ظلمن جي ڪري مديني شريف لڏي ويا، تڏهن هي ويچارو مرد خدا ساري سفر ۾ سندن همرڪاب ٿي خدمت ڪندو ويو، ۽ بدر ۽ احد جي

www.maktabah.org

خوفناڪ لڙاين ۾ جن ۾ ڪافر ڏاڍي ڪرفر سان هزارن جا هزار ايندا هئا، هي ويچارو سچار ٻه دل جان سان جهاد في سبيل الله ۾ مشغول ۽ حاضر هو.

بير معونة واري جنگ ۾ جڏهن هن جوان عين جوانيءَ ۾ شربت شهادت جو پيتو، تڏهن ساهه ڏيڻ وقت هي محبت ۽ ايمان ڀريا اکر هر هر وات تي هوس:

فزت ورب الڪعبة

(قسم آهي ڪعبي جي رب جو ته مون جون مرادون مليم ۽ مطلب کي رسيس.)

انهن سچن صحابن کان سواءِ ٻيا به گھڻائي اهڙا آهن، جن سختين هوندي سچائي نه ڇڏي ۽ ايمان جي پڪائي ڏيکاري ثابت قدم رهيا. الله تعاليٰ جون شال رحمتون ۽ مهربانيون مٿن هجن. آمين.

ايمانذار زالن سان ظلم

مٿي جيڪي لکيم سو ايماندار مردن جو بيان هو، مگر ويچارين ضعيف الخلقت زالـن سان جي جي ظلم ظالمن ڪيا، سي ته ٻڌي ۽ پڙهي اکين آڏو اونداه وليو ٿي وڃي. زالن ويچارين گناهه ڪيو سو ڪيو ڪهڙو؟ الله پاڪ کي هڪڙو ڪري مڃڻ لڳيون ۽ بت پرستي ڦٽي ڪري حضور پاڪ محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم کي الله جو پيارو نبي ۽ رسول ڪري مڃڻ لڳيون جو کين دين ۽ دنيا جي نيڪين ۽ آپڪار جي ڪمن کان خبردار ۽ واقف ڪندو هو. بس انهيءَ کان سواءِ ٻي ڪهڙي ترار ويچارين زالن هنئين هئي جنهنڪري ظالمن بي رحمن ايڏا ظلم ۽ ايتري بي رحمي ڪئي. مگر واه واه انهن غريب زالن جي مردائي همت جن ظالمن جا ظلم سٺا مگر اسلام کان ڦرڻ قبول نه ڪيو.

www.maktabah.org

انهن مان حضرت عمار بن ياسر جي والده جو ذڪر مٿي گذري آيو آهي. بعينه، زنيره، نهديه ۽ ام عبيس اهي ويچاريون اسلام قبول ڪرڻ ڪري ڏاڍين مصيبتن ۾ اچي اڙيون جن جو ذڪر ڪرڻ دل نه ٿي گهري جو ٻڌن ۽ سهڻ کان ٻاهر آهي. قريش اهڙا ظلم نه رڳو ٻين سان ڪندا هئا پر پنهنجن پٽن ۽ ميٽن سان به اهڙي ئي هلت هلندا هئا. جهڙو حضرت عثمان عفان رضه جڏهن اسلام قبول ڪيو، تڏهن سندس چاچو ڪيس کجور جي ڦرهن ۾ ويڙهي هيٺان ٻاهر جو دونهون ڏيندو هو. مصعب بن عمير کي سندس ماءُ گهر مان تڙي ڪڍي ڇڏيو مگر هن ويچاري عزيزن کان وڏو عزيز ۽ قريبن کان وڏو قريب الله ۽ الله جي رسول کي ڄاتو.

ڪن ڪن صحابن کي ظالم چا ڪندا هئا جو اُٺ يا ڍڳي جي چمڙي ۾ ويڙهي سيڙهي بند ڪري ڦٿو ڪندا هئا، ۽ ڪن کي لوه جا پٽ، ٻت تسي چاڙهي ٻاهر جهرڻ ڪوسن پٿڻ تي آڇلائي ڇڏيندا هئا.

مطلب ته اهڙيون نالائقيءَ جهڙيون سزائون جي ڪافر ويچارن بيگناهه مومنن کي ڏيندا هئا، سي فقط اسلام جي برڪت سان ويچارا اصحابي سونهارا سهي ٿي ويا، نه ته ضعيف انسان جي سهڻ جي جاءِ بلڪل ڪانهي. جڏهن انسان پنهنجي حقيقي مالڪ ۽ خالق کان غافل ۽ سندس قهر ۽ غضب کان بيخوفا ۽ نڊر ٿيندا آهن تڏهن سمجهائيندڙ ۽ سڌاريندڙ جي نصيحت ۽ سمجهاڻيءَ کي ڏاڍو ڪڙو سمجهندا آهن ۽ حق چوڻ تسي ڏاڍي مٺيان اڳنڌي اٿن. ياٺيندا آهن ته حق چوندڙ کي ڪچو ڪائي ڇڏين، انهيءَ ڪري حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم کي نامرادن ڏاڍيون تڪليفون ڏنيون ۽ اهنج ايذاءَ ڪيا.

www.maktabah.org

ڪافرن جون عادتون ۽ خيال

سو ڇو؟ سو هن ڪري ته ڪافرن ۾ بُريون عادتون ۽ ڪفر تمام گھڻو هو. هو خدائي پيغام کي ڪين مڃيندا هئا ۽ قيامت ۽ جزا سزا جا منڪر هئا- خانداني وڏائي ۽ ماڻهپائيءَ تي گھڻو هٺ هئن، هنن ۾ اسلامي برادري وارو رنگ بلڪل ڪونه هو. هڪ ٻئي کي حقارت ۽ ذلت جي نظر سان نهاريندا هئا. گھڻو ڪري عرب جا سڀ قبيلا حضرت سائينءَ جي قبيلي بني هاشمين سان سخت مخالف هئا، انهيءَ ڪري بني هاشمين مان هڪڙي شخص يعني حضرت سائينءَ جي هدايت تي هلڻ عار ۽ عيب سمجھندا هئا. بت پرستيءَ جي خيال تي بلڪل مست هئا ۽ مورتي پوڄا کي ڏاڍو چڱو مذهب سمجھندا هئا. زنا، جوا، بي حد عورتون پرڻجڻ، رهزني، خون ريزي، انجام پيڄڻ، ڪنهن به قاعدي قانون جي حد اندر رهڻ کان بيزار پيڄڻ، اهي انهن جون بُريون عادتون هيون پر نه رڳيون بُريون عادتون هيون بلڪ اهي عادتون جزا ۽ عضوا تي ويا هئن، جن جو بند ڪرڻ تنگ ٻانهن جي ڪپڄڻ جي برابر سمجھندا هئا- مگر حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم ڪافرن جي ڪثائي ۽ ڪٺورائيءَ جو ڪو خيال نه ڪري الله تي توڪل رکي انهن کي انهيءَ گمراهي کان ڪڍي راهه تي آڻڻ ۽ سڌارڻ لاءِ سخت کان سخت ڪوشش ڪئي ۽ هر هڪ ڪوشش ۾ الله تعاليٰ جي حڪم موجب هلت ڪيائون ۽ هر ڪنهن مجلس، هر ڪنهن ميلي، هر ڪنهن گلي، هر ڪنهن ڪوچي ۾ ماڻهن کي سمجھائيندا رهيا ۽ توحيد ۽ خدا جي هيڪڙائيءَ بابت وعظ (ليڪچر) ڪندا رهيا.

www.maktabah.org

حضرت جون ضروري ۽ خاص سمجهاڻيون

سندين ضروري سمجهاڻيون خاص طرح هي هيون: الله پاڪ سان ڪنهن کي مٽ ۽ هڪ جهڙو نه ڄاڻو! ٻتن، وٽن ۽ پٿرن جي پوڄا بلڪل نه ڪريو! ننڍڙين معصوم نياڻين کي جيئرو ڪڏهن به نه ڇڏيو (عربن ۾ دستور هو ته ڪنهن کي به نياڻي ڄمندي هئي ته پاڻ جهڙو ڪنهن کي به نه سمجهي، مگر ڏيڻ جي ساڙ کان معصوم ٻچڙين کي جيئرو ئي جيئرو کڏن ۾ پوري ايندا هئا). پراين زالن ڏي ٻچڙي نظر نه ڪٽو، زنا نه ڪريو! جوا نه ڪريو! شراب نه پيو! جسم کي پليدي ۽ ناپاڪائيءَ کان، ڪپڙن کي گندگيءَ کان، زبان کي ڪني ٻول ۽ بدسخن کان، دل کي ڪوڙي ۽ ٻچڙي اعتقاد ۽ ميتا کان پاڪ ۽ صاف رکو! انجام ڪريو ته ضرور پاڙيو! وعدي خلافي نه ڪريو! ڏيتيءَ ليتيءَ ۾ ڪنهن سان به دغا ۽ کُٽ نه ڪريو! الله پاڪ کي نقصان ۽ عيب کان پاڪ سمجهو! زمين ۽ آسمان، سج ۽ چنڊ، ننڍيون ۽ وڏيون شيون سڀ الله پاڪ جون خلقيلون ڄاڻو! دنيا ۾ جيڪي به آهن سڀ الله پاڪ جا محتاج سمجهو! دعا قبول ڪرڻ، بيمارن کي صحت ۽ شفا بخشڻ، من جون مرادون پوريون ڪرڻ، سڀ الله جي وس ۾ آهي ۽ انهيءَ ئي کان گهرو! الله پاڪ جي مرضيءَ جي برخلاف ڪو ڪجهه نٿو ڪري سگهي. ملائڪ توڙي نبي ڪو به هجي الله پاڪ جي مرضيءَ جي برخلاف ڪنهن جي به هلي نه سگهندي.

ڪافرن کي جڏهن پاڻ سمجهائيندا هئا، تڏهن نامراد شدت ڪندا هئا ۽ حضرت سائينءَ کي قسمين قسمين تڪليفون رسائيندا هئا. آخر جڏهن ايذاءَ ۽ اهنج ڪري ڪري ٿڪا، تڏهن وري صلاح ڪري حضرت سائينءَ کي لالچائڻ لڳا

www.maktabah.org

تہ من انھيءَ طرح باز اچن ۽ اسان جي بتن جي مخالفت نہ ڪن ۽ اسان ڪي بت پرستيءَ جي حال ۾ ڇڏي ڏين. سو هڪڙي ڏينهن عتبہ نالي سردار حضرت سائينءَ وٽ آيو ۽ اچي چيائين تہ ”او منهنجا ڀائٽيا محمد! تون ٻڌاءِ تہ سهي تہ تنهنجو مطلب ڇا آهي؟ جيڪڏهن مال ۽ دولت گهرجئي تہ ايترو ڏيونئي جو ڍاپي پوين ۽ وڏو شاهوڪار ٿي پوين. ۽ جيڪڏهن عزت آبرو گهرجئي ۽ وڏ ماڻهپائيءَ جو بکيو هجين تہ اڄ تہ سيئي گڏجي پنهنجو پريو مڙس ۽ رئيس بڻايونئي. ۽ جيڪڏهن حڪومت ۽ بادشاهي جو سوداءُ هجيئي تہ ڪوشش ڪري ساري عرب جو بادشاه ڪريونئي. مطلب تہ جئن چئين تئن ڪريون مگر تون انهن ڳالهين کي ڇڏ، اسان جي بتن جي ٻچر ڦٽي ڪرڻ پر جيڪڏهن تنهنجي دماغ ۾ ڪو خلل هجي تہ آها ڳالهہ ڪر تہ ڪو ويڄ طبيب آڻيون ۽ دوا درمل ڪريونئي.“ حضرت سائينءَ عتبہ جو سارو قصو ٻڌي جواب ۾ فرمايو تہ مون کي نہ مال جي خواهش آهي نہ عزت جي سڌ. نہ آبرو جي آس اٿم نہ حڪومت جي هوس نہ ڪو منهنجي دماغ ۾ ڪو خلل ئي آهي. آءٌ مسڪيني حال پسند ٿو ڪريان ۽ مسڪين ٿي رهيو آهيان ۽ مسڪين ٿي رهندس انشاءَ الله تعاليٰ. مگر منهنجي حال جو شاهد الله جو ڪلام، قرآن پاڪ آهي. جئن تہ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

حم (حاميم) تنزيل من الرحمن الرحيم- ڪتاب فصلت آياته قرانا عربيا لقوم يعلمون بشير و نذيرا فاعرض اڪثرهم لا يسمعون و قالو قلوبنا في اذننا وقراو من بيننا و بينڪم حجاب فاعمل اننا عاملون- قل انما انا بشر مثلڪم يوحيٰ الي انما الهڪم اله واحد فاستقيموا اليه و استغفروه و ويل للمشرڪين الذين لايوتون الزڪوات و هم بالاخرت هم ڪافرون، ان الذين آمنوا و عملو الصالحات لهم اجر غير ممنون.

www.maktabah.org

(هيءَ حڪم خدا جي درگاهہ مان آهي جو خدا تمام ٻاجهارو ۽ رحم وارو آهي- هي صاف بيان وارو ڪتاب آهي ۽ هي ڪتاب عربي زبان ۾ سمجهڻ ماڻهن لاءِ آيل آهي ايمانداران کي بشارت ڏيندڙ ۽ منڪرن کي خدائي خوف کان ڊيڄاريندڙ آهي. اهڙي خدائي پاڪ ڪتاب کان ڪيترائي منڪر ٿيا آهن جي ٻڌن ئي نہ ٿا ۽ چون ٿا تہ جنهن ڳالهہ ڏي سڏين ٿو اها ڳالهہ اسان جي دلين ۾ ويهي ئي نہ ٿي ۽ اسان جا ڪن ٻڌن ئي نہ ٿا. اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ پردو پيل آهي. اوهين پنهنجا گهاڙ گهڙيو اسين پنهنجا گهاڙ گهڙيون ٿا- اي نبي (عليہ صلوات والسلام) انهن کي چئو تہ آءٌ اوهان ئي جهڙو انسان آهيان مگر مون تي خدا جو پيغام اچي ٿو تہ الله هڪ آهي. انهيءَ ئي ڏي منهن ڪرڻ ۽ انهيءَ ئي کان گناهن جي معافي گهرڻ لازم آهي. انهن تي افسوس آهي جي شرڪ ۽ ڪفر ڪن ٿا ۽ خيرات نہ ٿا ڏين ۽ قيامت جو انڪار ڪن ٿا پر جن خدا تي ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا انهن لاءِ آخرت ۾ اڻ کٽ اجر ۽ ثواب آهي.)

عتبہ جو خدائي ڪلام ٻڌو سو محو ٿي ويو ۽ مٿي کي هٿ ڏيئي ويهي ٻڌڻ لڳو ۽ مات ڪري هليو ويو. قريش جو انتظار ۾ ويٺا هئا، تن پريائين رڙ ڪري پڇيس تہ خبر ڏي ڇا حال آهي؟ عتبہ چيو تہ ڪهڙيون ٿا ڳالهيون پڇو؟ منهنجا تہ عناصر ئي ڦري ويا آهن. آءٌ اهڙو ڪلام ٻڌي آيو آهيان جو والله نہ جادو آهي نہ مَنڊُ، نہ شعر آهي نہ سحر؛ اهو هڪ عجيب ڪلام آهي جنهن مان سچائيءَ جو آواز پيو نڪري، منهنجو چيو مڃو تہ محمد (عليہ الصلوات والسلام) کي ڇڏي ڏيو جئن وڻيس تئن پيو ڪري. عتبہ جي اها ڳالهہ

www.maktabah.org

قريشن جا ڀڏي سي چوڻ لڳا ته اجهو عتبہ جهڙي داناءَ مڙس تي بہ محمد (صلعم) جو جادو هلي ويو.

هڪڙي ڏينهن حضرت سائين جبل صفا تي ويٺل هئا، ابوجهل آتي آيو ۽ اچي حضرت پاڪ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. جڏهين حضرت سائينءَ ابوجهل جو گهٽ وڌ ڳالهائڻ ڏاڍي ڪٺي صبر ڪيو ته وري ابوجهل هڪڙو پٿر آچلائي زور سان ڪين هنيو، جنهنڪري متي مبارڪ ۾ ڦاڙ نڪري پين ۽ رت ٽيندڙهيون ڪري وهڻ لڳو. حضرت سائينءَ جو چاچو حضرت حمزو رضہ جو اڃا مسلمان ڪونہ ٿيو هو، تنهن کي جا خبر پئي تہ ابوجهل بيگناهہ منهنجي ڀائٽي محمد (عليه الصلوات والسلام) کي گهٽ وڌ بہ ڳالهايو آهي ۽ پهڻ هڻي رتو ڇاڻ بہ ڪيو آهي، سو تنهنکي قياس بہ ٿيو ۽ مائٽيءَ جو جوش بہ آيس. وڃڻ شرط ابوجهل کي زور سان چڙ ۾ پنهنجي ڪمان متي واري ٺوڪائي ڪڍ ڀائين جنهنڪري هو زخمي ٿي پيو. ائين ڪري حمزو حضرت سائينءَ وٽ آيو ۽ اچي ٻڌايائين تہ هڙيءَ طرح تنهنجي دشمن کان بدلو ورتو اٿم تون هاڻي خوش ٿي. حضرت سائينءَ فرمايو چاچا! اهڙين ڳالهين سان مان خوش ٿيڻ وارو نہ آهيان، خوش تڏهين ٿيندس، جڏهين ڏسندس تہ تو ڪلمون پڙهيو ۽ مسلمان ٿئين. حضرت حمزي کي عجب لڳو تہ هي جو دشمن جي مارجڻ تي بہ خوش نہ ٿيو سو بيشڪ پاڪ ۽ برگزيدو رسول آهي، آتي جو آتي مسلمان ٿيو ۽ ڪلمون پاڪ لاإِلٰه إِلااللہ محمد رسول الله پڙ هيائين. امير حمزي جي مسلمان ٿيڻ کان پوءِ ٽئين ڏينهن حضرت عمر بن خطاب رضہ بہ مسلمان ٿيو. حضرت امير عمر رضہ عربستان ۾ مشهور بهادر ۽ پهلوان هو. هڪڙي ڏينهن حضرت سائينءَ جي قتل ڪرڻ جي خيال تي گهر کان نڪتو. هٿيار پهنوار سڀ ڏاڍي تيار ٿي پئي ويو تہ رستي ۾ ڪي دوست گڏيس تن

www.maktabah.org

پڇيس تہ خبر ڏي ڪاڏي سنبريو وڃين؟ چيائين محمد (عليه الصلوات) کي قتل ڪرڻ لاءِ نڪتو آهيان. تڏهين آنهن چيس ته پنهنجي گهر جي ڪا خبر رکي اٿئي؟ تنهنجي ڀيڻ ۽ ڀيڻويو ٻئي مسلمان ٿي ويا آهن ۽ تون نڪتو آهين نبيءَ کي مارڻ! اها خبر ٻڌائين سو سڌو پنهنجي ڀيڻ جي گهر ويو ۽ وڃي ڀيڻ کي مارڻ لڳو ته تو اسانکي ڇو بدنام ڪيو آهي ۽ ڇو اسلام قبول ڪيو اٿئي؟ ڀيڻس چيس تہ ادا ڀلائي ڪري ڀهريائين ڪا دريافت تہ ڪر تہ آءٌ ڇو مسلمان ٿي آهيان؟ جيڪڏهين توکي اهو ڪلام الاهي، جو ٻڌي مسلمان ٿي آهيان، ناپسند لڳي ۽ نہ وڻي ۽ منجهس ڪا اجائي ڳالهه ٻڌين ته پوءِ تون مرضيءَ وارو آهين بيشڪ مونکي ماري ڇڏجانءِ. حضرت عمر چيو ته ڀلا آهو ڪهڙو ڪلام آهي ٻڌايو. اتي هڪڙو اصحابي سونهارو (رسول الله جو صحبتي) جو اڳيئي انهيءَ گهر ۾ آيل هو، مگر حضرت عمر جي اچڻ سببان لڪي وڃي ويٺو هو، تنهن قران شريف مان 'طاها' سورت جو ڀهريون رڪوع پڙهي ٻڌايو. حضرت عمر کن لائي خيال سان ٻئي ٻڌو ۽ بي وس ٻئي رنائين ۽ بي اختيار قرآن پاڪ جي ٻڌڻ سان سندس دل اهڙي ته نرم ۽ حق طلب ٿي ٻئي جو قرآن پاڪ تان قربان ۽ رسول الله تان صدقي ٿيڻ لڳو ۽ بي اختيار ڪلمون ڀاڪ لا إله إلا الله محمد رسول الله پڙهيائين. سبحان الله جو انسان رسول الله جو سخت دشمن ۽ قاتل ٿي آيو هو سو آتي جو آتي سجڻ ٿي پيو. (اللهم صل علىٰ محمد و علىٰ آله و اصحابه وسلم) حضرت امير عمر رضي الله تعالىٰ عنه جي اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ ويچارا مسلمان لڪي پنهنجن گهرن ۾ نماز پڙهندا هئا ۽ ساڻن ڏاڍيون سختيون هونديون هيون، پر حضرت امير عمر سائينءَ جي اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ مسلمان ڪعبة الله ۾ نماز پڙهڻ لڳا. اڳي ايتري آزادي ۾

کاڻ هين، بلڪ غريبن سان اهڙيون ته اڻ سهائينديون سختيون هونديون هيون جنهنڪري لاچار حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم اصحابن کي هجرت (لڏي ٻئي ملڪ ۾ وڃي رهڻ) جي به موڪل ڏني.

ڪيترن مسلمانن جو حبش جي ملڪ ڏي لڏي وڃڻ

حبش جي ملڪ ۾ نجاشي نالي هڪ عيسائي بادشاهه هو، جو ڏاڍو عادل هو. انهيءَ جي حڪومت ۾ وڃي رهڻ لاءِ پاڻ ارشاد فرمايائون. انهيءَ اجازت کان پوءِ ڪي مسلمان سنبريا ۽ هڪڙو ننڍڙو قافلو ٻارهن مڙسن ۽ چئن عورتن جو تيار ٿيو ۽ اونداهيءَ رات ۾ نڪتو ۽ شعيبه نالي بندر تان جهاز ۾ چڙهي روانا ٿيا ۽ ابي سينا ۾ وڃي لٿا. انهيءَ قافلي جو قافلي سالار حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه هو، جو پنهنجي بيبي رقيه بنت النبي (نبي جي نياڻي) سميت روانو ٿيو هو. حضرت رسول الله فرمايو ته حضرت لوط عليه السلام کان پوءِ عثمان آهو پهريون شخص آهي جنهن خاص خدا جي واٽ ۾ وطن ڇڏي مسافر ٿيڻ پسند ڪيو آهي. حاصل ڪلام نجاشيءَ بادشاهه مسافر مسلمانن کي پنهنجي ملڪ ۾ رهڻ ڏنو ۽ ڪنهن به قسم جي روڪ ٽوڪ کان ڪئي هو ويچارا پنهنجي مولا سان مشغول ۽ سندس عبادت ۾ رڌل رهندا هئا. تنهن کان پوءِ ٻيا مسلمان به ٨٣ مڙس ۽ ١٨ زالون گڏجي قافلو ڪري حبش ڏي نڪتا. هن قافلي ۾ حضرت سائينءَ جو سوٽ حضرت جعفر طيار رض به هو. قريشن کي جا پئي خبر، سي نامراد ٿيا ڪاهي پين پر الله تعاليٰ جي مهربانيءَ سان پهچي نه سگهيا، تڏهن ڇا ڪيائون جو تحفا تحائف سوکڙيون پاکڙيون پاڻ سان کڻي حبش ڏي روانا ٿيا ۽ بادشاهه وٽ وڃي چيائون ته هي ماڻهو

www.maktabah.org

بدعتي آهن، پنهنجن وڏن جو مذهب ڇڏي ڏنو اٿن وغيره وغيره. انهيءَ ڪري هنن کي حبش ۾ رهڻ جي سخت منع ڪرڻ ۾ اچي ۽ اسان جي حوالي ڪجين. نجاشيءَ خيال ڪري جواب ڏنو ته اها بي انصافي ٿيندي جيڪڏهن هنن کان آءٌ ڪجهه به نه پڇان ۽ اوهان جي چوڻ تي هنن سان اها هلت هلان. بادشاهه مسلمانن کي پاڻوٽ گهرايو ۽ پڇائين ته هي ماڻهو سڀ ڪي جا رهاڪو اوهان جا وطني اوهان تي دانهين ٿي آيا آهن ۽ هئن چون ٿا.

حضرت جعفر طيار جي پر تاثير تقرير

اتي حضرت جعفر طيار رضه جواب ڏنو ته ”اي بادشاهه سلامت! اسين جهالت ۽ گمراهيءَ جي ڪڌ ۾ ڪريل هئاسين، بتن کي پوڄيندا هئاسين، مردار کائيندا هئاسين، پليديءَ جي درياهه ۾ غرق هئاسين، اسان ۾ مروت ۽ ماڻهپو بلڪل ڪونه هو، پاڙي وارن سان چڱو سلوڪ ڪرڻ ڄاڻندا ئي ڪين ايندو هوسين، نه ڪو قاعدو هو نه ڪو قانون. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم ڪيو ۽ اسان منجهان ئي هڪ بزرگ انسان کي پيغمبريءَ جي پڳ ٻڌائي ۽ رسول الله جي حيثيت ۾ اسان ڏي اسان جي هدايت لاءِ موڪليو جنهن جي ذات ذمات، حسب نسب، سچائي ۽ ايمانداري، پرهيزگاري ۽ پاڪيزائيءَ کان اسين چڱي طرح واقف هئاسين. اهڙي پاڪ پيغمبر ۽ نيڪ نبيءَ اسان کي بت پرستيءَ جهڙي باطل خيال کان ڇڏائي خدا پرستيءَ جو سبق سيکاريو ۽ توحيد جي تعليم ڏني ۽ اسان کي چڱي طرح سمجهايائين ته هرگز هرگز خدا سان ڪنهن کي شريڪ نه ڪجو ۽ نه ڪنهن غير خدا کي خدا يا خدا جهڙو سمجهجو، پٿر پتر ڪر هرگز پوڄا جي لائق نه آهن ۽ نه ٿي سگهن ٿا. اسان کي سچ ڳالهائڻ، وعدي وفائي ڪرڻ يعني انجام پاڙڻ، رحم ڪرڻ، يتيمن

www.maktabah.org

جو مال نہ کائڻ، گناهن کان پري پجڻ، ٻراين کان بچڻ، اهي ڳالهيون ٻڌايائين ۽ سمجهايائين، ۽ اسان کي حڪم ڏنائين تہ نماز پڙهو، صدقو (خيرات) ڏيو، روزا رکو مطلب تہ چڱا ٿي هلو. اسان مٿس ايمان آندو آهي ۽ سندس نصيحت ورتي آهي ۽ پنهنجي گمراهيءَ کان خبردار ٿيا آهيون، تنهن تي اسان جا هم قوم جي اڃان تائين پنهنجي گمراهيءَ ۾ پڪا ۽ ڪٽا آهن، سي اسان کان ناراض ٿيا ۽ اسان کي قسمين قسمين سختيون ۽ تڪليفون ڏنئون، هن لاءِ تہ اسين وري موٽي سورتي پوڄا ڪريون ۽ خدا جي هيڪڙائيءَ کان ڦرون، سو ائين ڪرڻ اسان کان ٻہ نٿو پڄي، سوجهري کان پوءِ اوندهہ ۾ وڃڻ اسان کي ٻہ ڪين ٿو وڻي، تڏهن لاچار تنهنجي ملڪ کي امن امان جي جاءِ سمجهي اچي مٿو لڪايو ۽ ساهہ پٽيو اٿئون، هاڻي تنهنجي مرضي." بادشاهہ جا اها تقرير ٻڌي سو تہ پاڻي ٿي پيو ۽ چيائين تہ جو خدائي پيغام ۽ الاهي ڪلام اوهان جي پيغمبر پاڪ تي خدا جي درگاهہ مان اچي ٿو، تنهن مان نموني لاءِ ڪجهہ تہ مون کي ٻہ ٻڌايو. اتي ساڳئي حضرت جعفر طيار رضہ قرآن پاڪ جي سورت 'مريم' پڙهي ٻڌائي. بادشاهہ جي دل تي اهڙو تہ اثر ٿيو، جو بي اختيار رئڻ لڳو ۽ چيائين تہ محمد (عليه الصلوات **والسلام**) شايد اهو رسول آهي جنهن جي خبر يسوع مسيح ڏئي ويو آهي. الله پاڪ جا **شڪرانا** جو مون کي انهيءَ رسول جي زماني جو شرف حاصل **ٿيو. ائين چئي** بادشاهہ مڪي جي ڪافرن کي لوڏائي **ڪڍي ڇڏيو،** ۽ سندين سوکڙيون ڪين موٽائي ڏنائين ۽ **مسلمانن کي چيائين** تہ قسم خدا جو جيڪڏهن مون کي بادشاهيءَ جي ڪم ڪار کان فرصت هجي ها تہ اَڄ انهيءَ نبيءَ جو خادم ٿي هلي سندس خدمت ۾ گذاريان ها ۽ سندس هٿ پير ڌوئاريان ها ۽

www.maktabah.org

سندس پيرن جي خاڪ پاڪ اکين ۾ پايان ها. ائين چئي مسلمانن کي خوشي سان رهڻ جي اجازت ڏنائين.

حبش جي ملڪ جو وڏو پادري به مسلمان ٿيو

حبش جو وڏو پادري طابور نالي ۽ سندس پيا ساٿي به مسلمانن سان بحث مباحثو ڪري نيٺ مسلمان ٿي پيا. فالحمد لله.

قريشن جو ابوطالب وٽ حضرت کي روڪڻ لاء اچڻ

قريشن جا قاصد جڏهن حبش ڏانهن ٿابا ڏڪا کائي موٽيا ۽ بدنيتيءَ جي مراد پوري نه ٿين، تڏهن ڏاڍا شرمندا ۽ خوار ٿيا. مگر اڳي کان به وڌيڪ حضرت سائينءَ جا دشمن ٿي پيا ۽ هي به جڏهن ڏٺائون ته منجهائن حضرت حمزي رض ۽ حضرت عمر رض جهڙا بهادر ۽ بي بها دربه مسلمان ٿي ويا آهن ۽ اهڙيءَ طرح پيا روز بروز مسلمان ٿيندا پيا وڃن ته ڏک به ڏاڍو ٿين ۽ چڙ به ڏاڍي آين، ويهي رٿئون ته ڪنهن به طرح هن شخص يعني حضرت محمد رسول الله (صلي الله عليه وسلم) جي بيخ ڪني ڪجي ۽ هن کي جيئرو نه ڇڏجي. اها صلاح ڪري ابوطالب کي اچي چيائون ته ڪنهن به طرح پنهنجي ڀائٽي کي جهل نه ته اسين کيس هلاڪ ڪنداسين. ابوطالب حضرت کي گهرائي سمجهايو مگر حضرت سائينءَ پنهنجو ڀروسو ۽ تڪيو الله تي رکي صاف جواب ڏنو، جيڻن مٿي به مناسبت موجب لکي آيو آهيان. ابوطالب به حضرت جي همت ڏسي همت ڏيکاري. انهيءَ ڪري ڪجهه وقت ته ابوطالب جي حشمت ۽ همت سببان حضرت سائينءَ کي زياده تڪليف، خون يا قتل ۽ موت جهڙي نه رسائي سگهيا. مگر ابوطالب جي وفات کان پوء

www.maktabah.org

پيغمبري ملڻ جي ڏهين سال جڏهن ابوسفيان مڪي جو حاڪم ٿيو (جو اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ حضرت سائينءَ جو جاني دشمن هو مگر ساڳيو اسلام قبول ڪرڻ وقت سندن خادم ٿي گذاريئين) تڏهن ابوسفيان کين فتح مڪي تائين، جي جي ايذاءَ ۽ اهنج رسايا، سي ايترا نہ آهن جو هتي لکي سگهجن.

هڪڙي انگريز فلاسفر جي شاهدي

مسٽر ڪارلائل مشهور فلاسفر لکيو آهي تہ بيشڪ حضرت صاحب ماٺ ڪري ويهي نہ ٿي سگهيا، ڇو تہ جنهن حقاني ڪم کي پاڻ کنيو هئائون، تنهن ۾ اهائي قدرتي طاقت موجود هئي جا سج ۽ چنڊ يا ٻين قدرتي ڪارخاني جي شين ۾ هوندي آهي. الله پاڪ قادر مطلق جي مرضي جي برخلاف سج، چنڊ ۽ سڀ قريش بلڪ ساري جهان جا ماڻهو ۽ ٻي مخلوقات گڏجي ڪوشش ڪن ها تہ بہ حضرت کي انهيءَ حقاني ڪم کان روڪي ڪڏهن ڪين سگهن ها.

ٻئي انگريز جي شاهدي

مسٽر باسورٿ سمٿ انگريز لکيو آهي تہ جهڙو حضرت صاحب دنيا کي ڪلام پڌايو اهڙو ڪلام ۽ اهڙا اخلاق هڪڙي ڪوڙي مدعيءَ جا هرگز ٿي نٿا سگهن.

پادري عمادالدين جي شاهدي

پادري عمادالدين جنهن جهڙو اسلام جو جاني دشمن ٻيو ڪونهي، تنهن پنهنجي ڪتاب تاريخ محمدي جي صفحي ٨٥ ۾ لکيو آهي تہ قريشن جڏهن ڏٺو تہ حضرت عمر جهڙو مڙس بہ وڃي مسلمان ٿيو ۽ اسلام پنهنجو اثر اهڙن ٻي پرواهہ بهادرن تي بہ نيٺ ڪيو ۽ حبش جي ملڪ ۾ مسلمانن

www.maktabah.org

کي امن آرام نہ نصيب ٿيو، تڏهن سيني تنگ ۽ لاچار ٿي حضرت کي مارڻ جا پهہ پهچايا.

هڪ غار ۾ بند رهڻ جنهن کي شعب ابوطالب چوندا آهن

ابوطالب کي جا اها خبر پئي تنهن پنهنجا خاص خانداني ماڻهو بني عبدالمطلب ۽ بني هاشم گڏ ڪيا ۽ سيني کي انهيءَ غار ۾ حضرت جي حفاظت لاءِ وٺي ويو جنهن کي 'شعب ابي طالب' ڪري سڏيندا هئا.

قريشن جو حضرت سائينءَ جن جي خاندان ساڻ قطع تعلقات

قريشن جڏهن اهو حال ڏٺو تڏهن عهد نامي جو هڪ ڪاغذ هن طرح لکيائون تہ آئيندي اسين سڀ قريش هميشہ واسطي بني عبدالمطلب ڪان ڏار رهنداسين - نہ انهن سان مائٽي ڪنداسين نہ مٽي، نہ هڪ ٻئي جي مدد ڪنداسين، نہ انهن سان ڪا ڏيتي ليتي رکنداسين ۽ نہ هن زمين مان ڪين فائدو وٺڻ ڏيئي ڇڏينداسين - جيسين محمد (عليه الصلوات والسلام) کي ماريون. اهو اقرار نامون لکي مهر ڪان سواءِ ڪعبه جي در تي لٽڪائي ڇڏيائون ۽ انهيءَ شعب ۾ وڃي ابوطالب جي چوڌاري گهيرو ڪيئون. جيڪو بہ انهيءَ غار مان نڪرندو هو تہ انهيءَ کي سخت مار ڏيندا هئا ۽ ڪا شيءِ بہ بازار مان خريد ڪرڻ ڪين ڇڏيندا هئا. ڪي ماڻهو جن جا خاص مائٽ گهيري اندر هئا، سي انهن لاءِ ڳجهيءَ طرح ڪاڌو پيتو پهچائيندا هئا. اهڙيءَ طرح ٽي سال گذري ويا. جڏهن گهيري ۾ ڦاٿل تنگ ٿيا، انهن جا ٻار ٻچا بک ۽ اُڃ ۾ عاجز ٿي روئڻ لڳا، تڏهن ڦاٿلن

www.maktabah.org

جي کن مائٽن کي کھڪاءُ آيو ۽ کھل پئي، جنھنڪري قريشن مان ڪن ماڻھن ڳڍجي عھدنامي کي ٽوڙيو ۽ انھن کي اتاھون ڪڍي شھر ۾ وٺي آيا ۽ بني عبدالمطلب پنھنجي گھرن ۾ اچي رھيا.

نجران نالي شھر جي عيسائين جي جماعت جو حضرت وٽ بحث لاءِ اچڻ ۽ مسلمان ٿيڻ

ھڪڙي ڏينھن حضرت سائين مڪي شريف جي مسجد ۾ ويٺا ھئا تہ وٽن نجران نالي شھر جا نصارا ويھارو کن مڙس آيا ۽ اچي وٽن ويٺا ۽ حضرت سان سوال جواب ڪرڻ لڳا ۽ ڪيترائي قريش آتي تماشبينن وانگي ويٺا ھئا، جن ڀيٽي اھو تماشو ڏٺو ۽ دل ۾ پئي خوش ٿيا تہ چڱو اچي ورايو اٿنس. حضرت سائينءَ کان جيڪي پڇيائون، تنھنجو جواب ڪين مليو تہ مات ڪري ويھي رھيا. اتي حضرت پاڪ کين الله ڏي سڏيو ۽ خدائي رستو ٻڌايو ۽ انھن کي خدائي ڳالھيون سمجھايون ۽ قرآن شريف ڪلام الاھي پڙھي ٻڌايو. جڏھن ڪلام الله ٻڌائون، تڏھن اکين مان بي اختيار لڙڪ وھڻ لڳن ۽ رُئڻ لڳا ۽ دل تمام ڪنڀڙي ٿي پين ۽ چوڻ لڳا تہ جيڪي تون چئين ۽ سمجھائين ٿو يا رسول الله سو سڀ سچ آھي، ائين چئي سيني جوش ڀري آواز سان ۽ محبت ڀري دل مان ڪلمو پاڪ لا اله الا الله محمد رسول الله پڙھيو ۽ مسلمان ٿيا. جڏھن اسلام قبول ڪري ادب نياز سان اٿيا ۽ ٻاھر ويا، تڏھن ابوجھل اچي وراين ۽ چٿرون ڪرڻ ۽ گھٽ وڌ ڳالھائڻ لڳن. مگر رسالت جي نور جو جلوو تازو ڏسي آيا ھئا، تن جون دليون بلڪل روشن ھيون. انھن ابوجھل جي چٿرن جي ڪابہ پرواھ ڪانہ ڪئي ۽ ابوجھل کي جواب ڏنائون تہ اوھين پنھنجن خيالن جا مالڪ آھيو ۽ اسين پنھنجن خيالن جا مالڪ آھيون. جيڪي

www.maktabah.org

اسان ڏٺو آهي، سو اوهان نہ ڏٺو آهي. اوهان ڪي آهي اڪيون ۽ دليون نہ آهن، جي حق ۽ ناحق جي وچ ۾ سنڌو سيڃاڻو ڪري، حق ڪي قبول ڪري سگهن. انتي الله پاڪ جي جناب مان هيءَ آيت نازل ٿي:

و اذا سمعوا ما انزل الى الرسول ترىٰ اعينهم
تفيض من الدمع مما عرفوا من الحق.

(جڏهن انهن (نجران جي نصارن) ڪلام الاهي ٻڌو، جو رسول الله تي خدا جي طرفان نازل ٿيندو آهي تہ هنن جو حال اهڙو ٿيو، جو حق جي سڃاڻپ سببان ڳوڙها ڳڙندا هنن جي اکين مان ڏسڻ ۾ آيا.)

ضماد نالي ڦيٽائي جو مسلمان ٿيڻ

ضماد نالي هڪڙو شخص هو جو ڦيٽڻ ڦوڪارڻ ۾ مشهور هو. وٽانس ماڻهو ڪيترائي شفاياب ٿي ويندا هئا، سو جڏهن مڪي ۾ آيو تہ ڪافرن چيس تہ اسان جي شهر ۾ هڪڙو شخص چريو ٿي پيو آهي، جنهن جو نالو **محمد آهي**، پنهنجي ديوانگي سببان ملڪ ۾ ڪيترو ڳوڙ **وجهي ڏنو** اٿس، ڀلا ڪري ڪو اهڙو ڦيٽو هڻيس، جو چريائيءَ جون ڳالهيون ڇڏي ڏي. چيائين تہ جيڪڏهن آءٌ ڏسندوسانس ۽ ڪهڙو حال بہ هوندس تہ بہ اميد تہ آءٌ چڱو ڀلو ڪري وجهندوسانس. پوءِ حضرت سائين وٽ وئي آيس. چيائين تہ اي محمد (عليه الصلوات والسلام) مون وٽ توڪان بہ وڏيڪ چريا چڱي ويا آهن. تون پنهنجو حال ٻڌاءِ تہ چا اٿئي؟ حضرت سائينءَ فرمايو تہ آءٌ پيو ڪجهہ بہ نٿو چوان فقط هئن چوان ٿو:

ان الحمد لله نحمده و نستعينه من يهدي الله فلا مضل لہ و من يضلله فلا هادي لہ و اشهد ان لا الٰه الا الله وحده لا شريك لهٗ و ان محمداً عبده و رسولهٗ.

www.maktabah.org

(سڀ ڪنهن قسم جون ساراهون الله پاڪ کي سونهن ٿيون اسين سندس ساراهہ ڪريون ٿا ۽ ڪناس مدد گهرون ٿا جنهن کي خدا هدايت ڏئي ٿو، تنهن کي ڪو بہ گمراه نٿو ڪري، جنهن کي خدا گمراه ڪري ٿو تنهن کي ڪو بہ هدايت ڏئي نٿو سگهي ۽ گواهي ٿو ڏيان تہ خداوند تعالي هڪ آهي، سندس جهڙو ڪو ڪونهي ۽ تحقيق محمد سندس ٻانهو ۽ رسول آهي.)

ضماد جڏهن هھڙو مقدس ڪلام ٻڌو تہ وائڙو ٿي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ مون کي اهو پيارو ڪلام وري ٻڌايو. حضور جن بہ ٽي ڀيرا ٻڌايس. هو ٻڌندو ويو ۽ دل ۾ ايمان جو نور پيدا ٿيندو ويس. چوڻ لڳو تہ مون هھڙو پاڪ ڪلام سڄيءَ عمر ۾ ڪنهن کان بہ نہ ٻڌو آهي، پيارا محمد هٿ ڏگهير تہ تنهن جو هٿ چمي اسلام قبول ڪريان. هڻ حضور جن جو هٿ چمي اسلام قبول ڪيو.

حضرت پاڪ جي پيشين گوئي پوري ٿي

هڪڙي ڏينهن حضرت سائين ڪعبة الله ۾ آيا تہ ڪافرن جا سردار اَتي ويٺا هئا. ابوجهل جو حضرت جن کي ڏٺو، تنهن مسخريءَ سان چيو تہ اي اولاد عبد مناف جا اوهان جو نبي آيو آهي. عقبہ بن ربيعہ چيو تہ اسان کي ڇو انڪار ڪرڻ گهرجي، اسان مان بہ ڀلي ڪو نبي ٿئجي وهي ۽ ڀلي ڪو ملائڪ سڏائي. حضرت پاڪ جو اهي ڳالهيون ٻڌيون سو موٽي انهن وٽ آيا ۽ پهرئين اڇي عقبہ کي چيائون تہ عقبہ! تو ڪڏهن بہ خدا جي طرفداري ڪانہ ڪئي آهي. تون پنهنجون دل جون ڳالهيون ويٺو ڪرين. وري ابوجهل کي فرمايائون تہ اهو وقت جلد اچڻ وارو آهي، جو تون ٿورو ڪلنديں ۽ گهڻو روئنديں. پوءِ وري قريشن ڏي منهن ڪري فرمايائون تہ اي قريشو! اوهان

www.maktabah.org

لاءِ اهو وقت ويجهو آهي، جو جنهن دين جا هينئر منڪر آهيو، نيٺ انهيءَ ۾ ئي داخل ٿيندئو. سو ٿيو به برابر ائين، جئن پڙهندڙن کي هن ڪتاب پڙهندي ئي معلوم ٿي ويندو.

ابو طالب جي وفات

نبوت جي ڏهين سن ۾ حضرت سائينءَ جي چاچي ابوطالب وفات ڪئي. ابوطالب ننڍي لاڪر حضرتﷺ جن جي پالنا ۽ پرورش ڪئي ۽ نبي ٿيڻ تائين ساڻن پانهن ٻيلي رهندو آهو هو. انهيءَ ڪري حضرت سائينءَ کي سندس وفات (موت) جو ڏاڍو ڏک ٿيو.

بيبي خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها جي وفات

خدا جي قدرت ابوطالب جي وفات جو ڏک اڃا ميٽيو ئي ڪين هو ته يڪايڪ ابوطالب جي وفات کان پوءِ ٽئي ڏينهن حضرت سائينءَ جو پاڪ حرم بيبي صاحبه خديجة الڪبريٰ رضي الله تعاليٰ عنها به وفات ڪئي. هي اها پاڪ بيبي ۽ نيڪ خاتون هئي، جنهن پنهنجو سڀ مال ۽ اسباب خدا جي واٽ ۾ خيرات ڪيو هو ۽ سڀني کان اڳ اسلام قبول ڪيو هئائين. الله پاڪ جا ملائڪ به هن بيبي صاحبه کي خدا جا سلام رسائيندا هئا.

بيبي صاحبه جي گذرڻ جو ڏک به حضرت سائينءَ کي ڏاڍو ٿيو. جڏهن حضرت جي چاچي ابوطالب جي وفات سبب ڪافرن جو خوف خطرو لٿو، تڏهن حضرت کي زياده ستائڻ لڳا. هڪڙي دفعي ڪنهن شرير حضرت سائينءَ جي مٿي مبارڪ تي گند ڪچرو اڇي وڌو، جنهنڪري پاڻ ڀرجي پيا. پاڻ سونهارا انهيءَ حال سان پنهنجي گهر آيا، سندن نياڻي آئي ۽ آئي سندن مٿو مبارڪ ڌئاريائين، مٿي ڌئارڻ

www.maktabah.org

وقت زار زار رئڻ لڳي. حضرت سائينءَ فرمايو ته ڇڙي تون چوٽي روئين، تنهنجي پيءُ جو حافظ ۽ نگهبان الله آهي. مطلب ته اهو سال حضرت سائينءَ لاءِ اهڙو ته ڏک ۽ غم جو سال هو جو پاڻ انهيءَ سال جو نالو ئي 'عام الحزن' (ڏکن جو سال) رکيو هئائون. ڪين انهيءَ وقت اهڙي ته تڪليف هئي جو رکو ڪٿي خيال ٿو ڪجي ته بدن جا وار ئي ڪانڊارجي ٿا وڃن. هڪ طرف ابوطالب جهڙو همدرد چاچو هميشه لاءِ دنيا مان لڏي جدا ٿي ويو، ٻئي طرف حال محرم حرم ۽ ڏک سک ۾ ڀائيوار بيبي گذري وئي، ٽئي طرف ڪافرن جي دشمني ۽ عداوت جو اهو حال هو، جو هڪ دم به آرام ڪرڻ ڪين ڇڏيندا هئا. هفتو ئي هفتا، مهينو به مهينا، سال به سال، ڏک ڪين ڏنا هئائون، هتي ته لاڳيتا ڏهه سال سختيون سٺيون ۽ مصيبتون ڪاٽيون هئائون. ايترو سارو وقت جو ڪين دشمنن تڪليفون ڏنيون ۽ پاڻ نهايت صبر ۽ تحمل سان سٺئون، انهيءَ تي خيال ٿو ڪجي ته دل بي اختيار شاهدي ٿي ڏئي ته هي سڀ سچائي ۽ روحاني روشنيءَ جو نتيجو هو. سندين دل کي الله تعاليٰ ڪولي ڇڏيو هو ۽ ڪين پنهنجي پيغمبريءَ ۽ آخر فتح مندي‌ءَ جو پورو پروسو هو، جيڪڏهن ڪين اها سيني جي صفائي نه هجي ها ۽ پنهنجي پيغمبريءَ جي پڪ نه هجين ها ته ايترو صبر ۽ تحمل ۽ قوم جي حق ۾ هدايت جي دعا ڪين پڇي سگهين ها. جو شخص ساري عرب ۾ عزت، آبرو، وقار، ادب، تعظيم ۽ تڪريم جي جاءِ هو، اوچتو جو الله تعاليٰ انهيءَ بزرگ انسان کي هڪ خاص ڪم حوالي ڪيو، تا ته هو سندس الوهيت کي دنيا ۾ قائم رکي ۽ جن ڪان خدا جي توحيد وسري وئي آهي تن کي ياد ڏياري، سو انهيءَ ڪم جو اهڙي قوم ۾ شروع ڪرڻ، جنهن قوم جي رڳ رڳ ۾ بت پرستيءَ ۽ بداخلاقيءَ جو خون

www.maktabah.org

جاري هو، ڪجهه معمولي يا آسان ڪم نه هو. پاڻ اها ڳالهه چوريائون ته يڪدم ظالم ۽ موذي ڪين چنبڙي ۽ وراڻي ۽ ڏاڍو ستائڻ لڳا. جا هلت ڪافرن حضرت سان ڪئي، تنهن مان ڪجهه بيان مٿي لکي آيو آهيان ته انهن ڪمبختن بي عزتيءَ جو ڪو ذرو به پوئتي نه ڇڏيو- گهوگها ڏنئون، گاريون ڏنئون، برادريءَ مان ڪڍي ڇڏيئون، ڏيتي ليتي بند ڪيائون، کائڻ ۽ پيئڻ، ڳالهائڻ ٻولهائڻ ڇڏي ڏنائون، شادي غميءَ جو رستو بند ڪري ڇڏيائون، رشتو ناتو سڀ ٽوڙيائون ۽ قطع تعلقات ڪيائون رڳو ايترو نه پر نماز پڙهڻ وقت حضرت سائين سجدي ۾ پيا آهن ۽ سجدي ۾ الله پاڪ جي تعريف ۽ ساراهه پيا ڪن ته ڪافرن اهڙي حال ۾ به آنڊا جي اوجهري اچي مٿان رکي! جنهن رستي کان سويرو عبادت لاءِ اچي لنگهندا هئا تنهن ۾ به ڪنڊا وجهي پري ڇڏيائون، جي حضرت سائينءَ جي بدن مبارڪ ۾ چڀي ويا. ڪعبته الله ۾ اچڻ جي سخت منع، منجهس وهڻ جي بندش- هي سڀ فتنو ۽ فساد ڇو؟ فقط هيتري ڳالهه تي، جو حضرت پاڪ هڪ خدا جي عبادت ۽ بندگيءَ لاءِ ماڻهن کي چيو ۽ سمجهايو، ٻيو حضرت پاڪ ڇا ڪيو هو؟ ڪجهه به نه ڪيو هو. قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وما نقموا منهم الا ان يومنوا بالله العزيز
الحميد الذي له ملك السموات والارض

(انهن مان ٻيو عجب ڪونه ورتائون رڳو هيترو ته ايمان آندائون پنهنجي الله تي جو غالب ۽ تعريف جو لائق آهي جنهن جي حڪم ۾ آسمان ۽ زمينون آهن.)

www.maktabah.org

حضرت پاڪ جو طائف جي سفر تي روانو ٿيڻ ۽ عام قبيلن کي خدائي پيغام پهچائڻ.

حضرت سائين اگرچ دنيائي ماڻهن جي نظر ۾ ابوطالب جي وفات جي ڪري بي يار ۽ بي مددگار ٿي پيا مگر ڪين ته اڳي توڙي هاڻي پنهنجي مولا سائينءَ خالق ۽ مالڪ تي ڀروسو هو ۽ اهوئي سندن اڳي توڙي هاڻي همراه ۽ مددگار هو، انهيءَ ڪري خدائي پيغام پهچائڻ ۽ گمراهن کي هدايت تي آڻڻ لاءِ اڳي کان به اڳرا ڏسڻ ۾ آيا ۽ اڳي کان اڳري ڪوشش ڪرڻ لڳا. جڏهن ته ٿورن ئي ڏينهن ۾ خدا جو نبي مڪي مان نڪتو ۽ ڀرواري گمراهن کي سمجهائڻ لاءِ روانو ٿيو. مڪي ۽ طائف جي وچ واٽ ۾ جيڪي قبيلا عربن جا هئا، تن سڀني کي خدائي آواز پهچائيندا ۽ خدا جي هيڪڙائيءَ جو وعظ [تبليغ] ڪندا، پيادائي پيادا طائف پهتا. طائف ۾ بنو ثقيف نالي قبيلي وارا آباد ۽ سرسبز ملڪ ۾ رهندا هئا، ۽ سرد پهاڙ تي نهايت خوش ۽ آرام سان رهڻ جي سببان ماڻهو بلڪل مغرور ۽ هٺيلا هئا. عبد ياليل، مسعود ۽ حبيب، اهي ٽيئي ڀائر اتي جا سردار هئا. حضرت سائين ٻهرين انهن ٽنهي کي مليا ۽ حال احوال ڏنئون ورتئون ۽ اسلام جي دعوت ڏنائون. انهن مان هڪڙي چيو ته آءٌ ڪعبي جي اڳيان هوند ٿو ڪوڙايان، جيڪڏهن خدا توکي رسول ڪيو هجي. ٻئي چيو ته خدا کي توکان سواءِ ٻيو ماڻهوئي ڪونه ٿي لڌو، جو رسول ڪري ها، رسول بڻائڻو هوس ته ڪنهن آسودي ماڻهو ۽ سردار کي ته بڻائي ها. ٽئي چيو ته آءٌ توسان ڳالهائڻ ئي نٿو گهران ڇو ته جيڪڏهن تون سچ پچ رسول الله هجين، جڏهن چئين ٿو ته پوءِ هيءَ ڳالهه ڏاڍي خوفناڪ آهي جو تنهنجي ڳالهه کي رد ڪريان ۽ جيڪڏهن تون خدا تي ڪوڙ ٿو ڳالهائين ته مون کي توسان ڳالهائڻ ئي نٿو ڄڃائي.

www.maktabah.org

حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو ته اوهين مون کي مڃو توڙي نه مڃو اوهان جي مرضي، مگر ٻين کي ته گمراه نه ڪريو. خير حضرت سائينءَ جن طائف ۾ وعظ ڪرڻ ۽ نصيحت ڏيڻ شروع ڪئي. پر مٿين ٽنهي سردار ڀائرن پنهنجن غلامن ۽ شهر جي ڇوڪرن کي ڇڏي ڏنو. جڏهين حضرت سائين وعظ فرمائيندا هئا ته اهي کين پٿر ايترا ته هڻندا هئا، جو حضرت سائين جن رتو ڇاڻ ٿي پوندا هئا ۽ ايترو ته رت وهندو هئن، جو وهي وڃي جتيءَ ۾ ڄمي بيهندو هو، جنهن کري وضو ڪرڻ وقت پيرن مان جتي ڪڍڻ ٿي ڏکي لڳندي هين. هڪڙي ڏينهن بدمعاش شريرن حضرت سائينءَ کي ايترو ته گهڻ وڌ ڳالهايو، ڌاڙيون وڄايون ۽ گوڙ مچائڻ لاءِ ڪوڪون ڪيون، جو لاچار حضرت سائينءَ کي هڪڙي جاءِ جي احاطي ۾ وڃي پناه وٺڻي پئي. اها جاءِ ربيعه جي پٽن عقبه ۽ شيبه جي هئي. انهن ڀريان پئي اهو حال ڏٺو ۽ حضرت تي ڏاڍو ترس آين، تن پنهنجي غلام عداس کي چيو ته هڪڙيءَ ٿالهيءَ ۾ انگور رکي انهيءَ شخص کي وڃي ڏي ته ويچارو کائي. غلام حڪم موجب انگورن جي ٿالهي ڀري سائينءَ جن جي اڳيان وڃي ڌري. حضرت سائين انگورن کائڻ وقت ڀريائين بسم الله پڙهي پوءِ کائڻ شروع ڪيو. عداس جو اهي لفظ ٻڌا، سو حيران ٿي حضرت سائينءَ ڏي نهارڻ لڳو ۽ چيائين ته اوهان اهڙا لفظ چيا آهن جو هن ملڪ ۾ ته اهي لفظ ڪو ڪونه چوندو آهي. حضرت سائينءَ فرمايو ته تون ڪهڙي شهر جو ويٺل آهين ۽ ڪهڙي دين تي آهين؟ عداس چيو آءٌ عيسائي آهيان ۽ نينوي جو رهاڪو آهيان، حضرت سائين فرمايو ته هان تون مرد صالح يونس بن متي جي شهر جو ويٺل آهين؟ عداس چيو ته اوهان کي ڪهڙي خبر ته يونس بن متي ڪير هو ۽ ڪهڙو هو؟

www.maktabah.org

حضرت سائينءَ فرمايو ته اهو ته منهنجو ڀاءُ هو، ڇو ته هو به نبي هو ۽ آءٌ به نبي آهيان.

عداس اهي لفظ حضرت سائينءَ جي واتان ٻڌي پيرن تي ڪري پيو ۽ حضرت جو سر مبارڪ ۽ هٿ پير چمڻ لڳو. عتبه ۽ شيبه پريون ويٺي ڏٺو ۽ پاڻ ۾ چوڻ لڳا ته اجهو غلام ته هٿن مان ويو. اتي غلام به اچي نڪتو. عتبه ۽ شيبه ٻنهي چيس ته ڪمبخت توکي ڇا ٿيو؟ جو انهيءَ شخص جا هٿ پير چميئي. عداس چيو ته سائين! اڄ دنيا ۾ هن شخص کان وڌيڪ ڀلو انسان ڪو ڪونهي. سندس ڳالهائڻ مان مون کي نبين وارو سڳنڌ ۽ خوشبو آئي. انهن عداس کي ڇڙٻ ڏئي چيو ته خبردار متان پنهنجو دين ڇڏي ويهين تنهنجو دين انهيءَ جي دين کان وڌيڪ آهي.

ساڳيو انهيءَ ئي شهر ۾ هڪڙي دفعي وعظ ڪندي خدا جي پاڪ نبيءَ کي ڪافرن ايترا ته ڌڪ هنيا، جو حضرت سائين جن بلڪل بيهوش ٿي زمين تي ڪري پيا. اتي زيد حاضر هو، سو کين کڻيءَ پويان ڪٺي شهر جي ٻاهر وٺي ويو ۽ وڃي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻين، جنهن ڪري ڪجهه وقت کان پوءِ هوش ۾ آيا.

مطلب ته هن سفر ۾ ايترين تڪليفن ۽ اهنجن کان پوءِ هڪڙو شخص به مسلمان نه ٿيو. انهيءَ هوندي به حضرت سائينءَ جي دل کي ڪو صدمو نه رسيو ۽ پاڻ ڪڪ نه ٿيا ۽ سندين لوَ لوَ انهيءَ ئي پنهنجي مولا سان لڳل هئي. اهڙي وقت ۽ حال ۾ حضرت سائينءَ، جا دعا پنهنجي مولا سائينءَ کان گهري آهي سا پڙهندي دل کي عجب قسم جي طاقت ٿئي ٿي ۽ حضور رسول الله صلي الله عليه وسلم جي صداقت ۽ خدائي محبت تي عجب لڳيو ٿو وڃي. دعا شريف جا لفظ هي آهن:

www.maktabah.org

اللهم اليک اشکو ضعف قوتي وقلۃ حيلتي و هواني علي الناس. يا ارحم الراحمين. انت رب المستضعفين. و انت ربي الي من تلکني، الا بعيد يتجهمني او الي عدو ملکته امري - ان لم يکن بک علي غضب فلا ابالي ولکن عافيتک هي اوسع لي اعوذ بنور وجهک الذي اشرقت له الظلمات و صلح عليه امر الدنيا و الاخرت من ان ينزل بي غضبک او يحل علي سخطک - لک العقبي حتي ترضي لاحول ولا قوت الا بک.

(خدايا آءٌ پنهنجي هيٺائي ۽ اڻ سگهائيءَ ۽ ماڻهن جي اڳيان گهٽتائيءَ جي دانهن تنهنجي درگاه اڳيان کريان ٿو. اي سڀني رحم وارن کان وڌيڪ رحم وارا! تون عاجز ۽ هيڻن جو پرجهلو آهين. منهنجو مالڪ بہ تون آهين، مون کي اي منهنجا مولا ڪنهن جي حوالي ڪرين ٿو ڇا مون کي اهڙي بيگاني جي حوالي ڪندين؟ جو سدائين سونٺ منهو هجي يا اهڙي دشمن جي حوالي ڪندين جو منهنجي ڪم جو مالڪ هجي، پر جيڪڏهن مون تي تنهنجو غضب ۽ ڪاوڙ نہ آهي تہ مون کي ڪا پرواه ڪانهي ڇو تہ تنهنجو بچاءُ منهنجي لاءِ بلڪل ڪشادو آهي. آءٌ تنهنجي پاڪ ذات جي نور سان، جنهن جي وسيلي اونداهيون روشن ٿين ٿيون، دنيا آخرت جا ڪم سڌرن ٿا تنهن جي غضب ۽ نا مهربانيءَ کان پناه گهران ٿو توکي اختيار آهي جئن وڻئي تئن ڪر جئن تون راضي ٿين توکان سواءِ نڪا مون کي طاقت آهي نڪا سگهہ.)

نبي پاڪ جڏهن بارگاه الاهي ۾ اها دعا گهري تہ کين خدائي حڪم آيو ۽ الهام ٿيو تہ جيڪڏهن تون گهرين

www.maktabah.org

ته هن شهر کي اتي جو اتي فنا ڪري ڇڏيون. حضرت فرمايو
بل ارجوان يخرج الله من اصلابهم من يعبد الله وحده لا شريک له.
(نه نه! اميد ٿو ڪريان ته الله تعاليٰ هنن جي پوين مان اهڙا پيدا ڪندو، جي هڪ خدا کي پوڄيندا ۽ مڃيندا.)

سر وليم ميور جي شاهدي

سر وليم ميور انگريز لکي ٿو ته حضرت محمد تن تنها جو هيڏي سفر تي اهڙي ڪم لاءِ ويو، جنهن سان سندس قوم سخت مخالف هئي، سو نهايت جوان مرديءَ ۽ همت جو ڪم هو. خدا جي نالي تي ايتري قدر دلير ٿي اڪيلي وڃڻ ائين هو جئن حضرت يونس خدا جو نبي ساڳي ئي اهڙي ڪم لاءِ نينوا جي شهر ۾ ويو هو. انهيءَ مان معلوم ٿو ٿئي ته کيس يقين هو ته پاڻ خدا جو نبي آهي. اهڙيءَ طرح ٻئي انگريز واشنگٽن ارونگ به گهڻو ڪجهه حضرت پاڪ جي صداقت بابت پنهنجي ڪتاب تاريخ محمدي ۾ لکيو آهي، ۽ خود سر وليم پنهنجي ڪتاب 'لائيف آف محمد' ۾ گهڻو ڪجهه لکي حيرت ۾ پيو آهي جنهن جو ذڪر هتي نٿو ڏجي.

حضرت سائين جن جڏهن خير سان مڪي ۾ موٽي آيا، تڏهن مڪي ۾ رهڻ ڪين وٺين. بلڪ مڪي جي آس پاس قبيلن قبيلن جي منزل گاهن ۾ ويندا هئا ۽ انهن کي وحي سمجهائيندا هئا. يا ڪو ٻيو ٻاهريون واٽهڙو ٿي هٿ اچي ويندو هون ته انهي ٿي کي سمجهائيندا هئا، مطلب ته ماٺ ڪري آرام سان وهڻ ٿي ڪين وٺندو هون. انهن ڏينهن ۾ "بنو ڪنده" جي قبيلي وارن وٽ ويا. قبيلي جي سردار جو نالو مليح هو ۽ اهڙي طرح بنو عبدالله جي قبيلي وٽ

www.maktabah.org

ٻ ويا، انهن کي چيائون ته اوهان جي وڏي ڏاڏي جو نالو عبدالله هو، اوهين ٻ انهيءَ وانگي الله جا ٻانها ٿيو. وري بنو حنيفه جي قبيلي وارن وٽ ٻ ويا، انهن ته تمام سختي سان انڪار ڪيو. بنو عامر بن صعصعه جي قبيلن وارن وٽ جو ويا ته انهن جو سردار بحيره بن فراس چوڻ لڳو ته، توسان جيڪڏهن گڏجي پئون ۽ توکي مڃون ۽ تون پنهنجن دشمنن تي غالب اچين ته پوءِ اهو انجام ڪر ته توکان پوءِ تنهنجي جاءِ تي گادي نشين آءٌ ٿيندس. حضرت فرمايو ته آءٌ پنهنجي ذاتي ڪم لاءِ ڪونه نڪتو آهيان نه ذاتي عزت جو گهورو آهيان، الله پاڪ پنهنجي ڪم کي پاڻ سنڀاليندو ۽ جنهن کي وٽندس تنهن کي پنهنجي پيغمبريءَ جو رتبو ڏيندو مون کي ڪو اختيار ڪونهي، جو آءٌ پنهنجا گادي نشين بنائيندو وتان. سردار چيو ته هينئر توسان گڏجي شامل ٿيون، پنهنجو سڪيو جيءُ جنجال ۾ اسين وجهون ۽ توکان پوءِ تنهنجي جاءِ وري خدا ڪنهن ٻئي کي ڏئي، سو اها ڳالهه اسان کي منظور نه آهي.

سويد بن صامت جو ايمان آڻڻ

انهن ئي ڏينهن ۾ سويد بن صامت نالي هڪڙو داناءُ ۽ چڱو ماڻهو حضرت سان اتفاقي ملي ويو. سويد کي پنهنجي قوم وارا ڪامل ڪري سڏيندا هئا. حضرت پاڪ ڪيس اسلام جي دعوت ڏني. چوڻ لڳو ته شايد اوهين ٻ آهي ئي ڳالهيون ٻڌايو ٿا، جي اڳي ئي مون کي معلوم آهن. حضرت سائينءَ پڇيو ته ڀلا ٻڌاءِ ته توکي ڇا معلوم آهي؟ سويد چيو ته مون وٽ لقمان جي حڪمت آهي. حضرت چيس ته ڪجهه ته ٻڌاءِ. تنهن تي سويد ڪي پنهنجا شعر پڙهي ٻڌايا، حضرت فرمايو ته هي ٻ چڱا آهن، پر آءٌ ته پنهنجا شعر لهيل ڪونه تو ٻڌايان. مون وٽ ته ڪلام الاهي آهي، جو الهيءَ کان

www.maktabah.org

افضل ۽ اعليٰ آهي ۽ سارو هدايت ۽ نور آهي. تنهن تي سويد ڪلام الله جي ٻڌڻ جو شوق ڏيکاريو، حضرت پاڪ قرآن پاڪ مان ڪجهه ٻڌايس. سويد جو نصيحتن ۽ هدايت پريل خدائي ڪلام پٺي ٻڌو، سو سندس بدن جا وار ٿي ڪانداريا ۽ اتي جو آتي اسلام قبول ڪيائين. جڏهن موٽي پنهنجي ملڪ ”يثرب“ ڏي ويو ته سندس قوم ”خزرج“ ويچاري غريب بيگناه کسي قتل ڪري ڇڏيو (رضي الله تعاليٰ عنه)

يثرب جي سفيرن کي اسلام جي دعوت ۽ اياس بن معاذ جو فيضياب ٿيڻ.

انهن ئي ڏينهن ۾ ابوالحيشر انس بن رافع مڪي آيو، جنهن سان بني عبدالاشهل جا ٻه ڪجھ جوان شامل هئا، جن ۾ اياس بن معاذ نالي هڪ سياڻو ۽ سمجهو شخص به هو. هي سڀئي پنهنجي قوم خزرج جي پاران قريشن کان ڪنهن عهد نامي لکائڻ جي لاءِ آيا هئا. حضرت سائين انهن سان مليا ۽ انهن کي فرمايئون ته ”اي جوانو! مون وٽ هڪ اهڙي شئي آهي جنهن ۾ اوهان جي لاءِ بلڪل چڱائي آهي. اوهان جي مرضي هجي ته آءٌ اوهان کي بنا اجوري ۽ بنا قيمت آها شئي ڏيان، پوءِ ڏسو ته برابر اوهان لاءِ فائدي واري آهي يا نه؟“ سڀني چيو ته بيشڪ آها شئي اسان کي ڏسيو. حضرت فرمايو ته ”آءٌ الله جو رسول آهيان الله پاڪ جي حڪم موجب خدا جي مخلوق کي برائين کان روڪڻ ۽ چڱاين لاءِ چوڻ آيو آهيان. هڪ خدا جي عبادت ۽ پوڄا ڪريو. انهيءَ ئي هڪڙي پاڪ کان ڊڄو ۽ انهيءَ ئي کي پنهنجو مالڪ ۽ سائين ڪري سمجهو. ڪفر نه ڪريو. اهوئي واحد ۽ لاشريڪ خدا مون تي پنهنجو ڪلام موڪلي ٿو ته آءٌ سندس مخلوق کي ٻڌايان.“ ائين فرمائي پوءِ اسلام

www.maktabah.org

جا اصول معقول جي دين توڙي دنيا جي ڪمن لاءِ مفيد آهن انهن کي سمجهائيون ۽ قرآن پاڪ مان به ڪجهه پڙهي ٻڌايئون. اياس بن معاذ، جو هڪ داناءُ نوجوان هو تنهن حضرت جو ڪلام ۽ قرآن جون آيتون ٻڌي، دل سان هنڊائي پنهنجن سنگتين کي چيو ته اي منهنجي قوم! قسم خدا جو جنهن ڪم لاءِ هتي آيل آهيو انهيءَ ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ هي رستو هن بزرگ انسان ٻڌايو آهي، سو تمام ڪارائتو ۽ چڱو آهي. اياس جو ائين چوڻ ۽ انس بن رافع جو تپي ڳاڙهو ٿي وڃڻ، پٽن جي ڪنڪر جي مٺ ڀري انس بن رافع اياس جي منهن تي ڪٽي هڻين ۽ چيائين ته ماٺ ڪر، اسين انهيءَ ڪم لاءِ ڪونه آيا آهيون. حضور جن عليہ الصلوات والسلام اٿي هليا ويا. اياس ويچارو پنهنجي ملڪ موٽي ويو ۽ ڪجهه ڏينهن کان پوءِ انهيءَ ٿي غم ۾ رسول ڪريم صلعم جي حب ۾ سڪ ۾ مري ويو مگر مرڻ مهل انهيءَ جوان جي زبان تي هي اکر جاري هئا ۽ سندس چپ هنن لفظن سان پٽي چُريا.

سبحان الله والحمد لله و لا اله الا الله والله اڪبر ولاحول ولا قوت الا با الله العلي العظيم.
(پاڪ آهي منهنجو الله سائين ۽ سڀ ساراهون ڪيس سونهن ٿيون. هڪ الله کانسواءِ ٻيو ڪو ڪونهي ۽ الله وڏو آهي ۽ مٿاهين الله کان سواءِ ٻي ڪجهه به طاقت ۽ سگهه ڪانهي.)

طفيل بن عمر دوسي جو ايمان آڻڻ.

ساڳين ڏينهن ۾ طفيل بن عمرو* مڪي ۾ آيو جو اوس

---

* عمرو جي اڳيان جيڪو واوُ لکيل آهي سو لکبو ضرور آهي پر پڙهڻ ۾ نه ايندو آهي. لکبو هن لاءِ آهي ته معلوم ٿئي ته هيءَ اکر عين جي زبر سان پڙهبو، جنهن عمر جي اڳيان واوُ نه هجي سو عين جي پيش سان پڙهبو.

www.maktabah.org

جي قبيلي جو سردار هو ۽ مڪي جي آس پاس سندس خاندان جا گهڻا ماڻهو حاڪم ۽ رئيس هئا. طفيل پاڻ هڪ وڏو قابل، شاعر ۽ عالم شخص هو. جڏهن مڪي ۾ آيو تي ته مڪي وارن شهر جي ٻاهران وڃي سندس استقبال ڪيو ۽ تمام چڱيءَ طرح سندس خدمت چاڪري ڪيائون. طفيل کان روايت آهي ته جڏهين آءٌ مڪي ۾ آيس ته مڪي وارن مون کي چيو سنڀالجانءِ! هن شخص (محمد عليه الصلواة والسلام) کان پاڻ بچائجانءِ. هن کي ڏاڍو جادو اچي ٿو، ڪي اهڙيون ڳالهيون ٻڌائي ٿو، جو ڀٽ کي ڀيءُ کان ۽ ڀيءُ کي پٽ کان، زال کي مڙس کان ۽ مڙس کي زال کان، ياءُ کي ياءُ کان ۽ ڌيءَ کي ماءُ کان ٿي جدا ڪري ٿو ڇڏي. اسان ۾ ڏاڍو ڳوڙ وجهي ڏنو اٿس، اسان جي مرضي نه آهي ته تنهنجي قوم ۾ به سنديس ڳالهيون اثر ڪري وڃن ۽ اسان وانگي ڳوڙ اچي پوي، تنهن ڪري اسان جي خاص طرح زور سان نصيحت اٿئي ته نه هن سان تون ملجانءِ، نه ملاقات ڪجانءِ، نه ڳالهائجانءِ ۽ نه سنديس ڳالهيون ئي ٻڌجانءِ. طفيل چوي ٿو ته اهي ڳالهيون مون کي اهڙيءَ طرح ته ٻڌايائون ۽ اهڙو ته اثر منهنجي دل تي وهاريائون، جو جڏهين آءٌ ڪعبة الله ۾ ويندو هوس ته ڪنن ۾ ڪپاهه وجهي نڪرندو هوس ته متان محمد (عليه الصلوات والسلام) جي آواز جو پڙلاءُ به منهنجن ڪنن ۾ نه پوي. هڪڙي ڏينهن اوچتو ڪعبة الله ۾ ويس ته حضرت سائين نماز ويٺي پڙهي؛ جڏهين ته الله پاڪ جي خود مرضي هئي ته حضرت جو پاڪ ۽ دل کي نرم ڪندڙ آواز ضرور منهنجي ڪن تي پهچي، انهيءَ ڪري اچا جو سندن آواز ٻڌم ۽ سندن زبانئون قران پاڪ پڙهندو سڻيم، سو منهنجي دل ئي منهنجي وس کان ٻاهر نڪري وئي، بيشڪ جيڪي پاڻ پڙهيائون ٿي، سو عجيب ڪلام هو جنهن اندر ۾ گهاءُ ٿي ڪيا ۽ دل ۾

ڇپي ٿي ويو. ھاڻ کي سمجھايم ۽ جٽ ڦٽ ڪيم ته اڙي فلاڻا! تون ھاڻ عالم، ھاڻ شاعر، ھاڻ قابل، توکي نفعي نقصان جي سڀ خبر ھوي ٿي، چڱي مَٽي جو تفاوت سمجھي سگھين ٿو، پوء ڇا سبب جو ھرو ڀرو ٻين جي چوڻ تي لڳين ۽ اھڙي مڙس جو ڪلام ۽ ڳالھيون نه ٻڌين؟ نيٺ ھاڻ کي سمجھائي ھي پڪو اراد و ڪيم ته محمد (عليه الصلوات والسلام) جو ڪلام ٻڌان، پوء جيڪڏھين چڱي ڳالھ ھوندي ته قبول ڪندس نه ته ڪڏھن ڪين مڃيندس. اجا اھو خيال ڪيم ته حضرت جن اٿي ھليا، آءٌ به ڏاڍي شوق سان پويان لڳوسان. ھاڻ سڌا پنھنجي گھر روانا ٿيا. آءٌ به وڃي سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ ڪين سارو احوال ٻڌايم ته جڏھين آءٌ مڪي ۾ آيس ته مون کي گمراھ ڪيائون، جنھنڪري ڪنن ۾ ڪپاھ وجھي گھمندو ھوس، ھر اج اوچتو حضور جن جي عبادت ڏسي، ڪلام الاھي ٻڌي ھاڻ کي تنبيه ڪئي اٿم، ھاڻي عنايت فرمائي مون کي پنھنجون پاڪ ڳالھيون ۽ پاڪ خيال ٻڌايو. حضرت پاڪ وري به ڪلام الله پڙھي ٻڌايس. حضرت جن پڙھندا ٿي ويا ۽ طفيل جي دل ھاڻي ھاڻي ٿيندي ٿي وئي ۽ چوڻ لڳو ته قسم خدا جو ته ھھڙو پاڪ ۽ سچو ڪلام مون ڪڏھين ڪونه ٻڌو، جنھن ۾ انصاف ۽ نيڪيءَ جي ھيتري قدر ھدايت آھي. مطلب ته طفيل ھاڻ ڪين جھلي سگھيو ۽ آتي جو آتي مسلمان ٿي پيو. جنھن شخص کي ھن ڪان اڳي سڀ قريش سائين سائين ڪري سڏيندا ھئا، اج آھو شخص حضرت محمد رسول الله جو خادم ۽ ھانھن ٻڌو ٻيلي ٿي پيو، جنھن ڪري قريشن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. پر حق ۽ سچ جي ڪشش جو ڪھڙو علاج؟

www.maktabah.org

ابوذر غفاريءَ جو مسلمان ٿيڻ

ابوذر غفاري اڃا پنهنجي ملڪ يثرب ۾ ئي هو ته حضرت پاڪ جي رسالت بابت افواه پڌا هئائين، جنهن ڪري پنهنجي ڀاءُ کي چيائين ته تون وڃي انهيءَ شخص سان ملي اچ ۽ اچي مون کي احوال ڏي. ابوذر جو ڀاءُ انيس هڪ مشهور فصيح، شاعر ۽ زبان دان هو، سو ابوذر جي چوڻ موجب مڪي ۾ آيو ۽ اچي حضرت جي ملاقات ڪيائين. جڏهين موٽي گهوٽ آيو، تڏهين ابوذر پڇيس ته ڇا خبر آهي؟ چيائين مون حضرت محمد صلي الله عليه وسلم کي نيڪين جو حڪم ڏيندڙ ۽ بڇڙاين کان روڪيندڙ ڏٺو. ابوذر چيو ته ايتري ڳالهه سان منهنجي دل کي اڃا دلجاء نه ٿي ٿئي. آخر ويچارو حق جو طالب پاڻ پنهنجي سر پيادو ئي پيادو مڪي آيو. ابوذر حضرت سائينءَ کي ڪو اڳي سڃاڻندو ڪونه هو ۽ نه وري ڪنهن کان پڇڻ ئي مناسب سمجهيائين. زمزم جو پاڻي پي ڪعبة الله ۾ سمهي رهيو. اتي حضرت علي مرتضيٰ رضي الله عنه آيو ۽ متانس بيهي چوڻ لڳو ته هي ڪو مسافر ٿو ڀانئجي. ابوذر ٿورو جاڳيو پئي، تنهن ڀڏي ورتو ۽ چيائين ته هائو مسافر آهيان. حضرت علي مرتضيٰ چيس ته چڱو پلا مون وٽ هلي مهمان ٿي، ابوذر رات وڃي حضرت علي مرتضيٰ وٽ رهيو، پر نه حضرت علي ئي احوال ورتس، نڪي وري پاڻ ئي پڇيئين. جڏهين صبح ٿيو ته ابوذر ڪعبه ڏي هليو ويو، دل ۾ حضرت پاڪ جي ڏسڻ جو ڏاڍو شوق ۽ آڪير هيس. پر ڪنهن کان پڇڻ نه ٿي پڳس. اتي وري حضرت علي رض مليس، چيائينس ته شايد تو کي ٽڪڻ جي جاء ڪانه ملي آهي. ابوذر چيس ته هائو. تڏهين وري به حضرت علي پاڻ سان وٺي آيس ۽ اتي پڇيائينس ته تون ڪير آهين ۽ هتي ڇو آيو آهين؟ ابوذر چيو دل جي ڳالهه

www.maktabah.org

ٻڌايائين، پر دل ۾ رکجائين. حضرت عليءَ انجام ڪيو ته دل ۾ رکندس. ابوذر چيو ته، مون ٻڌو آهي ته هن شهر ۾ هڪ شخص آهي، جو رسول ٿو سڏائي. مون پنهنجي ڀاءُ کي جاچ وٺڻ لاءِ موڪليو هو، جنهن ڪجهه خبر آندي، پر منهنجي دل کي دلجاءِ نه ٿي، انهيءَ ڪري لاچار آءٌ پاڻ آيو آهيان. حضرت عليءَ چيس ته چڱو ٿيو، جو تون مون سان مليو آهين. اجهو آءٌ به هاڻي انهيءَ جي خدمت ۾ ويس پئي، تون به مون سان هل. ابوذر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ حضرت عليءَ سان گڏجي حضرت پاڪ وٽ ويو ۽ اتي ادب سان عرض ڪيائين ته حضور جن مون کي اول اول اسلام جي حقيقت ٻڌائين ته اسلام ڇا آهي؟ ۽ سندس اصول ڪهڙا آهن؟ حضرت پاڪ کيس چڱيءَ طرح اسلام جا اصول ۽ حقيقت ذهن نشين ڪئي ۽ ابوذر ٻڌي اتي جو اتي مسلمان ٿيو ۽ ڪلمو وحدانيت جو "لااله الاالله محمد رسول‌الله" پڙهيائين. حضرت جن چيس ته ابوذر! تون اهو اعتقاد اجا دل ۾ مخفي رکُ ۽ پنهنجي وطن هليو وڃ. جڏهين تو کي عام طرح اسان جي ظهور جي خبر پوي تڏهين پوءِ هليو اچجائين. ابوذر چيو مون کي قسم آهي خدا جو ته آءٌ پنهنجو هي حقاني اعتقاد دشمنن تي پڌرو ڪندو ۽ انهن کي ٻڌائيندو ويندس. ابوذر ڪعبة الله ڏي آيو. اتي قريش اڳيئي ويٺا هوا. ابوذر ڇا ڪيو، جو سيني جي اڳيان ڏاڍي پيار ۽ محبت سان ڪلمو پاڪ "لااله الاالله محمد رسول الله" پڙهي سيني کي ٻڌايو. قريش اچي ڪاوڙيا، تن چيو ته اچو ته هن بيدين کي ماريون. ماڻهن اُقت مارڻ شروع ڪيو، مگر اوچتو حضرت عباس اچي نڪتو، تنهن جو کيس ڇتائي ڏٺو ته سڃاتائينس ۽ رڙ ڪري چيائين ته ڪمبختو! هي ته غفار جي قبيلي جو ماڻهو آهي، جن وٽ اوهين واپار لاءِ ويندا آهيو ۽ اتاهون ڪارڪون آڻيندا آهيو. ماڻهن جو اهو آواز ٻڌو، سو يڪدم

www.maktabah.org

پوئتي هٽيا، وري بہ ابوذر غفاريءَ سيني جي آڏو ڪلمو پڙهيو ۽ ڪافرن کيس وري بہ سخت ماريو، مگر حضرت عباس وري بہ کيس ڇڏايو. آخر حضرت ابوذر پنهنجي ڳوٺ هليو ويو ۽ پاڻ سان رسول الله صلي الله عليه وسلم جي محبت ۽ الله جو عشق کڻي ويو.

ذڪر معراج

حضرت پاڪ عليه الصلوات والسلام جي حياتي شريف ۾ معراج جو هڪ وڏو واقعو ٿي گذريو آهي، جنهن جو ذڪر ڪرڻ سندن احوال ۾ ضروري بلڪ فرض آهي، ڇو تہ معراج جو ذڪر خود قرآن پاڪ ۾ آيل آهي ۽ جنهن وقت پاڻ اهو ذڪر اصحابن سونهارن کي ٻڌايائون، تنهن وقت مومنن ۽ منافقن جي آزمايش ۽ امتحان جي مهل هئي ۽ سچن ۽ ڪوڙن جي پرک ٿيڻي هئي. جن انهيءَ ڳالهہ کي سچو سمجهيو ۽ مڃيو، سي پڪا مومن ٿيا ۽ جن انهيءَ ۾ ڪوشڪ آندو تہ آهي منافق. ساري دنيا کي معلوم آهي تہ معراج جيي پهرين پهرين جنهن نيڪ انسان تصديق ڪئي، آهو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه هو. اهو ئي سبب آهي جو کيس صديق اڪبر سڏيو ٿو وڃي. الله تعاليٰ انهيءَ تصديق جي عيوض ۾ کيس حضرت رسول الله صلعم جو پهريون خليفو ۽ گادي نشين ڪيو. يعني جڏهن حضرت صديق اڪبر معراج مڃيندڙ مومنن ۾ پهريون مڃيندڙ ۽ تصديق ڪندڙ هو، تڏهن الله تعاليٰ بہ کيس مومنن جو پهريون امير ۽ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جو پهريون گادي نشين ڪيو. تنهن کان سواءِ اصحاب سونهارن جي شان ۾ جيڪي قرآن شريف ۾ ذڪر ٿيل آهي، تنهن سان يار غار هجڻ وارو شان جهڙو صاف ۽ چٽيءَ طرح حضرت صديق اڪبر جو بيان ٿيل آهي، تهڙو ڪنهن بہ اصحابي سڳوري جو بيان صاف طرح قرآن پاڪ ۾

www.maktabah.org

ڪونهي. اهو ئي سبب آهي، جو ننڍا ٿورڙي وڏا، زالون ٿورڙي مڙس سڀ حضرت صديق اڪبر کي سڀني اصحابن جو بزرگ سمجهندا هئا ۽ انهي ئي ڪري حضرت رسول الله صلعم کان پوءِ سڀني ڪيس حضور جن جو گادي نشين ۽ مومنن جو امير ڪري مڃيو. هي سڀ صداقت ۽ سچائيءَ جو عيوض هو، جو الله تعاليٰ جي درگاه مان دنيا ۾ به حضرت صديق اڪبر کي عطا ٿيو. خير هيءَ ته وچ ۾ ٻي ڳالهه. لڪيم معراج جو ذڪر هن طرح آهي ته سڀني اولوالعزم نبين ۽ رسولن جي حياتيءَ ۾ ڪي نه ڪي خاص واقعا اهڙا ٿي گذريا آهن، جي بنسبت ٻين واقعن جي وڏيڪ ڏيان ڇڪائڻ جهڙا هوندا آهن. جهڙي طرح الله تعاليٰ ڪنهن نبيءَ کي لوهه جي نرم ڪرڻ جي طاقت بخشي، جنهن سان ملڪ کي ڏاڍو فائدو ٿيو ۽ لوهه جي اوزارن ٺهڻ ۾ پوءِ ترقي ٿي، ڪنهن کي طورسينا جبل تي گهرايو ويو ۽ پاڻ سان ڳالهائڻ جو الله تعاليٰ ان کي شرف ڏنو، ڪنهن کي ڪين ڪوڙهين ڇڏائڻ ۽ هڪ ٻن مئن جيارڻ جو شان ڏنو ويو. اهڙيءَ طرح حضرت رسول الله خاتم الانبياء سيدالمرسلين محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم کي الله تعاليٰ سڀني نبين ۽ پيغمبرن کان اعليٰ ۽ اوچو شان بخشيو. ملڪوت السموات والارض يعني پنهنجي قدرتي ڪارخانن جو سير ڪرايو ۽ جنسي اکين سان قدرتي ڪارخانا ڏيکاريا. اهو ئي سبب آهي، جو حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم فطرت الله (قانون قدرت) جي پوري پوري ترجماني ڪئي آهي ۽ هر هڪ ڳالهه کي پنهنجي مشاهدي ۽ تجربي موجب صاف بيان فرمايو آهي ۽ انهن ڳالهين کي، جي بالفعل انسان جي هنن ظاهري اکين کان پوشيديون آهن، ٻين نبين ۽ رسولن کان وڌيڪ واضح ۽ چٽو ڪري ٻڌايو آهي، جنهن کي علم الغيب چوندا آهن. حضرت رسول الله صلعم کي معراج جي وسيلي الله تعاليٰ قدرت جي ڪارخانن

www.maktabah.org

جو مشاهدو چو ڪرايو؟ ۽ اڳين نبين کي اهو رتبو نہ بخشيو، تنهن جو سبب پڌرو هي آهي تہ الله تعاليٰ عالم الغيب آهي. ماضي، حال ۽ مستقبل سڀ ڪيس ٿي نيڪ روشن آهي. الله تعاليٰ جڏهن انسانن جي ڏاڏي، ابوالبشر حضرت آدم عليہ السلام کي خليفو ۽ پنهنجي ملائڪن کي پنهنجي ارادي جو اطلاع ڏنو، تہ ملائڪ چوڻ لڳا تہ ”اي اسان جا مولا! تون انسانن کي چو ٿو خلقين؟ اسين تنهنجي عبادت ڪريون پيا“. الله تعاليٰ فرمايو ”اي ملائڪو! اوهان کي ڪجهہ بہ معلوم نہ آهي، جيڪي مون کي معلوم آهي، آءٌ سڀ ڪجهہ ڄاڻان ٿو.“ اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ حضرت رسول ڪريم صلي الله عليہ وسلم کي معراج نصيب ڪيو، هن ڪري تہ ڪيس سو سڀ معلوم هو، جو انسان کي انهيءَ وقت معلوم نہ هو. يعني ڪيس خبر هئي تہ جلدئي اهو زمانو ۽ وقت اچڻ وارو آهي جو ماڻهو نيچر (قانون قدرت) تي هلڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ مذهبن کي قانون قدرت (نيچر) سان پيٽيندا ۽ هرهڪ ڳالهہ سائنس جي اصول موجب تجربي ۽ مشاهدي سان ثابت ڪندا ۽ ان موجب مڃيندا، انهيءَ ڪري هي جو پوئين زماني ۾ خاتم الانبيا رسول الله پيدا ڪيائون ۽ هن پاڪ ۽ برگزيدي پيغمبر کان پوءِ ٻيو ڪوبہ پيغمبر پيدا ٿيڻو ڪونهي، تڏهن مناسب ۽ ضرور آهي تہ اهڙي رسول ۽ نبيءَ کي آهي شيون، جن جي خبر اڳيان نبي ڏيندا ويا، ۽ آهي ڳجهيون ڳالهيون جي اڳيان نبي پڌائيندا ويا، سي ظاهر ظهور ڏيکارجن ٿا تہ تجربو ۽ مشاهدو ڪري پاڻ اسلام جا اصول، قدرت جا قانون ۽ غيب جون خبرون اهڙيءَ طرح بيان فرمائين، جو پڌندڙ اٿين سمجهن تہ انهن بہ چڱ ڏٺو ۽ ڪنهن کي ائين چوڻ جو بہ وجهہ نہ ملي تہ حضرت رسول الله صلعم جيڪي چون ٿا، سو پاڻ ئي ڪونہ ڏٺو اٿن، تڏهن اسين ڪئن مڃون؟ اڳين نبين جي وقت ۾ سائنس وغيره علم معقولات جو ايترو زور

www.maktabah.org

شور ڪونہ هو، جو اڳين نبين ڪي اهڙيءَ طرح حجت سان چون، انهيءَ ڪري انهن نبين لاءِ معراج جي ذريعي قدرتي ڪارخانن ڪي اکين سان ڏسڻ جو اهڙو ضرور ڪونہ هو. هن آخري زماني ۾ قياسات ڪي مڃي ٿي ڪونہ ٿو، سيڪو مشاهدي جو مشتاق آهي، انهيءَ ڪري ساري جهان جو زبردست فلاسفر، خدائي تعليم يافتو ۽ خدائي تعليم جو ماهر حضرت پيغمبر عليه الصلوات والسلام نيچر (قانون قدرت) جو ترجمان ٿي آيو، جنهن لاءِ ضرور هو تہ انهن شين کي پنهنجن اکين سان ڏسي اچن. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ کين پنهنجي خاص خلوت ۽ حضور ۾ گهرايو ۽ پنهنجا خاص قدرت جا ڪارخانا ڏيکاريا. باقي رهي هيءَ ڳالهہ تہ ڪئن ويساه ڪري سگهجي تہ سچ پچ حضرت رسول الله صلعم اهي ڪارخانا وڃي ڏٺا؟ سو سندن چوڻ تي اسان کي پورو پورو پروسو آهي ۽ سندس بيان ڪرڻ مان ٿي معلوم ٿئي ٿو تہ ڏٺل وائٺل ڳالهين جو بيان ڏئي رهيا آهن، جنهن پاڪ انسان دنيا ۾ ڪنهن انسان تي بہ ڪوڙ نہ هنيو ۽ سدائين سچو رهيو، سو هرگز سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڪڏهن بہ خدا تي ڪوڙ هڻندو، تڏهن اهڙي مقدس شخص جي بيان ۾ شڪ ڪرڻ ناداني آهي. معراج جو مطلب آهي آپ ڏي، جنهن کي آسمان چوڻ ۾ اچي ٿو، حضرت پاڪ جو مٽي چڙهي وڃڻ، جنهن ۾ ڪيترا تعصبي ۽ نادان شڪ آڻيندا ۽ مشڪل سمجهندا آهن، سو انهيءَ ۾ ڪابہ مونجهہ ۽ مشڪل جهڙي ڳالهہ ڪانهي. آهو ٿي خدا آهي حضرت پاڪ کي مٽي گهرائڻ وارو، جنهن قادر مطلق حضرت عيسيٰ کي جيئرو ٿي جيئرو مٽي گهرائي ورتو (ڏسو متي باب ۲۸ ورس ۷ ۽ مرقس باب ۱۶ ۽ ورس ۱۹)؛ ۽ حضرت الياس کي انساني جسم ۽ شڪل سميت موت جي ذائقي چکائڻ کان سواءِ باه جي گاڏيءَ تي سوار ڪري جهڙ ۽ واچ جي مدد سان آسمان

www.maktabah.org

تي چاڙهيو. آهوئي خدا آهي حضرت پاڪ کي ٻه ٻاڻ وٺ گهرائڻ وارو، جنهن هن وقت سائنس جي مدد سان برق (بجلي) سان آهي ته قدرت جا ڪرتب ڏيکاريا آهن، جن کي ڏسيو حيرت وٺيو ٿي وڃي. جڏهين ته اڄ ڪلهه هئڊروجن گيس جي مدد سان هزارين مڻن جا جهاز ٻه معمولي پتنگ وانگي اڏامن پيا، تڏهن هن وقت جي ماڻهن کي معراج جي هجڻ کان انڪار ته پري ٿيو، رکو شڪ ڪرڻ ٻه خالص ناداني آهي، ڇو ته حضرت پاڪ کي جو معراج معليٰ نصيب ٿيو هو، سو براق جي وسيلي سان يعني پاڻ ٻه ائين ئي فرمايو اٿن ته هڪ شئي گهوڙي جي شڪل جهڙي، پر نه جنسي گهوڙي جهڙي، الله تعاليٰ پنهنجي قدرت سان موڪلي، جنهن کي ملائڪن براق سڏيو ٿي، جا پنڌ ۾ بلڪل تکي هئي وغيره وغيره، تنهن تي سوار ٿي پاڻ روانا ٿيا. هاڻي ويچار جي ڳالهه آهي ته براق جي لفظي معنيٰ آهي "آها شئي جا برق (بجلي) جي زور تي تکي ۾ تمام تکي هلڻ واري هجي"، تڏهن روشن ٿيو ته بيشڪ بجلي جي وسيلي سان مٿي وڃي سگهجي ٿو. هاڻ جيڪڏهن براق جو ذڪر ٿيل نه هجي ها ته ٻه شڪي ماڻهن کي شڪ ڪرڻ جو موقعو هو. هي ٻه خيال ۾ وهارڻ جهڙي ڳالهه آهي ته حديثن ۾ 'برق' جو لفظ آيل آهي نه مرڪب ۽ فرس وغيره جو. مرڪب جي معنيٰ آهي سواريءَ لاءِ وهٽ ۽ فرس جي معنيٰ آهي گهوڙو. هاڻي جيڪڏهن هي معمولي گهوڙو سواريءَ لاءِ آيل هجي ها ته حديثن ۾ مرڪب يا فرس جو لفظ اچي ها، نه براق جو ۽ پوءِ البت حيراني جهڙي ڳالهه ٻه هئي، مگر هتي ته ڳالهه پڌري پئي آهي. براق جو اشتقاق آهي برق سان ۽ برق کي سنڌيءَ ۾ وڄ ۽ اردوءَ ۾ بجلي ۽ انگريزيءَ ۾ اليڪٽرسٽي ڪري چوندا آهن، سو اليڪٽرسٽي جي مدد سان جيڪي هينئر انسانن ڪم ڪيا آهن، ڪ

آهي ته اچا انهيءَ کان به وڌيڪ جڏهن زمانو گذرندو ويندو،
تڏهن حيرت جهڙا ڪم ظاهر ٿيندا رهندا ۽ هيءَ به پڪ آهي
ته اليڪٽرسٽي جو جيڪو خالق آهي، سو انسانن کان وڌيڪ
اليڪٽرسٽي مان ڪم وٺي سگهي ٿو، پوءِ حضرت پاڪ انهيءَ
براق جي وسيلي مان جيڪڏهن 'ملڪوت السماوات والارض'
(قدرتي ڪارخانن) جو سير ڪيو ته ڪهڙو عجب؟ درحقيقت
عجب انهن جي حال تي آهي جي ههڙي روشن زماني ۾
رهي به انڪار ٿا ڪن يا شڪ ٿا آڻين. هي به معلوم هئڻ
گهرجي ته حضرت رسول الله صلعم جو شرف ۽ شان ڪو
انهيءَ ۾ ڪونهي ته پاڻ آسمان ڏي آڏامي ويا، يا حيرت
جهڙي گهوڙي تي چڙهي ويا، يا اڻ معلوم قدرت جي
وهٽ تي سوار ٿي ويا؛ نه نه ائين بلڪل نه آهي. حضرت
رسول الله صلعم جو شرف ۽ معراج جو مطلب فقط هن ۾
آهي، جو پاڻ الله تعاليٰ جي قدرت جي ڪارخانن کي وڃي
اکين سان ڏسي آيا، جو اڳي ڪنهن به نبيءَ يا رسول کي
اهڙو مشاهدو حاصل ڪونه ٿيو هو. اسان جي اعتقاد ۾ ٻي
مطلب معجزن ۽ ٻي نتيجي ڪرامتن جي ڪا عزت ڪانهي؛
عزت آهي انهن ڳالهين جي، جن مان ڪو چڱو نتيجو نڪري.
انهيءَ ڪري معراج جي ذڪر مان فقط خدائي قدرتن جي
معلوم ٿيڻ ۽ مشاهدي ۽ تجربي جو نتيجو ظاهر ٿيڻو ۽ ڪرڻو
آهي، نه حيرت جهڙي ڳالهه ٻڌائڻ جو مطلب؛ انهيءَ صفائيءَ
کان پوءِ معراج جو مختصر بيان لکان ٿو.

معراج جو مختصر تذڪرو

نبوت کان پوءِ ڏهين سال رجب مهيني جي ٢٧ تاريخ
حضرت سائينءَ بيبي ام هاني رضه جي حويليءَ ۾ خير سان
ستا پيا هئا ته اوچتو درگاه الاهيءَ مان حضرت جبرائيل ۽
حضرت ميڪائيل ٻئي الله پاڪ جا مقرب ۽ عزت وارا

www.maktabah.org

ملائڪ ۽ هڪ ٻيو ملائڪ به ساڻن هو، سي سڀئي گڏجي حضرت سائينءَ کي درگاه الاهي ۾ وٺي وڃڻ ۽ اتي وڃي قدرت جي ڪارخانن ڏسڻ لاءِ براق وٺي آيا. الله تعاليٰ جي حڪم موجب پهرئين حضرت جبرائيل حضرت سائينءَ کي زمزم جي کوهه تي وٺي وڃي ڇاتيءَ کي چاڪ ڏئي سندن قلب (دل) کي زمزم جي پاڻيءَ سان ڌوتو ۽ خدائي نور سان ڀريو، تا ته قدرت جي ڪارخانن ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۽ ڏسي سمجهي پوءِ دل سان هنڊائڻ لاءِ تيار ۽ لائق ٿين ۽ سندن دل به مضبوط ٿئي، جو خدائي درگاهه جو رعب ۽ جلال ۽ الاهي نور جي تجليءَ ۽ جمال جو تاب سهي سگهي. سائنس جي ٻوڇارين کي هاڻ نه سمجهڻ گهرجي ته جن جن آسماني جاين ۾ انسان جي وڃڻ ۽ جيئري رهڻ جو امڪان ئي ڪونه ٿو سمجهڻ ۾ اچي، اتي وڃڻ لاءِ به پاڻ انهيءَ طرح لائق ٿين. اگرچ حضرت جن جو قلب اڳيئي پاڪ ۽ صاف ۽ سڀ ڳالهه لاءِ لائق ۽ تيار هو، پر انهيءَ وقت درگاهه الاهي ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ سيدالمرسلين جو اهو گويا هڪڙي قسم جو وضو هو، جئن عبادت لاءِ وضو ڪبو آهي، پوءِ اگرچ اڳيئي وضو هوندو آهي ته به زياده پاڪائي ۽ ادب واسطي وري به تازو وضو ڪبو آهي. اهڙيءَ طرح حضرت رسول الله صلعم کي پهرئين معراج يعني خدائي درگاه ۾ حاضر ٿيڻ جو اهو وضو ڪرايو ويو يا هاڻ سمجهڻ گهرجي ته جن آسماني سخت سرد ۽ سخت گرم ۽ اهڙين جاين ۾ بشر (انسان) جي وڃڻ ۽ جيئري رهڻ جو امڪان ڪونه ٿو ڇوڻ ۾ اچي، جو ته بشري ڪثافتون ۽ مادا اهڙين جاين جي اثر کي سهي ڪين سگهندا آهن، انهيءَ ڪري حضرت سائينءَ کي ملائڪن خدائي حڪم موجب اهڙن مادن ۽ بشري ڪثافتن کان، جي قانون قدرت موجب سيڪنهن انسان ۾ پهرئين پيدا ٿيڻ وقت موجود

www.maktabah.org

هوندا هئا، آب زمزم سان ڌوئي وڌي پاڪ ۽ صاف ڪيو ۽ پاڻ سونهارا متي وچڻ لاءِ تيار ٿيا ۽ تنهن کان پوءِ پاڻ براق تي سوار ٿيا. پهرئين بيت المقدس تائين ويا ۽ اُتي سڀني نبين جا امام (اڳواڻ) ٿي نماز پڙهايائون. قرآن پاڪ ۾ انهيءَ بابت هن طرح فرمايل آهي:

سبحان الذي اسرىٰ بعبده ليلا من المسجد الحرام الى المسجد الاقصى الذي باركنا حوله لنريه من آياتنا انه هو السميع البصير.

[پاڪ آهي آها ذات پاڪ (خدا)، جنهن سير ڪرايو پنهنجي ٻانهي کي هڪڙي رات ڪعبي شريف کان بيت المقدس (يروشلم) تائين جنهن کي چوڌاري برڪت وارو ڪيو اٿئون. اهو سير هن لاءِ ڪرايو ويو ته اسين (پاڻ الله) کيس پنهنجي قدرت جون نيشانيون ڏيکاريون تحقيق اهو الله ئي ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي.]

هن آيت شريف مان به صاف معلوم ٿيو ته معراج جو غرض اهوئي هو ته کين الله جي قدرت جا ڪارخانا ڏيکارڻ ۾ اچن. صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم جي صحيح حديثن ۾ ذڪر آهي ته اهو براق اهڙو ته تکو هو جو پنهنجي نظر جي پڄاڻيءَ تي وک رکيئين ٿي. انهن ئي ڪتابن جي ساڳيءَ روايت ۾ آهي ته جڏهن پاڻ بيت المقدس مان نماز پڙهي واندا ٿيا، تڏهن کين حضرت جبرئيل هڪ پيالو شراب جو ۽ هڪ پيالو خالص کير جو پيش ڪيو، پاڻ فرمائين ٿا ته مون شراب جي پيالي کي هٿ به ڪونه لاتو ۽ کير جو پيالو وٺي پيتم. پوءِ براق تي سوار ٿي آسمانن جي طرف روانو ٿيس. پهرئين آسمان تي حضرت آدم، ٻئي آسمان تي حضرت يحيٰ ۽ حضرت عيسيٰ، ٽئي آسمان تي حضرت يوسف، چوٿين تي حضرت ادريس، پنجين تي حضرت هارون، ڇهين تي حضرت

www.maktabah.org

موسيٰ ۽ ستين تي حضرت ابراهيم عليٰ نبينا و عليهم السلام ڏٺم. تنهن کان پوءِ سدرت المنتهيٰ نالي هڪ جاءِ تي ويس، جتي قدرت جون عجيب عجيب روشنيون هيون - آتي جيڪي سمجهائڻو هوس، سو الله تعاليٰ مون کي سمجهايو، منهنجي دل ۾ جيڪي وجهڻو هوس، سو وڌائين ۽ مون تي جيڪي ظاهر ڪرڻو هوس، سو ظاهر ڪيائين.

نماز جي پنجن وقتن جو فرض ٿيڻ

منهنجي آمت لاءِ پنجاه وقتن جي نماز فرض ٿي، جڏهن موٽڻ وقت حضرت موسيٰ کي ڏٺم، تڏهن حضرت موسيٰ عليه السلام چيو ته اوهان جي آمت کان ايترن وقتن جي نماز پڄي ڪين سگهندي. آءٌ اهي لفظ ٻڌي ڪيترائي دفعا مونٽي درگاه الاهيءَ ۾ آيس ويس ۽ عاجزيءَ سان ڏاڍا عرض ڪيم ته نيٺ پنجن وقتن جي نماز وڃي باقي قائم رهي. حضرت سائينءَ نماز جي گهٽائيءَ کي پهرين پهرين خيال ۾ نه آندو سو هن ڪري، جو پاڻ الله پاڪ جي عبادت لاءِ مشتاق ۽ مشاق هئا، انهيءَ ڪري گهڻي عبادت مقرر ٿيڻ تي پاڻ خوش ٿيا، مگر جڏهن حضرت موسيٰ سندن ڌيان امت جي عاجزائيءَ ڏي ڇڪايو تڏهن پاڻ خداوند پاڪ کان معاف ڪرايائون.

ٻين صحيح حديثن ۾ آهي، پاڻ فرمايو اٿن ته مون معراج جي رات پنهنجي مولا جو مشاهدو حاصل ڪيو ۽ بهشت دوزخ کي به چڱيءَ طرح ڏٺو. مطلب ته سو سڀ ڪجهه ڏٺو جو ڏسڻ جوڳو هو.

جن انسانن کي الله پاڪ روشن دل ۽ روشن دماغ بخشيو هو ۽ بخشيو آهي، تن حضرت پاڪ جي معراج ۾ نه ڪنهن قسم جو شڪ آندو ۽ نه آڻيندا، باقي جيڪي اهڙن اعليٰ رتبن جي ڏسڻ ۽ سمجهڻ کان قاصر ۽ محروم هئا يا

www.maktabah.org

هوندا، سي جيڪڏهن شڪ آڻيندا ته ڪو فڪر ڪونهي. سچ سچي جهان کي سوجهرو رسائي ٿو، مگر چمڙو جيڪڏهن محروم رهيو ته سج جو ڪهڙو قصور؟ جڏهن معراج جي ڳالهه مشهور ٿي، تڏهن ڪيترا ماڻهو انڪار ڪرڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته ائين ڪئن هوندو؟ ڪي وري تاڙيون وڄائڻ لڳا، ڪي وري حيرانيءَ کان مٿي کي هٿ ڏئي ويٺا، انهن مان مطعم بن عدي حضرت پاڪ کي خطاب ڪري چوڻ لڳو ته اجا اڳيون ڳالهيون تنهنجون ڪٿي مڃجن، پر هي ڳالهه جا ڪئي اٿئي، سا ته تمام ڳري ڳالهه آهي. آءٌ دل سان چوان ٿو ته تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين، اسين آٺن کي اڙيون هڻي ساڻا ٿيو ٿا پئون، تڏهن مس مس هڪڙي مهني ۾ بيت المقدس تائين پهچون ٿا ۽ تون چئين ٿو ته هڪ رات ۾ اهو ملڪ سڄو ڏسي آيو آهيان. مون کي قسم آهي لات ۽ عزيٰ * جو ته آءٌ توکي ڪڏهن به سچو نٿو سمجهان، ۽ ڪڏهن به ائين ڪين ٿيو هوندو، جئن تون چئين ٿو. اتي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه اچي نڪتو ۽ هڪل ڪري چيائينس ته اي مطعم ماٺ ڪر! جيڪي چئين ٿو، سو بيهودو ٿو چئين، ڇا حضرت رسول الله صلعم جهڙي پاڪ ۽ برگزيدي انسان کي ڪوڙو ٿو چئين؟ قسم خدا جو آءٌ گواهي ٿو ڏيان ته حضرت رسول الله صلعم جيڪي فرمائين ٿا، سو سڀ سچ ٿا فرمائين. هي روايت ۾ آهي ته ڪيترائي ڪافر معراج جي خبر ٻڌي حضرت ابوبڪر صديق رضه وٽ ڊوڙي ويا ۽ وڃي چيائونس ته پنهنجي دوست جي هيءَ خبر ڪا ٻڌي اٿئي؟ چوي ٿو ته رات آءٌ بيت المقدس ڏسي آيو آهيان! حضرت ابوبڪر صديق پڇيو ته ڇا سچ پچ

---

* لات ۽ عزيٰ ڪافرن جي پوڄا جا بت هئا، جن کي هو خدا وانگي پوڄيندا هئا.

www.maktabah.org

حضرت رسول الله صلعم پاڻ ائين فرمائين ٿا؟ هنن چيو ته هائو هائو!! حضرت ابوبڪر صديق رضه فرمايو ته جيڪڏهن حضرت رسول الله صلعم پاڻ ائين فرمائين ٿا ته بلڪل سچ آهي ۽ يقينن سچ فرمائين ٿا. هنن چيو ته هان تون اهڙيءَ ڳالهه کي سچ چئين ٿو؟ حضرت صديق رضه فرمايو ته هائو هائو!! بلڪ انهيءَ کان به جيڪڏهن وڌيڪ ڳالهه هجي ته به آءٌ حضرت رسول الله صلعم کي سچو چوندس. هو سدا سچا صادق ۽ امين آهن. جڏهن ته الله وٽان روز روز هر هر وٽن جيڪو پيغام ۽ ڪلام اچي ٿو، سو به اسين مڃون ٿا، تڏهن هيءَ ڳالهه معراج جي ڪهڙي ڳري آهي؟ اتي مطعم چيو يا محمد! ڀلا اسان کي بيت المقدس جو بيان ٻڌاءِ. حضرت سائين جن هڪ هڪ دروازي جو بيان ٻڌائڻ لڳا، حضرت صديق اڪبر رضه بي اختيار چوڻ لڳو:

صدقت اشهد انک لرسول الله

(سچ ٿا فرمايو آءٌ گواهي ٿو ڏيان ته بيشڪ توهين رسول خدا جا آهيو.)

اللهم صل علىٰ محمد صاحب التاج والمعراج وعلىٰ آله واصحابه و بارڪ و سلم.

هجرت يعني لڏي وڃڻ جا سبب

عربستان ۾ حضرت ابراهيم ۽ اسماعيل جي مبارڪ وقت کان وٺي، ڪعبته الله جي حج جو دستور هلندڙ هو. آس پاس جا ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا، حضرت پاڪ جن جڏهن پنهنجي قوم کي سمجهائي مايوس ٿيا، تڏهن حج جي ميلي کي غنيمت سمجهيائون ۽ انڌيريءَ رات ۾ مڪي کان ٻه ٽي ميل پنڌ ٻاهر نڪري ويا ته عقبه نالي هڪ جاءِ ۾ ڪن ماڻهن کي ڳالهيون ڪندو ٻڌائون. هنن جي ڳالهائڻ تي حضرت جن سري آنهن وٽ ويا، ڏٺئون ته ڇهه ڄڻا آهن،

www.maktabah.org

جي يثرب (مدينی) کان آيل هئا. حضرت پاڪ انهن سان مرحبا (آجيان) ڪئي، کين الله تعاليٰ جي بزرگيءَ ۽ وڏائيءَ جو بيان ٻڌايو ۽ خدا جي محبت ۾ انهن کي تازو ڪيو، بتن کان انهن کي نفرت ڏياريائون، نيڪي ۽ پاڪيزگيءَ جي تعليم ڏني گناهن ۽ بڇڙن ڪمن کان روڪيائون. اهي ماڻهو اگرچ بت پرست هئا، مگر حضرت رسول ڪريم عليه الصلوات والسلام جي سچي تعليم ۽ پاڪ تلقين اهڙو ته اثر انهن جي دلين تي ڪيو، جو هو ويچارا پنهنجي حالت کي ياد ڪري ڏاڍا غمگين ٿيا؛ حضرت جون سڀ ڳالهيون کين دل سان لڳي آيون، هنن به پنهنجي شهر جي يهودين کان ٻڌو هو ته هڪ پاڪ ۽ بزرگ نبي جلد ئي پيدا ٿيڻ وارو آهي، سو هنن کي به اهو خيال دل ۾ ڇپي ويو، اها ڳالهه ياد ڪري اتي جو اتي ايمان آندو ۽ حضرت رسول الله صلعم جا خادم ۽ اسلام جا مبلغ ٿي مدينه موٽيا ۽ اتي وڃي سڀني کي هيءَ خوشخبري ٻڌايائون ته اهو نبي جنهن جو جهان کي ئي انتظار هو، سو دنيا ۾ اچي چڪو آهي. اسين پنهجن ڪنن سان سندس پاڪ ڪلام ٻڌي آيا آهيون، پنهنجي اکين سان سندس زيارت ڪري آيا آهيون، سندس ٻول ۽ قول سراسر حڪمت ۽ الاهي اسرار آهن، هن اسان کي اسان جي مولا حيٌ ۽ قيوم سان ملائي ڇڏيو، اسان جي لڱ اسان جي رب سان لائي ڇڏيائين، هينئر حياتي ۽ موت اسان جي نظر ۾ برابر آهن.

بيعت عقبه اوليٰ

اهي ڇهه مرد، جي حضور رسول الله صلعم وٽان فيضياب ٿي ويا، تن جي مديني وڃڻ ڪري گهر گهر ۾ حضرت پاڪ جو ذڪر ۽ ڳالهه ٻولهه هلڻ لڳي ۽ اسلام جو عطر هر هنڌ سرهاڻ ۽ سڳنڌ پهچائڻ لڳو. ماڻهن جي دلين ۾ خدا جي قدرت سان (نه ڪنهن جي زور يا زبردستيءَ سان) اسلام

www.maktabah.org

جو اثر وهڻ لڳو. نبوت جي ٻارهين سال يثرب (مدني) جا رهاڪو ٻارهن ڄڻا مڪي ۾ آيا، جن مان پنج ساڳيا اڳيان ۽ ست پيا نوان هئا، جي سڀئي حضرت پاڪ جي خدمت ۾ حاضر ٿي ايمان جي شرف سان مشرف ۽ اسلام جي نور سان منور ٿيا. انهن سعادتمند نيڪ مردن، جن شرطن تي حضرت رسول الله عليه الصلوات والسلام جي هٿ مبارڪ تي بيعت (مڃوتي) ڪئي هئي، سي هيٺيان شرط آهن:

بيعت جا شرط

١- اسين فقط هڪ الله کي مڃون ٿا ۽ مڃينداسين ۽ فقط سندس ئي پوڄا ۽ عبادت ڪنداسين، ڪنهن ڪي به خدا سان شريڪ نه بڻائينداسين.

٢- اسين چوري ۽ زنا بلڪل نه ڪنداسين.

٣- جيئن عربن ۾ دستور ٿي ويو آهي ته جيڪريون ڌيون ڄمن ۾ پوري ڇڏين ٿا، تئن هرگز اسين نه ڪنداسين.

٤- اسين ڪنهن تي به ڪوڙي تهمت نه ڌرينداسين ۽ نه ڪنهن تي چغلي هڻنداسين.

٥- اسين چڱن ڪمن ۾ هر طرح رسول الله جي تابعداري ڪنداسين.

جڏهن اهي انسان مديني ڏي موٽڻ لڳا ته، حضرت پاڪ مصعب بن عمير کي انهن جي تعليم وغيره لاءِ ساڻن گڏي ڏنو. اهو مصعب عمير ڪو سادو سودو ماڻهو نه هو، بلڪ عرب جي هڪ وڏي امير گهراڻي جو اميرزادو هو، هميشه جڏهن گهوڙي تي چڙهي گهمڻ ويندو هو ته اڳيان پويان ٻانها حاضريءَ ۾ هلندا هوس ۽ گهٽ ۾ گهٽ ٻن سون روپين جي پوشاڪ پهريندو هو، مگر اسلام قبول ڪرڻ ڪانپوءِ اهي نفساني خام خيال سڀ ڇڏي ڏنائين، هڪ درويش صفت اميرزادو ٿي پيو، اسلام جي پوشاڪ

www.maktabah.org

جو مٽ ڪنهن به ٻيءَ پوشاڪ کي نه سمجهائين. جڏهن مديني شريف ۾ اسلام جو معلم ۽ مبلغ ٿي ويو ۽ مديني ۾ ڏينهن جي منادي ۽ اسلام جي خوبين بابت وعظ ڪندو وتندو هو ته سندس ڪلهن تي هڪ سادي گودڙيءَ جو ٽڪر پهريل هوندو هو، جنهن کي اڳ جي پاسي کان ڪنڊڙن سان اٽڪائي ڇڏيندو هو. سبحان الله! اهڙي درويش صفت امير اسلام جي سچي عاشق جي وعظ سان ڪيترائي ڪافر مسلمان ٿي پيا ۽ دين حق ۾ فوجن جون فوجون داخل ٿيڻ لڳيون. مسلمانن جي جماعت ننڍڙيءَ مان ڦري هڪ وڏي جماعت ٿي پئي.

بيعت عقبه ثانيه

مصعب مديني شريف ۾ اسعد بن زراره جي گهر وڃي لٿو هو ۽ سندس سهٽيءَ تعليم سببان ڪيس مديني وارا استاد ڪري سڏيندا هئا. هڪڙي ڏينهن مصعب ۽ اسعد ۽ پيا به ٻئي مسلمان بيرمرق تي گڏ ٿيا هئا ۽ ويٺي ويچار ڪيائون ته ڪهڙيءَ طرح بني عبدالاشهل ۽ بني ظفر جي قبيلن ۾ اسلام جو آواز پهچائجي؟ سعد بن معاذ ۽ اُسيد بن حضير انهن قبيلن جا سردار ۽ رئيس هئا، تن کي به خبر پئجي وئي ته مسلمان هن ويچار ۾ آهن، سو سعد اُسيد کي چيو ته اوهين ڪهڙيءَ غفلت ۾ آهيو، ڏسو ته هي ٻئي يعني مصعب ۽ اسعد اسان جي گهرن ۾ اچي اسان جي بيوقوفن کي برغلائن ٿا، اوهين وڃي هنن کي ها ها ڪريو، چئون ته اڳتي اسان جي پاڙن ۽ محلن ۾ نه اچو، آءٌ خود هوند ائين چوان، پر ڇا ڪريان جو اسعد منهنجو ماسات ٿي پيو آهي. اُسيد، سعد جي چوڻ تي پنهنجا هٿيار ڪٺي ڏانهن روانو ٿيو. اُسيد کي جو پريان ايندو ڏٺئون، سو اسعد، مصعب کي چيو ته اجهو قبيلي جو سردار اچي پيو، خدا ڪري شل اهو هڪڙو وئي تنهنجي

www.maktabah.org

نصيحت قبول ڪري وڃهي تہ بس. مصعب چيو تہ ھو
جيڪڏھن اچي ويٺو تہ آءٌ ضرور سائس ڳالھہ ڇوريندس.
ايتري ۾ اسعد بہ اچي پھتو ۽ اچڻ شرط بيٺي بيٺي گاريون
ڏيڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو تہ اوهين اسانجن نادانن ۽ بيوقوفن
کي گمراھ ڪرڻ آيا آهيو؟

مصعب جي وعظ سان اسعد جو ايمان قبول ڪرڻ

مصعب چيو جناب جيڪڏھن اوهين آرام سان ويھي اسانجون ڳالھيون ٻڌو تہ تمام چڱو، پوءِ پسند اچن تہ واھ، نہ تہ مرضيءَ جا مالڪ آهيو. آسيد چيو چڱو ڀلا چئو ڇا ٿو چئين؟ مصعب ويھي چڱيءَ طرح اسلام جي حقيقت سمجھايس تہ اسلام ڪو بچڙي ڳالھہ ڪانہ ٿو ڏسي، نڪو گمراھ ٿو ڪري، اسلام جا اصول ھي ھي آھن ۽ وري قرآن شريف بہ پڙھي ٻڌايائينس، آسعد ماٺ ڪري سڀ ڪجھہ پئي ٻڌو. آخر اوچتوئي اوچتو چوڻ لڳو تہ ڀلا ھي تہ ٻڌاءِ تہ جيڪڏھن ڪو ماڻھو اوھان جي دين ۾ داخل ٿئي تہ پھرين اوھان کي انھيءَ سان ڇا ڇا ڪرڻو ٿو پوي؟ مصعب چيو تہ وهنجاري سھنجاري، پاڪ ۽ صاف ڪپڙا ڍڪائي، ڪلمو پاڪ ۽ ٻہ رڪعتون نفل نماز پڙھائيندا آهيون. مصعب جو ائين چوڻ ۽ آسيد جو ٽپ ڏيئي اٿڻ، اٿڻ شرط پاڪ ۽ صاف ڪپڙا ڍڪي ڪلمو پاڪ ۽ ٻہ رڪعتون نماز مصعب جي سمجھائڻ موجب پڙھي، اسلام ۾ داخل ٿيو. سيني الله پاڪ جا شڪرانا ڪيا، اتي آسيد چيو تہ منھنجو ٻيو سنگتي بہ آهي جيڪڏھن اھو بہ اسلام قبول ڪري تہ تمام چڱو، اجھو آءٌ وڃي ڪنھن بہ طرح انھيءَ کي موڪليان ٿو. آسيد روانو ٿيو. سعد بن معاذ پريان ئي ڏسي چيو تہ آسيد جو اھڙو چھروئي ڪينھي جو وڃڻ مھل ھوس. جڏھين

www.maktabah.org

آسيد آيو ۽ اچي ويٺو ته سعد پڇيس ڪيئن؟ ڪهڙو حال آهي؟ ڪر خبر! آسيد چيو ته مون هنن کي خوب سمجهايو آهي، آئينده هو اسان ۽ اوهان جي مرضي جي برخلاف نه ڪندا، مگر ٻي هڪڙي ڳالهه ٻڌايائينس، جو يڪدم سعد، آسيد سان گڏجي ويو، ڏٺائين ته مصعب ۽ اسعد ٻئي موج ۾ ويٺا آهن ۽ اها ڳالهه، جا اُسيد ٻڌائي هيس سا آهي نه ڪانه. اتي تاڙي ويو ته خواه مخواه هنن جي ڳالهين ٻڌڻ لاءِ مون کي هتي آندو اٿس. غصي ۾ اچي انهن کي گاريون ڏيڻ لڳو ۽ آسيد کي چيائين ته جيڪڏهين تو ۾ منهنجي مٽ ۾ مائٽي ۽ عزازت نه هجي ها ته تون ڪير ۽ تنهنجي مجال ڇا؟ جو اسان جي محلي ۾ پير رکي سگهين ها. اتي اسعد، مصعب کي چيو هي وڏو سردار آهي، پنهنجي فضيلت ۽ مٺيءَ زبان سان جيڪڏهين هن کي سمجهائي وڌئي ته پوءِ مديني ۾ اسلام جو مخالف ۽ اهل اسلام جو دشمن ڪو ڪونه ٿي سگهندو. اتي مصعب، سعد کي چيو، سائين مهرباني ڪري ٿورو آرام سان وهو ۽ ٿڌا ٿي اسان جون ڳالهيون ٻڌو، جيڪڏهين اوهان کي نه وڻن ته پوءِ بيشڪ اوهين اسان جا مخالف ٿيو، اسان تي ڪاوڙيون چنبڙيو ۽ جيڪڏهن پسند اچن ته قبول ڪجو نه ته مرضيءَ جا مالڪ آهيو. سعد، مصعب جي اها گفتگو واجبي سمجهي، هٿيار زمين تي رکي ويهي رهيو. مصعب اسلام جي حقيقت ۽ اصول معقول بيان ڪيا ۽ چڱيءَ طرح اسلام جا متا ۽ مقصد ٻڌايا ۽ ذهن نشين ڪيا. وري قرآن شريف مان ۾ نهايت سوز سان ڪجهه پڙهي ٻڌايو. بس ڇا چئجي! سعد جي ڪاوڙ ته ڪافور ٿي وئي، پر دل ۾ هڪ عجيب قسم جي نرمي ۽ ايمان جو نور پيدا ٿي ويس، اکين آڏو اسلام پاڪ جي سهڻي ۽ من موهڻي تصوير بيهي ويس، سعد به ساڳيو سوال ڪيو، جيڪو آسيد ڪيو هو ته پهرين پهرين اوهين اسلام ۾ داخل ٿيندڙ سان

www.maktabah.org

ڇا ڪندا آهيو؟ مصعب سمجهايس. سعد ٻه آتي جو آني و هنجي سهنجي، ڪپڙا صاف ڪري، ڪلمو پاڪ ڏاڍي حب ۽ شوق سان پڙهي نفل جون ٻه رڪعتون ادا ڪري، اسلام ۾ داخل ٿيو ۽ پنهنجا هٿيار ڪٽي پنهنجي مجلس ۾ موٽي آيو ۽ ايندي ئي پنهنجي قبيلي وارن کي سڏي چيائين ته اي بني عبدالاشهل! اوهين مون کي ڇا سمجهندا آهيو؟ سڀني چيو ته توهان اسان جو سردار، مکي ۽ پريو مڙس آهين ۽ تون هميشه اسان جي چڱائيءَ جي ڪوشش ڪندو آهين. سعد چيو ته ٻڌوا مڙس هجي توڙي زال آءُ سڀني سان ڳالهائڻ تيسين حرام سمجهندس جيسين الله ۽ الله جي رسول تي ايمان نه آڻيندا.

سڄو ئي قبيلو هڪ ئي ڏينهن ۾ مسلمان ٿيو

سعد بن معاذ، جو ڏاڍو سياڻو ۽ فياض سردار هو تنهن جو ائين چيو، سو ماڻهن جي دلين ۾ کُپي ويو انهيءَ ڏينهن سانجهيءَ تائين مرد ۽ عورتون سڀ اسلام ۾ داخل ٿي ويا، نڪو اهڙو مڙس ئي بچيو ۽ نه زال، جنهن اسلام جو انڪار ڪيو هجي. سبحان الله! مبارڪ آهن خدا جا آهي برگزيدا بندا، جي همت جهلي سر جو سانگو لاهي خدا جي حڪمن کي اهڙيءَ طرح خدا جي مخلوق جي ڪنن تائين پهچائين ٿا ۽ پنهنجي سچائيءَ ۽ صداقت موجب آن ۾ ڪامياب ٿين ٿا، بيشڪ انهن ڪان الله ۽ الله جو رسول به تمام راضي ٿين ٿا ۽ خدا جي مخلوق ۾ به اهڙن بزرگن جي نيڪنامي ٿئي ٿي، تنهن ڪانسواءِ ماڻهن تي به سندن شڪرگذاري واجب بلڪ فرض ٿئي ٿي، رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين. حضرت مصعب رضي الله تعاليٰ عنه جي اهڙي اثر واري تعليم ۽ اهڙن وڏن قبيلن ۽ ڀاڙن جي مسلمان ٿيڻ ڪانپوءِ مديني جي سڀني قبيلن ۾ اسلام جو ڇهڇٽو ٿيڻ لڳو. نبوت جي تيرهين سال حج جي موقعي تي حضرت مصعب جو مکي

www.maktabah.org

شريف آيو ته ساڻس ٽيهتر مرد ۽ عورتون حضرت پاڪ جي زيارت جي شوق ۾ يثرب جي قافلي سان شامل ٿي مڪي شريف ۾ آيا، پر نه فقط اهي مسلمان ٿيا هئا، بلڪ گهڻن ئي اسلام قبول ڪيو هو. انهن کي مديني جي مسلمانن خاص هن مطلب تي موڪليو هو ته وفد طرح حضرت پاڪ جي خدمت شريف ۾ وڃي حاضر ٿي کين مديني شريف ۾ تشريف فرما ٿيڻ لاءِ عرض ڪن. جڏهن اهو قافلو مڪي مبارڪ ۾ پهتو تڏهن حضرت رسول ڪريم محبوب مرسل عليہ الصلوات والسلام جي زيارت جا مشتاق، مدني مسلمان يڪدم حضرت با برڪت جي خدمت ۾ حاضر ٿي شرف زيارت سان مشرف ٿيا ۽ حضرت رسول الله عليه الصلوات والسلام جي مبارڪ هٿن تي بعيت ڪري ادب ۽ حب سان عرض ڪيائون ته "يا رسول الله (صلي الله عليه وسلم) جيڪڏهن حضور جن پاڻ پنهنجن ساٿين سميت اسان جي شهر مديني ۾ تشريف آڻين ۽ اسان جي غريبخانن کي پنهنجن پاڪ قدمن سان مشرف ڪن ته اسين حضور جن جي خدمت گذاري ۽ تابعداري ۾ انشاءَ الله تعاليٰ ذرو قصور نه ڪنداسين. جيڪڏهن پس پيش ڪو دشمن مديني تي چڙهائي ڪندو ته اسين انهيءَ کي دفع ڪرڻ ۽ هٽائڻ لاءِ بدل آهيون، مال ۽ جان تائين حاضر آهيون ۽ اوهان جي نظرداري اهڙي ڪنداسين جهڙي پنهنجي مال ۽ اولاد جي."

حضرت رسول الله صلعم جا ۱۲ نقيب يعني حواري

پاڻ انهن نيڪ نيت خدا پرست ايماندارن مان ۱۲ ڄڻن کي پنهنجن پنهنجن قبيلن ۾ اسلام جي حڪم احڪام بڌائڻ، هدايت ۽ رهبري ڪرڻ لاءِ چونڊيو ۽ مقرر فرمايو ۽ انهن جو نالو "نقيب" رکيو، جهڙيءَ طرح حضرت موسيٰ (عليٰ نبينا و عليه السلام) پنهنجي امت مان ٻارهن ڄڻا آثاريا هئا ۽

www.maktabah.org

جهڙيءَ طرح حضرت عيسيٰ (عليٰ نبينا و عليه السلام) پنهنجن امتين مان ٻارهن حواري انصار دين (دين جا مددگار) مقرر ڪيا هئا، تهڙيءَ طرح حضور جن عليه الصلوات و السلام ٻه ۱۲ نقيب مقرر فرمايا. جن ٻارهن اصحابن کي حضرت رسول الله صلعم اسلام جي اشاعت لاءِ مقرر ڪيو هو، تن جا نالا مبارڪ هي آهن - خزرج جي قبيلي مان نَوَ (۹) ڄڻا:
۱- سعد بن زراره ۲- رافع بن مالڪ ۳- عباده بن صامت ۴- سعد بن ربيع ۵- ثعلبه بن ڪعب ۶- عبدالله بن رواحہ ۷- براء بن معرور ۸- عبدالله عمرو بن حزام ۹- سعد بن عباده؛ قبيلي اوس جا ٽي (۳) ڄڻا: ۱- اسيد بن حصير ۲- سعد بن خثيمه ۳- رفاعه بن المنذر. هيءَ سڄي ڪارروائي انڌاريءَ رات ۾ ٿي گذري هئي، پر تنهن هوندي به مشرڪن ۽ ڪافرن مان هڪ شيطان کي ڪا ڪڻڪ پئجي وئي، جو لڪي اچي بيٺو هو ۽ سڄو حال ٻيٺي ڏٺائين؛ انهيءَ پليد وڃي ٻين شريرن کي ٻڌايو، جنهنڪري ٻيا ڪافر مدني مسافرن جي پويان ڪاهي پيا، پر ٻيا سڀ نڪري ويا هڪڙو سعد بن عباده هٿ اچي وين، جنهن ويچاري بيگناه کي وارن مان جهلي گهلي گهلي پئي مارياٿون ۽ ماريندا ماريندا مڪي ۾ وٺي آيس. سعد بن عباده خود جو چوڻ آهي ته "جڏهن ڪافرن مون کي ماريو پئي ته پريان هڪ سهڻو شخص ايندو ڏٺم، دل ۾ خيال ڪيم ته هي شخص چڱو ٿو ڀائنجي- جيڪڏهن هن قوم مان ڪنهن شخص کان مون کي فائدو رسڻو آهي ته آهو هي ئي آهي- جڏهن آهو منهنجي ڀرسان آيو، تڏهن نه ڪيائين هم نه ڪيائين تم، نه ڀڃا نه ڪِڃا، اچڻ شرط منهنجي منهن تي چماٽ ٺوڪائي ڪڍيائين. اتي مون کي پڪ ٿي ته انهن ۾ چڱو مڙس اصل ڪونهي." ظالم ابوجهل ڇا ڪيو، جو مديني ۾ ويئو ۽ وڃي عياش بن ربيعہ کي (جو سعد بن عباده جو ماٽيتو ڀاءُ هو) چيائين ته تنهنجي ماءُ

www.maktabah.org

تنهن جي لاءِ زار زار روئي پئي، ڪاڏو به ڦٽو ڪري ڇڏيو اٿس، تون هل نه ته هن جو حال ڪونهي! انهيءَ فريب سان هن ويچاري غريب کي مڪي ۾ وٺي آيو ۽ اچڻ شرط ڪٺي قيد ڪيائينس. مطلب ته بيعت اوليٰ ۽ بيعت ثانيه جي وچ ۾ جيڪي ڏينهن گذريا سي خود حضرت رسول الله عليه الصلوات والسلام ۽ سندن سائين تي اهڙا ته سخت گذريا، جو الامان. ڪافرن ظلمن ڪرڻ ۾ حد ڪري ڇڏي. پر قربان وڃان پياري رسول الله صلعم ۽ سندس اصحابن جي صبر ۽ تحمل ۽ توڪل تان، جن به صبر ۽ توڪل ڪرڻ ۾ حد ڪري ڇڏي. هنن کي پنهنجي مولا سائينءَ جي مدد ۾ يقين هو. اسلام جهڙي پاڪ ۽ خدائي مذهب جو دنيا ۾ پکڙجڻ، پنهنجي جان ۽ مال کان وڌيڪ عزيز ۽ پيارو سمجهندا هئا. عقبه ثانيه جي بيعت بعد مظلوم مسلمانن کي مڪي مان هجرت ڪري (لڏي) وڃڻ جي حضرت پاڪ اجازت ڏني، جن جي لاءِ مڪي جي شهر ۾ باهه پئي پري. انهن ايماندارن کي پنهنجن سڄڻ سائنن جي جدائيءَ جو ذرو به خيال يا غم ڪونه هو. خيال رکيو هي هئن ته ڪنهن به طرح پنهنجي مولا سائينءَ جو ذڪر ۽ فڪر آزادي ۽ دلجاءِ سان ڪريون. مڪي مان لڏي وڃڻ جي اجازت ته ملين، پر وڃن ڪئن؟ حضرت صهيب رومي رضي الله تعاليٰ عنه جڏهن هجرت ڪري پئي ويو ته ڪافرن اچي ورايس ۽ چوڻ لڳس ته تون جڏهن نئون نئون مڪي ۾ آيو هئين ته سڃو ۽ پينگيو هئين، هيئر هتي دولتمند اچي ٿيو آهين، سو دل ۾ خوش ٿيو آهين ته جيڪي هتان ڪمايو اٿئي سو کڻي ويندين؟ هرگز نه. صهيب چيو چڱو جيڪي به منهنجو مال ملڪيت آهي سو اوهين کڻو، مگر مون کي ڇڏيو. هنن پليدن به ائين ٿي ڪيو ۽ لکن جو مال ڦري رکيئونس، مگر آفرين صد آفرين آهي حضرت صهيب جي همت

www.maktabah.org

تي ، جنهن انهيءَ زينة الدنيا يعني مال ۽ اسباب جي ڪجهه به پرواه نه ڪئي ۽ سڀ ڪجهه دشمنن کي ڏئي مديني شريف هليو ويو. حضرت جن جڏهن اها ڳالهه ٻڌي تڏهن فرمايائون ته صهيب انهيءَ واپار ۾ چڱو نفعو ڪمايو.

اهڙيءَ طرح بيبي اُم سلمه کان روايت آهي - ته منهنجو گهر وارو ابو سلمه جڏهن لڏڻ لڳو، تڏهن مون کي اٺ تي چاڙهيائين ۽ منهنجو پٽ سلمه منهنجي هنج ۾ ڏنائين. جڏهن روانا ٿياسين، تڏهين بنو مغيره جي قبيلي وارن ابو سلمه کي اچي ورايو ۽ چيائون ته تون وڃ ته ڀلي وڃ، مگر اسان جي نياڻي وٺي نه وڃ. اتي وري بنو عبدالاسد جي قبيلي وارا به اچي سهڙيا، انهن به ابو سلمه کي چيو ته تون وڃي سگهين ٿو، مگر هي ڇوڪرو اسان جي قبيلي جو ٻچو، سو وٺي وڃي نٿو سگهين. ائين چئي اٺ جي مهار ڇڪي اٺ وهاري زبردستي سان ڇوڪرو بنو عبدالاسد وارا ڦري ويا ۽ اُم سلمه کي بنو مغيره وارا وٺي هليا ويا.

ويچاري ابو سلمه، دين حق جو خيال ڪري ٻارن ٻچن جي ڪجهه به پرواه ڪانه ڪئي ۽ هجرت ڪري هليو ويو. ويچاري اُم سلمه روز روز اتي ايندي هئي جتان ظالمن کيس پنهنجي خاوند ۽ ٻچي کان جدا ڪيو هو ۽ ڪيتروئي وقت اتي ويهي روئي رڙي هلي ويندي هئي. سڄو سال انهيءَ حال تي لنگهي ويس، آخر سندس هڪ سوٽ کي مٿس ڪهل ۽ قياس آيو، جنهن پنهنجي قبيلي وارن کي چئي آکي اُم سلمه کي پنهنجي مڙس وٽ وڃڻ جي موڪل وٺي ڏني ۽ پٽ به حوالي ڪرايائينس. اهڙيءَ طرح سيڪنهن هجرت ڪندڙ ۽ لڏي ويندڙ اصحابيءَ کي سخت مشڪلاتون ۽ تڪليفون پيش آيون جن کي هو صبر ۽ شڪر سان ڀوڳي وڃي پار پيا.

www.maktabah.org

هجرت

جڏهين حضرت جن جا اصحابي ٻه ٽي، ٿي ٿي ٿي مدني هليا ويا ۽ باقي وڃي وڏا اصحاب هڪ حضرت ابوبڪر صديق ۽ ٻيو حضرت علي، اهي ٻه رهيا، تڏهين ڪافرن کي اچي هيءُ فڪر ٿيو ته اُئين نه ٿئي جو محمد (صلي الله عليه آله وسلم) نڪري وڃي، نه ته هيءُ چڱو وجهه آهي جو سندس ساٿي ڪيس ڇڏي ويا آهن، باقي ٻاڻ ۽ ڪي ٿورا وڃي رهيا آهن، بهتر آهي ته ڪيس قتل ڪري وجهجي.

دارالندوه نالي هڪڙي جاءِ ۾ حضرت جن جي قتل لاءِ ڪافرن جو سيڙ ۽ صلاح مصلحت

انهيءَ خيال پوري ڪرڻ لاءِ دارالندوه نالي هڪڙي جاءِ ۾ قريشن جا وڏا وڏا سردار ۽ مشهور مشهور قبيلن جا رئيس جملي چوڏهن ڄڻا اچي گڏ ٿيا ۽ صلاحون ڪرڻ لڳا. جن بابت الله تعاليٰ، حضرت رسول الله صلعم کي هيءَ آيت موڪلي خبردار ڪيو:

انهم يڪيدون ڪيدا وا ڪيدا ڪيدا فمهل الڪافرين امهلهم رويدا.

[بيشڪ اهي ڪافر صلاحون ڪن ٿا، آءٌ (يعني الله تعاليٰ) ۽ تدبير ڪريان ٿو، پوءِ اي نبي ڪريم اوهين انهن ڪافرن کي نرمي سان ڪجهه وقت ڇڏي ڏيو.]

الله تعاليٰ جي انهيءَ حڪم موجب انهن ڪافرن جي عاقبت جيڪا ٿي، سا جهان ئي ڏٺي ته انهن چوڏهن سردارن مان سڄا يارهن سردار هڪڙي ئي ڏينهن بدر جي جنگ ۾ قتل ٿيا ۽ باقي جيڪي ٽي بچيا يعني ابوسفيان بن حرب ۽ جبير بن معطم ۽ حڪيم بن حزام، سي آخر مسلمان ٿي رسول الله جا خادم ٿيا. سو انهيءَ دارالندوه ۾ چوڏهن سردار

www.maktabah.org

گڏ ٿي رٿون رٿڻ لڳا. انهن ۾ پندرهون ڄڻو هڪ پوڙهو شيطان هو، جنهن نجد جو ويس سڏايو ٿي. انهن مان هڪڙي چيو ته محمد (عليه الصلوات والسلام) کي طوق ۽ زنجير گردن ۾ وجهي ڪنهن جاءِ ۾ قيد ڪري، انهيءَ جاءِ جو دروازو مٽيءَ سان لنبي ڇڏجي، جنهنڪري پاڻهئي رڙيون ڪري ڪري مري ويندو، جهڙو زهير ۽ نابغ شاعرن سان ڪيو ويو هو. اتي نجدي شيطان چوڻ لڳو ته اها صلاح پوري نه آهي، امڪان آهي ته قيد ڪرڻ واري ڳالهه ظاهر ٿي پوي ۽ ڪي مسلمان گڏجي هن کي ڪڍي وڃن ته پوءِ مرڻ کان ته بچي ويندو. اتي ٻئي چيو ته هڪڙي ڇرئي اٺ تي چاڙهي ٻڌي هڪلي ڇڏيونس ته اٺ ڪٿي وڃيس پوءِ مري ٿوڙي بچي، اسان وٽان ته نڪري. نجدي پوڙهي چيو ته اها صلاح به پوري نه آهي. جيڪڏهن محمد مرڻ کان بچي وڃي ڪنهن ملڪ ۾ نڪتو ته پوءِ ڪيس سڃاڻو ٿا هو ڪهڙو نه ڳالهائڻ جو مٺو آهي. جنهن سان گفتگو ڪندو، انهيءَ کي پنهنجو مريد ۽ تابع ڪري وجهندو ۽ مريد گهڻا ٿي ويندس ۽ ضرور آهي اوهان کان پنهنجي پيغمبر جو عيوض وٺندا. اتي عرب جي فرعون يعني ابوجهل هڪ صلاح ڪوٺي ڪڍي جا سڀني کي ڏاڍي وڻي جنهن تي سڀني پليدن ڪنڌ ڌوڻيو ۽ هائوڪار ڪئي، صلاح هيءَ هئي: ته قريشن جي قبيلي مان هڪ هڪ جوان چونڊي مقرر ڪجي، پوءِ آهي سڀئي گڏجي رات جو محمد (عليه الصلوات والسلام) جي گهر کي گهيرو ڪري ويهي رهن، جڏهن محمد (عليه الصلوات والسلام) صبح جو نماز لاءِ گهر مان نڪري تڏهن نڪرڻ شرط سڀئي بهادر جوان گڏجي مٿس تلوارين جا وارا ڪن ۽ ڪيس ٿوٽي ٿوٽي ۽ ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏين. ائين ڪرڻ مان هي نتيجو نڪرندو ته محمد به قتل ٿي ويندو ۽ قاتل به هڪ ڄڻو ڪونه هوندو، انهيءَ

www.maktabah.org

ڪري بني هاشم يعني محمد جا مائٽ سڀني قبيلن سان ڪين وڙهندا، نيٺ خون جو عيوض ڪجهه پئسا وٺندا جي ڦوڙي ڪري ڪٽي سڀئي گڏجي ڏيندا سين: ڪراڙي نجديءَ اها راءِ تمام پسند ڪئي ۽ ڏاڍو خوش ٿيو. مگر ياد رکڻ گهرجي ته الله تعاليٰ جل جلاله جي حفاظت اڳيان دشمنن جون تدبيرون ۽ صلاحون ڪڏهن به ڪامياب ٿيئيون نه آهن. الله تعاليٰ انهيءَ ڪارستاني جي خبر حضرت رسول الله صلعم کي الهام جي وسيلي ڏني. جڏهن ڪافرن حضرت پاڪ جي حويليءَ کي چوڌاري اچي گهيرو ڪيو تڏهن حضرت پاڪ ڇا ڪيو، جو پنهنجي پياري ياءَ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه کي سڏي سمجهايو ته: تون اسان جي چادر ڍڪي اسان جي بستري تي سمهي پئو ۽ ڪو فڪر نه ڪر، تنهنجي وار جو ڏالو ڪونه وٺندا: حضرت علي پوتي تاڻي حضرت جن جي بستري تي سمهي پيو.

حضرت پاڪ جو روانو ٿيڻ

حضرت جن پاڻ الله پاڪ جي حفاظت ۾ ٻاهر نڪتا ۽ انهن اندر جي اندن کي اکين ۾ خاڪ وجهندا، سورت ياسين پڙهندا امن امان سان نڪري ويا ۽ ڪين نڪرندي ڪنهن به ڪونه ڏٺو. اها روئداد تاريخ ٢٧ مهني صفر، نبوت کان پوءِ تيرهين سال، خميس رات مطابق ١٢ سيپٽمبر سنه ٦٢٢ع ۾ ٿي گذري. حضرت جن اُتاهون نڪري سڌا پنهنجي پياري دوست حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي گهر آيا. حضرت ابوبڪر صديق جهٽ پٽ سفر جو ضروري گهربل سامان ٻڌي ٺاهي ورتو. حضرت صديق اڪبر جي نياڻي بيبي اسماءَ رضه پنهنجو ڪمربند کولي، انهيءَ مان ٽڪرو ڦاڙي، ان سان سُٺڻ جي ڳوٿريءَ جو مُنهن ٻڌو. بس پوءِ ته اهو مختصر اسباب پاڻ سان کڻي انهيءَ ئي انڌاري رات ۾ هڪڙو

www.maktabah.org

محب پيو محبوب، هڪڙو گل پيو بلبل، هڪڙي شمع ۽ پيو پروانو، يعني حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه ٻئي الله پاڪ جا دوست، ٻئي بزرگ انسان توڪل بر خدا ڪري نڪري پيا. مڪي کان چار پنج ميل پرڀرو جبل ثور آهي، اوڏاهين رخ رکيائون مگر انهيءَ جبل جي ڀاسي چڙهائي تمام وڏي ۽ رستو تمام ڏکيو ۽ پٿريلو هو. پنڌ ڪندي ڪندي حضرت جن جا ته پير مبارڪ ئي زخمي ٿي پيا ۽ ڪيترائي دفعا ٿاٻڙجڻ ڪري کين ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي؛ اهڙوئي حال حضرت صديق اڪبر جو به ٿيو هو، پر حضرت رسول الله صلعم جو عاشق ۽ خدا جو پيارو ابوبڪر صديق رضه، نبي ڪريم جن جي تڪليف کي بلڪل سهي ڪين سگهيو، همت ڪري حضرت سائينءَ کي پنهنجي ڪنڌ ۽ ڪلهن تي ڪري رکيائين.

غار ثور ۾ پهچڻ

آخر انهيءَ جبل ۾ هڪڙو غار هو، اتي اچي رسيا. حضرت صديق اڪبر رضه حضرت پاڪ کي اتي لاهي ترسائي، پاڻ پهريائين غار ۾ اندر گهڙي ويو ۽ وڃي ساري غار کي صاف ڪيائين- غار ۾ جيڪي ٽُنگ هئا، تن کي پنهنجي جسم جا ڪپڙا ڦاڙي انهن سان بند ڪيائين- پوءِ حضور جن کي عرض ڪيائين ته هاڻي سائين جن پلي اندر اچن. حضرت جن خير سان اندر ويا. پاڻ وڃي آرام سان سمهي پيا ۽ حضرت صديق اڪبر رضه ائين ئي سندن خدمت ۾ ويٺو رهيو. حضرت جن جو سر مبارڪ صديق اڪبر جي گوڏي تي رکيل هو. غار جي ٽُنگن مان هڪڙي ٽُنگ کي حضرت صديق اڪبر پير جي کڙي ڏيو ويٺو هو ته اوچتو ڪنهن نانگ ڏنگ هڻي ورتس، جنهنڪري حضرت صديق کي سخت تڪليف رسي، مگر حضرت رسول الله صلعم جي آرام،

www.maktabah.org

جي لحاظ ۽ ادب سببان پاڻ رکو آف بہ زبان مان نہ ڪڍيائين.
گھڻي ضبط ۽ پاڻ روڪڻ سببان اکين مان ڳوڙهائي ڳڙي
پين، جي حضرت پاڪ جي چهري مبارڪ تي وڃي پيا ۽
پاڻ سگھورا جاڳي پيا. پڇيائون تہ چو ٿا رُو؟ حضرت
صديق اکبر رضہ سارو حال سڻايو، پاڻ پنهنجي ٻڪ مبارڪ
ڪڍي، نانگ جي ڏنگ تي لڳايائون، تہ آتي جو آتي سور
لهي ويو ۽ خير ٿي پيو.

حضرت علي رضہ، حضرت رسول الله صلعم جي بستري
تي اٿين ٿي ليٽيو پيو هو تہ صبح ٿيو ۽ حضرت علي هميشه
وانگي ننڊ مان اٿيا. قريشن جو حضرت عليءَ کي ڏٺو، سو
سڃاتائونس. پڇيائون تہ محمد (عليه الصلوات والسلام) ڪاٿي
آهي؟ حضرت عليءَ فرمايو مون کي خبر نہ آهي، نہ ڪو
منهنجو پهرو مٿن هو؛ اوهين پهري تي هئا، اوهان کي
خبر هوندي. قريش شرمندا بہ ڏاڍا ٿيا ۽ چڙ بہ ڏاڍي آين،
انهي ٿي چڙ ۾ حضرت عليءَ تي ڪاهہ ڪري آيا ۽ ساڻن
سخت وڙهيا ۽ ڪعبة الله تائين کين ڌڪڙي وٺي آيا ۽
ڪجهہ وقت بند رکي ڇڏي ڏنائونس. وري قريش ميڙ
ڪري حضرت صديق اکبر رضہ جي گهر آيا. دروازو
کڙڪايائون. صديق اکبر رضہ جي نياڻي بيبي اسماءَ رضہ
نڪري آئي، ابوجهل پڇيس ڇوڪري! تنهنجو پيءُ ڪاڏي
ويو آهي؟ بيبي صاحبہ چيو مون کي معلوم نہ آهي. ڪمبخت
۽ ظالم ابوجهل اهڙي تہ چماٽ بيبي صاحبہ کي هڻي ورتي
جو سندن ڪن جي والي ٿي ڪري پئي. آخر ڪافرن عام
اشتهار ڏنو تہ جيڪو محمد (عليه الصلوات والسلام) کي
پڪڙي ايندو، انهيءَ کي هڪ سؤ اٺ انعام ڏينداسين.
گهڻن ماڻهن کي طمع خراب ڪيو ۽ ڪيترائي ڪافر ڳولا
لاءِ نڪري پيا، تن مان سراقه بن مالڪ مديني جي **واٽ** ۾
حضرت جن کي وڃي ويجهو بہ پيو هو، پر سندن **نظر** ۽

www.maktabah.org

دعا سان انهيءَ جي گهوڙي کسي اهڙو ته ڌڪو آيو، جو زمين تي وڃي ڪريو ۽ گهوڙي جا سنب زمين ۾ گهڙي ويا. پوءِ ته سراقه توبهون پڙهون ۽ زاريون ڪيائين. آخر پاڻ سونهارن وري اهڙي نظر رحم جي ڪئي، جو گهوڙو به سلامت زمين مان نڪتو ۽ سراقه به آخر مسلمان ٿيو.

حضرت سائين پنهنجي رفيق شفيق حضرت ابوبڪر صديق رض. سميت ٽي ڏينهن انهيءَ غار ۾ هئا ۽ حضرت ابوبڪر جي نياڻي بيبي اسماء رض پنهنجي گهران ماني پچائي پاڻي ڪٺي غار ۾ پهچائي ويندي هئي، ۽ حضرت ابوبڪر جو فرزند حضرت عبدالله رض. مڪي وارن ڪافرن جا حال احوال اچي حضرت جن کي ٻڌائي ويندو هو. عامر بن فهيره، جو حضرت صديق اڪبر رض جي فرزند جو غلام هو، جو حضرت صديق اڪبر رض جو ٻڪرين جو ڌڻ چاريندو هو، سو ٻڪرين جو ڌڻ چاريندو چاريندو اتي وٺي ويندو هو، حضرت جن گهرج آهر کير ڏهائي پيئندا هئا ۽ عامر وري ڌڻ موٽائي وٺي ويندو هو. ڌڻ جي اچڻ مان هي به فائدو ٿيندو هو ته جي ماڻهو حضرت جن وٽ ايندا ويندا هئا، تن جا پير ڊهي ويندا هئا. ڪڏهن ڪافر ڳوليندي ڳوليندي غار وٽ اچي نڪتا، مگر الله تعاليٰ انهن جي اکين تي اهڙا ته پردا چاڙهي ڇڏيا جو سڀئي گمراهه ٿسي هليا ويا. جنهن وقت دشمن غار وٽ پهتا، تنهن وقت اهڙا ته اچي سوڙها پيا، جو حضرت ابوبڪر صديق رض گهٻرائجي ويو ۽ حضرت جن کي چوڻ لڳو "يا سيدي! دشمن مٿان اچي بيٺا آهن، شل ڏسي نه وٺن". حضرت جن فرمايو "فڪرمند نه ٿي. اي منهنجا دوست! ٻڪ الله سائين اسان سان آهي." انهيءَ بابت خود الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ هن طرح فرمايو آهي:

www.maktabah.org

الا تنصروه فقد نصره الله اذ اخرجه الذين كفروا ثاني اثنين اذا هما في الغار اذا يقول لصاحبه لا تحزن ان الله معنا فانزل الله سكينته عليه وايده بجنود لم تروها وجعل كلمة الذين كفروا السفلى وكلمة الله هي العليا والله عزيز حكيم.

[اي انسانو! جيڪڏهن اوهان انهيءَ (رسول الله صلعم) کي مدد نه ڏني ته بيشڪ الله تعاليٰ مدد ڏنيس، جڏهن ڪافرن کيس (مڪي مان) ڪڍيو، جڏهن غار ۾ ٻه ڄڻا هئا تن مان هڪڙي چيو پنهنجي دوست کي ته تون فڪر نه ڪر ۽ غمگين نه ٿي، بيشڪ الله تعاليٰ اسان سان آهي. پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي طرفان آرام ۽ دلجاءِ انهيءَ (حضرت ابوبڪر صديق) تي موڪلي ۽ اهڙن لشڪرن سان مدد ۽ همراهي ڪيائينس، جن کي اوهان ڏٺوئي ڪونه ۽ ڪافرن جي ڳالهه کي گهٽ ڪيائين، الله تعاليٰ جي ڳالهه سدا مٿاهين، ۽ الله تعاليٰ غالب ۽ حڪمت وارو آهي.]

غار ثور سان نڪرڻ

چوٿين رات حضرت ابوبڪر جي گهران ٻه پليون آليون آيون، جي خاص اهڙن وقتن لاءِ ڌاريليون هيون، جن مان هڪڙي اٺ تي حضرت جن پاڻ ۽ حضرت صديق اڪبر ٻئي چڙهيا ۽ ٻئي اٺ تي عامر بن فهيره ۽ عبدالله بن اريقط جنهن کي رستي جو سونهو ڪري ڪنيو ويو هو، ٻئي گڏ چڙهيا ۽ مهيني ربيع الاول جي پهرين تاريخ سومر جي ڏينهن مطابق ١٦ سيپٽمبر ٦٢٢ع مديني شريف روانا ٿيا. هي جو حضرت جن عليه الصلوات والسلام هجرت ڪئي آهي، سو نه فقط پاڻ سونهارن ڪئي آهي پر اڳين نبين مان به

www.maktabah.org

ڪيترن ئي نبين هجرتون ڪيون آهن. جهڙو حضرت ابراهيم، حضرت موسيٰ ۽ حضرت دائود (عليٰ نبينا و عليهم السلام) انهن نبين جي هجرتن (لڏڻ) جا بيان بائيبل ۾ موجود آهن.

حضرت ابوبڪر رضه جي نياڻي بيبي اسماءَ رضه جي همت ۽ قوت ايماني

بيبي اسماءَ رضه کان روايت آهي، بيبي صاحبہ فرمايو ته منهنجو بابو سائين هجرت وقت گهر مان نقد سڀ پاڻ سان کڻي ويو هو، جو اٽڪل پنج ڇهه هزار روپيا هئا. بابي سائينءَ جي رواني ٿيڻ کان پوءِ ڏاڏو سائين ابوقحافہ، جو اکين کان وڏو ۽ پيرسن هو، تنهن چيو ته ڇوڪري! پڪهين توسان ڏاڍي جُٺ ڪئي آهي، هو پيٽي تڪليف ۾ وجهي ويو آهي، پاڻ به ويو هليو، ڏوڪڙ پيسو به کڻي ويو! بيبي صاحبہ فرمايو ته ڏاڏا سائين! بابو سائين ڪيترائي رپيا ڇڏي ويو آهي، اِجهو رکيا آهن، ڏس کڻي. بيبي صاحبہ ڇا ڪيو، جو هڪڙو وڏو سرونو کڻي ڪپڙي ۾ ويڙهي ڪُڏ ۾ رکي، پنهنجي ڏاڏي ابوقحافہ کي هٿ مان وٺي سرونءِ کي هٿ لڳارايو. ابوقحافہ ويساه ڪري ويو ۽ چوڻ لڳو ته تڏهن بس هاڻي ويو ته وڃڻ ڏينس، فڪر نه آهي، شاهس انُس جو ڪجهه پوئتي ته ڇڏي ويو. بيبي صاحبہ فرمايو ته هي ته مون رکيو پنهنجي ڏاڏي ابوقحافہ جي دلجاءِ لاءِ ڪيو هو، نه ته جيڪي مال گهر ۾ هو سو سڀ حضرت جن جي خدمت ۾ کڻي ويو هو. * حضور جن عليه الصلوات والسلام ۽ حضرت

---

* حضرت صديق اڪبر جو والد ابوقحافہ رضه هجرت جي وقت اڃا مسلمان ڪونه هو پوءِ فتح مڪي جي وقت مسلمان ٿيو هو ۽ حضرت صديق اڪبر جي خاندان جي اها خاص خصوصيت آهي، جو سڄوئي خاندان پيءُ کان وٺي پوٽن تائين سڀ صحابي هئا ۽ سڀني کي حضرت رسول الله عليه الصلوات والسلام جي صحبت ۽ زيارت جو شرف حاصل هو. سبحان الله.

www.maktabah.org

ابوبڪر صديق رضہ جنهن ڏينهن غار مان نڪتا تنهن ڏينهن هڪ ڪراڙي مائي ”اُم معبد“ جي جهوپڙيءَ وٽان اچي لنگهيا، هيءَ ڪراڙي مائي قوم خزاعہ مان هئي، مسافرن ۽ واٽهڙن جي خدمت چاڪري ۽ ٽهل ڪرڻ ۾ مشهور هئي، ماڻهن کي پاڻي ڪانجهي پياريندي هئي ۽ مسافر ماڻهو وٽس ويهي آجهامڙو ڪندا ۽ آرام وٺندا هئا.

اُم معبد نالي هڪ مائيءَ وٽ حضرت جن جو آرام لاءِ لهڻ

حضرت جن انهيءَ مائيءَ وٽ لهي پيا ۽ پڇيائونس تہ تو وٽ ڪجهہ کائڻ جي شئي آهي؟ ڪراڙي مائيءَ عرض ڪيو تہ جيڪڏهن مون وٽ ڪجهہ هجي ها تہ هن کان اڳي ئي اچي حاضر ڪريان ها. حضرت پاڪ جهوپڙيءَ جي ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾ هڪڙي ٻڪري ڏٺي، پڇيائون تہ هيءَ ٻڪري گهر ۾ ڇو بيٺي آهي، چرڻ چونہ وئي آهي؟ مائي ام معبد چيو تہ ويچاري هيٺي آهي، ڌڻ سان نٿي وڃي سگهي. حضرت جن فرمايو تہ جيڪڏهن تون اجازت ڏين تہ اسين منجهانئس کير ڏهي پيون. اُم معبد چيو تہ جيڪڏهن اوهين ڪو کير ٻڪريءَ ۾ ڏسو ٿا تہ بيشڪ ڏهي پيو، مگر کير تہ ويچاريءَ ۾ اصل آهي ئي ڪونہ.

حضرت پاڪ جو معجزو

حضرت جن عليہ الصلوات والسلام چيا ڪيو، جو بسم الله پڙهي ڪٽي ٻڪريءَ کي ڏُڏائون جنهن مان چڱو ٿانوَ ڀرجي پيو ۽ هارجڻ لڳو. اهو کير حضرت جن ۽ سندن اصحابن رفيقن ميڙي پيتو. وري ٻہ ڏُڏئونس تہ ساڳيو ٿانوَ ڀرجي نڪتو سو ٻہ ميڙي پيتو، وري ٽئي دفعي ٻہ ڏُڏئون تہ ساڳيو ٿانوَ ڀريو، سو ام معبد کي ڏنائون ۽ پاڻ اڳتي روانا ٿيا.

www.maktabah.org

ڪجهه دير ڪان پوءِ ام معبد جو گهر وارو آيو، هو ٻنهنجي ڇهو ٻـڙيءَ ۾ ڪير جـو ٿانوُ ڀريل ڏسي، ٻڇڻ لـڳو ته هي کـهلو کير ڪٿان آيو؟ ام معبد چيو ته هڪ نيڪ ۽ برڪت وارو انسان هت آيو هو ۽ هن هيٺي ۽ وهڪيل ٻڪريءَ مان پاڻ به ڏهي پيتائين ۽ سندس رفيقن به پيتو، منهنجي لاءِ به بچائي ڇڏي ويا آهن. اُم معبد جو گهر وارو اهو حال ٻڌي چوڻ لـڳو ته اهو جوان ته اهو قريش ئو ڀانئجي، جنهنجي لاءِ ڪيتري وقت کان وٺي آءٌ ڳولا ئو آهيان، ڀلا سندس حليو (فوٽو) ته ٻڌاءِ!

حضرت جن جو حليو مبارڪ

اُم معبد چيو، سندس منهن مبارڪ چنڊ وانگي چمڪيو پئي ۽ چهرو ويڪرو ۽ ڪشادو هوس، عادتن ۽ لڇڻن جو ڏاڍو چڱو هو، نه پيشانيءَ جا وار آيا ۽ نه ڪياڙيءَ جا وار ڪريل هوس- يعني ساري مٿي مبارڪ جا وار هموار هئا- ڏاڍو سهڻو ۽ حسن جمال وارو هو، سندس اکيون ڪاريون ۽ وڏيون، وار وڏا ۽ گهاٽا، آواز ڳؤرو ۽ رعب وارو، ڳچي ڊگهي، ماڻڪيون روشن ۽ چمڪندڙ، اکيون سرميليون، وار وَر وَر ۽ گهنگهري دار، ڀرون سنهيون ۽ هڪ ٻئي سان مليليون- يعني ڀِرون جاڙا- گهٽو ڪري ماٺ ۾ گذارڻ وارو، فضيلت ۽ بردباري وارو، جيڪڏهن ڳالهائي ته ماڻهن جي دلين کي ڏي موهي وجهي، پرڀان ڏسڻ ۾ به سهڻو ۽ دل ڏ ٺار يندڙ ۽ ويجهو به ڀلو ۽ مـن موهيندڙ، ڳالهائڻ جو لذ يذ، لفظ چٽا ۽ صاف ڳالهائيندڙ- نه اجايو گهڻو ڳالهائيندڙ، نه بلڪل ٿـورو ڳالهائيندڙ، سندس ٻول انمول اهڙا جهڙا موتين جا داڻا- قد جو وچٿرو، نه ايترو ننڍو، جو حقير ڏسڻ ۾ اچي ۽ نـه ايترو ڊگهو، جـو اکين کي نـه وڻي، گهٽين ٽارين ۾ سهٽي ٽاريءَ جهڙو، ڏسڻ ۾ سبز ۽ تازو،

www.maktabah.org

عاليشان ۽، وڏي قدر جو لائق، سندس صحبتي اهڙا مٿس
چڪن جي هر وقت حاضريءَ ۾ ڪيس چوڌاري ورايو ويٺا
آهن، سندس حڪم جا تابع، ٻول ٻڌڻ لاءِ تيار، لائق
خدمت ۽ تعظيم جو، نه ٿورو ڳالهائو نه اجايو وڌيڪ ڳالهائيندڙ.
ام معبد جو گهر وارو حضرت پاڪ جيي اها سٺي، چوڻ لڳو
ته هي نيڪ انسان ته اهوئي قريش آهي، آءٌ ضرور اهڙي
پاڪ انسان جي زيارت ڪندس.

نبوت جا تيرهن سال مڪي وارا

نبوت کان پوءِ تيرهن سال جيڪي مڪي شريف ۾
حضرت جن گذاريا، سي اهڙا ته ڏکن ۽ تڪليفن مگر صبر
۽ تحمل سان گذاريائون، جن جو مختصر احوال اسين مٿي
لکي آيا آهيون. انهيءَ وقت ۾ اگرچ اسلام قبول ڪندڙ
ٻن چئن سون کان وڌيڪ اجا ڪين ٿيا هئا، پر جيڪي
مرد مسلمان ٿيا هئا ۽ جن روشن دل جوانن اسلام قبول
ڪيو هو، سي اهڙا ته هئا، جن مان هڪ هڪ ڇهه سَون
جو مٽ هو.

سابقين اولين جو ذڪر

ابوبڪر رضه، علي رضه، عثمان رضه، عمر رضه اهڙا
فضيلت ۽ لياقت جا صاحب ۽ حضرت جا خادم ۽ اسلام جا
عاشق ٿي پيا، جن جي طفيل ساري دنيا کي جا روشني
پهتي، سا ساري جهان کي معلوم آهي. مصعب بن عمير،
جعفر طيار ۽ ابو عبيده بن الجراح رضي الله تعاليٰ جهڙا اعليٰ
انسان ۽ مسلمان ٿيا، جن جي تقريرن ۽ اخلاقن هزارن کي
مسلمان بنائي وڌو ۽ يثرب، حبش ۽ نجران جا علاقا سڀ
اسلام جا تابع ٿي پيا. عبدالله بن مسعود رضه ۽ عبدالرحمان
بن عوف رضه جهڙا عالم ۽ فاضل ۽ مسلمان ٿيا، جن جي

www.maktabah.org

علمي قابليت اسلامي دنيا کي حضرت رسول الله صلعم جي علم سان ڀرپور ڪري ڇڏيو. زبير، طلحه ۽ عمار بن ياسر رضي الله تعاليٰ عنهم جهڙن وڏي درجي وارن به اسلام قبول ڪيو، جن حضرت رسول الله صلعم تان ساھه قربان ڪرڻ ۾ حد ڪري ڇڏي. بلال، سميه، ياسر ۽ ضعيف جهڙن بردبارن ۽ سچن انسانن به ايمان آندو، جن ظالمن جا ظلم سهندي سهندي خود ظالمن کي ٿي ٽڪائي وڌو. مکران، شموس، ام حبيبه ۽ خنيس رضي الله تعاليٰ عنهم به مسلمان ٿيا، جن اسلام جي سانگي، مٿن مائٽن جو سانگو لاهي، وطن کان بيوطن ٿيڻ به قبول ڪيو. لبيد، سويد بن صامت ۽ انيس - برادر ابوذر - رضي الله تعاليٰ عنهم ؛ اهڙا فصيح ۽ بليغ به ڪلام الله جا قائل ۽ اسلام تان فدا ٿيا، جن جا سخن ۽ ٻول جادو جي برابر ليکجڻ ۾ ايندا هئا ۽ وڏا نفيس ۽ هوشيار شاعر هئا. اسلام پاڪ نه رکو مکي جي رهاڪن ۾ پکڙيو، بلڪ مکي کان ٻاهر به گهڻن هنڌن تي اسلام جو نور ۽ سوجهرو وڃي پهتو هو. جهڙو طفيل بن عمر دوسي رضه، جو يمن جي هڪ ڀاڱي جو حاڪم ۽ امير هو، سو پاڻ پنهنجي سر مکي ۾ حاضر ٿي مسلمان ٿيو ۽ انهيءَ جي طفيل يمن ۾ به اسلام پکڙجي ويو. ابوذر غفاري رضه ۽ سندس ڀاءُ انيس رضه ۽ سندس ماءُ جي مسلمان ٿيڻ ڪري غفار جو سڄو اڌ قبيلو مسلمان ٿيو. نجران جي عيسائين مان سڄا ۲۰ ڄڻا مسلمان ٿيا، ضمادي الازدي قبيلو بني الاشهل، تميم، نعيم ۽ شام جي ملڪ جا ڪجهه ماڻهو، حبش جا گهڻائي رهاڪو مسلمان ٿيا. مطلب ته اسلام پنهنجي هردل عزيزيءَ جي ڪري سمنڊ جي سيلاب ۽ درياءَ جي طغيانيءَ وانگي ملڪ کي وڪوڙيندو پنهنجو اثر ڪندو ويو ۽ هزارن دلين تي قبضو ڪندو ويو.

www.maktabah.org

رستي ۾ بريده نالي هڪڙي شخص ۽ ٻين ستر ڄڻن جو يڪدم مسلمان ٿيڻ

حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم خير سان مديني ڏي پئي ويا ته رستي ۾ بريدت اسلمي رضه مليو، جو پنهنجي قوم جو سردار هو. قريشن جو رسول الله جي گرفتار ڪرڻ لاءِ هڪ سؤ اٺ باسيا هئا، تن لاءِ بريدت به حضرت جي ڳولا ۾ نڪتو هو. جڏهن حضرت رسول الله صلعم جي ملاقات ٿيس، سندن زيارت ڪيائين ۽ سندن ٻڌو ۽ موهيندڙ ڪلام ٻڌائين، تڏهن آتي جو اتي ستر همراهن سميت مسلمان ٿي پيو ۽ پنهنجي پڳڙي لاهي نيزي تي رکي پنهنجي اسلام جو اظهار ڪيائين. پڳڙيءَ جو پلاند، جو هوا ۾ پئي لُڏيو، تنهن حاضرين جي دلين ۾ اهڙو ته اثر ڪيو، جو سبحان الله! ڄڻ ته هيءَ بشارت پئي ڏنائين ته امن جو بادشاه، صلح جو حامي، دنيا کي عدالت ۽ انصاف سان ڀريندڙ، دنيا ۾ اچي چڪو. رستي ۾ الله تعاليٰ پنهنجن پيارن کي اهڙا ته سڪ ڏيندو رهيو، جهڙا هوند گهر ۾ ڪنهن کي ملندا هجن. زبير بن العوام رضه واٽ تي. کين گڏيو، جو شام جي ملڪ کان موٽيو هو ۽ ساڻس ٻيا واپاري به گڏ هئا، تنهن ويچاري نيڪ مرد سفيد ۽ عمدا ڪپڙا حضرت جن ۽ سندن سائي حضرت ابوبڪر صديق رضه جي خدمت ۾ تحفہ طور ڏنا.

قبا نالي هڪڙي جاءِ ۾ پهچڻ.

مهيني ربيع الاول جي اٺين تاريخ، هجرت جي پهرئين سال يا نبوت کان پوءِ تيرهين سال، سومر جي ڏينهن، الله جو پيارو ۽ پاڪ رسول قبا نالي هڪڙي جاءِ ۾ رسيو. اتي جي ماڻهن جڏهن ٻڌو ته حضرت رسول الله مڪي کان ڇڏي هيڏي اچن ٿا، تڏهن روز صبح جو حضور جن جي راه نهاريندا هئا. واٽ ۾ اکيون وجهي اچي وهندا هئا ۽

www.maktabah.org

انهيءَ انتظار ۾ هوندا هئا ته اجهي ٿا حضرت رسول الله صلعم اچن، ۽ ويچارا ٻن پهرن تائين شهر کان نڪري ٻاهر ويهي پوءِ هليا ويندا هئا. انهيءَ ڏينهن آهي حضرت رسول الله صلعم جي ديدار جا عاشق اچا ويهي ويهي ويا هئا ته حضور جن ٻه پويان آتي اچي خير سان سهڙيا. هڪڙي شخص سڏ ڪري سڀني کي موٽايو، سڀ موٽيا ۽ سڀ حضرت رسول الله صلعم جي چوڌاري، الحمد لله الحمد لله ۽ الله اڪبر سبحان الله جا پرجوش آواز ڪري ويهي ويا. حضرت جن کي مرحبا ڪرڻ لڳا. ڪيترا ته منجهن اهڙا ايماندار هئا، جن ٻر پٽ حضرت رسول الله صلعم تي ايمان آندو هو ۽ ڪلمو پاڪ پڙهيو هو، مگر هي ظاهري اکيون سندن زيارت سان مشرف نه ڪيون هئائون، تن کي حضرت جن ۽ سندن رفيق حضرت صديق رضه جي وچ ۾ البت مونجهه پئي ٿي ته خبر نه آهي هنن ٻن بزرگن مان ڪهڙو هڪڙو خدا جو نبي آهي؟ پيشاني ته ٻنهي جي نوراني ۽ چهرو ته ٻنهي جو چمڪندڙ آهي. حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه سياڻپ سان هنن جي انهيءَ مونجهاري کي تاڙي ۽ سمجهي ويو، تنهن داناءَ بزرگ چا ڪيو، جو پنهنجي چادر سان حضرت جن جي مٿان پاچو ڪري بيهي رهيو، جنهنڪري ماڻهن ٻـه سمجهيو ته حضرت رسول الله جن هي آهن. حضور جن خميس جي ڏينهن تائين آتي رهيا ۽ انهن ٽن ڏينهن جي رهڻ ۾ پاڻ ايترو ڪيائون، جو الله پاڪ جي عبادت لاءِ هڪ مسجد جو پايو انهيءَ جاءِ ۾ وڌائون- جنهن کي "مسجد قبا" سڏيندا آهن- انهيءَ ئي جاءِ ۾ حضرت علي مرتضيٰ رضه ٻـه مڪي کان پيادو سفر ڪندو ڪندو اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو. حضرت علي رضه مڪي ۾ حضور جن جي حڪم موجب ماڻهن جي انهن امانتن رسائڻ لاءِ ترسيل هو، جي امانتون حضور جن وٽ ماڻهن رکيون هيون، چو ته مڪي جا سڀ ماڻهو

www.maktabah.org

ڪين امين برابر سمجهندا هئا، جنهن ڪري امانتون وٽن جڄهيون رکيليون هيون. ربيع الاول جي ٻارهين تاريخ جمع جو ڏينهن هو، انهيءَ ڏينهن پاڻ سڳورا منزل قبا مان سوار ٿي بني سالم جي گهرن تائين پهتا ته جمع جي نماز جو وقت ٿي ويو.

اسلام ۾ پهريون جُمع

آتي پاڻ لهي هڪ سؤ مومنن سان جمع نماز پڙهيائون ۽ جمعي نماز وقت جيڪو خطبو پڙهيائون، سو هي آهي:

الحمد لله، احمده و استعينه و استغفره و آستهديه و آومن به ولا اڪفره و اعادي من يڪفره و اشهد آن لا اِلـه الا الله وحده لاشريک لـه و من محمدا عبده و رسوله ارسله بالهديٰ و النور الموعظة عليٰ فترة من الرسل و قلة من العلم و ضلالة من الناس و انقطاع من الزمان و دنو من الساعة و قرب من الاجل من يطع الله و رسوله فقد رشد و من يعصيهما فقد غويٰ و فرط و ضل ضلالا بعيدا - و اوصيڪم بتقويٰ الله فانه خير ما اوصيٰ به المسلم المسلم ان يحضه عليٰ لا آخرت و ان يا مره بتقويٰ الله - فا حذروا ما حذرکم الله من نفسه و لا افضل من ذالکم نصيحة و لا افضل من ذالک ذڪرا و ان تقويٰ الله لمن عمل عليٰ و جل و مخافة من ربه عون صديق عليٰ ماتبغون من امر لاخرت. و من يصلح الذي بينه و بين الله من امره في السر و العلانية لاينويٰ بذلکم الا وجه الله يڪن له ذڪرا في عاجل امره و ذخرا في ما بعد الموت حين يفتقر المرءَ اليٰ ما قدم و ما کان سويٰ ذلکم يود لو ان بينه و بينها امدا بعيدا و يحذرکم الله نفسه و الله رؤف بالعباد و الذي صدق

www.maktabah.org

قو له و انجز وعده لاخلف لذالک فانه يقول عزوجل مايبدل القول لذي وما انا بظلام للعبيد فاتقو الله في عاجل امركم و اجله في السر و العلانية فانه من يتق الله يكفر عنه سياته و يعظم له اجرا و من يتق الله فقد فاز فوزا عظيما.

و ان تقوى الله يوقي مقته و يوقي عقوبته و يوقي سخطه و ان تقوى الله يبيض الوجوه و يرضي الرب و يرفع الدرجه خذو خطكم ولا تفرطوافي جنب الله- قد علمكم الله كتابه و نهج لكم سبيله ليعلم الذين صدقوا و يعلم الكاذبين. فاحسنوا كما احسن الله اليكم و عادوا اعداء الله و جاهدوا في الله حق جهاده هواجتبا كم و سما كم المسلمين؛ ليهلك من هلك عن بينة ويحيى من حي عن بينة ولا قوت الا بالله فاكثروا ذكر الله واعملوا لما بعد اليوم فانه من يصلح ما بينه و بين الله يكفه الله ما بينه و بين الناس ذالک بان الله يقضي علي الناس ولا يقضون عليه و يملک من الناس ولا يملكون منه الله اكبر ولا قوت الا بالله العظيم.

[سيكنهن قسم جي ساراه الله پاڪ کي سونهي ٿي، آءٌ سندس ساراهه ڪريان ٿو ۽ ڪناس مدد ۽ معافي گهران ٿو. منهنجو ايمان مٿس آهي. آءٌ سندس ڪڏهن به بي فرماني نه ڪندس ۽ جو شخص سندس بي فرماني ڪندو آءٌ انهيءَ جو دشمن آهيان. آءٌ گواهي ڏيان ٿو ته الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه عبادت جي لائق نه آهي اهوئي هڪڙو آهي. سندس ڪوئي شريڪ ۽ هڪ جهڙو نه آهي. محمد سندس ٻانهون ۽ مائهن ڏي وڪيل آهي. انهيءَ ٿي خدا محمد کي هدايت، نُور ۽ نصيحت سان اهڙي وقت ۾ موڪليو آهي جنهن

وقت ۾ نبين کي دنيا ۾ آئي گھڻا ڏينھن گذري ويا، علم گھٽجي ويو، گمراھي وڌي وئي، زمانو ھيون ٿي ويو، قيامت ۽ موت ويجھا اچي پيا. جو شخص الله ۽ الله جي رسول جي پيروي ڪري ٿو، اھو ھدايت وارو ٿئي ٿو ۽ جو شخص الله ۽ سندس رسول جي بي فرماني ڪري ٿو، اھو بي راھو ٿئي ٿو عزت جي درجي کان ڪري پوي ٿو ۽ سخت گمراھيءَ ۾ ڦاسي وڃي ٿو. مسلمانو! آءٌ اوھان کي وصيت (نصيحت) ڪريان ٿو ته الله کان ڊڄو. مسلمان جي، مسلمان لاءِ چڱي وصيت ھي آھي ته آخرت لاءِ تيار ڪريس ۽ الله کان ڊڄڻ لاءِ چويس. انسانو! جن ڳالھين کان خدا منع ڪئي اٿو انھن کان پرھيز ڪريو. انھيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪا نصيحت ڪانھي نه انھيءَ کان وڌيڪ ڪو ذڪر ئي آھي. جو ماڻھو آخرت جي ڪمن ۾ الله کان ڊڄي ڪم ڪري ٿو، انھيءَ لاءِ تقويٰ (خدا کان ڊڄڻ) چڱو مددگار ۽ سچو رفيق آھي.

۽ جڏھن ڪو به شخص پنھنجي ۽ خدا جي وچ ۾ ڳجھيءَ طرح يا ظاھر، پنھنجو ڪاروبار سڌاري ٿو ۽ انھيءَ ۾ ھن جي نيت چڱي، خاص خدا ڪارڻ آھي، ته اھا ڳالھه دنيا ۾ انھيءَ لاءِ نيڪنامي ۽ آخرت ۾ توشو (ثمر) ٿيندي، جو ته انھيءَ وقت انسان پنھنجن ڪيل چڱن ڪمن جو محتاج ٿئي ٿو ۽ جو شخص ائين نٿو ڪري سو قيامت ۾ ائين پيو گھرندو ته سندس عمل کناس بلڪل پري ھجن. الله پاڪ اوھان کي پاڻ کان خوف ڏياري ٿو ۽ الله پنھنجن ٻانھن تي مھربان آھي. ۽ جنھن شخص الله جي قول کي سچو سمجھيو ۽ سندس انجامن کي پورو ڪيو انھيءَ لاءِ جيڪي الله پاڪ فرمايو آھي سو ڪڏھن نه ڦرندو.

www.maktabah.org

الله تعاليٰ فرمايو آهي ته: ’مون وٽ ڳالهه نه ڦرندي ۽ آءٌ ٻانهن تي هرگز ظلم ڪندڙ نه آهيان، پوءِ الله کان ڊڄو دنيا ۾ به ۽ آخرت ۾ به، ظاهر به ڳجهو به، ڇو ته جو شخص پنهنجي مولا کان ڊڄندو، ان جا ڏوهه رب ميٽي ٿو ۽ ان کي اجر عظيم بخشي ٿو ۽ جو شخص الله پاڪ کان ڊڄي ٿو، سو پنهنجن مرادن کي ماڻيٿو.‘

بيشڪ تقويٰ (خدا کان ڊڄڻ) الله تعاليٰ جي عذاب ۽ بيزاري ۽ غصي کي دور ڪري ٿي ۽ بيشڪ تقويٰ مُنهن کي منور ۽ روشن ڪري ۽ پالڻهار خدا کي راضي رکي ۽ انسان جو درجو وڌائي ٿي. مسلمانو! پنهنجا انساني حق حاصل ڪريو مگر الله تعاليٰ جي حقن کي ترڪ نه ڪريو. تحقيق، الله تعاليٰ اوهان کي پنهنجو پاڪ ڪتاب سمجهايو ۽ پنهنجو رستو ڏيکاريو ته سچا ۽ ڪوڙا پڌرا ٿين. انسانو! جهڙي ڀلائي الله تعاليٰ اوهان سان ڪئي آهي تئن اوهين به ماڻهن سان نيڪي ڪريو. جي بي فرمان ٻندا پنهنجي ناقص خيال موجب الله پاڪ جا دشمن آهن، تن جا اوهين به دشمن ٿيو ۽ الله پاڪ جي واٽ ۾ پوريءَ طرح جهاد ڪريو- انهيءَ مولا اوهان کي پلو ڪيو آهي ۽ اوهان جو قومي نالو مسلمان رکيو آهي تا ته جيڪو مري ته روشن دليل ڏسي مري ۽ جو دنيا ۾ جيئرو رهي سو به روشن دليل ڏسندو رهي- الله کان سواءِ ٻيو ڪو به طاقت ۽ قوت ڏيندڙ ڪونهي. پوءِ اي انسانو! الله پاڪ جو گهڻو ذڪر ڪريو ۽ ڪيس چڱيءَ طرح ياد ڪريو، ۽ اڄ کان پوءِ چڱا عمل ڪريو، جو شخص پنهنجي ۽ پنهنجي مولا جي وچ وارا لاڳاپا

www.maktabah.org

سڏاري ٿو، الله تعاليٰ انهيءَ شخص ۽ پين ماڻهن جي وچ ۾ جيڪي لاڳاپا آهن، تن کي سڏاري ٿو: چو ته الله تعاليٰ ٿي ماڻهن تي حڪم هلائي ٿو ۽ ماڻهو مٿس حڪم هلائي ڪونه ٿا سگهن. الله تعاليٰ ئي ماڻهن جو مالڪ آهي ۽ ٻانهن کي مٿس ڪو اختيار ڪونهي. الله پاڪ وڏي ۽ مٿاهين ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن ڪان به مدد يا طاقت ڪانه ٿي ملي.]

خطبي ۽ نماز کان واندا ٿي حضور عليه الصلوات والسلام جن اتاهون خير سان روانا ٿيا ۽ پنڌ ڪندا ڪندا خير ۽ سلامتيءَ سان وڃي مديني شريف ۾ رسيا. سڀني اصحابن سونهارن مان هرهڪ جي خواهش هئي ته شل حضور جن مون وٽ ئي اچي لهن ۽ مون وٽ ئي منزل ڪن. مگر خدا جي قدرت ۽ حڪمت موجب آها آٺ، جنهن تي پاڻ سڳورا سوار هئا، ابو ايوب انصاري رضي الله تعاليٰ عنه جي گهر جي دروازي وٽ پاڻهئي اچي ويهي رهي. پاڻ به ڪٿي آتي منزل فرمايائون. حضرت جن جي خيريت ساڻ پهچڻ ۽ مديني شريف ۾ اچڻ ڪري، ساري شهر ۾ هُل پئجي ويو ۽ سندن اهڙو ته تصرف ٿيو، جو رڳو شهر جون ڇوڪريون به خوشيءَ ۾ گيت ڳائڻ لڳيون. بني النجار جي قبيلي جون ڇوڪريون ته هي گيت ڳائينديون حضرت پاڪ جي زيارت لاءِ آيون:

"نحن جوار من بني النجار- يا حبذا محمد من جار."

(اسين قبيلي بني نجارن جون ڇوڪريون آهيون. ڏاڍو چڱو ٿيو، جو اسان جي پاڙي ۾ محمد (عليه الصلوات والسلام) آيو.]

اهڙيءَ طرح ساري شهر جون زالون، ٻانها ۽ ٻانهيون به خوشيءَ جا عربي گيت ۽ سهرا چوڻ لڳيون. اسلام وارن جي گهر گهر خوشي ٿيڻ لڳي. (فالحمد لله علىٰ ذالڪ).

www.maktabah.org

انهن سيني گيتن جو حاصل مطلب هيٺئين غزل ۾ آڻي نظم ڪريان ٿو:

مبارڪ، اڄ مديني ۾ محمد مصطفيٰ آيو،
رسول الله، نبي الله، حبيب ڪبريا آيو.
ٿيو هن نورحق جي سان درو ديوار سڀ روشن،
اجهو ظلمات ۾ شمس الضحيٰ بدر الدرجيٰ آيو.
يتيمن يار، ۽ هيڻن سندو همراهه آنحضرت،
مٿو مرسل مديني ۾، سو محبوب خدا آيو.
فقيريءَ منجهه فائق ۽ يتيميءَ ۾ يڪانو سو،
يڪانو گوهر و در يتيم و بي بها آيو.
وساريو جن خدا کي هو، هو موڙيو حق کان جن منهن،
رسول هاشمي تن لاءِ رهبر رهنما آيو.
هٿا مشتاق جي مومن، رسول الله جي صحبت جا،
انهن لئي هاديءِ حق سيد هردوسرا آيو.
ڏني جنهن لئي خبر موسيٰ ۽ عيسيٰ، سو نبي بر حق،
خلاصو رب جو، خاصو حق جو، ختم الانبيا آيو.
امام امت و عاصين آجهو، آذار اڙين جي،
شفيع المذنبين، سو شافع روز جزا آيو.
دليون جن جون هيون ڪاريون ۽ جنجا قلب هٺا ناءون،
رسول پاڪ تن لئي پارس آيو، ڪيميا آيو.
مديني ۾ پئي هي ڌوم، هر ڪنهن وات هيءَ وائي،
وٺي پيغام حق جو، صاحب عزو علا آيو.
مديني جي مبارڪ شهر ۾ هن طرح پيو شهرو،
محمد مصطفيٰ آيو، محمد مصطفيٰ آيو.
ڇيو زالن ۽ مڙسن ۽ ننڍن توڙي وڏن هن پر،
محمد حبذا آيو، محمد مرحبا آيو.
خوشيءَ سان ٿي ڇيو هردم "صغيرا" مومنن ان وقت،
محمد مصطفيٰ صلوا عليٰ صلوا عليٰ آيو.

www.maktabah.org

جڏهن حضور عليه الصلوات والسلام جن شهر ۾ يثرب جي ڏڪڻ پاسي ڪان داخل ٿي رسيا، تڏهن عام طرح يثرب جو نالو "مدينة النبي" يا "مدينو" سڏجڻ لڳو. انهيءَ ڏينهن شهر ۾ عجب نظارو هو، الاهي نور جو جلوو چوطرف ڏسڻ ۾ ٿي آيو، رب تعاليٰ جي رحمت جو نزول ۽ ٻلٽ هئي، سندس فضل ۽ ڪرم جي بارش ۽ وسڪار هئي، قرب الاهي جو ڪڪر ڇانو ڪيو بيٺو هو، مطلب ته انهيءَ ڏينهن روحاني عيش ۽ باطني خوشيءَ جو اهڙو ته عالم هو، جنهن جو بيان ڪري نٿو سگهجي. انهيءَ ڏينهن يهودي ۽ عيسائي به سمجهي ويا ته اڄ جسقوق نبيءَ جي ڪتاب باب ٣ ورس ٣ جو مطلب بيشڪ صاف ۽ ظاهر ٿي ويو ته "الله ڏکڻ کان ۽ اهو جو پاڪ آهي فاران جي جبل کان آيو، انهيءَ جي شان ڪان آسمان لڪي ويو ۽ زمين انهيءَ جي حمد (تعريف ۽ واکاڻ) کان آباد ٿي." بائيبل جي سيني صحيفن ۾ مڪي جو نالو فاران آهي جهڙيءَ طرح ڪتاب پيدايش جي باب ٢١ ورس ٢١ ۾ به حضرت اسماعيل نبيءَ جي ذڪر ۾ مڪي کي فاران ڪوٺيو ويو آهي. قران شريف ۾ الله تعاليٰ انهيءَ بابت فرمايو آهي:

الذين آتينا هم الكتاب يعرفو نه كما يعرفون ابناءَ هم (ائين سڃاڻن ٿا، جئن پنهنجي اولاد کي سڃاڻندا آهن يعني پڪ اٿن ته هي آهوئي رسول آهي جنهنجي بشارت حضرت عيسيٰ ڏئي ويو آهي.)

مسجد نبويءَ جي عمارت

ٿورن ڪهڙن ڏينهن کان پوءِ مديني منوره ۾ هڪ مسجد جي ضرورت ڏسڻ ۾ آئي، ڇو ته مسلمان هڪ پاڪ جاءِ ۾ گڏ ٿي الله پاڪ جي عبادت ڪن، سا ڳالهه وڌيڪ مناسب هئي. جا جاءِ مسجد شريف جي جوڙڻ لاءِ پسند ڪئي

www.maktabah.org

وٺي، سا ٻن يتيمن (ڇوڪرن) جي ملڪيت هئي، انهن يتيمن گهڻوئي چيو ته جاءِ جي قيمت اسين نه وٺنداسين، مگر حضور جن عليه الصلوات والسلام بلڪل نه مڃيو، آخر قبيلہ بنو النجار وارن عرض ڪيو ته اسين ڦوڙي ڪري جاءِ جي قيمت ڏيون، مگر پاڻ اهو به منظور نه فرمايائون. امينن جاءِ جي قيمت ڏهہ پائونڊ (گنيون) يعني ڏيڍ سؤ رپيا ڪٿيا، پاڻ آهي پئسا حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه کان وٺي انهن يتيمن کي ڏنائون. پوءِ انهيءَ جاءِ کي سڌو سنئون ڪري مسجد ٺاهيائون. انهيءَ مسجد جي ڊيگهہ هڪ سؤ گز هئي. مسجد شريف جي ٺهڻ وقت حضور جن پاڻ پنهنجي سر پنهنجن هٿن مبارڪن سان سرون ۽ پٿر ڍويو پئي ڏنا، انهيءَ وقت زبان مبارڪ سان هيٺين پئي فرمايائون ۽ انصارن ۽ مهاجرن کان تمام راضي ۽ خوش ٿي هي دعائون پئي ڪيائون ته:

اللهم لا عيش الا عيش الا خرت فاغفر الا نصار والمهاجره.
(خدايا دنيا جو گذارڻ ڪهڙو آهي؟ گذارڻ آهي ته آخرت جو گذارڻ آهي. تون منهنجا مولا انصارن ۽ مهاجرن کي بخش.)

اصحابن سونهارن گارو ۽ سرون پئي ڍويون ۽ نهايت محبت ۽ جوش سان هٿن پئي چيائون:-

لئن قعد نا والرسول يعمل ذاڪ فالعمل المضلل
(رسول الله عليه الصلوات والسلام پاڻ پنهنجي سر ڪم ڪري اسين ويٺا هجون، اها ته وڏي گمراهي چئبي.)

مسجد شريف جون ديوارون ڪچين سرن جون ٿي گز مٿاهيون هيون. کجور جي ٿارين ۽ ٽڙن مان ڇت ٺهيل هئي، جا برسات جي وقت وهي ڇڙندي هئي ۽ ساري مسجد گپ ٿي ويندي هئي، مگر خدا جا سچا ۽ بي ريا ٻانها يعني حضرت رسول الله صلعم جي پاڪ صحبت ۾ رنگيل اصحاب

www.maktabah.org

سونهارا رضي الله تعاليٰ عنهم (خداوند تعاليٰ انهن کان راضي هجي شال) انهيءَ گپ ۾ به پنهنجي مولا، پنهنجي سائينءَ ۽ پنهنجي خالق جي اڳيان دل جي حضور ۽ گهڻي نياز ۽ ادب سان آئين ئي نماز پڙهندا هئا، جئن خشڪيءَ جي وقت ۾.

اذان (بانگ) جو مقرر ٿيڻ.

ٻئي سن هجري ۾ اذان (بانگ) مقرر ٿي، جڏهن مسجد شريف تيار ٿي، تڏهن وري اذان جي ضرورت ٿي، جو ته هڪ مقرر وقت ۾ هڪ خدا کي مڃيندڙ سڀئي سندس عبادت ۽ بندگيءَ لاءِ مسجد ۾ اچي گڏ ٿين، سا ڳالهه ضروري ۽ مناسب هئي، انهيءَ لاءِ ڪنهن اصحابي چيو ته ڪا مٿاهين جاءِ تاهي انهيءَ تي نماز جي وقت باه جو مچ ٻارجي ته ماڻهو انهيءَ کي ڏسي اچي گڏ ٿين. ڪنهن چيو ته ٻگل وڄائجي ته ٻڌي اچي گڏ ٿجي. ڪنهن چيو ته گهنڊ گهڙيال وڄائجن، مگر حضور جن ڪنهن جي به صلاح منظور نه ڪئي ۽ خدائي حڪم ۽ انتظام جا منتظر رهيا. آخر پريان عبدالله بن زيد انصاري رضه آيو ۽ اچي چيائين ته سون خواب ۾ هي لفظ ٻڌا آهن جي نماز لاءِ ماڻهن کي گڏ ڪرڻ واسطي چوڻ ۾ پيا اچن، اجا عبدالله انصاري اها ڳالهه ڪري بس ڪئي ته پريان حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه به آيو، انهيءَ به اچي ساڳي طرح خواب جو ذڪر ٻڌايو، جو ڪيس ڏسڻ ۾ آيو هو. حضور جن ڏاڍا خوش ٿيا ۽ انهيءَ نموني کي ڏاڍو پسند ڪيائون، پر تنهن هوندي به الله پاڪ جي درگاه ڏي رجوع ۽ توجه ڪيائون. الله پاڪ جي درگاه مان به اهڙوئي اشارو ٿيو ۽ اذان انهن مشهور لفظن سان مقرر ٿي، جن سان هاڻي چئبي آهي. مسٽر چيمبر جو هڪ مشهور عيسائي آهي، تنهن پنهنجي ڪتاب انسائيڪلو پيڊيا جي ڇهين جلد ۾ لکيو آهي ته مسلمانن جي اذان

www.maktabah.org

(بانگ) جي لذت ۽ مزو مسجد جي ممبر تان ٻه گهڙيون ايندو آهي، پر اذان جي وڏيڪ لذت ۽ حيرت جهڙو اثر رات جي اڪيلي ۽ چپ چاپ وقت ۾ جيڪو معلوم ٿيندو آهي، سو عجب قسم جو هوندو آهي، انهيءَ عيسائي جيڪي لکيو آهي، سو واقعي سچ لکيو اٿس، انهيءَ وقت جي لذت ۽ مزو انهن کي معلوم ٿيو هولدو ۽ ٿيندو هوندو، جن اهو وقت ڏٺو هوندو ۽ ڏسندا هوندا. خيال جي ڳالهه آهي ته ساري ڏينهن جي محنت ۽ ڊوڙ ڊڪ کان ٿڪجي ٽٽجي، پکي پکڻ پنهنجن آکيرن ۾ وڃي آرامي ٿيل هجن ۽ زمين تي هلندڙ جانور ساري ڏينهن جي آٿ ويهه کان بس ڪري وڃي پنهنجين جاين ۾ ويٺل هجن ۽ ساري دنيا تي سناٽي ۽ ماٺ جي حالت هجي، اهڙي وقت ۾ انسان پنهنجي ننڊ ۽ آرام ڦٽائي، پنهنجي خالق، ۽ مالڪ ۽ آپائڻهار رب پاڪ جي درگاهه ۾ ٻانهون ٻڌي، ادب ۽ عاجزيءَ سان، لوڙت ۽ نياز سان نماز پڙهڻ لاءِ پنهنجن هم جنس ڀائن کي غفلت جي ننڊ مان الله اڪبر الله اڪبر جو مٺو ۽ من موهيندڙ آواز ڪري اٿاري، سو هڪ عجب قسم جو طريقو آهي، جو ڪنهن ٻه مذهب ۽ ڌرم ۾ نه ليندو. مجوسين، يهودن ۽ انصارن وٽ باه ٻارڻ، ڪوڏ، بگل، توتاڙا ۽ گهنڊ گهڙيال وڄائڻ، اهي رسمون هيون، جي عبادتن جي وقت پوريون ڪندا هئا، مگر اسلام ۾ اذان جي رسم هڪ پاڪ ۽ بي عيب رسم آهي، جا سڀ ڪو منصف مزاج بي اختيار پسند ڪندو.

مسلمانن جي پاڻ ۾ برادري

جڏهن مڪي جا مسلمان ڪافرن جي اهنجن، ايذائن ظلمن ۽ ستمن جي ڪري ستائجي پنهنجو وطن ڇڏي بيوطن ٿي مديني ۾ آيا، سڀ لڳ لاڳاپا لاهي رسول الله صلعم

www.maktabah.org

جي لڙهه لڳا ۽ پنهنجي لؤ پنهنجي مولا سان لائي اچي مديني ۾ ويٺا، تڏهن مديني جي مسلمانن (انصارن) به پنهنجي نيڪ ليتيءَ هردل عزيزي، مروت ۽ لحاظ ۾ ڪين گهٽايو ۽ مسافر مهاجر (لڏي آيلن) جي دل وٽڻ ۽ خاطرداري، همدردي ۽ غمساريءَ جا پورا پورا حق بجاءِ آندائون. جڏهن مدني مسلمانن جي سچائي ۽ اخلاق ڏسجن ٿا، تڏهن والله بي اختيار چوڻو ٿو پوي ته صدقي رسول الله صلعم جي پاڪ صحبت جي اثر تان قربان، رسول الله صلعم جي پاڪ تعليم ۽ اخلاق تان قربان، جنهن جي وسيلي اهي مرد اهڙا فيضياب ٿيا، ايترا اخلاق سکيا ۽ پورا پورا انسان بلڪ انسانن مان به باخدا انسان بنجي پيا. مدني مسلمانن ڇا ڪيو؟ جو پنهنجو مال متاع سڀ وراهي اڌ مهاجرن کي ڏنو ۽ اڌ پاڻ رکيو ۽ مهاجرن کي پنهنجو سچو ڀاءُ ڪري سمجهيائون. جنهن الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ انهيءَ بابت ارشاد فرمايو آهي:-

فاصبحتم بنعمته اخوانا وكنتم على شفا حفرت من النار فانقذكم منها.

(اوهين سڀ (اي مسلمانو) خدا جي فضل سان هڪ ٻئي جا ڀائر ٿي پيئو- ۽ اوهين باهه جي کوهه جي مٿان هئا، جنهن مان الله پاڪ بچائي ورتو-)

مسلمانن ۾ پاڪ دين جي ڪري ايتري محبت ۽ سچي برادري وڌي، جو جيڪڏهن ڪو هڪ مسلمان ڪنهن قوم سان وڙهي ڪو انجام ڪري ايندو هو ته سڀ پاڻ کي ٻڌل سمجهندا هئا، يا جيڪڏهن ڪو مسلمان ٻاهر پري پنڌ تي ويندو هو ته سڀ مسلمان انهيءَ جي خير سلامتيءَ لاءِ منتظر رهندا هئا، يا جيڪڏهن ڪنهن مسلمان سان ڪٿي به ڪو ظلم ٿيندو هو ته انهيءَ جي عيوض وٺڻ لاءِ سڀ مسلمان ڪڙا ٿي بيهندا هئا، پنهنجي اسلامي قوم جي يتيمن، رنن زالن

www.maktabah.org

۽ علم پڙهندڙن جون گهرجون ۽ ضرورتون پوريون ڪرڻ سڀ ڪو مسلمان پنهنجو فرض سمجهندو هو. انهيءَ اسلامي عام برادريءَ کان سواءِ حضرت رسول الله صلعم مهاجرن ۽ انصارن کي نالي به نالي هڪ ٻئي جو ڀاءُ بنايو جن مان ڪن اصحابن سونهارن جا برڪت پريا نالا تبرڪ لاءِ لکان ٿو:

(١) * حضرت محمد رسول الله صلي الله عليه وسلم ... ۽ علي المرتضيٰ

(٢) ابوبڪر صديق - خارجه بن زيد رض (٣) عمر فاروق رض - عثمان بن مالڪ رض (٤) عثمان ذوالنورين رض اوس بن ثابت رض (٥) جعفر بن ابي طالب رض - معاذ بن جبل رض (٦) ابو عبيده بن جراح رض - سعد بن معاذ رض (٧) عبدالرحمان بن عوف رض - سعد بن ربيع رض (٨) زبير بن العوام رض - سلمه بن سلافه رض (٩) طلحة بن عبدالله رض ڪعب بن مالڪ رض (١٠) ابوسعيد بن زيد رض - ابي بن ڪعب رض (١١) مصعب بن عمير رض - ابو ايوب رض (١٢) ابو حذيفه بن عتبه رض - عباد بن بشر رض (١٣) عمار بن ياسر رض - حذيفة بن اليمان رض (١٤) سلمان فارسي رض - ابوالدرداءِ رض (١٥) منذر بن عمرو رض - ابوذر غفاري رض†

رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين

(الله پاڪ سڀني کان راضي هجي شال)

---

* هن بابت ابن خلدون، ابن تيميه ۽ ابن القيم جي وڏا محقق هئا، تن لکيو آهي ته رسول الله صلعم مهاجرن ۽ انصارن جي برادري گنڍي، جي ظاهر ڪري پاڻ نه هئا، مگر پاڻ حضرت علي جا سوٽ ۽ گويا ڀاءُ هئا ٻئي مهاجر به هئا هڪڙو مهاجر ٻيو انصار به نه هو، هي ته مهاجرن جي برادري انصارن سان هئي، انهيءَ ڪري سندن برادري حضرت عليءَ سان گنڍڻ ثابت نه آهي.

† پهريان نالا مهاجرن جا آهن ۽ ٻيا نالا انصارن جا.

www.maktabah.org

هجرت جي وقت حضرت پاڪ جي عمر

حضور جن عليه الصلوات والسلام جڏهن مديني شريف ڏي هجرت ڪري روانا ٿيا هئا ته سندن عمر مبارڪ ٥٣ سال هئي. اهڙي پيريءَ ۾ به پاڻ سونهارا قوم جي سڌرڻ ۽ سڌارڻ لاءِ ڏاڍا مشتاق ۽ تڪليفون سهندڙ هئا، قوم اگرچ ڪيترا به مٿن ظلم ڪندي هئي، کين ستائيندي هئي، مگر پاڻ نهايت تحمل ۽ بردباريءَ سان سڀ ڪجهه سهي وري به نادان قوم کي سمجهائڻ ۾ پوئتي ڪين پوندا هئا. سندن اهڙيءَ همت جي ڪري الله تعاليٰ به کين الاهي مدد ڏيندو هو ۽ کين هر وقت دلجاءِ موڪليندو هو.

هجري سن جو بنياد

حضور جن جي هجرت ڪرڻ کان وٺي اسلامي سن جو بنياد شروع ٿيو ۽ هجري سن ليکجڻ ۾ آيو، چو ته اسلام ۾ اهڙو واقعو هجرت جهڙو ٻيو ڪو ڪونه ٿي گذريو هو، جو غمن ۽ تڪليفن جو خاتمو ۽ اسلامي فتوحات ۽ ترقيءَ جو آغاز هجي، انهيءَ ڪري هجرت وارو واقعو آن لائق هو ته انهيءَ کان ئـي وٺي اسلامي سن جو بنياد قائم ڪجي، جو قائم ٿيو. اگرچ مديني ۾ به کين تڪليفون پهتيون ۽ يهودي اڪثر سندن دشمن ٿي پيئا، مگر اهو ڏک به ڇگو، جنهن پويان سک هجي. مديني ۾ اچڻ شرط حضور جن جي خدمت پاڪ ۾ سيني مذهبن جا وڏا وڏا عالم ۽ پادري اچڻ لڳا جن مان ڪيترا ته حق کي سچائي مسلمان ٿيا، جهڙو يهودين جو وڏو بزرگ عالم عبدالله بن سلام رضہ، ۽ پارسي قوم جو نيڪ عابد سلمان فارسي رضہ ۽ ٻيا. پر ڪيترا ته هٿئين دشمن ٿي پيئا. مڪي ۾ هڪڙي ئي مذهب وارا بت پرست ۽ هڪڙي ئي قوم وارا قريش هئا، مگر مديني ۾ گهڻن مذهبن

www.maktabah.org

(ڏرمن) ۽ گهٽڻ ني خيالن ۽ قومن وارا ماڻهو هئا جنهن ڪري ڪن ڳالهين ۾ پاڻ حضور جن کي تڪليف زياده ٿي.

ايندڙ نبيءَ لاءِ يهودين جو انتظار

مثلاً حضرت موسيٰ عليه السلام پنهنجن امتي يهودين کي سندس جهڙي شاندار نبي پيدا ٿيڻ جي بشارت ڏني هئي، [ڏسو ڪتاب استثنا باب ١٨ ورس ١٥ - ١٨ - ١٩] يهودي هميشه انهيءَ خيال ۽ انتظار ۾ هوندا هئا ته ضرور اهو نبي اعظم پيدا ٿيڻو آهي، انهن جي خيال ۾ هئن به هو ته اهو نئون نبي اسان جي خيالن جي اچي تائيد ڪندو ۽ اسان کي اسان جي دشمن عيسائين تي اچي غالب بنائيندو. مگر جڏهن حضور جن عليه الصلوات والسلام مديني ۾ آيا ۽ سندن تشريف آوريءَ جو غلغلو پيو ته پهرين پهرين يهودي ڏاڍا خوش ٿيا ته اهو نبي، جنهن لاءِ حضرت موسيٰ بشارت ڏني هئي، سو خير سان پيدا ٿيو آهي ۽ هاڻي اسين پنهنجي نفس جي خواهش پوري ٿيندي ڏسنداسين.

حضور جن حضرت عيسيٰ مسيح جي طرفداري ڪئي

پر حضور جن عليه الصلوات والسلام جڏهن اسلام جا اصول ظاهر ڪيا، حضرت عيسيٰ عليه السلام کي به سچو نبي اچي چيائون ۽ يهودين جي الزام، اهڙي پاڪ رسول تي مڙهيا هئا، سي اچي مٿانس لاٿائون، ڪيس نبي الله روح الله، ڪلمة الله جهڙا پاڪ ۽ عاليشان خطاب اچي ڏنائون، جن يهودين مٿن بچڙا ۽ ناشائستا الزام ڌريا ٿي، تن کي خود اچي ملزم ٺهرايائون ۽ جيڪي حق سچ هو آن جي ظاهر ڪرڻ ۾ ذرو خيال يا ديرمدار نه ڪيائون، تڏهن يهودين جي نفساني خواهش کي سخت ڌڪو آيو ۽ حضرت جن تي هو احمق ناراض ٿيڻ لڳا.

www.maktabah.org

ايندڙ نبيءَ لاءِ عيسائين جو انتظار ۽ سندن خودساخته مسئلن کي حضرت جن جو رد ڏيڻ

اهڙيءَ طرح پهرين پهرين عيسائي به انهيءَ پاڪ ۽ تسليءَ ڏيندڙ نبيءَ جي اچڻ جا آداسي ۽ منتظر هئا، جنهن بابت حضرت عيسيٰ مسيح عليه السلام خبر ڏني هئي ته مون کان پوءِ هڪ پاڪ رسول اهڙو ته اچڻو آهي، جو دنيا سان هميشه گڏ رهندو، دنيا کي سڀ ڪجهه سيکاريندو، دنيا کي گناهه، سچ ۽ عدالت کان واقف ڪندو ۽ دنيا جون تقصيرون ظاهر فرمائيندو. حضرت عيسيٰ هئن به فرمايو هو ته هو منهنجي بزرگي ڪندو. ۽ او هان کي سچائيءَ جي واٽ ڏسيندو. حضرت عيسيٰ عليه السلام پنهنجن حوارين (چيلن) کي انهيءَ پاڪ رسول جي تابعداريءَ جو سخت تاڪيد ڪيو هو (ڏسو يوحنا باب ١٦ ورس ١٣-١٤) مگر عيسائن کي هيءَ به وهم ۽ گمان هو ته آهو پيغمبر سندن پاران يهودين سان اچي وڙهندو ۽ سندن واهيات خيالات ۽ خودساخته مسئلن کي به اچي زور وٺائيندو، جهڙو ته حضرت عيسيٰ کي خدا جو پٽ سمجهڻ، ٽي خدا ڪري مڃڻ، عيسيٰ مسيح جي صليب تي چڙهڻ ڪري عيسائين جي ڏوهن گناهن جو بخشجڻ ۽ ترڪ دنيا ڪري گذارڻ. پوءِ جڏهن حضرت جن آيا ته اچي اسلام جا اصول بيان فرمايائون ۽ عيسائين جي مٿين خودساخته مسئلن کي سخت زور سان رد ڪيائون، تڏهن عيسائي به حضرت جن جا دشمن بڻيا ۽ منجهائن بيجا طرفداريءَ جي اميد لاٿائون. هن مان صاف ظاهر آهي ته حضرت رسول الله صلعم کي سواءِ حق ظاهر ڪرڻ جي ڪنهن به فرقي يا قوم کي راضي ڪري پنهنجي هٿ ۾ آڻڻ جو ترجيترو به خيال نه هو. پاڻ ڪنهن به طرح ڪنهن به قوم جي نفساني خيالن موجب هلي نٿي سگهيا، چاهي هو رنج ٿين، چاهي خوش. مگر خدا جي شان تان

www.maktabah.org

قربان وڃان، اهڙي حال هوندي به حضرت رسول الله صلعم جي پاڪ تعليم ۾ اهڙو ته اثر بخشو هئائين، جو بي اختيار ماڻهن جي طبيعتن ۾ گهر ڪندو ويو ۽ سوين هزارين خدا جا ٻندا اسلام جي حلقہ بگوشن وانگي داخل ٿيندا ويا.

سنافقن جو نمونو

جڏهن روزبروز اسلام جي ترقي ٿيندڙ ڏسڻ ۾ آئي، تڏهن ڪن باطن شرير شخصن پنهنجي من جي مراد پوري ٿيڻ لاءِ هڪ رمز وارو رستو اختيار ڪيو جنهن کي منافقيءَ جو رستو چوندا آهن. مثلاً عبدالله بن ابي بن سلول مديني ۾ اثر ۽ عزت وارو شخص هو، اوس ۽ خزرج قبيلن تي سندس چڱو رعب هو ۽ کيس هميشه اها اميد هوندي هئي ته انهن ٻن زبردست قبيلن جي زور سان ڪنهن ڏينهن آءٌ مديني جو حاڪم ٿيندس. تنهن جو ڏٺو ته انهن ٻنهي قبيلن جا اڪثر چيدا چيدا ماڻهو مسلمان ٿيندا ٿا وڃن تڏهن پاڻ به بدر جي جنگ کان پوءِ ظاهر ۾ مسلمان ٿي پيو. پر جڏهن ڏٺائين ته يهودي حضرت پاڪ جا دشمن ٿي پيا آهن تڏهين يهودين سان يهودين جهڙو ۽ مسلمانن سان مسلمانن جهڙو ٿي گذارڻ لڳو. جڏهن مسلمانن کي ڪو نقصان پهچائڻ جو وجهه ملندو هوس ته ڏينهو وارو ڏنگ هڻي وٺندو هو. اهڙين سخت چالبازين جي اونداهين ۾ به حضرت رسول الله صلعم جهڙي آفتاب عالمتاب جي صداقت جو نور روشني ڏيندو رهيو. سندن پاڪ تعليم ۽ پاڪ صحبت ۽ پاڪ مجلس جو جيڪو اثر انسانن جي دلين تي پوندو هو، تنهنجو آءٌ ڪهڙو ذڪر لکان. سندن سهڻيءَ صحبت ۽ من موهڻيءَ مجلس جي اثر ڪال نادان انسان پنهنجي نفس ۽ شيطان جي چنبي کان اهڙو ته ڇڏي ويندو هو جو وري ڪڏهن به نفس جي هٿ هيٺ نه ايندو هو.

www.maktabah.org

انصارن جي همدردي مهاجرن سان

مديني جا رهاڪو، جن حضرت رسول صلعم تي سچي دل سان ايمان آندو هو، جن جو لقب انصار (دين حق جا مددگار) هو، سي ڪي وڏا بيٺل ماڻهو يا مالدار ڪين هئا، مگر حضرت رسول الله صلعم جي پاڪ صحبت جي اثر ڪان دل جا اهڙا ته غني، بي پرواه، بهادر ۽ اسلام ۽ اهل اسلام جا اهڙا ته فدائي ۽ شيدائي ٿي پيا هئا، جو پنهنجن مسلمان ڀائرن تان جان ۽ مال قربان ڪرڻ پنهنجو ايماني فرض ڄاڻندا هئا. جڏهن ڪو مسلمان مڪي جو رهاڪو، دشمنن جي اگهاڙين ترارين کان جان بچائي، اچو ڀڄيو مديني ۾ اچي نڪرندو هو ته مدني مسلمانن (انصارن) مان سڀ ڪو ائين پيو گهرندو هو ته مسافر مومن مون وٽ اچي رهي. آخرڪار ڪُڻا وجهندا هئا پوءِ جنهن جي نالي نڪرندو هو، سو خوشيءَ کان ڪپڙن ۾ ئي ڪين ماپندو هو ۽ ڏاڍي هيج ۽ خوشيءَ سان پنهنجي گهر وٺي ويندو هوس ۽ وچ شرط مال متاع، ٽڙي ٽپڙ، جاءِ جڳهه، ڏوڪڙ پئسي، ڍور ڍڳي، زر زمين، مطلب ته جيڪي به گهر ۾ هوندو هوس تنهن مان اڌ ورهائي پنهنجي مسافر ۽ مثايل ڀاءُ کي ڏيندو هو. تنهن کان سواءِ به هر قسم جي خدمت ڪندو هوس ۽ خدا جا شڪرانا ۽ ٿورا مڃيندو هو ته الله تعاليٰ دين جي هڪ ڀاءُ کي منهنس حصيدار ڪيو. سبحان الله!

اسن عام جو عهدنامو ۽ مديني جي جدا جدا مذهب وارن جو گڏجي حضرت رسول الله صلعم جي برڪت سان هڪ قوم ٿيڻ ۽ سيڪنهن کي مذهبي آزادي ملڻ

اسين مٿي لکي چڪا آهيون ته مديني ۾ گهڻين ذاتين ۽ گهڻن مذهبن جا ماڻهو رهندا هئا، يهودين جو ته گهڻو

www.maktabah.org

زور هو ۽ پنهنجا پنهنجا قلعا هئن، جي ڏاڍا مضبوط هئا. حضرت رسول الله صلعم فقط عابد نبي ۽ زاهد رسول ڪين هئا، نڪي ماڻهن کي دنيا کي ترڪ ڪرڻ سيکارڻ آيا هئا، پر الله تعاليٰ ڪين دين ۽ دنيا ٻنهي جي اصلاح (سڌاري) جو اُستاد ۽ معلم ڪري دنيا ۾ موڪليو هو ۽ ڪين رب تعاليٰ عقل ڪل عطا ڪيو هو، انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جي انهيءَ ذات بموجب حضور جن عليه الصلوات والسلام خيال ڪيو ته هي گهڻن ذاتين ۽ ڌرمن وارا مديني ۾ رهن ٿا ۽ سڀ ڪنهن جو پنهنجو مذهن ۽ پنهنجو مٿو آهي ڪو ڪنهن جي جان جي خبر ڪانه ٿو وٺي، مسڪينن ۽ هيٺن جي حمايت ٿي ڪانه ٿي ٿئي، سا ڳالهه چڱي نه آهي. انهيءَ ڪري حضور جن عليه الصلوات والسلام سڀني قومن جو هڪ ٻئي سان همراه ۽ هڪ ٻئي جو همدرد ٿي هلڻ ضروري سمجهو ۽ ذاتين جي اختلاف کي مٽائي هڪ قوميت قائم ڪرڻ مناسب ۽ واجب سمجهي، جو ته قوميت انسانيت جو هڪ رڪن اعظم آهي. انهيءَ ڪري حضور جن عليه الصلوات والسلام هجرت جي پهرئين ئي سال جيڪو ٻهريون وڏو ڪم ڪيو، سو اهو ئي ڪيو جو سڀني قومن کي سمجهائين ۽ نصيحتن سان سمجهايائون ۽ سڀني قومن جي وچ ۾ هڪ عهدنامو ڪري چڏڻ سڀني ڪان قبول ڪرايائون. سڀئي قومن جا سردار ۽ ٻريا مڙس سڌدن انهيءَ رٿ تي راضي ٿيا ۽ پاڻ هيٺيون مضمون وارو *عهدنامو لکارايائون.

(١) هذا كتاب من محمد النبي (صلي الله عليه وسلم) بين المومنين والمسلمين من قريش و يثرب و من تبعهم فلحق بهم و جاهد معهم (٢) انهم اُمت واحدت (٣) وان يهود بني عوف اُمت مع المومنين (٤) وان بينهم

*ساري عهدنامه لکڻ جي بدران ضروري فقرا لکڻ ڪافي سمجهيا ويا.

www.maktabah.org

النصر علي من حارب اهل هذه الصحيفة (٥) وان بينهم النصح و النصيحة والبر دون الاثم (٦) وان اليهود ينفقون مع المومنين مادا محاربين (٧) وان بطانة يهود كانفسهم (٨) وانه لم يا ثم امرء بحليفه (٩) وان النصر للمظلوم (١٠) وان يثرب حرام جوضها لاهل هذه الصحيفة (١١) وان الجار كالنفس غير مضار ولا آثم (١٢) وانه ماكان بين اهل هذه الصحيفة من حدث او اشتجار يخاف فساده فان مرده الي الله عزوجل والي محمد رسول الله۔

(هي نوشتو خدا جي نبي محمد (صلعم) جي طرفان آهي، مسلمانن جي درميان، جي قريش آهن يا يثرب جا رهاڪو ۽ (هي عهدنامو) انهن سان بہ آهي، جي مسلمانن سان مليل ۽ جهاد ۾ ساڻن شامل آهن. تہ (اڄ کان وٺي) اهي سڀ پاڻ ۾ هڪ قوم آهن ۽ بني عوف جا يهودي بہ مسلمانن سان گڏجي هڪ قوم آهن ۽ جيڪو هن عهدنامي ۾ داخل قومن سان جنگ ڪندو تہ مسلمانن تي لازم آهي انهن قومن جي مدد ڪرڻ ـ مسلمانن جي هلت چلت انهن قومن سان خيرخواهي ۽ فائدي پهچائڻ جي رهندي نہ نقصان پهچائڻ ۽ گناه جي. جنگي خرچ وغيره ۾ يهودي مسلمانن سان شامل رهندا، جيسين جنگ جاري هوندي. يهودين جي دوست ۽ لڳ لاڳاپي وارين قومن جا حق بہ يهودين جهڙا شمار ۾ ايندا. مظلوم (ستايل) سان ضرور مدد ڪبي. هن عهدنامي وارن تي مديني ۾ جنگ يا خونريزي ڪرڻ حرام آهي. پاڙي وارا بہ هن عهدنامي ۾ داخل قومن جهڙا سمجهبا، جن کي بہ ڪو نقصان نہ پهچڻ گهرجي. هن عهدنامي وارين قومن ۾ جيڪڏهن ڪو جهڳڙو يا

www.maktabah.org

نئي ڳالهه پيدا ٿي پئي، جنهن مان فساد جو امڪان هجي ته پوءِ انهيءَ جو فيصلو الله ۽ الله جي رسول تي ڇڏڻ گهرجي.)

هن عهدنامي تي مديني ۾ رهندڙ سيني قومن جا دستخط ٿي ويا. ۽ تنهن کان پوءِ حضور جن عليه الصلوات والسلام ٻهراڙيءَ جي قومن کي به شامل ڪرڻ گهريو، جنهن مان به وڏا فائدا ٿيا. هڪ عرب جي قومن ۽ قبيلن ۾ جيڪي خونريزيون ٿينديون هيون ۽ الله جي زمين انسانن جي رت سان رنگبي هئي، تنهن جي بندش ٿي وئي. پيو ته هن کان پوءِ مديني جي قومن کي مڪي جا مشرڪ مسلمانن جي برخلاف ڪري نه سگهندا.

حضور جن (صلعم) جو اسن عام لاءِ ٻهراڙيءَ ۾ گشت ڪرڻ

پوءِ پاڻ انهي ئي سال مديني ۽ مڪي جي وچ ۾ هڪ ڳوٺ "ودان" تائين روانا ٿيا ۽ بني حمزت بن بڪر بن عوف کي هن عهدنامي ۾ شامل ڪيائون ۽ عمرو بن مخشي الضمري به (جو هڪ وڏو سردار هو) ان تي دستخط ڪئي. اهڙيءَ طرح هجرت جي ٻئي سال ربيع الاول ۾ حضور جن عليه الصلوات والسلام رضوي جي طرف به روانا ٿيا ۽ ڪوهه بواط جي رهاڪن کي وچي شامل ڪيائون. وري انهي ئي سال مهيني جمادي الاخر ۾ حضور جن صلعم ذي العشيرت نالي هڪ ڳوٺ ڏي روانا ٿيا (اهو ڳوٺ مديني ۽ ينبوع جي وچ تي آهي) اتي وڃي پاڻ بنو مدلج وارن کان عهد وٺي خير سان مديني شريف موٽيا. اهو ڪم حضور جن اهڙو ڪيو جو انصاف وارا بي اختيار چوندا ته بيشڪ حضرت رسول الله صلعم رحمت العالمين (جهانن جي رحمت) ٿي

www.maktabah.org

دنيا ۾ آيا هئا، پاڻ جنگ ۽ تلوار هلائڻ جا سخت مخالف هئا ۽ دنيا ۾ صلح ۽ امن قائم ڪرڻ لاءِ آيا هئا.

قريشن جو مديني تي حملي ڪرڻ جو خيال

قريشن جو حضور جن عليه الصلوات والسلام ۽ مومنن سان ايمان آڻڻ ۽ اسلام مڃڻ ڪري اهڙو ته اچي ضد ٿيو، جو مڪي ۾ ته ڪين تڪليف پهچايائون، پر پاڻ سونهارا وطن ڇڏي بي وطن ٿيا ته به پليدن پچر نه ڇڏي.

قريشن جي هڪڙي شرارت

آخر ڇا ڪيائون، جو عبدالله بن ابي ۽ انهيءَ جي رفيقن ۽ ساٿين کي (جي اجا اوس ۽ خزرج جي قبيلن مان بت پرست رهيل هئا) لکي موڪليائون ته توهان اسان وٽان ايذاهين آيل هڪڙي شخص کي پناه ڏني آهي، سا ڳالهه چڱي نه آهي. جيڪڏهن انهيءَ کي وڙهي، ماري ڪڍي نه ڇڏيندئو ته اسان پاڻ به قسم کنيو آهي ته اسين توهان تي چڙهائي ڪنداسين، اوهان جي ننڍن نينگن کي کهنداسين ۽ عورتن کي هٿ ڪنداسين. انهيءَ خط پهچندي شرط ابن ابي ۽ سندس ساٿين حضور جن عليه الصلوات والسلام سان جنگ جوٽڻ جو خيال پڪو ڪيو.

حضور جن صلعم جي تقرير

حضور جن عليه الصلوات والسلام کي اها خبر پهچي وئي، پاڻ انهن جي وچ ۾ بيهي هڪ زبردست تقرير ڪيائون ۽ فرمايائون ته ڏسو اوهان سان قريشن سخت چالبازي ڪئي آهي؛ جيڪڏهن اوهين هنن جي لکئي موجب مسلمانن سان وڙهندئو ته پنهنجو نقصان پاڻ ڪندئو ڇو ته اوهين ڇڻ پنهنجن آنهن پٽن ۽ ڀائن، مٽن ۽ مائٽن سان وڙهندئو، جي

www.maktabah.org

مسلمان ٽيل آهن ۽ جيڪڏهن هنن جي ڳالهہ نہ مڃو ۽ هو ڪاهي آيا ۽ آنهن سان جنگ ٿي تہ ڌارين سان جنگ ڪرڻي پوندو. انهيءَ تقرير جو آنهن تي چڱو اثر پيو ۽ سڀ ماٺ ڪري هليا ويا.

قريشن جي ٻي شرارت

جڏهن ڏٺائون تہ انهيءَ شرارت مان ڪجهہ ڪرڻ تيل ڪونہ نڪتو، تڏهن وري اندرئي اندر يثرب جي يهودين سان جوڙجڪ ڪرڻ لڳا ۽ ڪجهيءَ طرح آنهن کي پاڻ سان ٺاهيائون. جڏهن پڪ ٿين تہ هاڻي اسين شيرآهيون، تڏهن مسلمانن کي چوائي موڪليائون تہ اوهين نہ سمجهجو تہ مڪي مان اوهين بچي آيا آهيو، سو اسين ڪو سک سمهڻ ڏيندا سون، اسين آتي بہ اوهان کي نہ ڇڏيندا سين.

قريشن جي مسلمانن تي پهرين ڪاهہ

انهيءَ نيابي ڪان پوءِ ڪجهہ ڪونس ڦڏائي بہ شروع ڪيائون، مهيني ربيع الاول سنہ ۲ هجري ۾ مڪي جي قريشن مان ڪرز بن جابر فهري نالي هڪ شخص يثرب جي پرسان اچي شهر وارن جو جيڪو مال ٻاهر جهنگ ۾ پئي گهميو ۽ چنو، سو چورائي ڪاهي هليو ويو. اتفاق سان ڪنهن ڏٺس ئي ڪونہ، ڇڻ مديني وارن کي پنهنجي ڏاڍ مڙسي ڏيکاري ويو.

ابوجهل جي شرارت

وري ماه رمضان سنہ ۲ هجريءَ ۾ ابوجهل مڪي ۾ مشهور ڪيو تہ اسان جو قافلو، جو روڪڙ ۽ مال اسباب سان پريل آهي ۽ شام ملڪ کان اچي پيو، تنهن بابت مسلمانن پڌي ڪري لٽڻ جي صلاح ڪئي آهي. انهيءَ هل

www.maktabah.org

آثارڻ مان سندس نيت هيءَ هئي ته جن ماڻهن جو مال انهيءَ واپار ۾ لڳل هو ۽ جن جا مائٽ انهيءَ قافلي ۾ هئا ۽ جيڪي اڳيئي مسلمانن سان ڪاوڙيل هئا، سي سڀئي گڏجي سڏجي مسلمانن سان وڙهن ۽ جنگ جي تياري ڪن، آخر ٿيو به ائين.

قريشن جو لشڪر

هڪ هزار قريشي بهادر، ست سؤ اٺن ۽ ٻي سؤ گهوڙن جي سواريءَ سان ابوجهل جنگ لاءِ وٺي هليو. خدا جي قدرت جنهن قافلي جي لٽجڻ جو بهانو ڪيو هئائين. سو قافلو به خير سلامتيءَ سان مڪي ۾ پهچي ويو، مگر ابوجهل تنهن هوندي به موٽيو ڪين، لشڪر سميت مديني ڏي وڌندو ويو. مسلمانن کي به پڪ ٿي ته هي هاڻي اسان کي سک سهڻ نه ڏيندا. حضور جن عليه الصلوات والسلام اصحابن سان صلاح مصلحت ڪئي، مهاجرن ڪين دلجاءِ جهڙو جواب ڏنو. پاڻ وري ٻئي دفعي به پڇيائون، مهاجرن وري به خاطري جهڙو جواب ڏنو، پاڻ وري به ٽئي دفعي پڇيائون، اتي انصارن سمجهو ته حضور جن اسان جي جواب جا منتظر آهن.

انصارن جي صداقت

سعد بن معاذ عرض ڪيو ته يا حضرت! شايد حضور جن انصارن کي اهڙيءَ مهل مدد ڪرڻ کان گسل سمجهو آهي ڇا؟ آءٌ سڀني انصارن جي پاران عرض ڪريان ٿو ته اسان جو مال ۽ جان حضور جن تان صدقي ۽ قربان آهي، حضور جن جنهن سان ڳنڍين، جنهن کان ڇنن، اسين هر طرح حاضر ۽ پڌل آهيون، اسان جي مال مان جيڪي حضور جن کي وٺي، سو حضور جن کڻن ۽ جيڪي وٺي، سو ڇڏين. ٻر خير جي ڪم لاءِ حضور جن جيترو جهجهو ڪٽندا، اسين

www.maktabah.org

آنهيءَ ۾ گهڻو خوش ٿيندا سين. اسين حضور جن جي حڪم جا تابع آهيون، جيڪڏهن حضور جن اسان کي غمران جي چشمي تائين وڃڻ جو حڪم ڏيندا ته اوستائين ٻه هليا ويندا سين، جيڪڏهن سمنڊ جي تري ۾ وڃڻ واسطي اشارو ڪندا ته ٻه ڪين مڙنداسين.

مقداد اصحابي چيو ته حضور! اسين حضرت موسيٰ جي قوم جهڙا ڪين آهيون، جو چونداسين ته ”تون ۽ تنهنجو رب ٻئي وڃي جنگ ڪريو اسين ته هتي ويٺا آهيون“ اسين حضور جن جي ساڄي ۽ کاٻي ٻنهي پاسي جنگ لاءِ تيار آهيون.

مسلمان اڃا سنيريل ڪين هئا. نه ڪو جنگ جو خيال ئي هئن، پر تنهن هوندي به آهي مهاجر ۽ انصار جي ميدان ۾ وڃڻ جهڙا هئا، سي سيئي گڏجي ٽي سؤ تيره ڄڻا ٿيا ۽ دشمنن جي دفع لاءِ نڪتا.

مسلمانن کي اڃا جنگ جي اجازت نه هئي

مگر مسلمانن کي اڃا جنگ جي موڪل ڪانه هئي، ڇو ته اسلام کي جنگ سان ڪو لاڳاپو ڪونهي، اسلام جي معنيٰ ئي آهي صلح سان گذارڻ، اهوئي سبب آهي، جو مسلمانن پنهنجو وطن ۽ پنهنجون ملڪيتون ڇڏڻ قبول ڪيون، حبش ۽ مديني ڏي لڏي ويا، مگر جنگ ڪرڻ پسند نه ڪيائون. البت هن وقت اهڙو حال اچي بڻيو، جو دشمن جي چڙهائي روڪڻ ۽ آنهن جي مقابلي لاءِ اٿڻ لاچار ٿيو. جيڪڏهن مسلمان سات ڪري هٿ هٿ تي رکي ويهي رهن ها ته ٻڪرين وانگي ڪسجي وڃن ها ۽ توحيد جي آواز بلند ڪرڻ وارن سان دنيا ۾ هڪ به نه لڀي ها. پوئين ٽن سالن جي تڪليفن ڏسڻ ڪان پوءِ جنهن لاچار ڪان حضرت مسيح عليه السلام هي حڪم ڏنو هو ته ڪپڙن لٽن ۽ ڏوڪڙن پيسن جي بدران ٻه ”هٿيار خريد ڪريو ۽ هٿيارن سان رهو“

www.maktabah.org

(ڏسو متي باب ٢٧) انهيءَ لاچار سبحان الله پاڪ مسلمانن جي حال تي رحم فرمائي سڀا چوڏهن سال ظلمن ۽ ايذائن سهڻ کان پوءِ کين دشمنن جي مقابلي ۾ جنگ جي اجازت ڏني. قرآن پاڪ ۾ انهيءَ بابت هيٺيون حڪم آيو:

اذن للذين يقاتلون بانهم ظلموا وان الله على نصرهم لقدير. الذين اخرجوا من ديارهم بغير حق الا ان يقولوا ربنا الله ولو لا دفع الله الناس بعضهم لهدمت صوامع و بيع و صلوات و مساجد يذكر فيها اسم الله كثيرا.
(سورت حج رڪوع ٦)

(جن تي ظالمن جا ظلم ٿين ٿا ۽ هو انهن کي دفعي ڪرڻ لاءِ جنگ ڪرڻ گهرن ٿا، تن کي موڪل ڏجي ٿي ۽ الله تعالىٰ انهن (مظلومن) جي مدد تي قادر آهي. اهي ويچارا ناحق پنهنجي وطن مان لوڏيا ويا، رڳو هن ڪري، جو هو چون ٿا ته اسان جو رب هڪ الله آهي، جيڪڏهن الله تعالىٰ ڪن (ظالمن) کي ڪن (حق وارن) جي هٿان دفعي نه ڪري ها ته هوند ضرور عيسائين جون گرجائون، يهودين جون عبادت گاهون، بت پرستن (مورتي پوڄارين) جا ٺڪاڻا ۽ مسلمانن جون پاڪ مسجدون، جن ۾ الله پاڪ جو ذڪر گهڻو ٿيندو آهي، اهي سڀ ڊاهيون ڊونيون وڃن ها.)

الله پاڪ هن آيت شريف ۾ صاف صاف فرمايو آهي ته جيڪڏهن ظالمن کي مظلومن جي هٿان دفعي ڪرڻ جي طاقت ۽ اجازت نه ڏني ها ته هوند وڏي خرابي ٿي پوي ها، آزادي ملڪ مان نڪري وڃي ها، ڪنهن به مذهب ۽ ڌرم وارا آزاد نه رهي سگهن ها. هن مان هي به معلوم ٿيو ته الله پاڪ جي اها مرضي نه آهي ته هرويرو اسلام زبردستيءَ مان وڌي، نه! نه!! بلڪ سڀ ڪنهن کي آزادي هجي،

www.maktabah.org

وعظ ۽ سمجهاڻيون دليل ۽ دلائل پيش ڪبا رهجن، انهن جي وسيلي اسلام وڌائجي، سو ٿيو ئي ائين. اها ڳالهه هرگز ثابت نه آهي ته مسلمانن ڪنهن کي يا ڪن کي به مسلمان ڪرڻ لاءِ ترار هٿ ۾ کڻين، بلڪل نه. هان جيڪي ظالم مسلمانن تي ڪاهي ايندا هئا، تن کي انهن غريب مسلمانن جي هٿان ئي خدا دفعي ڪندو هو ۽ انهيءَ ڪري ئي دفعي ڪرڻ جو حڪم ڏنو هئائين. اهو حڪم قانون قدرت ۽ عقل جي بلڪل مطابق ۽ موافق هو ۽ آهي.

اسلام ۽ رسول الله صلعم جي صداقت جو دليل

هي ئي حيرت جهڙي ڳالهه آهي ۽ اسلام ۽ حضرت رسول الله صلعم جي سچائيءَ ۽ حقانيت جو وڏو دليل آهي ته مڪي وارن جي چڙهائيءَ سببان مسلمانن نه فقط پنهنجو نقصان سمجهي، پنهنجي جان بچائڻ جو غم ڪيو ۽ الله پاڪ نه فقط مسلمانن کي ئي پنهنجي جان بچائڻ جيتري جنگ ڪرڻ جو حڪم ڏنو، بلڪ آهي قومون، جي عهدنامي ۾ مسلمانن سان شامل هيون ۽ آهي، جي ڪمزور هيون، تن سڀني جي بچائڻ ۽ انهن جي ٽڪاڻن ۽ عبادت گاهن جي حفاظت ڪرڻ جي اول اول ڳٺتي ڪئي وئي. جڏهن ته آيت شريف ۾ ٻهرين ٻهرين پين مذهبن وارن جي عبادت گاهن جا نالا ڳڻي، پوءِ مسلماني مسجدن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ههڙو انصاف ۽ ههڙي سچائي ڪنهن به مذهب ۾ لڀڻ بلڪل مشڪل آهي.

اعتراض ڪندڙ جي شبهي جو رد

بعضي نا منصف ۽ نادان چوندا آهن ته جيسين مسلمان ڪمزور ۽ مقابلي ڪرڻ کان اڻ سگها هئا، تيسين محمد (عليه الصلوات والسلام) انهن کي جنگ جو حڪم ڪونه ڏنو، پر جڏهن طاقت وارا ٿيا ۽ دين پائي وڌيا، تڏهن

www.maktabah.org

جنگ جو حڪم مليو. انهن نادانن لاءِ هيترو جواب ئي ڪافي آهي ته جنهن وقت مسلمانن کي جنگ جي اجازت ملي ۽ دشمنن جي مقابلي ۽ دفعي ڪرڻ جو حڪم مليو، تنهن وقت به مسلمانن جي طاقت جو اهو حال هو، جو هوڏانهن دشمنن جو شمار هڪ هزار بهادر جنگي، ست سؤ آٺ ۽ ئي سؤ گهوڙا هئا، ته هيڏانهن مسلمانن جي لشڪر جو تعداد ٽي سؤ تيرهن مومن ۽ ٻه گهوڙا ۽ ست آٺ هئا. هن مان انصاف وارن کي صاف معلوم ٿيندو ته مسلمان اڃا به ظاهري حالت جي ڪري دشمنن جي مقابلي ۾ بلڪل ڪمزور هئا، مگر الله تعاليٰ جي مدد، ايمان جي مضبوطي، خداوند تعاليٰ تي پڪو ڀروسو، همت ۽ توڪل، اهي شيون بيشڪ اهڙيون هيون، جن جي هوندي ظاهري طاقت جي ڪا ضرورت ڪانه هئي ۽ اهي ترار يون ظاهري ترارين کان صد ڀار وڌيڪ ڪارائتيون ۽ تکيون هيون، جن جي ئي زور تي مسلمان هروقت فتح مند ٿيندا رهيا.

مسلمانن تي قريشن جي ٻي ڪاهه يا بدر جي جنگ

سن هجري جي ٻئي سال، مهيني رمضان شريف ۾، خدا جو پاڪ نبي مدني جي سيني قومن کي قريشن جي بي سبب ڪاهه کان بچائڻ لاءِ ٽي سؤ تيرهن چڱا ايماندار، جانباز، جن مان سٺ کان وڌيڪ مهاجر ۽ ٻه سؤ چاليهن کان وڌيڪ انصار هئا، پاڻ سان وٺي مديني مان نڪتو. انهيءَ لشڪر سان فقط ٻه گهوڙا ۽ ست آٺ هئا. جڏهن حضور جن عليه الصلوات والسلام مديني کان ٻاهر بدر نالي هڪ جاءِ ۾ پهتا، تڏهن اتي ڏٺائون ته مڪي وارن جو لشڪر سندن لشڪر کان ٽيڻو ۽ تمام گهڻي ساز سامان سان لڏو پيو آهي. جنگ کان هڪ ڏينهن اڳي حضور جن عليه الصلوات والسلام جنگ جو ميدان پنهنجي نظر مان ڪڍيو.

www.maktabah.org

اسلام جي دشمنن جي قتل جي پيشن گوئي

آتي الله تعاليٰ جي ٻڌائڻ سان ٻڌايائون ته سڀاڻي انشاء الله تعاليٰ فلاڻو دشمن هتي ۽ فلاڻو دشمن هتي قتل ٿيندو، يعني اسلام جي دشمنن جي قتل جون جايون پاڻ اڳواٽ ئي مقرر ڪري ٻڌايائون، چو ته کين پنهنجي مولا سائين تي پورو ڀروسو هو ته ضرور هو مظلومن جي مدد ڪندو ۽ حق کي باطل تي غالب ڪندو، پوءِ مولا سائين ٻه کين اڳواٽ ئي دلجاءِ لاءِ سڀ ڪجهه ٻڌايو. آخر رمضان شريف جي ١٧ تاريخ جمع جي ڏينهن حق ۽ باطل جي وچ ۾ جنگ لڳي يعني مسلمانن سان لڙائي ٿي. جنگ کان اڳي حضور جن عليه الصلوات والسلام نوڙت ۽ نياز، زاري ۽ عاجزي سان درگاه الاهي ۾ دعا گهري ته اي منهنجا مولا! جيڪڏهن ڪافرن کي مسلمانن تي غالب ڪيئي ۽ مسلمانن کي ڪافرن جي هٿان مارائيئي ته پوءِ توحيد جو سبق سيکاريندڙ، تنهنجو نالو پاڪ هر وقت ياد ڪندڙ ۽ توڏي ماڻهن کي ڇڪي آڻيندڙ هڪڙو به دنيا ۾ ڪونه رهندو. اهڙيءَ طرح ٻين پاڪ دل مسلمانن به رب تعاليٰ جي درگاه ۾ دعائون گهريون.

جنگ بدر ۾ مسلمانن جي عاليشان فتح

اهي دعائون ۽ پاڪ پيغمبر جون التجائون ٻڌي، الله پاڪ جي رحمت جو درياه جوش ۾ آيو، حق تي سر ڏيندڙ کي مدد الاهيءَ پنهنجي پاڪر ۾ ورتو، پنهنجي پناه جي پاڇي ۾ وهاريو، ٻهر خدائيءَ جي باهه ڀڙڪڻ لڳي ۽ حق کي ميٽيندڙن ۽ اسلام جي دشمنن جي مٿان اچي ڪڙڪي. انهن ئي ضعيف ۽ بي ثمر مسلمانن هٿان، بهادري ۽ پهلوانيءَ جي نشي ۾ مغرور ڪافرن کي شڪست نصيب ٿي، انهن جا ستر پهلوان قيد ۽ ستر پهلوان قتل ٿيا، انهن

www.maktabah.org

سيني ظالمن جو ڀريو مڙس ابوجهل بہ اُتي ئي مئو، جنهن ايذو ڪنڪ بي گناه مسلمانن تي چاڙهيو هو. جيڪي چوڏهن سردار دارالندوه نالي هڪ جاءِ ۾ حضرت رسول الله صلعم جي قتل ڪرڻ جي صلاح لاءِ ڪٺا ٿيا هئا، تن مان ٻہ يارهن ڄڻا انهيءَ جنگ ۾، جا بي سبب ويچارن صابر شاڪر مسلمانن سان جوڙي هئائون، قتل ٿيا ۽ باقي، جيڪي ٻي ڄڻا بچا، تن کي اسلامي حقانيت ۽ خدائي رحمانيت نہ ڇڏيو جي آخر مسلمان ٿي پيا. انهن مان جيڪي ڳرا ڳرا دشمن قيد ٿيا هئا، تن کي جنگ جي قاعدي موجب انهيءَ ڪري تہ هنن بيگناه غريبن سان جنگ جوڙي هئي، واجب تہ ائين هو جو قتل ڪري ڇڏجي ها تہ ٻين طاقتن تي رعب وهي ها. مگر الله رحيم جي رحم دل رسول ۽ رب العالمين جي رحمت العالمين نبيءَ ڪجهہ جرمانو وٺي گهڻن کي ڇڏي ڏنو، باقي جيڪي لکي پڙهي ڄاڻندا هئا، تن کي ڪجهہ وقت انصارن جي فرزندن کي لکپڙهہ سيکارڻ واسطي ڪٽي مقرر ڪيائون.

جنگ بدر ۾ معجزو

اهائي بدر جي جنگ آهي، جنهن ۾ حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم مٺيءَ جي فقط هڪ مٺ پري، دشمنن جي لشڪر ۾ اُڇلائي هئي، جا سيني جي اکين ۾ وڃي پئي ۽ سيني جي اکين کي اهڙو تہ خراب ڪري ڇڏيائين، جو سيئي انڌا ۽ اونڌا ٿي پيا.

قيدين سان مسلمانن جو سلوڪ

جيڪي قيدي ٿيا هئا، تن بابت حضور جن عليه الصلوات والسلام سيني مسلمانن کي حڪم ڏنو هو تہ جيسين اوهان وٽ قيد ۾ هجن، تيسين اوهين انهن دشمن قيدين جي عزت ڪريو، انهن جي زبونيءَ تي خوش نہ ٿيو ۽ انهن جي

www.maktabah.org

حال تي رحم ڪائو. حضور جن عليه الصلوات والسلام جي حڪم موجب مسلمانن اهڙي ته تعميل ڪئي، جو عقل حيران آهي. ڪيترا قيدي ته مسلمانن جون اهي فضيلتون ۽ اخلاق ڏسي مسلمان ٿي پيا ۽ ڪيترا وري عمر تائين شڪرگذار رهيا ۽ ڳائيندا وتيا. انهن قيدين مان هڪڙي قيديءَ جو قول آهي ته خدا مديني وارن کي شال خوش ۽ آباد رکي، جن اسان کي وهٽن تي سوار ڪيو ۽ پاڻ پيادا هليا، اسان کي ڪڻڪ جي ماني کارايائون ۽ پاڻ کارڪون کائي گذران ڪيائون. هي فتح سڀ الله پاڪ جي مدد ۽ عنايت جي سببان ٿي، نه ته مسلمانن جو ظاهري حال جيڪو هو سو مٿي لکي آيا آهيون. انهيءَ بابت الله تعاليٰ فرمايو آهي:—

ولقد نصركم الله ببدر و انتم اذله فاتقوا الله لعلكم تشكرون. (سورت ال عمران رکوع ١٣)

(تحقيق الله تعاليٰ بدر جي جنگ ۾ اوهان کي فتح مند ڪيو ۽ اوهين انهيءَ وقت ڪمزور هئا، پوءِ الله پاڪ کان ڊڄو ته من اوهين سندس شڪرگذار ٿيو.)

قريشن جي ٿي شرارت ۽ حضور جن صلعم جي قتل جي تياري

.وري بدر جي جنگ کان پوءِ جلد ئي صفوان بن اميه (جنهنجو پيءُ بدر ۾ قتل ٿيو هو) ۽ عمير بن وهب (جنهن جو پٽ اڃا مسلمانن وٽ قيد هو) اهي ٻئي ڄڻا رڻ پٽ ۾ ٻاهر وڃي حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي برخلاف صلاحون ڪرڻ ۽ رٿون رٿڻ لڳا. اتي عمير چوڻ لڳو ته مون تي جيڪڏهن قرض نه هجي ها ۽

www.maktabah.org

عيال جي ڪٽنتي ن. هجيم ها تہ آءٌ پاڻ مديني ۾ وڃي محمد (عليه الصلوات والسلام) کي قتل ڪري اچان ها. صفوان چيس انهن ٻنهي ڳالهين کان تون ڇُٽين آءٌ ٻنهي ڳالهين جو بار پاڻ تي کڻان ٿو. عمير چيو تہ چڱو پر هيءَ ڳالهہ ڪنهن کي نہ ٻڌائجائين. عمير سهيو سنبريو ۽ پنهنجي تلوار تکي ڪري انهيءَ تي زهر چاڙهيائين ۽ مڪي مان روانو ٿيو. آخر هڪليندي هڪليندي، عمير مديني پهتو ۽ وڃي مسجد نبويءَ وٽ اٺ هشايائين. حضرت عمر فاروق، جو پريان ڏٺس، سو سڃاڻائينس ۽ دل ۾ سمجهائين تہ هي شيطان ضرور ڪنهن بڇڙي ارادي سان آيو آهي. جهٽ پٽ وڃي حضور جن عليه الصلوات والسلام جي خدمت ۾ عرض ڪيائين تہ عمير بن وهب هٿيارن سان آيو آهي. حضور جن عليه الصلوات والسلام فرمايو تہ ڇڏيوس تہ مون وٽ اچي. امير عمر ترار ڦري ورتس ۽ گردن مان وٺي گهليندو حضرت جن وٽ وٺي ٿي آيس تہ حضور جن عليه الصلوات والسلام فرمايو عمر ڇڏي ڏينس: عمير کي چيائون تہ هليو آءُ. عمير اڳيرو هلي سلام ڪيو. حضور جن پڇيس تہ ڪر خبر ڪيئن آيو آهين؟ چوڻ لڳو تہ بدر جي جنگ ۾ منهنجو پٽ ٻڌو اٿو تہ گرفتار ٿيل آهي، انهيءَ جي خبر چار وٺڻ آيو آهيان. حضور جن فرمايس پوءِ هي ترار ڇو کنئين اٿئي؟ عمير چيو هي هڪڙي ترار ڪهڙي ڪم جي آهي؟ اسان جي هيترين ترارين بہ اوهان کي ڇا ڪيو؟ حضور جن عليه الصلوات والسلام وري بہ فرمايو تہ تون سچي ڳالهہ ڪر! عمير وري بہ ساڳيو جواب ڏيڻ لڳو، حضور جن فرمايس تہ هو جو صفوان ۽ تون ٻئي ٻاهر گڏجي صلاح ڪري اٿيا ۽ صفوان تنهنجو قرض ۽ ٻارن ٻچن جي سنڀال پاڻ تي کئي، سو ڇا هو؟ اوهين تہ منهنجي قتل لاءِ صلاحون ڪريو ٿا، پر اها ڪا خبر اٿو يا نہ؟ تہ منهنجو خدا منهنجو حافظ ۽ نگهبان آهي.

www.maktabah.org

عمير جو مسلمان ٿيڻ

عمير جا ته وٽ ٺي وڃي ويا ۽ حيران ٿي ويو، چوڻ لڳو ته بي اختيار منهنجي دل مڃي ٿي ته تحقيق تون خدا جو رسول ۽ الله جو نبي آهين، تنهنجن ٻين ڳالهين کان، يا رسول الله انڪار ڪرڻ سولو آهي، پر هن ڳالهه کان آءٌ ڪيئن انڪار ڪريان جا مون ۽ صفوان کان سواءِ ٻئي ڪنهن کي به معلوم نه هئي. آءٌ الله پاڪ جا شڪرانا بجاءِ آڻيان ٿو، جنهن اڄ مون کي اسلام ڏي هدايت ڪئي آهي. ائين چئي حب ۽ چاهه سان ڪلمو پاڪ ”لا اله الا الله محمد رسول الله“ پڙهيائين ۽ مسلمان ٿيو. حضور جن عليه الصلوات والسلام اصحابن کي فرمايو ته وڃو وڃي پنهنجي ڀاءُ کي دين سيکاريو، قرآن ڪريم ياد ڪرايوس ۽ سندس پٽ کي قيد مان هينئر جو هينئر آزاد ڪريو. عمير عرض ڪيو يا حضرت مون کي موڪل ملي ته آءٌ مڪي ۾ واپس وڃي اسلام جي منادي ڪريان، منهنجي دل ۾ اچي ٿو ته جيئن مون مسلمانن کي ستايو ۽ تڪليفون ڏنيون، تئن بت پرستن کي به ڪجهه وقت ڏسان. هيڏانهن عمير اسلام قبول ڪيو، هوڏانهن صفوان قريشن سان ٻٽاڪون پئي هڻيون ته ڏسجو ته ٻن چئن ڏينهن ۾ ڪهڙا ٿا گل ٽڙن، اميد ته اوهين بدر جا ڏک وساري ڇڏيندئو، مگر جڏهن صفوان کي خبر پيئي ته عمير مسلمان ٿي ويو آهي ته صفوان سڙي خاڪ ٿي ويو ۽ قسم کنيائين ته جيترو جيئرو هوندس تيتر عمير سان ڪڏهن ڪين ڳالهائيندس ٻولهائيندس ۽ نڪي ڪيس ڪو فائدو پهچڻ ڏيندس. عمير ايمان ۽ اسلام جي عاليشان نعمت وٺي ڏاڍي خوشيءَ سان موٽي مڪي ۾ پهتو ۽ پهچڻ شرط اسلام جي منادي ڪرڻ لڳو، سنديس منادي ۾ اهڙو ته اثر هو، جو ڪيترائي اسلام جا دشمن اسلام جا خادم ٿي پيا، پر خود اهو صفوان به، جو حضور جن عليه الصلوات والسلام جو سخت جاني دشمن

www.maktabah.org

هو، سو به هجرت جي ٽئين سنه ۾ مسلمان ٿيو. هي سڀ اسلام جي اڻ ڳس اثر جو نتيجو آهي، جو دشمن کي به پنهنجو تابع ۽ مطيع ڪري ڇڏيائين.

قريشن جي ٽين مختصر ڪاه يا جنگ قرقرت الڪدر.

بدر جي جنگ ۾ مڪي جي ڪافرن کي ضعيف مسلمانن کان جا شڪست ملي؛ تنهن هنن کي حيران ته ڪري ڇڏيو هو، پر انهيءَ ڪري چڙ ۽ غصو به ڏاڍو وڌي ويو هون، جنهن ڪري مسلمانن سان دشمني به زياده ٿي هين. ابوسفيان ته قسم کڻيو هو ته تيسين وهنجڻ ڌس ئي ڪين، جيسين مسلمانن کان عيوض نه وٺندس. نيٺ ابوسفيان ٻه سوَ (٢٠٠) سوار پاڻ سان وٺي مڪي مان نڪتو، جڏهن هٽندي هٽندي مديني جي ٻاهران رسيا، تڏهن پنهنجي لشڪر جي رسالي کي شهر جي ٻاهران وهاري پاڻ انڌاري رات ۾ شهر ۾ گهڙي ويو. شهر ۾ سلام بن مشڪم يهودي کڏيس ٻنهي پاڻ ۾ سڄي رات رهاڻ ڪئي ۽ ڏاڍو شراب پيتائون ۽ پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪيائون ته ڇا ڪجي؟ پر سلام بن مشڪم چيس ته هي وقت مقابلي جو نه آهي، بهتر صلاح آهي ته موٽي وڃ. ابوسفيان راتو واهه شهر مان نڪري مسلمانن جون ڦلدار ڪجون ساڙيندو ٻاريندو هڪڙي مسلمان ۽ انهيءَ جي هڪڙي ساٿيءَ کي قتل ڪندو مڪي موٽي هليو ويو. مسلمانن کي جا پئي خبر، مي پيس پويان ۽ قرقرت الڪدر نالي هڪ جاءِ تائين پٺيان ويس، پوءِ ڇڏي ڏنائونس؛ انهيءَ ڪري انهيءَ مختصر ڪاهه جو نالو قرقوت الڪدر مشهور ٿيو.

قريشن جي چوٿين ڪاهه يا جنگ اُحد

مڪي جي قريشن کي جڻ جڻ شڪست نصيب ٿي ٿي، تئن تئن دشمني ۽ عداوت ۾ زور پوندا ٿي ويا. وري

ايندڙ سال ۾ دشمنيءَ جي جوش اهڙو تہ بيتاب ڪري وڌو، جو وڏي بندوبست سان جنگ جي تياري ڪرڻ لڳا. عام طرح چندا ڇيرا ڪيائون، شام جي واپار مان پنجاهہ هزار مثقال سون يعني اٽڪل ٽيهہ هزار گنيون ۽ هڪ هزار آٺ بہ جنگ جي انتظام لاءِ تيار ڪيائون. مطلب تہ ڪل پنج هزار بهادر جن مان ٽي هزار آٺ سوار، ٻہ سؤ گهوڙي سوار ۽ ست سؤ زره پوش ۽ باقي پيادا هئا، سي ڏاڍي ڪرفر سان غريب ۽ بيگناهہ مسلمانن سان جنگ ڪرڻ لاءِ مديني ڏي روانا ٿيا، جن جو سپہ سالار ابوسفيان هو، ڇو تہ ابوجهل جي مرڻ ڪري مڪي جو پوليٽيڪل سردار ابوسفيان ئي ٿاڦيو ويو هو. حضرت جن عليہ الصلوات والسلام جڏهن اها خبر ٻڌي تہ مڪي جو لشڪر غريبن تي ڪاهيو ٿو اچي تڏهن لاچار انهن ڪان غريبن کي بچائڻ لاءِ پڻ پچائڻ لڳا. سندن اهو خيال هو تہ مديني ۾ ويٺي رهون، جڏهن ڪافر ڪاهي اچن، تڏهن اتي مقابلو ڪجي. مگر ٻين اصحابن عرض ڪيو تہ شهر جي ٻاهران آحد نالي ڳاڙهي جبل تي ويهي مقابلو ڪجي تہ چڱو. جو اهو جبل شهر کان چار ڪوهہ پري آهي. آخر جڻن گهڻن جي صلاح ٿي، تئن قاعدي موجب پاڻ بہ ائين ئي ڪرڻ منظور ڪيائون. مسلمان جملي هڪ هزار آحد جبل تي وڃي گڏ ٿيا، تن مان بہ اهڙي تنگ وقت ۾ عبدالله بن ابي سلول پنهنجا ٽي سؤ ماڻهو موٽائي وٺي ويو، باقي وڃي ويچارا مسلمان ست سؤ رهيا، جن کي پنجن هزار بهادرن، جوشيلن ۽ اسباب وارن سان مقابلو ڪرڻو پيو. مگر واهہ ڙي ايمان وارن نيڪ ۽ ثابت قدم مسلمانن جي همت! جن ايڏي ساري لشڪر سان اهڙيءَ طرح تہ مقابلو ڪيو، جو دشمنن جون واڻيون ئي وليون ڪري ڇڏيائون. ابوسفيان تہ لشڪر ڦٽو ڪري وٺي ڀڳو ۽ سڄا ٻارهن مشهور جنگي جوان

www.maktabah.org

علم بردار مارجي وين، جن مان اٺ ته فقط حضرت عليؑ جي ترار جو ئي لقمو ٿيا. البت تيرانداز مسلمانن کان هڪ چڪ ضرور ٿي وئي، جو جنهن هنڌ کين حضرت جن بيهاريو هو، تنهن هنڌان مڙي وڃي ٻئي هنڌ بيٺا، جنهن ڪري دشمن وجهه وٺي ٻهيان ڦري چوڌاري مسلمانن کي وڪوڙي ويا، انهيءَ ڪري مسلمانن کي سخت نقصان رسيو، سڄا سارا ستر صحابي سونهارا شهيد ٿيا ۽ اسلامي لشڪر ڇڙوڇڙ ٿي ويو. هن مان نصيحت وٺڻ گهرجي ته حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي حڪم جي ڀورو ئي برخلافي ڪرڻ وڏي نقصان پرائڻ جو سبب آهي. انهيءَ وقت اهڙو ته سخت حال اچي ٿيو، جو اسلام جي ايتري لشڪر مان ٻارهن ڄڻا ابوبڪر، عمر، علي، عبدالرحمان بن عوف، سعد بن وقاص، طلحه بن عبدالله، زبير بن عوام، ابو عبيده بن جراح وغيره رضي الله تعاليٰ عنهم خود حضرت پاڪ وٽ ۽ ستر اصحاب سونهارا جنگ جي ميدان ۾ وڃي بچيا. دشمنن الله پاڪ جي پاڪ نبيؑ تي پٿر اڇلايا، جن مان ابن قميه نالي هڪڙي شخص جي پٿر سان حضرت رسول الله صلعم جي مبارڪ پيشاني ڦٽجي پئي، ابن شهاب جي پٿر سان حضرت جن جي ٻانهن زخمي ٿي پئي ۽ عتبه جي پٿر سان الله جي نبي پاڪ جا چار ڏند مبارڪ ڀڄي پيا. دشمنن جي ايترن پٿرن لڳڻ ۽ ٻين تڪليفن جي ڪري حضور عليه الصلوات والسلام جن جو اهڙو ته حال ٿيو، جو پاڻ سونهارا ساٿا ئي هڪڙيءَ غار ۾ وڃي ڪري پيا ۽ مشهور ٿي ويو ته حضرت عليه الصلوات والسلام جن شهيد ٿي ويا. اها خبر وڏندي وڏندي وڃي مديني تائين پهتي، جتان ڪيتريون غيرت مند مسلمان عورتون ڀڄنديون آيون، جن ۾ بيبي فاطمه زهرا ۽ عائشه صديقه رضه الله تعاليٰ عنها به هيون.

www.maktabah.org

بيبئ فاطمہ زهرا ۽ عائشہ رضہ جي همت جنگ جئي ميدان ۾

بيبي خاتون جنت رضہ پنهنجي پاڪ پيءُ يعني حضرت رسول الله صلعم جا زخم اچي ڌوتا، پيشانيءَ جو رت جهلئي نہ پيو ڏئي تنهن ۾ ان جو تڏو ساڙي وڌائين، حضرت علي مرتضيٰ رضہ پنهنجي ڍال ۾ زخمن ڌوئڻ لاءِ پاڻي ڀري پئي آندو، بيبي عائشہ صديقہ رضہ ۽ بيبي ام سلمہ رضہ ساندارا پاڻيءَ جا ڀري، لشڪر مان زخمي ٿيلن کي پئي پيارو. هن جنگ ۾ مسلمانن جا جيڪي نقصان ٿيا، سي بلڪل گهٽا هئا، پر وڏو نقصان هي ٿيو، جو مصعب بن عمير جهڙو اسلام جو فدائي، جو مدينې ۾ اسلام جو معلم ٿي آيو هو ۽ جنهن جي وعظ سان آوس ۽ خزرج جا يڪا قبيلا مسلمان ٿيا هئا، سو به هن جنگ ۾ شهيد ٿي ويو. سندن بيوي حمنہ بنت جحش نالي هئي، انهيءَ ڏينهن انهيءَ ويچاريءَ جو ڀاءُ ۽ مامون به شهيد ٿيا هئا. پهرين پهرين ڀاءُ جي مرڻ جي خبر مليس، چيائين تہ انالله وانا اليه راجعون ۽ ڀاءُ جي حق ۾ دعا ڪيائين.

عورت جي دل ۾ پنهنجي مڙس جي عزت ۽ سچي محبت

پوءِ ڪيس پنهنجي مڙس جي خبر پئي تہ شهيد ٿيو آهي، اها خبر ٻڌندي شرط بي اختيار دانهن ڪري پئي، حضور جن عليه الصلوات والسلام سندس اهو حال ڏسي فرمائڻ لڳا تہ ڏسو تہ هن نيڪ عورت جي دل ۾ مڙس جي ڪيتري نہ محبت آهي.

حضرت مصعب شهيد رضہ جو جنازو ۽ اڻ پورو ڪفن

آنهيءَ وقت مصعب رضہ جي جنازي کي ڌوئي پوئي هڪ سنهڙي چادر مٿس ڪفن طور وڌي وئي، مگر مصعب

www.maktabah.org

شهيد جا پير بنا ڪفن آگهاڙائي آگهاڙا رهجي ويا، جن تي گاهه وجهي پورت ڪئي وئي. سبحان الله!

رسول الله جي چاچي حضرت حمزه رضه جي شهادت

آنهيءَ ئي جنگ ۾ حضرت رسول الله صلعم جن جو چاچو سڳورو حضرت حمزه رضه به، جنهن کي "اسد الله و رسوله" (خدا ۽ رسول جو شينهن) سڏيندا هئا، شهيد ٿي ويو. دشمنن حمزه شهيد رضه جا عضوا ڪاٽي، ٽڪر ٽڪر ڪري، مسلمانن جي دلين کي سخت صدمو رسايو. جنگ کان پوءِ بيبي صفيه رضه حضرت زبير رضه جي ماءُ پنهنجي ڀاءُ حضرت حمزه رضه جو لاشو ڏسڻ آئي، جنهن کي زبير پريان ئي جهليو. بيبي صفيه رضه فرمايو ته هائو مون کي معلوم آهي ته منهنجي ڀاءُ جو لاشو بگاڙيو ۽ بي عزت ڪيو ويو آهي، مگر حق تي مرڻ ۾ پرزا پرزا ٿي پوڻ اسان جو فخر ۽ مرڪ آهي، ٻيءَ! آءٌ نڪي روئنديس ۽ نڪي واڪا ڪنديس، رڳو دعا پڙهي موٽنديس.

جنگ اُحد ۾ انس بن نضر رضه جي همت ۽ جوش اسلامي

آنهيءَ ئي جنگ ۾ انس بن نضر رضه ڏٺو ته ڪيترا بهادر مسلمان هٿيار رکيو ماٺ ڪيو غمگين ويٺا آهن، پڇيائين ته ڪهڙو حال آهي؟ چيائون ته حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جن شهيد ٿي ويا آهن. انس نهايت جوش سان چيو:

"موتو علي ما مات عليه رسول الله"

(او هين به انهيءَ ئي حق لاءِ سر ڏيو، جنهن لاءِ رسول الله صلعم ڏنو آهي.)

www.maktabah.org

دوستو! هاڻي وري جيئرو رهي ڇا ڪبو؟ اهڙيءَ حياتيءَ کان موت بهتر آهي. ائين چئي وڏي جوش سان دشمنن تي حملو ڪيائين ۽ گهڻن کي سَٽيائين، آخر سڄا (٧٠) زخم کائي پاڻ به شهيد ٿيو.

سعد بن ربيع جو شهيد ٿيڻ ۽ شهادت جي وقت رسول الله صلعم ڏي سندس سلام ۽ قوم ڏي آخرين پيغام

انهيءَ ئي جنگ ۾ سعد بن ربيع به شهيد ٿيو، جو حضرت رسول الله صلعم جو هڪ سچو عاشق اصحابي هو. جنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ حضور جن عليه الصلوات والسلام سندس ڳولا ڪرائي ۽ پٺيانس ماڻهو موڪليا، هڪڙي ماڻهوءَ کيس وڃي ڏٺو ته، زخمن کان چور ٿيو پيو آهي ۽ پويان پساه وڃي بچيا اٿس، مگر اجا ٿورو ڳالهائي سگهيو ٿي. انهيءَ شخص پڇيس ته ڪهڙو حال آهي؟ سعد چيو ته مڙئي خير آهي، آءٌ هينئر مران ٿو، ڇو ته پنهنجي مولا سان وڃي ملان ٿو مگر مهرباني ڪري منهنجا سلام حضور جن عليه الصلوات والسلام جي عزت واري خدمت ۾ عرض ڪري هئن چئجانءِ ته الله پاڪ شال اوهان کي قوم لاءِ اهڙين تڪليفن جو ايترو گهڻو اجر ڏئي، جو ڪنهن به ٻئي نبيءَ کي اُمت کان تڪليفن ڏسڻ بابت اڳي نه مليو هجي ۽ قوم کي منهنجي پاران چئجانءِ ته جيسين تائين اوهان جي هڪ اک چِپندڙ اوهان ۾ هجي يعني ٿورو گهڻو ساهه به ساهه هجيوَ، تيسين تائين جيڪڏهن ڪو به دشمن رسول الله صلعم تائين پهچي ويو ته، خدا جي حضور ۾ اوهان جو ڪو عذر هلي، نه سگهندو.

شهيدن جي يتيم اولاد سان حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي شفقت

هڪڙو اصحابي سونهارو چوي ٿو ته آءٌ حضرت ابوبڪر صديق رضہ کي سندن گهر ملڻ ويس ته سندن ڇاتيءَ تي هڪڙي ننڍڙي ڇوڪري ويٺل ڏٺم، جنهن کي ڀاڻ هر هر چميون پئي ڏنائون ۽ بار بار پيار پئي ڪيائون، مون پڇو ته هي ڪير ڇوڪري آهي؟ فرمايائون ته هي ننڍڙي نياڻي سعد بن ربيع جي آهي، آهو مون کان وڏو ۽ خدا وٽ وڏيڪ ڀلو آهي، قيامت جي ڏينهن حضرت رسول الله صلعم جي چوڪيدارن ۾ شمار ٿيندو.

عمارت بن زياد جي شهادت ۽ حضرت رسول الله صلعم جي محبت جو نمونو

ساڳي انهيءَ جنگ ۾ عمارت بن زياد رضہ به شهيد ٿيو هو جنهن عاشق مرد مرڻ جي مهل پنهنجا ڳل رسول الله صلعم جي قدمن سان لائي لائي، گويا سندن قدمن تان قربان ٿي ساه ڏنو.

اصحابن جي پهلواني، بهادري ۽ همت جو نمونو

ابودجانه رضہ، حنظلہ رضہ (جنهن کي ملائڪن جو ڏواريل ۽ وهنجياريل سڏيو ويندو هو) طلحة رضہ، علي المرتضيٰ رضہ، انهن ۽ اهڙن ٻين اصحابن سڀورن جيڪا همت جنگ ۾ ڏيکاري هئي، سا حيرت جهڙي هئي. مثال لاءِ حضرت طلحة رضي الله تعاليٰ عنه حضرت پاڪ وٽ بيهي پنهنجي هٿ کي سپر (ڍال) وانگي ڪم آندو ۽ جيڪو تير حضرت جن جي طرف آيو ٿي، تنهن کي پنهنجي هٿ سان روڪيائين ٿي، جنهن ڪري آهو هٿ ئي سڄو ڪيرو ٿي پيو هوس.

www.maktabah.org

قبيلہ بنو دينار جي هڪ عورت جي همت ۽ ايماني ڪماليت.

قبيلي بنو دينار جي هڪ عورت هئي، جنهن جو پيءُ، ڀاءُ ۽ مڙس انهي ئي جنگ ۾ شهيد ٿيا هئا، جڏهن ماڻهن کيس پيءُ، ڀاءُ ۽ مڙس جي خبر ٻڌائي، تڏهن چوڻ لڳي تہ مون کي منهنجي مولا محمد مصطفيٰ صلي الله عليه و آلہ وسلم جي خبر ٻڌايو! تڏهن چيائونس تہ الله جي مهرباني ۽ حفاظت سان حضور جن صحيح سلامت آهن. چيائين تہ مون کي خود پاڻ سونهارا ڏيکاريو، جڏهن پريان حضور جن عليه الصلوات والسلام جي منهن مبارڪ تي نظر پيس تڏهن چوڻ لڳي:

ڪل مصيبۃ بعدڪ جلل

(تو کان پوءِ (اي حضرت) سڀ ڪا مصيبت سهي سگهبي.)

حضور جن جي عام رحمت ۽ پاڄهہ ظالمن لاءِ هدايت جي دعا

حضور جن عليه الصلوات والسلام کي جڏهن ظالم ڪافرن جي هٿائون سخت تڪليفون رسيون، سندن چنڊ جهڙو چهرو مبارڪ زخمي ٿيو ۽ ڏند مبارڪ شهيد ٿيا، تڏهن اصحابن تنگ ٿي سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ يا حضرت! اوهين انهن ظالم مشرڪن جي حق ۾ بد دعا ڪريو تہ ڏاڍو چڱو، پاڻ فرمايائون تہ نہ! بلڪل نہ!!

"اني لم ابعث لعانا و لڪن بعثت داعيا و رحمۃ اللهم اهد قومي- فانهم لايعلمون.

(آءٌ ماڻهن تي لعنت وجهڻ يا بد دعا ڪرڻ لاءِ ڪونہ موڪليو ويو آهيان، پر مون کي موڪليو ويو آهي تہ آءٌ ماڻهن کي پنهنجي مولا ڏي سڏيان

www.maktabah.org

۽ ماڻهن لاءِ رحمت هجان، اي منهنجا مولا تون منهنجي قوم کي ڪا سئين مت ڏي، ڇو ته اهي مون کي نٿا سڃاڻن.)

ڪافرن جي چوٿين شرارت اسلام جي ڏهن مشنرين (واعظن) جو سارڻ

اُحد جي جنگ کان پوءِ ويچارن مسلمانن کي شرير ڪافرن، جن جن نمونن سان تڪليفون پهچايون، سي بيان ڪرڻ کان ٻئي ٻاهر آهن. چوٿين سن هجري ۾ قريشن ڇا ڪيو جو قوم عضل ۽ قاره مان ست ڇٽا مڪار ڳولي مديني شريف ڏي روانا ڪيائون، جن حضور جن عليه الصلوات والسلام جي خدمت ۾ وڃي، بيان ڪيو اسان جا قبيلا مسلمان ٿيڻ لاءِ تيار آهن، ڪي اهڙا مسلمان اسان سان گڏ جي هلن، جي اسلام جي تعليم چڱي طرح ڏئي سگهن. حضور جن عليه الصلوات والسلام سڃا ڏهه اصحاب سونهارا انهن سان گڏ ڏنا، جن جو سردار حضرت امير عمر رضي الله تعاليٰ عنه جو نانو حضرت عاصم بن ثابت رضه هو، جڏهن اهي اصحاب سونهارا ڪافرن جي حد ۾ پهتا، تڏهن اُنهن جا سڃا ٻه سؤ پهلوان جوان آيا، جي خاص انهيءَ ڪم لاءِ تيار ڪيا ويا هئا، اينديءَ شرط ڪوشش ڪيائون ته اصحابن کي جيئرو ئي ڪٽي گرفتار ڪن، مگر اصحابن ۾ جيئرو گرفتار ٿيڻ پنهنجي شان ۽ همت جي برخلاف سمجهو، تن خوب مقابلو ڪيو، جن مان اٺ ڇٽا ته شهيد ٿيا ۽ ٻه بزرگوار هڪ خبيب بن عدي رضه ۽ ٻيو زيد بن دثنه رضه گرفتار ٿي پيا، جن کي سفيان هزلي مڪي ۾ وڃي ٻانهو ڪري وڪڻي آيو. مڪي وارن ڇا ڪيو جو انهن غريبن ۽ ستايلن کي حارث جي گهر ۾ ڪيترا ڏينهن اُڃو ۽ بکيو ڪٽي قيد ۾ وڌو، جتي ويچارن اُڃ ۽ بک جي عذاب هوندي پنهنجي ٻالڻهار ٻاجهاري الله

www.maktabah.org

کي نه وساريو ۽ کيس هر وقت ياد ڪندا رهيا ۽ اهڙي حالت ۾ به اسلام جي اخلاق کي هٿان نه ڇڏيائون.

اصحابن جا اسلامي اخلاق

هڪڙي ڏينهن حارث جو پٽ (جنهن جي گهر ۾ مظلوم اصحاب قيد هئا) تکي ڇريءَ سان راند ڪندو خبيب بن عدي رضي الله تعاليٰ عنه وٽ اچي بيٺو، حضرت خبيب چاڪيو جو ڇوڪري کي جوٽ تي وهاري، آهستي آهستي ڇري ڇڏائي ڪٽي پري ڦٽي ڪئي. ڇوڪري جي ماءُ جي جا اوچتي نظر پيئي، تنهن وٺي رڙ ڪئي، سمجهائين ته متان هي آجو ۽ بکيو قيدي منهنجي پٽ کي هٿي ماري نه وجهي. اتي حضرت خبيب رضه چيو ته هي ويچاري مائي شايد سمجهي ٿي ته آءٌ ڇوڪر کي مارينداس، مگر اها خبر ڪانهيس ته مسلمانن جو ڪم ڪوڙ ۽ دغا نه آهي ۽ نه ڪڏهن هو ڪنهن به بي قصور تي هٿ آلارينداآهن، ظالم انهيءَ هوندي به ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ويچارن بيگناه اصحابن کي صليب (سوري) هيٺان وٺي آيا ۽ چوڻ لڳن ته جيڪڏهن توهين اسلام ڇڏيو ته اسين به توهان کي ڇڏي ڏيون. ٻنهي اصحابن وڏي همت سان جواب ڏنو ته اسلام ڇڏڻ کان پوءِ هي جسم ۽ جان ڪهڙي ڪم جا؟ اتي ظالم چيو ته پلا هينئر جيڪي گهرڻو هجيو، سو گهرو، سوري تيار آهي. خبيب رضه چيو مون کي پڇاڙيءَ ۾ پنهنجي خالق ۽ مالڪ جي عبادت جون ٻه رڪعتون پڙهڻ ڇڏيو ۽ ايتري فرصت ڏيوم. حضرت خبيب رضه جهٽ پٽ ٻه رڪعتون نماز جون پڙهي ورتيون ۽ چوڻ لڳو ته مون جهٽ پٽ نماز پوري ڪئي ته متان ظالم چون ته موت کان ننائي ۽ ڪسڻ کان ڪيٻائي ٿو. بي رحم ظالمن ٻنهي خدا جي پيارن، حق جي عاشقن، حضرت رسول الله صلعم جي محبن ۽ آمت محمديءَ جي محبوبن

www.maktabah.org

کي آتي جو آتي صليب (سوريءَ) تي چاڙهي نيزه اندازن کي حڪم ڏنو ته نيزن سان انهن جي جسم کي چير ۽ چوڪون ڏين، هاءِ! الله اڪبر!! ويچارن اسلام جي فدائن ڪجهه اُف به نه ڪئي، اها سوريءَ جي سرڪڻ هنن پنهنجي گلي ۾ هڪ قيمتي زيور ۽ هار سمجهوءِ اهو نيزن جون چوڪون هنن جي لاءِ آرام ڏيندڙ هيون. سبحان الله!

”صحابن سونهارن کي ڪٺو ڪفارن،
شربت شهادت جو پيتو پيارن،
سوريءَ چڙهي سر ڏنو خوش ٿي سونهارن،
جي انهيءَ ريت مرن، تن مٿو چئوم ڪڏهين.“

هنن کي رباني دين تي ايتري ته استقامت هئي، رسول الله صلعم جي مقدس تعليم جو اهڙو ته هنن جي پاڪ دلين ۾ اثر هو ۽ پنهنجي مولا جي اهڙي ته محبت من ۾ ويٺل هين، جو ظالمن جيڪي جيڪي ساڻن ظلم ٿي ڪيا ۽ ڪافرن جيڪي جيڪي ساڻن ڪلور ٿي وهايا، سي سڀ سهي ٿي ويا ۽ انهيءَ ۾ پنهنجي مولا جي خوشنودي ۽ رضا جو عيوض سڀ کان وڏيڪ پيارو ۽ مطلوب ٿي سمجهائون.

حضرت رسول الله صلعم جي سچي محبت انهيءَ کي چئجي

هڪ دل جو ڪٺور ظالم حضرت خبيب رضه جي جگر ۾ خنجر هڻي پڇڻ لڳس ته چئو هاڻي ته دل ۾ چوندو هوندين ته آءٌ ڇٽان ۽ محمد (عليه الصلوات والسلام) ڦاسي ته پلي ڦاسي. خبيب ڏاڍي جوش سان جواب ڏنس ته اڙي ظالم! منهنجي دل هيئنر به هيئن گهري ٿي ته منهنجو سر وڃي ته صدقي ٿئي، حضرت رسول ڪريم عليه الصلوات والسلام جي پير مبارڪ ۾ رکو ڪنڊو به شل نه لڳي. جڏهن هن جوانن جي جوان شيرمرد کي سوريءَ هيٺ وٺي

www.maktabah.org

آيا هئا، تڏهن اتي بيهي جيڪي شعر چيا اٿس، سي پڙهي حيرت وٺيو ٿي وڃي، جن جو مطلب هي آهي ته "آءٌ بيگناه هتي آندو ويو آهيان، منهنجي چوڌاري منهنجي دشمنن جا ميلا لڳي ويا آهن ۽ هشام ماڻهو اچي ڀيڙا آهن، ويندي زالون ۽ ٻار به سڏايا ويا آهن ته تماشو ڏسن، مون کي سوريءَ هيٺ وٺي ڇيو وڃي ٿو ته وري ڪافر ٿي، نه! نه!! سر وڃي ته فڪر نه آهي، مون کي ڪفر هرگز قبول نه آهي. آءٌ روئان برابر ٿو، اکين مان لڙڪ بيشڪ ڳڙن ٿا، پر نه بي صبري جي ڪري (بلڪ پياري رسول الله صلعم جي فراق جي ڪري) آءٌ دشمنن جي آڏو ڪڏهن به سر نه جهڪائيندس ۽ نڪي رڙيون ڪري روئندس (يعني اهو بزدلن جو ڪم آهي نه بهادرن جو) آءٌ سمجهان ٿو ته هينئر آءٌ پنهنجي مولا سائينءَ ڏي وڃان ٿو، موت کان ڊپ ڪونهيم. مرندس ته آخر به، مگر ڊپ اٿم دوزخ جي ساڙيندڙ باهه جو، ڏک اٿم ته هن ڳالهه جو ته عرش عظيم جي مالڪ کي مون کان ڪجهه خدمت وٺڻي هئي جا مون کان نه ورتي وئي، مون کي صبر بابت حڪم ڏنل آهي، ظالم منهنجو گوشت قيمو ڪرڻ شروع ڪيو آهي، جنهن ڪري خدمت گذاري واري اميد پوري نه ٿيم، آءٌ پنهنجي هيڻائيءَ، بيڪسيءَ ۽ مظلوميءَ جي دانهن پنهنجي رب جي اڳيان ڪريان ٿو، اسلام تي مران ٿو، اهائي خوشي بس اٿم، ڪيئن مران ٿو تنهن جي پرواه ڪانهيم، جيڪڏهن رب گهريو ۽ مون کي اميد به اهائي آهي ته منهنجي گوشت جي ٽڪرن ۾ برڪت پوندي." پڇاڙيءَ ۾ هي لفظ چئي ٽپ ڏئي سوريءَ تي وڃي سوار ٿيو:

اللهم بلغنا رسالت رسولڪ فبلغه مايصنع بنا

(اي منهنجا مولا اسان تنهنجي رسول پاڪ جو پيغام

www.maktabah.org

هنن کي پهچايو، هاڻي جيڪي اسان سان هلت ٿيئي
ٿي، سا تون پنهنجي رسول کي ٻڌاءِ.)

"صبا وڃي سپرين کي ڏجنِ سوين سلام،
عاشق آن جا عشق ۾ قائم تا قيام،
صابر شاڪر سي رهن، خان ٿين نہ خام،
پيئندا جنت جام، هتان حبيبن جي."

سعيد بن عامر اصحابي رضي الله تعالیٰ عنه جو حضرت اميرالمومنين عمر رضي الله تعالیٰ عنه جي زماني ۾ ڪنهن ملڪ تي گورنر بہ هو، سو ڪڏهن ڪڏهن اوچتو بيهوش ٿي ڪري پوندو هو، هڪڙي ڏينهن امير عمر رضہ انهيءَ جو سبب پڇيس، چيائين تہ مون کي نہ مرض آهي، نہ بيماري مگر جڏهن خبيب رضہ کي سوريءَ تي چاڙهيائون ٿي تہ آءٌ بہ انهيءَ وقت بيٺو هوس، ظالمن جا ظلم ۽ خبيب رضہ جون ڳالهيون ٿيون ياد پون ۽ تہ دل کي ڏڪڻي وٺي ٿي وڃي ۽ بيهوش ٿيو ٿو پوان.

ڪافرن جي هڪ ٻي بہ شرارت ۽ اسلام جي ستر مشنرين (سيڪاريندڙن) جو ڪسجڻ

ابو براء عامر بہ اهڙو وٺي فريب ڪيو، حضور جن جي خدمت ۾ آيو ۽ اچي عرض ڪيائين تہ نجد جي ملڪ لاءِ ڪجھ مشنري (واعظ) مون سان گڏي ڏيو، منهنجو ڀائٽيو نجد جو رئيس آهي، اوهان جي اصحابن جي حفاظت اسان جي ذمي آهي، حضور جن محض اسلام جي اشاعت جي خاطر ڪو بہ خيال نہ ڪري منذر بن عمرو انصاري جي هٿ هيٺ قابل قابل اصحابي سونهارا سچا سارا ستر (٧٠) چٽا چونڊي روانا ڪيا، جڏهن اسلام جا منادي بيرمعونہ نالي هڪ منزل ۾ رسيا، جا منزل بني عامر جي حد ۾ هئي تہ آتاهون حضرت جن عليه الصلوات والسلام جو خط مبارڪ ابن ملحان کي ڏئي

www.maktabah.org

عامر بن طفيل حاڪم وٽ موڪليائونس. جڏهن آتي پهتو تڏهن حاڪم جي اشاري موجب حبار بن سلميٰ نالي هڪڙي شخص ويچاري ابن ملحان رض جي پٺ ۾ جو نيزو هنيو سو ڇاتيءَ مان آرو پار اچي نڪتس مگر ابن ملحان جي وات مان زمين تي ڪرڻ مهل هي لفظ نڪتا.

فزت ورب الڪعبه.

(پنهنجي مراد کي رسيس، قسم ڪعبي جي رب جو.)

”فائز ٿيس في الحال آن، پنيم مـن مراد،
وڃان ٿو تن يارن ڏي جن ڪيو مون کي ياد،
شڪر ڪريان الله جـو، آهيان خورم شاد،
مـون تـي بيحد ظالمن، ڪيو آهـي بيداد،
پر ڏيان ڪين ڏٺيءَ ري ڪنهن ٻئي کي فرياد،
داور ڪندو داد، منهنجو ڏينهن قيام جي.“

انهن لفظن جو اثر قاتل جي قلب تي اهڙو ٿيو جو پڇندو پڇندو رسول ڪريم صلعم جي خدمت ۾ وڃي حاضر ٿيو جو آتي جو آتي وڃي مسلمان ٿيو. حاڪم ڇا ڪيو جو باقي ٻين سيني کي اهڙي طرح ڪهارايو، جهڙي طرح ڇيلا ڪهائجن، مگر هڪ ڪعب بن زيد انهيءَ گوڙ ۾ ڪنهن شهيد جي پاسي ۾ ٻڃي بچي ويو. جنهن اهو سمورو درد جو داستان ۽ قيامت جهڙو واقعو حضور جن عليه الصلوات والسلام کي اچي ٻڌايو، حضور جن صلعم کي اهو احوال ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ شهيدن جي حق ۾ رحمت جي دعا گهريائون.

”هجي شهيدن تـي خـدا جـي رحمت،
ڏٺي دنيا ۾ جن گهڻي ظلم سندي زحمت،
جايون منجهہ جنت، خالق تن لئي خاص ڪيون.“

قريشن جي اُره زورائي ۽ حديبه جو واقعو

سنہ ٦ هجريءَ ۾ حضور جن عليه الصلوات والسلام خواب ڏٺو ته جڻ پاڻ امن ۽ آرام سان ڪعبته الله ۾ وڃي داخل

www.maktabah.org

ٿيا آهن ۽ حج جا سڀ حڪم ۽ فرض پورا ڪري رهيا آهن. نبين جو خواب به خدا جي طرفان هڪ سچو اطلاع هوندو آهي، جنهن کي الهام چوندا آهن. حضور جن صلعم خدائي اطلاع موجب پياري وطن ڏي مهيني ذوالقعده ۾ روانا ٿيا ۽ ساڻن ڏيڍ هزار اصحاب همرڪاب ٿيا. پاڻ حج جي ارادي سببان قرباني لاءِ آٺ به ڪهارايائون. جڏهين سندن قافلو ذوالحليفہ نالي هڪ منزل تي پهتو، تڏهين مڪي جي مشرڪن کي خبر پئجي ويئي، جن چا ڪيو جو مڪي جي آس پاس جون قومون به پاڻ سان شامل ڪري حضور جن عليه الصلوات والسلام کي حج جي ادائي کان روڪڻ لاءِ سنهون ٿيا، پر خدا جي مهرباني سان دشمنن کي همت نہ ڪا نہ ٿي موڙهو اسلامي حجاج جو رعب ڏسي وٺي پڳا ۽ حديبيہ کان بہ نڪري اڳتي هليا ويا، پاڻ سونهارا بہ خاص ڪعبتہ الله جي عزت سببان هنن جي پويان ڪين پيا مگر انهيءَ ڪري دشمنن جي اٿين دل وڏي وئي، جن بديل بن ورقا نالي قاصد کي حضرت جن عليه الصلوات والسلام جي خدمت ۾ موڪليو ۽ چوارائي موڪليائون تہ اسين جنگ ڪنداسين نہ تہ موٽي وڃو. پاڻ جواب ۾ چيائون تہ منهنجو اچڻ جنگ لاءِ هرگز ڪونهي فقط حج جي خاطر آيا آهيون ۽ گهرون ٿا تہ صلح سان موٽون. بديل اهو جواب اچي ٻڌاين ۽ پنهنجي پارن بہ چيائين تہ ڀلي ڇڏيو تہ ڀلي حج ڪري وڃن. قريشن ڪجهہ بہ نہ مڃو ۽ اٿين پنهنجي قاصد بديل ۾ بہ شڪ آندائون تہ هيءُ بہ شايد مسلمانن سان ملي ويو آهي.

قريشن جي قاصد جي بي ادبي ۽ حضرت جن صلعم ۽ اصحابن جو تحمل

وري مسعود ثقفي نالي هڪ چالاڪ ۽ شرير شخص کي قاصد ڪري موڪليائون، جنهن اچڻ شرط حضرت جن

www.maktabah.org

جي خدمت ۾ سخت بي ادبيءَ سان اچي گفتگو ڪئي، مگر هن جيتري بي ادبي ڪئي ٿي، اوترو حضور جن صبر ۽ تحمل ڏيکاريو ٿي ۽ نهايت نرميءَ سان جواب ڏنو ٿي. آخر مسعود قريش وٽ آيو موٽي ۽ اچي چيائين ته مون به گهڻا ملڪ رليا ۽ گهڻا بادشاهه ۽ قومون ڏٺيون آهن، مگر ههڙو نظارو ڪٿي به ڪونه ڏٺم. محمد (عليه الصلوات والسلام) جا ساٿي سندس ايتري تعظيم رکن ٿا، جو ڪنهن ڪان به نه پڇندي. جيڪڏهين محمد (عليه الصلوات والسلام) وات جو پاڻي (پڪ يا ٿڪ) اڇلائي ته سندس ساٿي هٿن تي جهليو منهن کي پيا مکين ۽ وڏا وڏا ماڻهو غلامن وانگي سندس اڳيان پيا ڊوڙن، سڀئي ماڻ ڪيو ادب سان سندس آڏو ويٺا آهن، سندس آڏو رکو اک کڻي مٿي به نه ٿا نهارين، جڻ سندس آڏو ڪٺا پيا آهن: ههڙو اتفاق ۽ ههڙي ٻڌي آهي ته اسان جي پڄڻ جي جاءِ نه آهي. آخر وري لاچار ٿي حضور جن عليه الصلوات والسلام پنهنجي پاران خراش بن اميه کي قاصد ڪري مڪو، اهو به ويچارو ائين ئي موٽي آيو، وري پوءِ حضرت عثمان رض کي موڪليائون جنهن جي عزت قريشن چڱي طرح ڪئي ۽ ڪعبة الله جي زيارت جي به موڪل ڏنائونس، پر حضرت عثمان رض انڪار ڪيو ۽ فرمايو ته جيسين حضور جن عليه الصلوات والسلام نه ايندا ۽ زيارت اچي نه ڪندا تيسين آءٌ زيارت نه ڪندس. انهيءَ تان سورکو قريشن ڪٺي نظربند ڪيس. حضرت عثمان رض جي اچڻ ۾ جو گهڻي دير لڳي، سو مسلمانن ۾ اچي مشهور ٿيو ته حضرت عثمان رض کي شهيد ڪري وڌائون. اها ڳالهه حضرت جن ٻڌي ڏاڍو افسوس ڪيو ۽ ڪين ڏاڍو ڏک ٿيو. ڇو ته قاصد سان ڪابه قوم نه وڙهندي آهي، نه ماريندي آهي.

www.maktabah.org

بيت الرضوان

پاڻ آنحضرتؐ ڏينهن هڪ ٻير جي وڻ هيٺ ويهي سڀني اصحابن کان بيعت ورتائون، هن ڳالهه تي ته جيڪڏهين عثمان جي ڇڏائڻ يا عيوض وٺڻ جو ضرور ٿئي ته ڪو به اوهان مان منهن نه موڙي؛ سڀني لبيڪ لبيڪ چئي قبول ڪيو. هن بيعت ۾ اصحابن جي همت جي تعريف الله تعاليٰ به قرآن ڪريم جي سورت فتح ۾ فرمائي، پنهنجو رضامند و ۽ خوشي ظاهر ڪئي آهي. جڏهين قريشن کي انحضرتؐ بيعت ۾ ٻڌڻ جي خبر پئي، تڏهين اهڙو ته رعب مٿن ويٺو، جو سڀا تي ماڻهو هڪ ٻئي پويان موڪليائون ۽ صلح ڪرڻ لاءِ واجهائڻ لڳا. انحضرتؐ ٿي واقعي جي وقت قريشن جا سڀا پنجاهه جاسوس مسلمانن جي هٿ چڙهي ويا، جي مسلمانن وٽ به نظربند هئا. قريشن جي قاصد سهل بن عمرو اچڻ شرط پهرين انهن جي ڇڏڻ بابت چيو. حضور جن فرمايو ته اوهين به عثمان کي ڇڏيو ته اسين به ڇڏي ڏيون.. آخر ٻنهي ڌرين جا قيدي ڇٽا، تنهن کان پوءِ سهل بن عمرو صلح جا شرط پيش ڪيا.

صلح جا شرط

(١) هيل حج کان سواءِ مسلمان موٽي وڃن ۽ ايندڙ سال يلي اچي قضا ڪن، پر پوءِ به ٽن ڏينهن کان وڌيڪ نه رهندا ۽ هڪ ترار کان سواءِ وڌيڪ هٿيار پاڻ سان نه ڪڻندا.

(٢) ڏهه سال امن آرام رهي، ڪو ڪنهن کي جهل پل نه ڪري ۽ هڪ ٻئي جي طرفدارن سان ۽ انهن سان جن سان امن ۽ صلح جو عهد ڪيل هجي ڪو ڪونه وڙهي.

(٣) جيڪڏهين قريشن جو ڪو ماڻهو مديني ۾ هليو وڃي ته وري موٽائي ڏجي، پر جيڪڏهين ڪو مسلمان

www.maktabah.org

قريشن وٽ ايندو ته آهو سوٽائي نه ڏبو. هنن شرطن مان
ڪي شرط هئا ته قبول ڪرڻ جهڙا ڪين، پر حضور جن
عليه الصلوات والسلام خاص صلح ۽ امن لاءِ خدا تي توڪل
رکي ڪٿي قبول فرمايا. اتي سڀني اصحابن ۽ خاص طرح
حضرت عمر رض عرض ڪيو ته ياحضرت ٿيون شرط به اوهين
قبول ڪريو ٿا ڇا؟ پاڻ فرمايائون هائو! فڪر نه آهي،
اسان مان جيڪو پڇي قريشن وٽ وڃي پناهه وٺندو، سو
آهو هوندو، جو مرتد (موٽي وڃي ڪافر ٿيل) هوندو سو
ڀلي وڃي، اسان جي ڪم جو نه ڇٽبو، ۽ قريشن مان جيڪو
اسان ڏي ايندو تنهن جو رب پاڻ نگهبان ٿيندو؛ رکو خدا
تي، ڪريو توڪل، الله حامي ٿيندو، سڀني دل و جان سان
قبول ڪيو.

صلح نامو حضرت عليءَ لکيو

جڏهين صلح نامو لکڻ جي مهل ٿي، تڏهين سهل چيو
ته هي صلح نامو اوهان جو ڪو ويجهو سائت لکي، تنهن
تي حضرت علي رض آيو ۽ حضرت جن عليه الصلوات والسلام
چيس ته لک "بسم الله الرحمن الرحيم". سهل يڪدم اعتراض
ورتو ته رحمان رحيم مان اسين نه ڄاڻون، "بسمڪ" لکو.
تڏهن حضرت جن فرمايو ته چڱو ڀلا لک بسمڪ اللهم.
وري پوءِ فرمايائون ته اڳتي لک "هذاما صالح عليه محمد
رسول الله" - يعني هي صلح نامو محمد رسول الله جو آهي -
اتي به سهل اعتراض آندو ته رسول الله جو اکر نه لکو، ڇو
ته اسين ڪيس رسول الله سمجهون ها ته ڪعبة الله جي زيارت
کان ڇو روڪيونس ها؟ تنهنڪري محمد بن عبدالله
لک. انهيءَ تي ڪافرن ايترو ضد ڪيو جو مسلمان لاچار
ٿيا ته رسول الله جو اکر ڪاٽجي؛ مگر انهيءَ ڪري اصحابن
کي اهڙو ته جوش آيو، جو سڀني پنهنجون ترارون تيار

www.maktabah.org

ڪيون، اهڙو حال اچي ٿيو جو صلحنامو ئي ٽٽي وڃي ها. حضرت جن عليه الصلوات والسلام تہ تحمل ۽ بردباريءَ جا ڏونگر هئا، تن جو ڏٺو تہ هاڻي مورڳو صلحنامو ئي ٿو خراب ٿئي، سو پاڻ فرمايائون تہ اهو لفظ ڪاٽي ڇڏيو. فڪر نہ آهي، انهيءَ ڳالهہ تي جوش نہ ڪريو، آءٌ الله جو رسول آءِ هئين آهيان. حضرت عليءَ عرض ڪيو تہ آءٌ تہ ڪڏهن ڪين ڪاٽيندس، نيٺ حضورجن پاڻ پنهنجي ہٿ سان اهو اکر ڊاٿو ۽ صلحنامي تي طرفين جي معززن جا دستخط ٿيا. مسلمانن اگرچ لاچار اهو صلحنامو قبول ڪيو هو، پر جنهن صورت ۾ سندن نيتون خالص، ۽ توڪل خدا تي هئي تنهن صورت ۾ انهيءَ صلحنامي ڪان پوءِ مسلمانن کي رب تعاليٰ هر طرح فتح ۽ عزت بخشي. هي صلحنامو اسلام جي زيادتيءَ ۽ اشاعت جو سبب ٿي پيو: هن ڪان پوءِ قريش ۽ مسلمان پاڻ ۾ ملندا رهيا ۽ هڪ ٻئي جا خيال ٻڌندا رهيا، جنهنڪري مسلمانن جي عمدن خيالن، ٿوري ئي وقت ۾ قريشن ۽ ٻين قومن جي دلين ۾ گهر ڪري ورتو ۽ اسلام ڪان جا نفرت هين سا گهٽبي وين، مگر منافقن ۽ دلي مخالفن مسلمانن کي ڏاڍو ٽوڪيو تہ هي ڇا ڪيوَ؟ ڊڄي ڪٿي صلح ڪيوَ، پر جن جي توڪل پنهنجي مولا تي هئي، تن انهن طعنن ۽ سهڻن جي ڪا بروا ہ ڪانہ ڪئي. آخر ٻئي سال ٻہ هزار مسلمان، حضورجن سان گڏجي حج تي ويا ۽ عهدنامي موجب ٽي ڏينهن رهي موٽيا. اتي الله تعاليٰ هيءَ آيت نازل فرمائي:

لقد صدق الله رسوله الرؤيا بالحق لتدخلن المسجد الحرام انشاء الله آمنين محلقين رؤسكم و مقصرين لا تخافون. (سورت فتح رڪوع آخر)

[بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي رسول جو خواب سچو ڪيو تہ اوهين ڪعبة الله ۾ جيڪڏهن خدا گهريو تہ امن

www.maktabah.org

آرام سان متا ڪوڙائيندا يا ڪترائيندا (جئن حج جو
دستور آهي) بي خطر پڪ داخل ٿيندؤ.]

حديبيه جي واقعي جو مفصل ذڪر قران ڪريم جي سورت فتح ۾ بيان ٿيل آهي.

خيبر جي لڙائي ۽ مسلمانن جي فتح.

حديبيه جي صلح ڪان پوءِ مسلمان ڏاڍا دلشڪستا هئا، پر الله تعاليٰ تي توڪل ڪيو ويٺا هئا، پنهنجي رب کي پئي ياد ڪيائون ۽ عبادت الاهي ۾ مشغول هئا. رب تعاليٰ به هر وقت مسلمانن کي قسمين قسمين دلجايون ۽ تسليون پئي موڪليون. مسلمانن جي صابر رهڻ هوندي به دشمن کين آرام ڪرڻ نٿي ڇڏيو ۽ هروپرو تڪليفون پئي ڏنائون. جئن ته هوڏانهن مسلمان اچا حديبيه جو صلح ڪري موٽي مديني ۾ آيا ته هيڏانهن خيبر جا يهودي متيا ويٺا هئا ۽ جنگ جنگ ڪرڻ لڳا. خيبر جا يهودي ته اصل کان مسلمانن جا جاني دشمن هئا، پر قريشن کي به هميشه مسلمانن جي برخلاف ڇيڙيندا رهندا هئا. مطلب ته سخت ڇيٽي پور هئا. تنهن کان سواءِ پنهنجن مضبوط قلعن جو به سخت غرور هئن، اها خبر نه هئن ته الله پاڪ جي طاقت ۽ حق وارن جي همت اڳيان، اهي قلعا ڏوڙ به ڏڪ ڪين جهليندا. انهن دشمنن سنه ٧ هجريءَ ۾ مديني تي ڪاهڻ جو پڪو ارادو ڪيو ۽ مسلمانن جي امن وڃائڻ ۽ آرام ڦٽائڻ لاءِ مضبوط تياريون ڪيائون. حضور جن عليه الصلوات والسلام کي انهن جي انهيءَ ناپاڪ ۽ ناجائز ارادي جي خبر پئجي وئي. لاچار انهن جي چڙهائيءَ کي روڪڻ لاءِ حضرت جن به تياري ڪئي، ۽ ١٤ سؤ مسلمان پاڻ سان وٺي منهن ڏيڻ لاءِ خيبر ڏي روانا ٿيا. جڏهن پاڻ سونهارا خيبر ۾ رسيا ته صبح جو وقت هو، خداوند تعاليٰ انهن کي غافل ڪري ڇڏيو هو، مسلمانن جو

www.maktabah.org

رعبدار لشڪر وچي مٿان ڪڙڪيو، سو هيبت جهلي نہ سگهيا ۽ وڃي قلعن ۾ لڪا. حضور جن پهرين قلعي "نطاه" کي گهيرو ڪيو، جو نيٺ هٿ آيو. تنهن کان پوءِ اهڙي طرح ڪجھ قلعا هٿ آيا. آخر قلعي "خموص" جو وارو آيو. جو سيني کان وڏيڪ مضبوط ۽ وڏو هو ۽ چوڌاري هڪ شاهي کاهي ڪنيل هيس. مسلمانن انهيءَ قلعي تي چڙهائي ڪئي؛ يهودين بہ پنهنجو سڄو زور اتي لاتو ۽ ڏاڍي ڇتا پيٽي ڪئي، پر مسلمانن پنهنجي همت نہ هاري، ۽ يهودين کي اهڙو تہ عاجز ڪري وڌائون جو ڪڪ ٿي پيا، ۽ دل ۾ ڏاڍو پشيمان ٿيا تہ ناحق مسلمانن کي ڇيڙيوسين. آخر پوئين ڏينهن، حضرت علي رضي الله تعالیٰ عنه جي سپہ سالاريءَ ۾، حضرت علي جي ئي هٿان اهو قلعو فتح ٿيو. جڏهن اهڙو مضبوط قلعو بہ مسلمانن کٽيو، تڏهن يهودي ڏاڍا حيران پريشان ٿيا. آخر جنگ جو خاتمو ٿيو ۽ صلح جا پيغام موڪلڻ لڳا. نيٺ هيٺين شرطن تي صلح ٿيو:

(١) سيني خيبر جي رهاڪن ۽ انهن جي اهل عيال کي، جان جي معافي ۽ امن امان ڏجي.

(٢) سڀ خيبر جا رهاڪو پنهنجو سمورو مال ۽ اسباب، جنگ جي تاوڻ ۾، مسلمانن کي ڏين ۽ ذرو بہ نہ لڪائين.

(٣) خيبر جي زمين يهودين جي قبضي ۾ پلي رهي، مگر زمين جي پيدائش مان پورو اڌ، ڊل طرح مسلمانن کي ڏيندا رهن.

(٤) حضرت جن عليه الصلوٰة والسلام کي اختيار هوندو تہ جڏهن يهودين جي ڪا دغابازي ڏسن انهن کي بيشڪ ملڪ نيڪالي ڏيئي ڇڏين.

اهو فيصلو ٿيو ۽ پنهي ڌرين اهي شرط قبول ڪيا. مسلمانن کي رب تعاليٰ انهيءَ فتح کان پوءِ آسودو ڪيو

www.maktabah.org

۽ حديبيه واري صبر جا ٻِهرا ملين. انهيءَ ڪان پوءِ فدڪ ۽ تيما وارن يهودين به پاڻهي اچي آڻ مڃي، ۽ مسلمان به يهودين جي شر ۽ شرارت ڪان ڇٽي پيا. فالحمد لله علىٰ ذالڪ.

قريشن جي پنجين ڪاهه ۽ عهد شڪني، آخر مڪي جي فتح.

صلح حديبيه جي وقت جيڪي شرط منظور ٿيا هئا، تن مان ٻيو نمبر شرط هي هو، ته هڪ ٻئي جي طرفدارن ۽ آنهن سان، جن سان عهد ٿيل هجي، ڪا ڏر ڪو به جهڳڙو جهيڙو نه ڪري ۽ پورا ڏه سال امن امان سان گذارڻ گهرجن؛ سو بني خزاعت جو قبيلو، حضرت جن جو طرفدار هو ۽ بني بڪر وارا قريشن جي پاسي هئا. اتفاق اهڙو اچي ٿيو جو آنهي ئي سال، يعني سنه ٨ هجري ۾ بني خزاعته ۽ بني بڪر ٻنهي قبيلن ۾ لڙائي اچي لڳي. حديبيه جي عهدنامي موجب ته ٻنهي ڌرين يعني مسلمانن ۽ قريشن کي غير طرفدار رهڻ گهربو هو، قريشن جا ڪيترائي سردار ويس بدلائي به لڙائي ۾ شامل ٿيندا رهيا؛ جنهنڪري بني خزاعه وارن جا سجا ويهه (٢٠) مڙس مارجي ويا ۽ مٿن ڏاڍو ظلم ٿيو. قريشن اها ڪارروائي، يعني مدد وغيره ڳجهيءَ طرح ڪئي هئي؛ پر حضرت جن کي پوري طرح پتو لڳي ويو ۽ بني خزاعه وارن مان چاليهين ڄڻن روئي اچي حضور ۾ درد پري دانهن ڏني. حضور جن کي انهن ويچارن ستايلن، آبالڙن ۽ ڏتلڙيلن جي حال تي ڏاڍو رحم ۽ قياس آيو، انهن غريبن سان همدردي ۽ غمخواري ڪرڻ هر طرح مناسب بلڪ واجب سمجهيائون. لاچار رمضان شريف جي مهيني ۾ ئي پاڻ ظالمن کي ظلمن ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ مڪي ڏانهن روانا ٿيا ۽ ڏهه هزار اصحاب به ساڻن همرڪاب ٿيا. قريشن کي جڏهن معلوم ٿيو ته حضرت کي سارو راز معلوم ٿي ويو آهي، تڏهن ڏاڍا

www.maktabah.org

پشيمان ۽ ڦڪا ٿيا ۽ ڏاڍا اچي ڏڻا. حضرت جن عليه الصلوات والسلام اچا پئي منزلون مس ويا هئا ته رستي ۾ ابوسفيان بن الحارث ۽ عبدالله بن اميه مليا. اهي شخص اسلام جا جاني دشمن ۽ سخت مخالف هئا. حضرت جن جو انهن کي ڏٺو، سو پاڻ منهن کڻي پاسي ڪيائون. بيبي ام سلمه رضه اگرچ عرض ڪيو ته يارسول الله صلعم، ابوسفيان اوهان جو سڳو سوٽ آهي ۽ عبدالله سڳو ڀڻاٽ، اهڙن ويجهڙن مائٽن تي ڪا ايتري ڪاوڙ ۽ ڪڏ مهري ڪجي؟ مگر حضرت جن ڪو خيال نه ڪيو ۽ انهن کي منهن تي نه چاڙهيائون. اتي حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه انهن کي سمجهايو ته اوهين حضرت جي حضور ۾ حاضر ٿي ساڳيا اهي لفظ چئو، جي حضرت يوسف جي ڀائن مصر ۾ حضرت يوسف جي اڳيان چيا هئا؛ حضرت جن رحمت للعالمين آهن، اميد ته اوهان کي معافي ڏئي وجهندا. انهن به ائين ئي ڪيو ۽ حاضر ٿي چيائون:

تالله لقد اثرک الله علينا وانا کنا لخاطئين

(قسم خدا جو الله تعاليٰ توکي اسان تي بزرگي بخشي آهي ۽ تحقيق اسين گنهگار آهيون.)

حضرت جن کي انهن لفظن اهڙو ته نرم ڪري وڌو جو اهڙن ظالمن کي به معاف ڪري وڌائون ۽ جواب ۾ فرمايائون:

لا تثريب عليکم اليوم - يغفر الله لکم و هو ارحم الراحمين

(اوهان تي اڄ ڪا ميار ڪانهي الله بخشيندو ۽ آهو مهربانن مان وڏو مهربان آهي.)

حضرت جن جو مڪي ۾ پهچڻ.

حضرت جن مڪي ۾ اهڙي وقت خير سان رسيا، جنهن وقت قريشن کي خبر ئي نه پئجي سگهي ۽ اوچتو ئي اوچتو

www.maktabah.org

مڪي جي ٻاهران مسلمانن جا تنبو کوڙيا ويا. حضرت جن لشڪر کي حڪم ڏنو ته ڪجهه روشني ڪريو ته مڪي وارن کي اسان جي پهچڻ ۽ اچڻ جي خبر پوي ۽ بيخبر نه هجن.

پيشن گوئي پوري ٿي.

اتي، انصاف ۽ ايمان سان خيال ڪجي ته بائبل جي ڪتاب استثنا، باب ٽيٽيهين واري پيشن گوئي بلڪل پوري ٿي چڪي؛ جنهن ۾ لکيل آهي ته "خداوند سينا مان آيو، شعير مان چمڪيو ۽ فاران جبل * جي چوٽين تي ظاهر ٿيو؛ جو ڏهن هزارن قدوسي (پاڪ طبع) انسانن سان آيو ۽ آنهيءَ جي هٿ ۾ روشن شريعت هوندي." (سبحان الله!)

دنيا ۾ کهڙو به نرم دل، حليم طبع بادشاه هجي ۽ آنهيءَ سان ڪا قوم اهڙيون هلتون ڪري، جهڙيون مڪي وارن قريشن، حضرت سائينءَ ۽ سندن سائين سان ڪيون، ته هوند اهو بادشاه فتح جي وقت ضرور اڳيون پويون ڪسرون ڪڍي ۽ هونئن به جڏهن ڪي به بادشاه ڪنهن شهر تي چڙهائي ڪندا آهن ته شهر کي ٺپ ويران ۽ هيٺ مٿي ڪري ڇڏيندا آهن.

حضرت رسول الله جو عام رحم ۽ ٻاجهه ۽ ملڪي خيرخواهي ۽ عام امن جون لشڪر کي هدايتون.

مگر سبحان الله عجيب شان نبوت و رسالت جو! جڏهن پاڻ مڪي ۾ فتح سان داخل ٿيا، تڏهن پاڻ اڳي ئي پنهنجي لشڪر کي هيٺيون هدايتون ڪري ڇڏيائون:

---

* فاران، مڪي جي جبلن کي چوندا آهن، جنهن جي تحقيق هن ڪان اڳ ڪتاب فتح محمديءَ ۾ ڪري آيا آهيون.

www.maktabah.org

(١) جو شخص مقابلي ۾ هٿيار ڦٽ تي ڦٽو ڪري، تنهن ڪي امن ڏجو.
(٢) جو شخص بيت الله (ڪعبه) ۾ داخل ٿئي، تنهن ڪي هٿ نہ لائجو، انهيءَ ڪي بہ امن ڏجو.
(٣) جو شخص پنهنجي گهر ۾ ويٺو هجي، تہ انهيءَ ڪي بہ امن ڏجو.
(٤) جو شخص، ابوسفيان جي گهر ۾ پناهہ وٺي، تنهن ڪي بہ امن ڏجو.
(٥) جو شخص حڪيم بن حزام جي گهر وڃي لڪي، تنهن ڪي بہ ڪجهہ نہ ڪجو.
(٦) جو شخص وڃي ڀڄي، تنهن جي پويان نہ پئجو.
(٧) جو شخص زخمي هجي، تنهن ڪي قتل نہ ڪجو.
(٨) جو شخص قيدي هجي، تنهن ڪي قتل نہ ڪجو.
(٩) جيسين ڪو بہ اڳرائي نہ ڪري تيسين او هين انهيءَ سان مقابلو نہ ڪجو.

حضرت جن جو لشڪر ڪي هي بہ حڪم هو تہ مڪي ۾ دستا دستا لشڪر جا ٿي داخل ٿيو ۽ سڀڪو دستو ٻي ٻي واٽ وٺي داخل ٿئي. ان موجب اسلامي لشڪر مڪي ۾ داخل ٿيو. جن مان هڪڙي دستي سان- جو شيرخدا خالد بن وليد رض جي هٿ هيٺ هو- قريشن مقابلو ڪيو، پر نيٺ وٺي ڀڳا. مطلب تہ سڄو لشڪر ڏاڍي شان ۽ شوڪت سان مڪي شريف ۾ داخل ٿي ويو. انهيءَ هڪڙي مقابلي ۾ ٻہ مسلمان شهيد ٿيا ۽ پنجويهہ دشمن مئا. خدا جو پاڪ ۽ برگزيدو پيغمبر جنهن وقت رمضان شريف جي ويهين تاريخ مڪي ۾ داخل ٿيو، تنهن وقت پاڻ سونهارن ڪنڌڙو نمائي سرڙو جهڪائي قران پاڪ جي سورت الفتح پئي پڙهي ۽ اُٺ تي چڙهيا بيت الله ڏي پئي ويا، ۽ پاڻ ساڻ گڏ زيد رض جي پٽ اسامہ رض کي بہ سوار ڪيو هئائون.

www.maktabah.org

ڪعبته الله ۾ پهچي پهرين پهرين خدا جي گهر کي بتن ۽ بوتن، مورتن ۽ صورتن کان پاڪ ۽ صاف ڪيائون.

ٽي سؤ سٺ بت ڪعبته الله ۾

انهيءَ وقت بيت الله جي چوڌاري سڄا ٽي سو سٺ بت رکيل هئا. حضور جن ڪمان جي ڪنڊ يا خنجر جي نوڪ سان هرهڪ بت کي ڪيرائيندا ٿي ويا ۽ هيئن فرمائيندا ٿي ويا:

جاء الحق و زهق الباطل ان الباطل كان زهوقا (سورت بني اسرائيل، رڪوع ٢٩) جاء الحق ومايديءَ الباطل ومايعيد (سورت سبا رڪوع ٦)

بتن کان ڪعبته الله کي خالي ڪري، حضور جن عثمان بن ابي طلحه کي گهرايو، جن جي خاندان ۾ مدت کان وٺي ڪعبته الله جي ڪنجي رهندي هئي. اهو اهو شخص آهي، جنهن کي آغاز نبوت جي وقت ۾ حضور جن هڪڙي دفعي چيو هو ته ڪعبته الله کولي ڏي، جنهن تي انهيءَ انڪار ڪيو هو. حضرت جن فرمايو هو ته چڱو ڏسجانءِ ڪو ڏينهن اهڙو به ٿيندو، جو اها ڪنجي منهنجي ئي هٿ ۾ هوندي، پوءِ آءٌ جنهن کي وڻندم تنهن کي ڏيندس. عثمان بن ابي طلحته چيو ته ڇا انهيءَ ڏينهن قريشن جا سڀ مرد ذليل ۽ خوار ٿي ويندا؟ حضرت جن فرمايو ته خوار ڇو ٿيندا؟ انهيءَ ڏينهن اٿئين وڌيڪ آبرو هوندين. حضرت جن عليه الصلوات والسلام انهيءَ عثمان جي اڏو ڪنجي ڪٺي دروازو کوليو ۽ ڪعبته الله ۾ اندر داخل ٿي، سڀ ڪنڊن ڪنڊ ۾ 'الله اڪبر' جا مٺا ۽ مزيدار آواز ڪيائون ۽ شڪراني جو نفل پڙهندي، نهايت نياز ۽ نوڙت سان درگاهه الاهيءَ ۾ پنهنجي پيشاني خاڪ تي رکي سجدو ڪيائون. (سبحان الله)

www.maktabah.org

ظالمن سان نيڪي.

قريشن جا آهي وڏا وڏا سردار ۽ رئيس، جن سڀ ايڪيهه ورهيه سؤن مسلمانن کي قتل ڪيو ۽ ڪرايو، هزارن کي اهنج ۽ ايذاءِ رسايا، غريبن تي ظلم ۽ ڪلور ڪيا، مسڪينن کي ملڪ نيڪالي ڏني، سي اڄ انهن غريبن جي هيبت ۽ حشمت، رعب ۽ ادب کان ڊڄي ٻاهر ڀڄي وڃي جبلن ۾ لڪا؛ مگر اها خبر اڃا ڪانه هين ته جن پنهنجي مولا سائينءَ تي سچو ايمان، سچو يقين، سچو ويساه رکيو آهي، سي نفس پرست ۽ ملڪ کي برباد ڪندڙ هرگز نه آهن؛ آهي ملڪ جا سڄڻ ۽ خلق جا خيرخواه آهن؛ آهي غريبن جا غمخوار ۽ يتيمن جا يار آهن؛ آنهن جو آقا، انهن جو سائين، مولا محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم، رحيم ۽ ڪريم، خليق ۽ شفيق، همدرد لعزيز ۽ صاحب تميز آهي؛ پر جڏهين آنهن ظالمن کي اها خبر ملي، ته جنهن جو نالو رحمت للعالمين، شفيع المذنبين، محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم آهي، اهو اوهان کي ڪجهه به نه ڪندو- سندس ٻاجهه ۽ رحمت ڪشادي آهي، سندس دست شفقت ۾ عفو ۽ معافي جو پروانو ٿلهن اڪرن ۾ لکيل موجود آهي، سندس پيشاني مبارڪ ۾ رحمت للعالمين جو شان ظاهر، ۽ رحيمي جو نور روشن آهي- تڏهين اهي ظالم، اهي خوني، جن کي پڪ هئي ته جنگ جي قاعدي موجب ضرور هاڻي اسين پنهنجي ڪيفر ڪردار ۽ افعالن جي سزا کي رسنداسين، سي ڊوڙندا ڊوڙندا، رحمت نبويءَ ۾ اڪيون وجهندا، شهر ۾ پهتا- حضور جن عليه الصلوات والسلام، جڏهين ڪعبة الله مان عبادت کان واندا ٿي ٻاهر تشريف فرما ٿيا، تڏهين ڏٺائون ته ظالم قريش سڀهن پيلا ڪيو، خوف ۽ اميد جي وچين حالت ۾ بيٺا آهن- پاڻ سونهارن نهايت ٻاجهاري نظر سان سڀني ڏي نهاري، سڀني کي ويساهه وهاريو ته هرگز نه ڊڄو سڀهنجو ڪم رحمت عالم آهي-

بيت الله جي ڪُنجي حقدار کي ڏني وئي.

اتي حضرت عباس رض، سندن چاچي عرض ڪيو ته يا حضرت ڪنجي بيت الله جي، بني هاشمين کي ڏيو. حضور جن فرمايو بلڪل نه! "اليوم يوم البر والوفا"- اڄ چڱي سلوڪ ڪرڻ ۽ حقدارن کي حق رسائڻ جو ڏينهن آهي- انهن فرمائي، ڪُنجي عثمان بن ابي طلحه کي ڏنائون جنهن جي هٿ ۾ هميشه هوندي هئي. ڪُنجي عثمان کي ڏني، پوءِ فرمايائون ته جو شخص توکان ڪنجي ڦريندو، سو ظالم هوندو. اهو فيصلو ڪري، تنهن ڪان پوءِ ظالم قريشن ڏي منهن ڪيائون ۽ زبان مبارڪ سان فرمايائون ته:

يا معشر قريش! ان الله قد ذهب عنكم نخوت الجاهلية و تعظمها بالا باءِ الناس من آدم و آدم خلق من تراب، ثم تلا رسول الله صلي الله عليه وسلم. يا ايها الناس انا خلقنا كم من ذكر و انثيٰ و جعلنا كم شعوبا و قبائل لتعارفو ان اكر مكم عند الله اتقاكم- اذهبوا فانتم الطلقاء لا تثريب عليكم اليوم.

[اي قريش جي جماعت وارا! اڄ الله تعاليٰ اوهان جو جاهلاڻو هٺ ۽ پنهنجن وڏن تي ڦندڻ ۽ فخر ڪرڻ اوهان مان وڃايو آهي، انسان سيئي هڪڙي ڏاڏي آدم جو اولاد آهن ۽ آدم مٽيءَ مان پيدا ٿيل هو، پوءِ پاڻ هيءَ آيت پڙهيائون، "اي انسانو! اسان اوهان کي هڪ مرد ۽ هڪ عورت مان پيدا ڪيو ۽ اوهان جا پاڙا ۽ قبيلا ڪياسين، رکو هن لاءِ ته اوهين سڃاڻجو (يعني نه وڏائيءَ ۽ ڦوند لاءِ). الله پاڪ وٽ، اوهان مان وڏيڪ عزت وارو اهو آهي، جو وڏيڪ پرهيزگار ۽ خدا کان گهڻو ڊڄڻ وارو هوندو.

www.maktabah.org

هائي اوهين وچو اوهين آزاد آهيو، اوهان تي اڄ کا ميار ڪانهي.]

ظالم قريشن کي پنهنجي ڪريميءَ ۽ رحيميءَ جو جلوو، ۽ سچي رسالت ۽ نبوت جو شان ڏيکاري، حضور جن عليه الصلوات والسلام جبل صفا تي چڙهي ويا ۽ آتي ويهي نون مسلمان ٿيندڙن کان بيعت ورتائون. چو ته اهڙو خلق محمدي ۽ شان پيغمبري ڏسي عرب جا ننڍا وڏا حيران ٿيڻ ۽ اسلام ۾ داخل ٿيڻ لڳا. حضرت امير عمر رضه هڪ هڪ ماڻهوءَ کي حضور جن وٽ پيش ڪندو ٿي ويو ۽ جيڪو پيش ٿيو ٿي ۽ دل جي خوشيءَ سان اسلام قبول ڪيائين ٿي، تنهن کي هيٺين ڳالهين جو اقرار ڪرڻو پيو ٿي!

بيعت جا شرط ۽ اقرار

(۱) آءٌ خداوند پاڪ سان سندس ذات ۽ صفات ۽ عبادت يا مدد خواهيءَ ۾ هرگز ڪنهن به ٻئي کي شريڪ ۽ شامل نه ڪندس ۽ نه چائيندس.

(۲) آءٌ چوري، زنا، خون ناحق هرگز نه ڪندس؛ ننڍڙين نياڻين کي جيئري ئي نه پوريندس، جيئن عرب جا هٺيلا قريش سگهه ڏيڻ جي ساڙ ۽ وارث بڻجڻ جي وير کان ائين ڪندا هئا، جو ڇهندي ئي نياڻين کي جيئرو کڏ کوٽي زمين ۾ پوريندا هئا، جنهنڪري هو معصوم ۽ بيگناهه گهٽجي مري وينديون هيون. ڪنهن تي تهمت ۽ بهتان نه رکندس.

(۳) آءٌ حتي المقدور حق جي ڪمن ۾ رسول الله صلعم جي تابعداري ۽ مڃتا ڪندس.

عورتن کان وٺڻ اقرار ۽ شرط

عورتن کان وٺڻ هي به عهد وٺندا هئا ته آءٌ ڪنهن به مائٽ يا عزيز يا ڪنهن به پياري ماڻهوءَ جي مرڻ تي

www.maktabah.org

منهن کي ڏک نه هڻنديس، وار نه پٽينديس، ڪپڙا نه ڦاڙينديس، سوءِ ۾ ڪارا ڪپڙا نه ڍڪينديس ۽ نه قبر تي وڃي ماتم ۽ روڄ پٽڪو ڪنديس.

عورتن کان بيعت وٺڻ جو رستو.

جيئن مڙسن کان بيعت وٺڻ وقت هٿ هٿ ۾ ڏئي، حضور جن صلعم بيعت وٺندا هئا، عورتن کان انهيءَ طرح بيعت ڪلي نه وٺندا هئا: بلڪ هڪ ٿانوَ پاڻيءَ جو ڀري رکندا هئا، تنهن ۾ پهرين حضور جن پنهنجو هٿ مبارڪ وجهي ڪڍندا هئا، تنهن کان پوءِ بيعت ڪرڻ واري زال انهيءَ ئي ٿانوَ ۾ پنهنجو هٿ وجهندي هئي. انهيءَ طرح جڻ بيعت جو شرط ٿيو.

حضرت پاڪ جي هٿ لائڻ سان فضاله بن عمير جي دل ۾ ايمان جو نور پيدا ٿيڻ.

مڪي جي فتح بعد پئي ڏينهن، حضرت جن ڪعبته الله جي طواف ۾ مشغول هئا ته فضاله بن عمير نالي هڪڙي شخص حضور جن عليه الصلوات والسلام کي هڪڙو ڏسي ارادو ڪيو ته ڪنهن طرح کين قتل ڪري وجهان، انهيءَ ارادي سان جڏهين حضرت جي ويجهو آيو ته حضرت جن فرمايو ته فضالو آهين؟ چيائين هائو! حضرت جن فرمايس ته دل ۾ ڪهڙي نيت رکي اٿئي؟ فضاله چيو ته ڪجهه به نه، آءٌ ته دل ۾ الله الله پيو ڪريان. حضرت جن مُرڪي ڏنو ۽ فرمايائونس ته چڱو هاڻي تون پنهنجي خدا کان معافي گهر. ائين فرمائي فضاله جي ڇاتيءَ تي هٿ گهمائي ورتائون. فضاله چوي ٿو ته سائين جن جو هٿ منهنجي ڇاتيءَ تي گهمائڻ ۽ منهنجي دل ۾ نور ايمان جو پيدا ٿيڻ، حضور جن جي محبت اهڙي ته منهنجي دل ۾ اچي پئي، جو منهنجي

www.maktabah.org

لاءِ پيارن کان پيارا ٿي پيا. جڏهن گهر موٽيس تڏهين وات تي هڪڙو منهنجو پيارو ماڻهو مون کي مليو، جنهن وٽ گهڻو وچي رهندو هوس؛ تنهن چيو ته فضالا! ٿوري ڳالهه ته ويهي ڪر؛ مون چيو بلڪل نه. خدا ۽ خدا جي رسول جو حڪم نه آهي، اسلام اهڙين ڳالهين ڪرڻ کان جهلي ٿو. شايد هن ڪنهن اجائي ڳالهه ڪرڻ لاءِ سڏيس ٿي.

مڪي وارن قريشن تي اجا به وڏيڪ مهرباني

جيڪي مسڪين مسلمان، ڪافر قريشن جي ظلمن ۽ ايذائن جي آزار کان ڪڪ ٿي ديس ڇڏي وڃي پرديسي ٿيا هئا، تن فتح مڪي جي وقت حضور جن عليه الصلوات والسلام جي دربار ۾ درخواست ڪئي ته اسان کي، اسان جون غصب ٿيل ملڪيتون هاڻي موٽي ملن. پاڻ اها درخواست منظور نه فرمايائون. سندن مطلب هو ته جي شيون خدا ڪارڻ ڇڏيون ويون، سي وري موٽائي وٺڻ نه گهرجن.

جنگ حنين

ايترين ڀلاين ۽ ايترين مهربانين هوندي به شريرن جي وجود مان شرارت جو جوش نه ويو ۽ مڪي ۾ بدامني ۽ بي آرامي ڦهلجڻ کان نه رهيا. مڪو فتح ٿي ويو؛ مسلمانن جي هٿ ۾ اچي ويو، مسلمانن ڪنهن سان به ظلم نه ڪيو، ظلم ته نه ڪيو پر رڳو جيڪڏهن عدل ڪن ها ته به ڪيترائي ڪافر واجب القتل هئا، مگر مسلمانن رڳو رحم ڪيو، رڳو احسان ڪيو؛ حضور جن عام معافي ڏني؛ تنهن کان پوءِ به هوازن ۽ ثقيف جي قبيلن، جي مڪي جي سرحد تي رهندا هئا، تن بني مضر ۽ بني هلال جي قبيلن کي به پاڻ سان شامل ڪري، اٽڪل چار هزار لشڪر گڏ ڪري، مڪي تي چڙهائي ڪئي ۽ حنين جي وادي ۾، جا طائف جي آس پاس

www.maktabah.org

آهي، اچي منزل ڪيائون. انهن پنهنجي سردار مالڪ بن عوف جي صلاح موجب پنهنجا ٻار ٻچا، زالون مال اسباب، ڍڳا ۽ ڍور به پاڻ ساڻ ڪنيا هئا. مالڪ بن عوف، جو مطلب هي هو ته جهڪڏهين ٻار ٻچا، مال اسباب پاڻ ساڻ هوندن ته آنهن ڪي ڇڏي ڪين ڀڄندا، انهيءَ ڪري ثابت قدميءَ سان جنگ ڪندا. حضور جن کي جا اها خبر ملي، سو پاڻ مڪي جي حرم محترم ۾ جنگ ڪرڻ مناسب نه سمجهي، لاچار شرير جي شر دفع ڪرڻ واسطي تيار ٿيا ۽ سڄو ١٢ هزار لشڪر مسلمانن جو ڪٺو ٿي ويو. انهيءَ لشڪر ۾ مهاجر، انصار، تازا مسلمان ۽ عهدنامي موجب ڪيترائي بت پرست به شامل هئا. مسلمانن جي فوج جا هن دفعي گهڻي هئي، سو خود مسلمانن کي به اچي غرور ۽ بي پرواهي جا ڳي، تن سمجهيو ته اسين اڳي ٿورا هوندا هئاسين ته به فتح ڪندا هئاسين، هاڻي ته گهڻائي آهيون، انهيءَ خيال جي ڪري ڦوڪي قدم نه کنيائون. دشمن هڪ سخت ۽ مضبوط گهٽ وٽي هٿ ڪيو ۽ تيراندازن کي اتي وهاري ڇڏيائون. اوچتوئي اوچتو مسلمانن جي لشڪر جو ڪجهه ڀاڱو اتي اچي نڪتو، جنهن ۾ اڪثر اڻ آزمودگار جوان هئا، يا فتح مڪي ۾ تازا چٽل بت پرست. دشمن اهڙو ته وٺي تيرن جو مينهن وسايو جو، لاچار ٿي مسلمانن جو اهڙو اڙ لشڪر وٺي ڀڄڻ لڳو، باقي ڪي سؤ کن اصحابي ميدان ۾ بيٺل وڃي بچيا. اتي حضور جن عليه الصلوات والسلام جو ڏٺو ته پنهنجو لشڪر ڀڄندو ٿو وڃي ۽ دشمن جو لشڪر وڌندو ٿو اچي، ته اتي هاشمي همت ۽ پيغمبري طاقت ڏيکاريائون ۽ ميدان ۾ بيهي چوڻ لڳا:

انا النبي لا ڪذب انا ابن عبدالمطلب

(آءٌ يقيناً رسول آهيان آءٌ عبدالمطلب جو فرزند آهيان.)

www.maktabah.org

يعني فڪر نہ آهي جيڪڏهن منهنجي لشڪر کي شڪست رسي، منهنجو ڀروسو خداوند پاڪ تي، ۽ منهنجي فتح يا شڪست سڀ انهيءَ ئي جي هٿ آهي. اتي حضرت عباس رضہ حضرت رسول الله صلعم جي چاچي، جوش سان آواز ڪري چيو تہ اي مسلمانو! حضرت رسول الله صلعم ميدان ۾ موجود آهي، پاڻ ثابت قدم بيٺا آهن، اوهين ڪاڏي ڀڳا آهيو؟ بس انهيءَ آواز ٻڌڻ شرط سڀ لشڪر وارا ڪبوترن وانگي گهمري ڪائي اچي حاضر ٿيا. مسلمان جو ڀڳا هئا سو بزدليءَ جي ڪري ڪين ڀڳا هئا، مگر حالت اهڙي ٿي، جو منجهي پيا ۽ ڀڄڻ ئي بهتر سمجهائون، نہ تہ اجايو بي ترتيبا پيا ڪسجن ها. جڏهن لشڪر وري اچي گڏ ٿيو تڏهن لشڪر جي جوڙجڪ نئين سر ڪري، وري جو مسلمانن دشمنن تي ڪاهہ ڪئي، سو اهڙا تہ فتح مند ٿيا، جو دشمنن جو مال اسباب ڪيترو ئي هٿ آين ۽ هوازن جي قبيلي جا ڇهہ سردار رحم جي درخواست ڪٽي حضور ۾ آيا. اهي ڇهہ سردار آهي هئا جن طائف ۾ حضرت پاڪ تي وعظ ڪرڻ وقت پٿر اڇلايا هئا ۽ اهڙو حال ڪيو هئائون، جو پاڻ آخر بيهوش ٿي پيا هئا، جو ڪين حضرت زيد رضي الله تعاليٰ کڻي آيو هو. حضرت جن انهن سردارن کي فرمايو تہ آءٌ پاڻ اوهان جي انتظار ۾ هوس، ڀلي آيا، آءٌ هر طرح حاضر آهيان، جيڪي قيدي اوهان جا، منهنجي يا منهنجي خاندان جي حصي ۾ ايندا سي تہ يڪدم آزاد ڪبا، اهڙيءَ طرح مهاجرن ۽ انصارن جي بہ پڪ ٿو ڏيان، مگر اوهان کي خبر آهي تہ هن دفعي هن لشڪر ۾ غير قومون بہ عهدنامي موجب شامل آهن، آنهن کي ناراض ڪرڻ ڏکيو ٿو لڳيءَ، تنهن هوندي بہ اوهين هيئن ڪريو، جو عام مجلس ۾ ميانئي صبح جو اها درخواست پيش ڪجو تہ ڪونہ ڪو ڀلو ڪري وجهبو. ٻئي ڏينهن انهن سردارن عام مجلس ۾ اچي قيدين جي آزاديءَ بابت عرض ڪيو.

www.maktabah.org

حضور جن صلعم جي لاثاني فياضي.

پاڻ يڪدم پنهنجي خاندان جي حصي جي قيدين کي آتي جو آتي آزاد ڪيو. مهاجرن ۽ انصارن به حضرت جن جي پيروي ڪئي ۽ گهڻا قيدي آزاد ٿيا. باقي بني سليم ۽ بني فزاره جي قبيلن وارن جا قيدي وٽن رهيا؛ انهن انئين نه ڪيو. نيٺ حضرت جن انهن کي سڏائي هڪ هڪ قيدي جي عيوض ۾ ڇهه ڇهه اٺ پاڻان ڏني، باقي قيدين کي به ڇڏارايو؛ پوءِ سڀني کي سڏارائي پوشاڪون ڏيکاريون، رحم ۽ ٻاجهه سان سڀني کي روانو ڪيائون.

دائي حليما جي ڌيءَ کي عزت.

انهن قيدين ۾ دائي حليما جي ڌيءَ به هئي، جا حضرت جن جي ٿڃ شريڪ ڀيڻ هئي. حضرت جن عليه الصلوات والسلام اُن مائيءَ کي سڃاتو ۽ پنهنجي چادر لاهي پٽ تي وڇائي مائيءَ کي ڏنائون. پاڻ فرمايائون ته مائي جيڪڏهن تون اسان وٽ رهين ته اسين تنهنجي خدمت ۽ خاطري ڪرڻ لاءِ حاضر آهيون ۽ جيڪڏهن وڃين ته اختياريءَ واري آهين. مائي پنهنجي قوم سان گڏجي وڃڻ قبول ڪيو، حضور جن ڏاڍي تعظيم ۽ عزت سان روانو ڪيس.

سچن مسلمانن جي سچائي.

غنيمت جو مال جيڪو به هٿ آيو هو، سو پاڻ تازن مسلمانن کي ڏئي ڇڏيائون ته پلي ويچارا وڃي سگهيا تين. انصارن ۽ مهاجرن کي ڪي ڪين ڏنائون؛ مگر انهن کي چيائون ته آءٌ پاڻ پنهنجي سر سچو انصارن جو آهيان، پيا پلي مال سباب پاڻ سان کڻي وڃن، ۽ انصار رسول الله کي پاڻ سان ڏئي ويندا. انصار اهڙا ته خوش ٿيا، جو ڪپڙن ۾ ڏئي نه

پيا ماڻهن، جن کين سڀ ڪجهه ملي ويو. قرآن شريف ۾ انهيءَ جنگ جو عجيب عبرتناڪ ذڪر آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي:

ولقد نصر کم الله في مواطن ڪثيرت و يوم حنين اذ اعجبتکم ڪثرتکم فلم تغن عنکم شيئا وضاقت عليکم الارض بما رحبت ثم وليتم مدبرين - ثم انزل الله سڪينته عليٰ رسوله و عليٰ المومنين و انزل جنودا لم تروها و عذب الذين کفروا وذالڪ جزاءَ الڪافرين.

[(ياد ڪريو اي مسلمانو!) الله تعاليٰ اوهان کي گهڻن ئي جاين تي فتح مند ڪيو: خاص طرح حنين جي لڙائيءَ جي ڏينهن، جڏهن اوهان کي پنهنجي گهڻائيءَ مغرور ڪيو، جا آها گهڻائي اوهان کي ڪنهن به ڪم نه آئي ۽ زمين، ڪشادگي هوندي اوهان تي تنگ ٿي پئي، پوءِ اوهين پٺ ڏئي ڀڳؤ، پوءِ الله تعاليٰ پنهنجي رسول ۽ مومنن تي پنهنجي طرفان دلجاءِ موڪلي ۽ انهن جي دلين ۾ همت پيدا ڪئي ۽ اهڙا غيبي لشڪر موڪليائين جو اوهين انهن کي ڏسي نٿي سگهيؤ ۽ ڪافرن کي سخت عذاب ڏنائين، اهائي ڪافرن جي جوڳي سزا هئي.]

يهودين جون شرارتون ۽ عهد شڪنيون، مسلمانن سان اگراڙيون ۽ اره زوراڙيون.

مناسب ائين هو ته جيڪي جيڪي يهودين وقت بوقت شرارتون پئي ڪيون، سي سڀ وار ۽ موقعي مطابق مٿي بيان ڪجن ها، پر جڏهن ته يهودين جي قوم هڪ جدا ۽ مشهور شرير قوم هئي، تڏهن انهن جي شرارتن کي جدا لکڻ ئي مناسب سمجهيم؛ پر منهنجي مرضي هيءَ آهي ته اهڙا هاڻي شريرن جي شرارتن کي طول سان نه لکان ۽

www.maktabah.org

جيتري قدر ٿي سگهي ٿو انهيءَ بابت ملڪ ملڪ واقعا ۽ عبرتناڪ حادثا پڙهندڙن جي پيش ڪريان، سي به مختصر طرح. ڏيکارڻو فقط هي آهي ته حضور جن عليه الصلوات والسلام جي هلت ڪهڙي نه رحم ۽ ٻاجهه واري هئي ۽ مخالفن ڪيتري قدر نه دنيا ۾ فساد پيدا پئي ڪيو ۽ حضور جن کي وقت بوقت ڪيتريون نه تڪليفون پئي ڏنيون. ايترين تڪليفن، اهنجن ۽ ايذائن هوندي، ايترن دشمنن، مخالفن ۽ بي دينن سان منهن ڏيندي به دين ۽ دنيا جي بهتريءَ جا اصول ۽ مسئلا، جيتري قدر حضور جن دنيا کي ٻڌايا ۽ جيتري قدر سندن پاڪ ۽ صاف تعليم دنيا کي سڌاريو، اوتري قدر ڪنهن به نبيءَ يا رسول کي نصيب نه ٿيو، هائو!

"اين سعادت بزور بازو نيست
تا نه بخشد خدائي بخشنده"

يهودين جي قوم هميشه کان وٺي شرير، فسادي، حق جي مخالف، جهيڙاڪار، دغاباز، نبين سان سامهون ٿيڻ واري قوم آهي. حضرت مسيح عليه السلام سان جيڪي ڪڙيون هلتون يهودين ڪيون، تاريخ ان لاءِ شاهد آهي. ايتري قدر جو حضرت مسيح عليه السلام ڪڪ تي يهودين جي حق ۾ چوڻ لڳو ته اهي نانگ ۽ نانگن جا ٻچا آهن؛ ۽ حضرت مسيح عليه السلام ڏاڍو پٽيندو هون. چي خدائي بادشاهت انهيءَ نالائق قوم کان کسجي، ڪنهن ٻيءَ اهڙيءَ چڱي قوم کي ملندي، جا چڱو نتيجو ظاهر ڪندي. ڏسو متي، باب ٢١ ورس ٤٣-٤٤.

جنگ احزاب يا خندق واري لڙائي.

اُئين ته سنهيون سنهيون شرارتون يهودين گهڻيون ئي ڪيون هيون، پر وڏي مشهور جنگ احزاب واري هئي جنهن جو ذڪر لکان ٿو. سنه ٥ هجري مهيني ذوالقعد ۾

www.maktabah.org

بني نضير قبيلي جا يهودي پنهنجي شرارت ۽ عهدشڪني سببان خيبر ڏي جلاوطن ڪيا ويا هئا. جڏهن اچي خيبر ۾ رهيا تڏهن گهات گهڙڻ لڳا ته ڪهڙي طرح مسلمانن کي ستايون. هي واقعو فتح مڪي کان آڳاٽو آهي، سو تن ٽا ڪيو، جو خيبر جي يهودين کي ۽ پاڻ سان همراه ڪيائون ۽ مڪي جي قريشن کي به خط پٽ لکي، دم دلاسا ڏئي پاڻ ساڻ ڳنڍي يائون. قريش ته اڳيئي مسلمانن جا جاني دشمن هئا، تن ته ويئي بهانا ڳوليا، يڪدم چار هزار بهادر گڏ ٿي مديني تي ڪاهڻ لاءِ روانا ٿيا؛ واٽ تي به جيڪي جهٽ ۾ لڳن، تن کي پاڻ سان وٺندا آيا؛ آخر يهودي ۽ بت پرست قريش سڀ ڏهه هزار لشڪر اچي ٿيو. مسلمانن ۾ ظاهري ايتري قوت ڪانه هئي، جو ايتري ڪٽڪ کي منهن ڏئي سگهن؛ تن غريبن ٽا ڪيو، جو الله تي توڪل ڪري مديني جي ضعيف پاسي ۾ خندق (کاهي) کٽي ڪوٽيائون. مسلمانن جو حال بلڪل سقيم هو، پيٽ ۾ بک هين ۽ سرديءَ کان پاهه پئي ٿيا، مگر ته به همت ڪري دشمن جي بچڻ کان اڳي ئي کاهي کوٽي تيار ڪري ڇڏيائون: انهيءَ ڪري انهيءَ جنگ جو نالو ”جنگ خندق“ به مشهور ٿيو. حال اهڙو هو، جو مسلمانن جي ڇوڏاري دشمن جا ڪٽڪ وڪوڙيا پيا هئا. جن شخص تي مسلمانن کي ڀروسو هو ته هي چڱا ماڻهو آهن، ڦرندا ڪڏهن به ڪين سي به ڦري ويا؛ منافق تنهن کان سواءِ هئا. مطلب ته هڪ سخت آفت ۾ ويچارا ايمان وارا مسلمان اچي ڦاٿا، ايتري قدر جو هڪڙي ماڻهوءَ جي سر بچڻ جي به اميد نه هئي. منافق ۽ ڪچا مسلمان ته صاف ٽوڪون ۽ طعنا هڻڻ لڳا ته، واه جو پيغمبر ٿيو آهي! جو فتحمندي بابت رڳيون ڪوڙيون اڳڪٿيون پئي ڪيائون وغيره وغيره. مگر پڪن ايماندار مسلمانن کي به يقين بهه حق اليقين هو ته اسان جي آقا سائينءَ

www.maktabah.org

حضرت رسول خدا صلي الله عليه وسلم جيڪي فرمايو آهي سو يقيناً سچ آهي ۽ اسلام کي پڪ فتح ٿيندي؛ سو ٿيو به ائين. الله تعاليٰ جي طرفان مدد ۽ همراهيءَ جي هوا لڳي، دشمن، سجا ويهه (٢٠) ڏينهن مسلمانن جو محاصرو (گهيرو) ڪيو ۽ غريبن کي تنگ رکيو، انهيءَ وچ ۾ اگرچ سنهيون سنهيون لڙايون ٿينديون رهيون، جنهن ۾ دشمنن جا وڏا وڏا پهلوان قتل ٿي ويا، پر تنهن هوندي به هنن جو غلبو بلڪل گهٽو هو. اهڙي وقت ۾ جيڪڏهن الله پاڪ جي طرفان ڪا خاص مدد نه رسي ها ته هوند ڪو رستو فتحمنديءَ ۽ جند آزاد ڪرڻ جو مسلمانن کي هٿ نه اچي ها؛ مگر ڏسو الله پاڪ جون يلايون، اوچتوئي اوچتو هڪ اهڙو ڪارو ۽ خوفناڪ طوفان اچي ڪڙڪيو ۽ اهڙي سخت هوا ۽ مصيبت جهڙي وچ اچي ظاهر ٿي، جو دشمن جا حوصلائي خطا ٿي ويا، تنبن ۽ رانوٽين جا رسائي ڇڄي پيا، گهوڙن جون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ئي ٽٽي پيون؛ جڻ هڪڙو محشر اچي متو ۽ قيامت اچي دشمن ۾ پئي. مطلب ته طوفان اهڙو ته هلاڪ ڪين جو ڪٿو نه مڙيو ڪٿي ڪي، سڀ ڪو پنهنجو منهن ڪري وئي پڳو ۽ اهڙي ته سزا ملين، جو وري ڪڏهن به مديني تي ڪاهڻ جو خيال نه ٿين. الله تعاليٰ انهيءَ بابت جنهن عمدي نموني ۽ نصيحت سان قرآن شريف ۾ ذڪر آندو آهي، سو پڙهندي بت جا وارئي ڪانڊارجو ٿا وڃن. الله تعاليٰ فرمايو آهي:

يا ايها الذين آمنوا اذكروا نعمت الله عليكم إذ جاء تكم جنود فارسلنا عليكم ريحا و جنودا لم تروها وكان الله بما تعملون بصيرا. اذ جاؤكم من فوقكم و من اسفل منكم و اذ زاغت الابصار و بلغت القلوب الحناجرو تظنون بالله ظنونا هنالك ابتلي المومنون وزلزلوا زلزالا شديدا - (الايت)

www.maktabah.org

(اي ايماندارو! الله پاڪ جي انهيءَ مهرباني‌ءَ کي ياد ڪريو جا اوهان تي انهيءَ وقت ڪيائين جنهن وقت اوهان تي لشڪر چڙهائي ڪري آيا هئا، پوءِ اسان انهن تي هڪڙو هوا جو طوفان ۽ اهڙو ڳجهو لشڪر موڪليو، جنهن کي اوهين ڏسي نٿي سگهيا. اوهان جيڪي پئي ڪيو سو الله سڀ ڪجهه پئي ڏٺو. اهو، اهو وقت هو جنهن وقت هيٺان ۽ مٿان يعني اوله ۽ اوڀر ڪان اوهان تي لشڪر چڙهي آيا هئا ۽ اوهان جي اکين جا دوڏائي نڪري آيا هئا ۽ اوهان جون دليون واتن تائين اچي رسيون هيون يعني ساهه سان اچي لڳي هيو ۽ خود خدا ۾ طرحين طرحين گمان ڪرڻ لڳا هئا. اتي ايماندارن جي همت جو امتحان هو ۽ اهي سخت زلزلي ۾ اچي ويا هئا.)

حضور جن عليه الصلوات والسلام کي قتل ڪرڻ جو منصوبو.

هن جنگ خندق ۾ ڪافرن کي جا شڪست رسي ۽ جنهن خواريءَ سان هو موٽيا هئا، سا سندين دلين تي داغ وانگي ٿي بيٺي هئي. خاص طرح ابوسفيان کي سخت بي آرامي اچي ٿي ته ڪنهن طرح حضرت پاڪ کي ڪا سخت تڪليف رسائجي. آخر ڇا ڪيائين جو هڪڙي جهنگلي جوان کي پڙڪائي، رستي جو خرچ وغيره ۽ سواريءَ لاءِ آٺ ڏاگهو ڏيئي مديني ڏانهن روانو ڪيائين ته ڪنهن به طرح هو حضرت جن کي وڃي قتل ڪري، مگر اها خبر نه هيس ته الله تعاليٰ پنهنجي پياري پيغمبر جو محافظ ۽ نگهبان آهي ۽ پاڻ فرمايو اٿس ته:

يريدون ليطفئوا نور الله بافواههم والله متم نوره ولوكره الكافرون.

www.maktabah.org

(ڪافرن جي خواهش آهي تہ الله جي نور کي ڦوڪون ڏيئي وسائين، مگر الله تعاليٰ پنهنجي نور کي پوريءَ طرح دنيا ۾ ڪامل ڪري ڏيکاريندو؛ اگرچ ڪافرن کي اها ڳالھ نہ وڻي.)

اهو جهنگلي جنگي جوان سڌو مديني ۾ آيو ۽ پهرين حضور جن عليه الصلوات والسلام جي خدمت ۾ اچي ويٺو، جتي حضرت جن جا پيارا گفتا، وڻندڙ ڳالهيون ۽ پاڪ حديثون جو ٻڌائين سو موڙهو وائڙو ٿي ويو ۽ پاڻ جهلي نہ سگهيو، اتي جو اتي ڪلمو پاڪ پڙهي مسلمان ٿي پيو.

مسلمانن سان عيساين جون جنگيون.

يهودين جي شرارتن، عهد شڪنين ۽ ارهہ زوراين جو ذڪر مختصر طرح مٿي ڪري آيو آهيان، هاڻي وري عيساين جي جنگين جو مختصر ذڪر لکان ٿو. اگرچ عيسائي يهودين جهڙا حرڪتي، شرير ۽ شديد ڪين هئا- انهيءَ بابت قرآن پاڪ ۾ خود الله تعاليٰ بہ گواهي ڏني آهي، جتي تہ فرمايو اٿس:

لتجدن اشد الناس عداوت للذين آمنوا اليهود والذين اشرڪوا. ولتجدن اقربهم مودت للذين آمنوا الذين قالوا انا نصارا.

[(اي رسول) توکي معلوم ٿيندو تہ مسلمانن جا سخت دشمن يهودي ۽ مشرڪ آهن ۽ مومن سان دوستيءَ ۾ ويجها آهي آهن جي پاڻ کي نصارا ٿا سڏائين.]

مگر تنهن هوندي بہ نصارا چيڙ چاڙ ڪندا رهندا هئا ائين بلڪل ڪين هو، جو مسلمانن کي ڇڏي ڏنو هئائون.

www.maktabah.org

جنگ موته

موته نالي، شام جي ملڪ ۾ هڪ ڳوٺ هو تنهن جي سردار شرحبيل چا ڪيو جو حضرت رسول الله صلعم جي قاصد حارث بن عمير رضه کي مارائي ڇڏيو. ويچاري مظلوم ۽ بيگناه حارث جي قتل جي خبر جا مشهور ٿي سو عام طرح قاصد اچڻ وڃڻ ۾ ڊچڻ لڳا. نه ته هي عام دستور ۽ پراڻو قاعدو هو ته نياپي آڻيندڙن يا قاصدن مار ڪانه هوندي هئي. انهيءَ ڪري حضور جن آئينده واسطي قاصدن کي روڪڻ، حفظ ۽ امن قائم رکڻ لاءِ ٽي هزار فوج چاڙهي موڪلي. موته جي حاڪم جيڪا پنهنجي ڪيئي تي پشيماني ڪئي يا معافي گهري، سا ته بجاءِ خود رهي، مور ڳوڙهڻ ۽ مقابلو ڪرڻ لڳو. اتفاق سان هرقل بادشاه انهيءَ علائقي ۾ آيل هو ۽ موآب ۾ هڪ لک لشڪر سان لٿل هو، عرب جا صحرائي ۽ ٻهراڙيءَ جا عيسائي قبيلا به گهڻا وٽس سان لاءِ آيا هئا، جي به اٽڪل لک کن ماڻهو هئا، سو موته جي حاڪم شرحبيل، هرقل بادشاه کان ڪجهه مدد ورتي ۽ ٻيو لشڪر به صحرائي عيسائين جو گڏ ڪيائين جو اٽڪل لک کن ٿي ويو. مسلمانن جي مرضي وڙهڻ تي سُنئون ڪانه هئي، رڳو حارث بن عمير جي قتل جو جواب ۽ سبب پڇڻ، آئينده لاءِ شرط شروط ۽ امن امان لاءِ آيا هئا، مگر دشمن جي اهڙي تياري ڏسي، لاچار وڙهڻ لاءِ سنبريا ۽ جنگ لڳي. انهيءَ جنگ ۾ زيد بن حارث، جو حضور جن جو پرورده ۽ نهايت پيارو هو ۽ انهيءَ جنگ ۾ سپه سالار به هو، سو ماريو ويو ۽ حضرت جعفر طيار، جو حضرت عليءَ جو سڳو ڀاءُ هو سو ٽيهن ورهين جي ننڍڙيءَ ڄمار ۾ سٺ ڀعجاه زخم کائي شهيد ٿيو ۽ عبدالله بن رواحه، جو وڏو اصحابي هو، سو به شهيد ٿيو. آخر جڏهن اهڙا نامور سپه سالار به شهيد ٿيا، تڏهن خالد بن وليد تمام همت، بهادريءَ ۽ وڏي جوش سان

www.maktabah.org

فوج کي وچي سنڀاليو ۽ سپه سالار ٿي ڪم ڪيائين. ڏيڍ ڏينهن سخت لڙائي لڳي، مگر واه ڙي خالد بن وليد جي جنگي قابليت ۽ بهادرانه همت، جنهن ٿورڙيءَ فوج سان چاليهوڻي فوج جو اهڙو ته نڪ ۾ دم ڪري وڌو، جو سڀ دشمن لاچار ٿي پيا ۽ جان بچائڻ لاءِ وٺي ڀڳا. حضرت خالد بن وليد جي هٿ ۾، هٿڻدي هٿڻدي سڄيون ۹ ترار يون ڀڳيون هيون.

حضرت جن صلعم کي جنگ جي احوالن بابت الهام.

حضرت جن عليه الصلوات والسلام کي وقت به وقت الله تعاليٰ جنگ جو سمورو احوال مديني ۾ پئي معلوم ڪرايو ۽ پاڻ سڀ ڪجهه، جنگ جي نتيجي سميت، اڳواٽ ئي حاضرين اصحاب کي پئي ٻڌايائون. انهيءَ جنگ ۾ خالد بن وليد کي حضور جن صلعم، سيف الله (الله جي ترار) جو لقب ڏنو هو. هيءَ جنگ مهيني جمادالاول سنه ۸ هجري ۾ ٿي.

تبوڪ جو سفر ۽ بنا جنگ فتح.

هڪڙي ڏينهن، شام کان هڪ قافلو آيو، جنهن مديني ۾ اچي خبر ڏني ته روم جي قيصر جو لشڪر مديني تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ بلڪل تيار هو، عرب جا عيسائي قبيلا به انهن سان وچي گڏيا آهن، هن کان اڳ جو جنگ موته ۾، موته جي حاڪم ۽ خود قيصر جي لشڪر کي شڪست آئي هئي، تنهن جو بدلو وٺڻ اچن ٿا. هائي قياس جي جاءِ ۽ ويچار جي ڳالهه آهي ته اڌ دنيا جي بادشاه، قيصر روم جو لشڪر، غريب بي ثمرن ۽ فقيرن تي چڙهائي ڪري اچي ۽ اچي به سنبت ۽ تياريءَ سان، اهڙي وقت ۾ انهن صلح پسند فقيرن ۽ دنيا ۾ صلح پکيڙيندڙ ۽ رحمدل پيغمبر کي

www.maktabah.org

ڪيتري قدر نہ تڪليف رسي هوندي ۽ ڪهڙا نہ هو لاچار ۽ مجبور ٿيا هوندا! ويچارن مسلمانن وٽ نہ زر نہ دولت، نہ اسباب نہ سامان، ڪن سو ڪن ڇا؟ تنهن هوندي بہ خدا جي پاڪ پيغمبر، مديني جي رهاڪن جي بي آرام ۽ بي امن نہ ٿيڻ لاءِ هي اراد و ڪيو تہ مديني کان ٻاهر عرب جي سرحد کان ئي ٻاهر وڃي، انهيءَ زور واري لشڪر جو مقابلو ڪجي تہ ويچارا مديني جا ماڻهو تہ خوش وينا هجن. اها موسم ڪهڙي هئي؟ سخت گرميءَ جا ڏينهن هئا، مديني جا ميوا پچي راس ٿيا هئا، ميوا ڪاٽي وٽن جي ٻاڇي ۾ سمهڻ ۽ آرام ڪرڻ جي مند هئي؛ مگر هن گوڙ جي ڪري مٺا ميوا بہ زهر ٿي پيا، وري گرميءَ جا ڏينهن ۽ پنڌ پري. حضور جن عام طرح حڪم ڏنو تہ جيڪي، ملڪ ۽ وطن، عدل ۽ امن کي بچائڻ لاءِ سر ڏيڻ ۾ سانگو نہ ڪن، مال ۽ دولت مٿو نہ سمجهن، سي يڪدم تياري ڪن. انهيءَ ارشاد موجب جيڪي جنهن کان پڄيو، تنهن اچي حاضر ڪيو: حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنہ (٩٠٠) نو سؤ اٺ، هڪ سؤ گهوڙا ۽ هڪ هزار گنيون يعني پندرهن هزار روپيا ڏنا. حضور جن اهڙي تنگ وقت ۾ حضرت عثمان رضہ جي ايتري همت ۽ سخا ڏسي ايترو تہ خوش ٿيا، جو خوشيءَ مان حضرت عثمان رضہ کي ”مجهز جيش العسرت“ (تنگيءَ ۽ تڪليف جي وقت لشڪر جي مدد ڪندڙ) جو خطاب ڏنو. عبدالرحمان بن عوف رضہ چاليهہ هزار درهم ڏنا، حضرت امير عمر رضہ گهر ۾ جيڪي هوس تنهنجو اڌ حاضر ڪيو، جو هزارن جي برابر هو. حضرت ابوبڪر صديق رضہ جيڪي ٿورو گهڻو ذرو پرزو گهر ۾ هئن، سو سڀ سيڙي سيڙي اچي حاضر ڪيو. حضور جن عليہ الصلوات والسلام سمجهي ورتو تہ هي نيڪ مرد تہ گهر کي ٻهاري ڏيئي ذرو پرزو ڪٺي آيو آهي. پڇائونس تہ يا ابابڪر ڪجهہ گهر ۾ بہ ڇڏيو اٿئي

يا سڀ آندو ائين؟ حضرت صديق اڪبر رضه عرض ڪيو ته حضور، پوئتي گهر ۾ الله ۽ الله جي رسول جي محبت ڇڏي آيو آهيان، ٻيو سڀ ڪجهه اچي حاضر ڪيو اٿم. سڀ اصحاب حضرت صديق اڪبر رضه جي جواب ۽ همت تي حيران ٿيا ۽ حضور جن به ڏاڍا خوش ٿيا - وري حضرت ابوعقيل انصاري رضه ٻه سير کجور جا اچي حاضر ڪيا ۽ عرض ڪيائين ته ساري رات محنت مزوري ڪري کوهه جو پاڻي ڪڍندي ڪڍندي هڪڙي نمبر زمين کي پريم تڏهين صبوح جو چار سير ڇهارا مليم، جن مان ٻه سير ٻچڙن لاءِ ڇڏيم ۽ ٻه سير اچي حاضر ڪيا اٿم. حضور جن فرمايس ته اهي کجورون سڀني قيمتي سامانن جي مٿان رکي ڇڏ. مطلب ته سڀني اصحابن پنهنجي پنهنجي وت آهر اچي چندو ڏنو، باقي ڪن منافقن هلڻ يا مدد ڏيڻ کان صفا انڪار ڪيو ۽ پڙ ڪڍي ويهي رهيا. خير حضور جن ٽيهه هزار لشڪر پاڻ ساڻ ڪري دشمن کي دفع ڪرڻ واسطي خير سان روانا ٿيا، مديني ۾ سماع بن عرفطه کي پنهنجو جانشين ڪري ۽ حضرت علي مرتضيٰ کي گهر ٻار جي سنڀال لاءِ پوئتي ڇڏي ويا. لشڪر لاءِ سواريون ۽ وهٽ تمام گهٽ هئا. ارڙهن ارڙهن ڄڻن لاءِ هڪ اُٺ هو، جنهن تي واراوتي ڪري ٿي چڙهيا. سامان ۽ رسد جي گهٽتائي سبب ان وڻن جي پنن تي گذران ڪندا هئا، جنهن ڪري اسلامي لشڪر وارن جا چپ ئي سڄي پيا هئا. مطلب ته آچ ۽ بڪ ڪڍندا، رستي جون تڪليفون ۽ ڏاڪڙا سهندا تبوڪ تائين پهتا، ته اتي اوچتو حضرت علي مرتضيٰ به تڪڙو پنڌ ڪندو اچي رسيو، چو ته پوئتي منافقن کيس ڏاڍو چيڙايو ته حضور جن عليه الصلوات والسلام توکي نڪمو ۽ بيڪار سمجهي ڇڏي ويا آهن وغيره وغيره، انهيءَ ڪري هليو آيو. حضور جن سندس احوال ولي فرمايو ته ”تون انهيءَ ۾ راضي نه آهين ڇا، ته تون

منهنجي طرفان هجين، جيئن حضرت موسيٰ جي پاران هارون هو؟ هائو ايترو سو آهي ته هارون نبي هو ۽ مون کان پوءِ کو نبي ٿيڻو ڪونهي.“ حضرت علي اهو حڪم ٻڌي خوش ٿي پوئتي موٽيو. حضور جن سڄو مهينو تبوڪ ۾ ترسيا. حضور جن جي هلي اچڻ ڪري شام وارن تي اهڙو ته رعب پيو، جو نشا ني تني پين ۽ مغز جاءِ اچي وين ۽ مديني تي ڪاهڻ جو خيال لاهي ڇڏيائون. حضور جن عليه الصلوات والسلام هڪڙي نماز کان پوءِ هڪ مختصر ۽ پُر معنيٰ وعظ فرمايو، جنهن ۾ دين ۽ دنيا جا عمدا عمدا ۽ ضروري مطلب نصيحت طور ٻڌايائون، انهيءَ وعظ جو هتي فقط ترجمو لکڻ مناسب ڄاڻان ٿو. پهرين سڀني ۾ سڀني تعريف ۽ عمدي ۾ عمدي واکاڻ رب پاڪ جي ڪري، پوءِ فرمايائون:

(١) سچن ڪلامن ۾ وڏيڪ سچو الله جو ڪلام قرآن پاڪ آهي. (٢) وڏيڪ ڀروسي جهڙي ڳالهه پرهيزگاريءَ جو ڪلمو آهي. (٣) مڪ مذهبن مان وڏيڪ چڱو مذهب حضرت ابراهيم عليه السلام جو مذهب آهي. (٤) سڀني رستن مان چڱو رستو محمد (عليه الصلوات والسلام) جو رستو آهي. (٥) الله جو ذڪر سڀني ڳالهين کان وڏيڪ شرف وارو آهي. (٦) نصيحتن ۽ چڱين ڳالهين واسطي سڀ کان چڱو هيءَ قرآن پاڪ اٿو. (٧) چڱن ۾ چڱو ڪم همت جو ڪم آهي. (٨) بڇڙن ۾ تمام بڇڙو ڪم دين ۾ نئين ڳالهه وڌائڻ يعني بدعت آهي. (٩) هلتن ۾ تمام چڱي هلت نبين جي آهي. (١٠) موتن ۾ تمام شانائتو موت شهيدن جي شهادت آهي. (١١) انڌاين ۾ وڏي انڌاهي هدايت کان پوءِ گمراهي آهي. (١٢) عملن ۾ چڱو عمل اهو آهي جنهن مان نفعو ۽ فائدو هجي. (١٣) چڱو رستو اهو آهي جنهن تي ماڻهو هلي سگهن. (١٤) بڇڙي ۾ بڇڙي انڌائي آهي دل جي انڌائي. (١٥) ساڄو هٿ کابي هٿ کان وڏيڪ عزت وارو آهي. (١٦) ٿوري

www.maktabah.org

۽ پورت جيتري دنيا، چڱي آهي آنهيءَ دنيا کان، جا گهٽي هجي ۽ غافل ڪري. (١٧) بڇڙو پڇتاءُ آهي آهو جو سڪرات جي وقت ڪجي. (١٨) بڇڙي پشيماني سا آهي، جا قيامت جي ڏينهن ڪجي. (١٩) ڪي ماڻهو اهڙا به آهن جو جمعي نماز پڙهن ته دل پوئتي تنگي پئي هجين. (٢٠) ڪي وري ماڻهو اهڙا آهن جو الله جو ذڪر ڪو ورلي ڪندا آهن. (٢١) وڏي خطا ۽ ڪرو ڏوهه آهي ڪوڙ ڳالهائڻ. (٢٢) چڱي دنياداري آهي دل جي دنياداري. (٢٣) چڱو ثمر ۽ توشو آهي پرهيزگاري. (٢٤) وڏي دانائي ۽ فلاسفري آهي خوف خدا جو. (٢٥) دل ۾ وهارڻ جهڙي ڳالهه آهي يقين. (٢٦) شڪي طبيعت ڌارڻ به هڪڙي قسم جو ڪفر آهي. (٢٧) مُئي جي مٿان رڙيون ڪري روئڻ جاهليت ۽ ڪفر جي وقت جي رسم آهي. (٢٨) ڪوٽ ۽ ڪپٽ ڪرڻ جهنم جو عذاب آهي. (٢٩) نشو پيئڻ دوزخ جو داغ آهي. (٣٠) بي نصيحتو شعر چوڻ شيطاني ڪم آهي. (٣١) شراب سيئي ڏوهن جي موڙي آهي. (٣٢) بڇڙو کاڌو يتيم جو مال کائڻ آهي. (٣٣) نيڪ بخت آهو آهي جو ٻين جو عبرت جهڙو حال ڏسي نصيحت پرائي. (٣٤) اصل بدبخت آهو آهي، جو ماءُ پيٽان بدبخت هجي. (٣٥) ڪنهن به ڪم جو مک مطلب آهي چڱو نتيجو. (٣٦) بڇڙو خواب آهو آهي، جو ڪوڙو ٿي پوي. (٣٧) جا ڳالهه ٿيڻ جهڙي هوندي، سا جلد ٿي پوندي. (٣٨) مومن کي گارڏيڻ بڇڙو ڪم آهي. (٣٩) مومن کي بيگناه قتل ڪرڻ ڪفر آهي. (٤٠) مومن جو ماس کائڻ يعني آن جي گلا ڪرڻ سخت گناه ۽ الله جي بي فرماني آهي. (٤١) مومن جو مال غصب ڪرڻ حرام آهي، جئن سندس رت هارڻ حرام آهي. (٤٢) جو ماڻهو الله سان وڏائي ۽ بي پرواهي ڪري تو تنهن کي رب ڪوڙو ڪري ٿو، يعني اهڙو خراب ڪريس ٿو، جنهنڪري سندس اها وڏائي ڪوڙي ثابت ٿيو پوي.

www.maktabah.org

(٤٣) جو شخص ڪنهن عيبدار جو عيب ڍڪي ٿو، رب به ان جا عيب ڍڪي ٿو. (٤٤) جو ڪنهن به ڏوهيءَ کي معافي ڏئي ٿو، رب به معافي ڏيندڙ کي پنهنجن ڏوهن ۾ معاف ڪري ٿو. (٤٥) جو ماڻهو ڪاوڙ ماري ٿو، ان کي رب اجر ڏي ٿو. (٤٦) جو ماڻهو نقصان تي صبر ڪري ٿو، الله پاڪ کيس صبر جا ٻهرا ڏئي ٿو. (٤٧) جو ماڻهو چغلي هڻي ٿو، الله تعاليٰ چغل کي خوار ڪري ٿو. (٤٨) جو شخص مصيبتن تي صبر ڪري ٿو رب پاڪ ٻيڻا ثواب ڏئيس ٿو. (٤٩) جو پنهنجي خداوند پاڪ خالق مالڪ جي بي فرماني ڪري ٿو، رب تعاليٰ سخت عذاب ڏئيس ٿو. (٥٠) پڇاڙيءَ ۾ رب پاڪ کان ٽي دفعا بخشش گهرڻ ياٿون ۽ چئو فرماياٿون ته رب کان ٣ ڀيرا بخشش گهرجي.

آخر حضور جن عليه الصلوات والسلام خير سلامتيءَ سان موٽي مديني مبارڪ ۾ پهتا، جي منافق ۽ ڪچا مسلمان اهڙي تنگ وقت ۾ حضور جن سان شامل نه ڪين ٿيا ۾ مورڳو ٽوليون ڪرڻ لڳا هئا. حضور جن سڀني کي معافي ڏني، مگر ٽي معزز اصحاب، جي فقط سستيءَ جي ڪري رهجي ويا هئا، ۽ هئا به پڪا ايماندار مسلمان، تن کي حضور جن معافي نه ڏني ۽ هنن جي ايمان ۾ وري به پرک ۽ امتحان ٿيو. آنهن ٽنهي ڀلارڻ جا نالا هي آهن: هڪڙو ڪعب بن مالڪ رض، ٻيو هلال بن اميه ۽ ٽيو مراره بن ربيع رض.

ڪعب بن مالڪ جي سخت آزمائش ۽ سندس قصور جي معافي.

ڪعب بن مالڪ جو چوڻ آهي ته مون کي ڪو ٻيو سبب پوئتي رهجي وڃڻ جو ڪونه هو، مون کي خداوند تعاليٰ سڀ ڪجهه ڏنو هو، سامان اسباب ۽ سوارين به موجود رکيون هيم، سنيريل به هوس، پر ڪنهن دنيائي ڪم جي

www.maktabah.org

ڪري اڄ نہ صبح ڪندي رهجي ويس. جڏهن قافلو روانو ٿي ويو تڏهن وري انهن کي پهچڻ ڏکيو سمجهيم پوءِ تہ ڏاڍو پڇتايم. انهيءَ وقت شهر ۾ سوِن رڳو منافق رهيل ڏٺا، تہ هيڪاري شرم آيم تہ هاءِ آئون بہ منافقن جهڙو ٿي پيس! ماڻهن تہ گهڻيون اجايون ستيون ڏنم، پر مون ڇهو تہ سچ کان سواءِ حضورجن جي خدمت ۾ ڪجهہ نہ چوندس. اهو خيال ڪري حضورجن جي خدمت ۾ آيس، پاڻ مون کي ڏسي ٿورو ڪاوڙ گڏيل مرڪيئون؛ منهنجو هوش تہ آتي ئي خطا ٿي ويو، پاڻ پڇيائون تہ ڪعب، تون ڇو پوئتي رهجي وئين؟ عرض ڪيم حضور، نفس جي شرارت ۽ منهنجي غفلت. حضورجن فرمايو وڃ ۽ الله تعاليٰ جي فيصلي جو انتظار ڪر. ڪن چيو تہ جيڪڏهن تون بہ ڪو بهانو ڪرين ها تہ ڇٽي وڃين ها. چيم تہ ڪوڙ ڪريان ها تہ ستان خداوند پاڪ عالم الغيب موجود هو، سو منهنجو ڪوڙ کلي پوي ها؛ ڪنهن دنيا واري سان معاملو ڪين هو، بلڪ الله جي رسول سان وهنوار هو، سو ڪيترو لڪي ها. ڏاڍي ڏک ۽ غم ۾ رهيس. اتي معلوم ٿيو تہ ٻيا بہ نيڪ مرد بہ سون وانگي رهجي ويا هئا تہ البت خوش ٿيس. مسلمانن مون سان عليڪ سليڪ صفا بند ڪري ڇڏي؛ نہ سلام ڪن نہ ڪلام. ڏاڍو تنگ اچي ٿيس- گهران نڪرندو هوس تہ مسجد ۾ نماز پڙهي ڪنڊڙي ۾ ٻئجي رهندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن حضور جن پيارين اکين سان اک ٽيڏ ڪري نهاريندا هئا؛ جڏهن آئون، سڪايل اکيون کڻي ڏانهن نهاريندو هوس تہ پاڻ کڻي منهن مبارڪ پري ڪندا هئا- هڪڙي ڏينهن گهر ويهي ويهي ڪڪ ٿيس، ڪجهہ دل وندرائڻ لاءِ مديني کان ٻاهر پنهنجي سوٽ ابوقتاده رضہ جي باغ ۾ ويس، جنهن سان منهنجي ڏاڍي محبت هئي؛ سلام ڪيم جواب تہ نہ ڏنائين، پر منهن کڻي موڙيائين، مون چيومانس ابوقتاده! توکي خبر

www.maktabah.org

آهي، آءُ الله ۽ الله جي رسول سان سچي محبت رکان ٿو، نفاق ۽ شرڪ کان بيزار آهيان. ابو قتاده منهنجي انهيءَ ڳالهه جو به جواب نه ڏنو. جڏهن سچا ٽي ڀيرا ائين چيم، تڏهن رڳو هيترو جواب ڏنائين ته الله ۽ الله جي رسول کي ئي چڱيءَ طرح معلوم آهي. اهي لفظ ٻڌي منهنجي دل ڀاڙي ٽي پئي ۽ ڏاڍو رنم. انهيءَ وچ ۾ غسان پرڳڻي جي عيسائي حاڪم مون ڏي خط به موڪليو ته تون چو اتي بي عزت ٿيو آهين؟ اسان ڏي اچ ته سکيو رکونءَ. خط پڙهي دل ۾ چيم ته هيءَ وري ٻي آفت ۽ مصيبت آهي جو اڄ عيسائي مون کي ڪفر جي دعوت ٿا ڏين ۽ منهنجي دين ۽ ايمان تي حملو ٿا ڪن. انهيءَ کي ته چوارائي موڪليم ته هتي جي بي عزتي تنهنجي عزت کان صد بار وڌيڪ چڱي آهي. مطلب ته انهن ۽ اهڙين مصيبتن ۾ سچا پنجاهه ڏينهن - جيترا حضور جن کي تبوڪ جي سفر ۾ گذريا هئا - مون گذاريا. هڪ رات پنهنجي گهر جي ڇت مٿي ستو پيو هوس ۽ پنهنجي غفلت تي ارمان پئي ڪاڏم ته جبل سلع تي جو منهنجي گهر جي پرسان هو، حضرت صديق اڪبر رض چڙهي وڏي آواز سان چوڻ لڳو ته ڪعب کي مبارڪون هجن، سندس توبه قبول پئي. اهو مبارڪ ۽ مٺو آواز ٻڌي، منهنجا يار دوست ۽ سڄڻ سائي سڀ ڊوڙندا آيا ۽ مون کي مبارڪون ڏئي چوڻ لڳا ته سچي جي توبه قبول پئي. آءٌ اهي من موهڻا ۽ مبارڪ لفظ ٻڌي، سجدي ۾ ڪري پيس، شڪراني جو سجدو ڪري حضور جن جي دربار ۾ ڊوڙندو آيس.

"بر در آمد بنده بگريخته
آبروي خود بعصيان ريخته"

نماڻو در تي تنهنجي يا رسول الله آيو اڄ،
زيارت پنهنجي پيغمبر سڪايل کي ڪرايو اڄ.

www.maktabah.org

نوازش جي نظر ڪا عاشق شيدا تي اي جاني،
ڪڪر قرب و ڪرم جا! ميٺهن رحمت جو وسايو اچ ۔
وڇهو ڀاڇو ڀرين پيارا، ڪوهن مشتاق تي ٻنهنجو،
خدا جو سايو آهي مومنن لئي تنهنجو سايو اچ ۔
منور منهنجي دل ڪي اچ ڪريو انوار ٻنهنجي سان،
اکيون منهنجون اکين سان ٻنهنجي، پيارا لعل لايو اچ ۔
ڀرين ڀرچو، نه ماريو مون ڪي ماڻن سان رئل راڻا،
تڙايل ڪي وري؟ دربار ۾ ٻنهنجي سڏايو اچ ۔
ٻڌي ٻانهون ٿيس حاضر ادب ۽ عجز سان در تي،
مصيبت ڪان وڇوڙي جي فراقيل ڪي ڇڏايو اچ ۔
خدا بخشي خطا منهنجي، مدايون ميٽيون مولا،
اوهين ٻڻ منهنجي لئي ڏيو يا نبي رحمت جو رايو اچ ۔

انهيءَ وقت حضور جن مهاجرن ۽ انصارن جي وچ ۾ ويٺا هئا. مهاجرن مون کي مبارکون ڏنيون؛ انصار ماٺ ڪيو ويٺا هئا. مون وڃي حضور جن کي سلام ڪيو، انهيءَ مهل سندن منهن مبارڪ گهڻي خوشيءَ سببان چوڏهينءَ جي چنڊ وانگي چمڪيو پئي- اها سندن اصل عادت هئي ته گهڻي خوشيءَ وقت منهن مبارڪ جو نور زياده ٿيندو هون- پاڻ فرمايائون ڪعب! جڏهانڪر ماءُ جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهين، تڏهانڪر اڄوڪي ڏينهن جهڙو چڱو ڏينهن تنهنجي لاءِ ٻيو ڪونه ٿيو هوندو؛ مبارڪ هجيئي، رب تنهنجي توبهه قبول فرمائي. مون عرض ڪيو ته قربان وڃان، هن ڀلائيءَ جي بدلي ۽ خوشيءَ ۾، آءٌ ٻنهنجو سمورو مال ۽ اسباب راه خدا ۾ خيرات ڪريان؟ پاڻ فرمايائون نه. عرض ڪيم حضور! ڀلا اڌ؟ پاڻ فرمايائون نه. وري ٽي دفعي عرض ڪيم، ڀلا ٽي پتي؟ حضور جن فرمايو ها، ٽي پتي ڀلي خيرات ڪر."

www.maktabah.org

"حيات النبيءَ" جا پڙهندڙ حضور جن جي تاريخ جو ايترو حصو، جيترو اڄ مٿي لکي چڪو آهيان، پڙهي حيران ٿيندا ته هڪ مقصد، هڪ مطلب، هڪ صحيح غرض يعني وحدانيت مع تهذيب اخلاق جي تعليم ڏيڻ، دنيا ۾ ڦهلائڻ ۽ ماڻهن کي مڃائڻ لاءِ، حضور جن عليه الصلوات والسلام پنهنجي جان پاڪ ۽ جسم شريف کي ڪيترين نه تڪليفن ۽ ڪيترن نه خطرن ۾ وڌو. اهو مقصد پاڪ اهڙو هو، جنهن ۾ نه ڪجهه ذاتي مطلب هون، نه نفس جي لالچ، محض خدا ڪارڻ گمراهن کي راه لائڻ ۽ منجهلن کي واٽ ڏيکارڻ لاءِ پاڻ سڀ ڪجهه سٺئون ۽ سر تي سهايئون، مگر تيسين آرام نه ڪيائون، جيسين انهيءَ خدائي مقصد ۾ ڪامياب نه ٿيا. ڇا جيڪي حضور جن پنهنجو آرام ڦٽايو ۽ آسايش وڃائي، آهي ڪنهن انسان جي طاقت، جو ايتريون سختيون سهي ۽ ايتري بيقراري ۽ بي آراميءَ ۾ رهي، الله پاڪ جي سپاريل خدمت بجا آڻي، وحدانيت جي سبق جو اکر اکر سمجهائي ۽ انساني اخلاق جو حرف حرف هيجي ڪري سيکاري؟ ممڪن نه آهي. ڪمال ته هي هو، جو جيتوڻيڪ حضور جن کي دشمنن ۽ حملا ڪندڙن سان گهڻا مقابلا ڪرڻا پيا ۽ گهڻو وقت انهن ۾ صرف ڪرڻو پين، مگر تنهن هوندي به پاڻ دين ۽ دنيا جي بهتريءَ لاءِ هرقسم جي اخلاق، ۽ اخلاق جي هرقسم جي شاخن بابت ايتري ته مفصل تعليم ڏئي ويا، ۽ انهيءَ تعليم جو ايترو ته ذخيرو ڇڏي ويا، جو نهايت ڪافي ۽ وافي آهي. نه فقط تعليم ڏنائون، بلڪ عملي طرح ڪري به ڏيکاريائون، ۽ دنيا جي گهڻي حصي کي پنهنجن اکين اڳيان پوري تعميل ڪندي به ڏٺائون. (سبحان الله!) پڙهندڙن کي پڙهندي هي به نيڪ روشن ٿيندو ته مٿين واقعن مان ڪو اهڙو واقعو ڪونهي، جنهن مان معلوم ٿئي ته حضور جن عليه الصلوات والسلام، پا

www.maktabah.org

مسلمان، اگرائي ڪري ڪنهن تي به چڙهائي ڪري ويا هجن؛ يا ڪو بت پرست يا پارسي يا عيسائي يا ڪو يهودي، انهيءَ ڪري ته هو بت پرست آهي، پارسي آهي، عيسائي آهي، يهودي آهي، قتل ڪيو ويو هجي؛ بلڪ اهڙا سوين مثال ملندا ۽ مٿئين لکئي سان پڙهندي معلوم ٿيندا ته اگرائي ڪندڙ مشرڪن، عيسائين ۽ يهودين کي هر طرح جون معافيون ڏنيون پئي ويون؛ هرقسم جي آزادي، بلڪ عزت ۽ تعظيم به ڏني پئي وئي؛ دين جي قبول ڪرائڻ بابت نه ڪنهن تي زور رکيو ويو، نه ڪنهن سان زبردستي ڪئي وئي. خداوند تعاليٰ جي پاڪ قرآن شريف ۾ هي حڪم موجود آهي:

لا اكراه في الدين قد تبين الرشد من الغي.

(دين بابت ڪنهن سان زور زبردستي ڪانهي، هدايت ۽ گمراهي پٺي صاف صاف ٿي چڪيون آهن.)

هان، دين جي سمجهائڻ ۽ اسلام جي ڦهلائڻ بابت وعظ ڪيا ويا، تقريرون ڪيون ويون، عمل ڪري ڏيکاريو ويو، انهيءَ بابت آزادي گهري وئي مگر مخالفن سخت روڪ ڪئي، وقت بوقت آزاديءَ ۾ خلل وڌو، منع ڪئي، اٽڪاءَ وڌا، وعظ ڪندڙن ۽ مشنرين کي قتل ڪيو، سڀ ڪجهه ظلم ڪيا؛ مگر جڏهن مسلمان، مخالفن جي مٿان غالب ٿيندا هئا ته نرمي ۽ رحمدليءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڪندا هئا. انهيءَ هوندي به هن وقت جا مخالف، چند کي ڪاري هيٺ لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا ته ساڻن خدا ٻجي ۽ ڪين مولا سمجهائي.

دنيا جي بادشاهن ڏي اسلام ۾ داخل ٿيڻ بابت حضور جن جا خط.

حضور جن، نه ٻين نبين وانگي ڪنهن هڪ ملڪ يا ڪنهن هڪ قوم لاءِ نبي ٿي آيا هئا، نه سندن نبوت ۽ رسالت

www.maktabah.org

محدود هئي، بلڪ پاڻ ساري دنيا جي سڀني قومن ڏي خدا جي طرفان آخري نبي هئا، ۽ پاڻ، جهڙا عرب جي ملڪ ۽ ماڻهن لاءِ نبي هادي ٿي آيا هئا، تهڙائي عجم لاءِ، جهڙا ايشيا جي سڌارڻ لاءِ خدا جا رسول هئا، تهڙا يورپ لاءِ، جهڙا ڪارن لاءِ تهڙا پوَرن لاءِ، مطلب ته سندن رسالت جو دائرو وسيع ۽ نبوت جو عهدو اعليٰ هو. انهيءَ بابت ڪين خود خداوند پاڪ قران شريف ۾ ارشاد فرمايو آهي:

وما ارسلناڪ الا ڪافة للناس بشيرا و نذيرا.

(سورت سبا رڪوع ٣)

هوالذي ارسل رسوله بالهديٰ و دين الحق ليظهره علي الدين ڪله.

(سورت صف و سورت فتح رڪوع ٣)

و ما ارسلناڪ الا رحمة للعالمين.

(سورت انبيا رڪوع ٧)

قل يا ايها الناس اني رسول الله اليڪم جميعا.

(سورت اعراف رڪوع ٢٠)

[اسان توکي (اي رسول الله) سڀني انسانن ڏي دين حق جي بشارت پهچائڻ ۽ عذاب الاهي کان ڊيڄارڻ لاءِ موڪليو آهي.

اهو سو پاڪ خدا آهي جنهن پنهنجي رسول کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو ته هو سڀني دينن تي دين حق کي غالب ڪري.

اسان توکي (اي رسول الله) ساري جهان جي رهندڙن لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي.

چؤ (اي محمد عليه الصلوات والسلام) ته اي انسانو! آءٌ اوهان سڀني ڏي خدا جي طرفان موڪليل ۽ رسول آهيان.]

www.maktabah.org

جڏهن تہ حضور جن عليه الصلوات والسلام جي مٿان خداوند پاڪ ايڏي وڏي عهدي جو بار رکيو هو ۽ ڪين انهيءَ بابت بوقت تاڪيد ڏيندو هو، تڏهن پاڻ ضرور سمجهيائون تہ دنيا جي ادنيٰ ۽ اعليٰ، شاه ۽ گدا سيني جي ڪنن تائين هي خدائي آواز ۽ رباني حڪم رسايو وڃي ۽ انهيءَ حق جي ڪلمي پڌائڻ ۾ خداوند پاڪ جي طرف سڏڻ ۾، نہ شاهہ جو لحاظ ڪجي نہ شهنشاهہ جو، غريب غني سڀ انهيءَ ڳالهہ ۾ برابر سمجهڻ گهرجي. انهيءَ ڪري پاڻ سونهارن دنيا جي وڏن ۽ ننڍن بادشاهن ڏي بہ اسلام جي دعوت جا خط موڪليا ۽ سيڪنهن پاسي اهڙا قاصد روانا ڪيا، جي انهيءَ ملڪ ۽ بادشاهہ جي ٻولي ڄاڻندا هئا، ۽ جنهن بہ بادشاهہ ڏي جيڪو خط موڪليائون، تنهن ۾ هيءُ لکيائون تہ: جيڪڏهن تون اسلام ۾ داخل ٿيندين تہ دين ۽ دنيا ۾ تنهنجي لاءِ سلامتي آهي، نہ تہ انهيءَ گمراهي جو وبال تنهنجو بہ توتي ۽ تنهنجي قوم جو بہ توتي رهجي ويندو، ڇو تہ اسلام، عدل ۽ انصاف، رحم ۽ مروت، تهذيب ۽ اخلاق، پنهنجي خالق جو خوف ۽ خيال سيکاري ٿو، اهي وصفون اهڙيون آهن جو دين ۽ دنيا جي چڱائيءَ لاءِ ڪافي ٿيو ٿيون سگهن.

ڪي هندو صاحب ائين نہ سمجهن تہ جڏهن مسلمانن جو انداز وڌيو ۽ حضرت جن جي ظاهري طاقت زور ٿي، تڏهن بادشاهن ڏي اسلام جي دعوت جا خط موڪليائون، نہ نہ! بلڪل نہ!! حضور جن عليه الصلوات والسلام کي ظاهري طاقت جو نہ ڪجهہ خيال هو ۽ نہ پروسو. پاڻ، پاڻ کي برحق ۽ الله جو رسول ڄاڻندا هئا ۽ حضور جن جنهن ڳالهہ کي حق سمجهندا هئا، ان جي اشاعت ۽ ٻين تائين پهچائڻ بہ فرض ڄاڻندا هئا. پاڻ نہ ڪنهن بادشاهہ کان ڊڄندا هئا، نہ ڪنهن لشڪر کان. اوهين ڏسندؤ تہ پاڻ نهايت دليريءَ

www.maktabah.org

۽ همت سان بادشاهن کي بہ انهيءَ طرح حق چيائون، جهڙيءَ طرح عام ماڻهن کي. آهو زمانو اهڙو تہ انڌوڪار، ظلم ۽ زبان بنديءَ جو زمانو هو، جو ڪو ڪنهن عام ماڻهوءَ کي بہ حق ۽ سچ چئي نٿي سگهيو، بادشاهن جي ڳالهہ تہ پري رهي. اهڙي وقت ۾ حضور جن عليه الصلوات والسلام حق جي پهچائڻ جو جيڪو فرض پورو ڪيو، سو سندن رسالت ۽ پاڪ پيغمبريءَ تي وڏو دليل آهي. جن جن بادشاهن ڏي اهڙا خط لکيائون، سي اهڙا تہ جابر ۽ زبردست هئا، جو سندن نالو بڌي ماڻهو پيا ڏڪندا هئا، پر هتي تہ ربّاني طاقت ۽ قادر جي قوت ڏنل هئي، تنهن کي ڪنهن جي بہ ڪا پرواه ڪانہ هئي. حضور جن عليه الصلوات والسلام، جن عظيم الشان بادشاهن ڏي خط لکيا، تن مان ڪن وڏن جا نالا هي آهي: روم جو شهنشاه هرقل، حبشہ جو بادشاه نجاشي، مصر جو بادشاه مقوقس، فارس جو بادشاه پرويز (جو نوشيروان جو پوٽو هو). سنہ ۷ هجريءَ جي مهيني محرم کان وٺي حضور جن اهو سلسلو شروع ڪيو ۽ انهيءَ لاءِ هڪڙي مهر بہ ٺهرايائون، جنهن تي هي عبارت لکيل هئي: "محمد رسول الله."

روم جي بادشاه ڏي حضور جن جو خط.

دحيہ ڪلبي، جو نهايت نيڪ طبيعت جو انسان هو، تنهن جي هٿ حضور جن اسلام جي دعوت جو خط روم جي شهنشاه، هرقل ڏي موڪليو. آنهن ڏينهن ۾ هرقل بيت المقدس جي زيارت واسطي شام ۾ آيل هو. هرقل حضور جن جي قاصد جي چڱي عزت ڪئي ۽ شاندار دربار ڪري دحيہ ڪلبي کي پاڻ وٽ گهرايائين ۽ خط ورتائين ۽ کوليائين تہ هيٺين عبارت لکيل هئي:

www.maktabah.org

بسم الله الرحمان الرحيم، من محمد عبدالله و رسوله الي هرقل عظيم الروم سلام علي من اتبع الهدي.
اما بعد فاني ادعوک بدعاية الاسلام- اسلم تسلم يوتک الله اجرک مرتين- فان توليت فعليک اثم و يا اهل الکتاب تعالوا الي کلمة سواءٍ بيننا و بينکم الا نعبد الا الله ولا نشرک به شيئًا ولا يتخذ بعضنا اربابا من دون الله فان تولوا فقولوا شهدوا بانا مسلمون.
[الله پاڪ مهربان ۽ رحم واري جي نالي سان، الله جي ٻانهي ۽ رسول محمد جي پاران، روم جي بادشاه هرقل ڏانهن (لکجي ٿو تہ) جو شخص هدايت جو تابع ٿيو، تنهن تي شال سلامتي هجي.
انهيءَ کان پوءِ توکي اسلام ڏي سڏيان ٿو: اسلام آڻيندين تہ تون دنيا ۽ آخرت ۾ سلامت رهندين ۽ خداوند پاڪ توکي ٻيڻو اجر ڏيندو، ۽ جيڪڏهين تون انهيءَ ڳالھ کان منهن موڙيندين تہ توتي ئي تنهنجي رعيت جو بہ گناھ پوندو. اي آسماني ڪتابن کي مڃيندڙو! اچو هڪڙي اهڙيءَ ڳالھ ڏي، جا اسان ۽ اوهان جي وچ ۾ برابر آهي؛ (آها هيءَ آهي تہ) هڪ خدا ڌاران ٻئي ڪنهن جي بہ عبادت نہ ڪريون ۽ نہ ساڻس ڪنهن کي شريڪ بنايون ۽ اسان مان ڪو ڪنهن کي هڪ خدا کان سواءِ پنهنجو رب (پالڻهار) ڪري نہ مڃي؛ پوءِ جيڪڏهين نہ مڃن تہ چئون تہ ڀلا شاهد هججو تہ اسين تہ مسلمان آهيون.]
هرقل جڏهين اهو خط پڙهيو تہ دل ۾ تہ ڇپي ويس پر تنهن هوندي بہ حڪم ڪيائين تہ عربستان مان گهٽائي واپاري واپار لاءِ اچن ٿا، ڪنهن کي ڳولي هٿ ڪري اچو. ابوسفيان هٿ چڙهي وين، تنهن کي وٺي آيا، جو اڃا مسلمان ٿيل ڪونہ هو. بادشاھ سلامت ابوسفيان کان ڪجھ

www.maktabah.org

سوال آنحضرت بابت پڇيا، مگر ابوسفيان سان جيڪي ٻيا همراه هئا، تن کي سخت تاڪيد ڪيائين ته جيڪڏهين ابوسفيان غلط جواب ڏئي ته اوهان خبردار ڪجوس. ابوسفيان جو چوڻ آهي ته جڏهين جڏهين بادشاه مون کان سوال ڪيو ٿي، شيطان گهڻوئي چيم ٿي ۽ دل ۾ گهڻوئي آيم ٿي ته ڪوڙ ڳالهايان، پر وري به پنهنجي عزت ۽ همراهن جو خوف آڏو آيم ٿي. بادشاه پنهنجي دل جا سڀ شبها لاٿا، ۽ ابوسفيان کان، جو اڃا خود حضرت کي ڪين مڃيندو هو، پنهنجن سوالن جا جيڪي جواب پڌا، تن مان ڪيس خاطري ٿي ته سچ خط موڪليندڙ يعني حضرت پاڪ عليه الصلوات والسلام سچو نبي ۽ رسول آهي؛ هن کي نڪا لالچ آهي، نه بادشاهيءَ جي اميد؛ هن جي نصيحت خاص خدا ڪارڻ آهي ۽ الله تعاليٰ ضرور اهڙي پاڪ ۽ مقدس شخص جي ترقي ۽ عزت ڪندو. شايد جنهن فارقليط جي اچڻ بابت حضرت مسيح عليه السلام بشارت ڏئي ويو آهي (ڏسو يوحنا باب ١٦ ورس ١۴)، هيءَ پاڪ شخص اهوئي آهي. قاصد جي واتان حضور جن جي خدمت ۾ چوائي موڪليائين ته حضور آءٌ حاضر آهيان، جيڪڏهين مون کي ملڪ راني ۽ راڄ ڌاني جو زنجير پيرن ۾ پيل نه هجي ها ته آءٌ هوند حضور ۾ اڪين سان اچي حاضر ٿيان ها ۽ اچي قدمبوسي ڪريان ۽ حضور جن جا پير ڌوئان ها. روم جي بادشاه هرقل، پس غائبانه دل و جان سان ايمان آندو مگر سندس رعيت مخالف ٿي پئي. انهيءَ ٿي مخالفت جي ڪري ويچارو خدمت ۾ اچي حاضر ٿي نه سگهيو.

روم جي وڏي پادريءَ جو مسلمان ٿيڻ.

پر يڪايڪ انهيءَ ملڪ ۾ حق جي ڪشش اهڙي اچي غالب ٿي، جو انهيءَ ملڪ جي هڪ وڏي پادريءَ

www.maktabah.org

اسلام قبول ڪري ورتو، جنهن جو نالو صفاط هو. انهيءَ ويچاري پادريءَ کي انهيءَ ڪري انهيءَ ملڪ جي ماڻهن شهيد ڪري ورتو. (رضي الله تعاليٰ عنه).

حبش جي بادشاهه نجاشيءَ ڏي حضور جن جو خط.

اهڙيءَ طرح حضور جن عليه الصلوات والسلام هڪ خط اسلام جي دعوت جو حبش جي بادشاهه نجاشي ڏي، عمر بن اميه الضمري جي هٿان روانو ڪيو، جنهن وڃي خط رسايو ۽ نجاشي کولي ڏٺو ته منجهس هيٺين مقدس ۽ پاڪ عبارت لکيل هئي:

بسم الله الرحمان الرحيم، من محمد رسول الله الي النجاشي الا صحم ملک الحبشه سام انت فاني احمد اليک الله الملک القدوس السلام المومن المهيمن - واشهد ان عيسيٰ بن مريم روح الله و کلمته القاها اليٰ مريم البتول الطيبة الحصينة فحملت بہ عيسيٰ فخلق الله من روحه و نفخه کما خلق آدم بيده و نفخه و اني ادعوک الي الله وحده لا شريک له والموالات عليٰ طاعته وان تتبعني و تؤمن بالذي جاء ني فاني رسول الله وقد بعثت اليک ابن عمي جعفرا و نفرا معه من المسلمين فاذا جاءک فاقر هم ودع التجبر فاني ادعوک و جنودک اليٰ الله فقد بلغت و نصحت فاقبلو النصحی.

[الله پاڪ مهربان ۽ رحم واري جي نالي سان محمد رسول الله جي طرفان اصحم حبشه جي بادشاهه نجاشي ڏانهن.

سلامت هجين تون. آءٌ توڏي الله پاڪ جي تعريف لکان ٿو، جو پاڪ، سلامتي بخشيندڙ، ايمان ڏيندڙ ۽ احتياج پليندڙ آهي؛ ۽ آءٌ گواهي ٿو ڏيان ته تحقيق عيسيٰ مريم جو پٽ روح الله ۽ الله جو هڪ حڪم

www.maktabah.org

هو، جنهن کي پاڪدامن ۽ نيڪ طبع بيبي مريم ڏي موڪليو هئائين (يعني حمل ٿيڻ جو حڪم)، پوءِ بيبي صاحبہ پيٽ سان ٿي پئي ۽ الله پاڪ ڪيس پنهنجي روح مان خلقيو ۽ منجهس روح ڦوڪيائين جئن حضرت آدم کي پنهنجي قدرت جي هٿ سان خلقيو هئائين ۽ روح ڦوڪيو هئائين- ۽ آءٌ توکي هڪ خدا ڏي، جنهن جو ڪو شريڪ ڪونهي، ۽ سندس دائمي عبادتہ ڪرڻ ڏي سڏيان ٿو ۽ منهنجو هي بہ چوڻ آهي تہ تون منهنجي پيروي ڪر ۽ ايمان آڻ انهيءَ پاڪ خدا تي، جنهن مون کي موڪليو آهي، ڇو تہ آءٌ سندس رسول آهيان. مون پنهنجو سوٽ جعفر ۽ ساڻس ڪي ٻيا مسلمان بہ موڪليا آهن؛ مهرباني ڪري انهن کي آزاديءَ سان رهڻ ڏجانءِ. بادشاهيءَ جو غرور ڇڏي ڏي، آءٌ توکي ۽ تنهنجي لشڪر کي اسلام ڏي سڏيان ٿو، مون پنهنجو حق پورو ڪيو ۽ نصيحت ڏني. اوهان کي مناسب آهي، منهنجي نصيحت قبول ڪرڻ.]

نجاشيءَ کي جو هھڙو مبارڪ ۽ نصيحتن ڀريو خط پهتو، سو سندس دل ئي روشن ٿي وئي ۽ نهايت ادب سان هيٺيون جواب لکائي موڪليائين:

بسم الله الرحمان الرحيم، الي محمد رسول الله من النجاشي الاصحم بن ابجر- سلام عليڪ يا نبي الله ورحمته وبرڪاته من الله الذي لا اله الاهو الذي هداني الاسلام اما بعد فقد بلغني ڪتابڪ يا رسول الله في ما ذڪرت من امر عيسي فورب السماءِ والارض ان عيسي مايزيد علي ماذڪرت شفروقا - انه ڪماقلت وقد عرفنا ما بعثت بہ الينا وقد قربنا ابن عمڪ واصحابه فاشهد انڪ رسول الله صادقا - مقصدقا - وقد بايعتڪ وبايعت ابن عمڪ

www.maktabah.org

و اسلمت علي يد الله رب العالمين. وقد بعثت اليک يا بني ارها بن الا صحم بن ابجر - فاني لا املک الا انفسي وان شئت ان اتيک فعلت يا رسول الله فاني اشهدان ماتقول حق والسلام عليک يا رسول الله.

[الله پاک مهربان ۽ رحم واري جي نالي سان، محمد رسول الله ڏانهن، نجاشي اصحم بن ابجر جي طرفان توتي اي خداوند پاک جا نبي، انهيءَ خدا جا سلام ۽ رحمتون ۽ برڪتون هجن، جنهن هڪ خدا ڌاران ٻيو ڪو ڪونهي، جنهن مون کي اسلام قبول ڪرڻ لاءِ هدايت بخشي آهي. انهيءَ کان پوءِ (عرض تہ) مون کي توهان جو خط پهتو، حضرت عيسيٰ بابت جيڪي توهان لکيو آهي، تنهن بابت منهنجو عرض آهي تہ قسم آهي آسمان ۽ زمين جي رب جو تہ حضرت عيسيٰ انهيءَ کان وڌيڪ ذرو بہ ڪين هو، جيترو اوهان لکيو آهي. آهو اوئين ئي هو، جئن اوهان فرمايو آهي. جيڪي ماڻهو اوهان اسان ڏي موڪليا آهن تن کي اسان سڃاتو. اسان اوهان جي (سوٽ) جعفر کي سندس سائين سميت آزاديءَ سان پاڻ وٽ جاءِ ڏني آهي، پوءِ آءٌ خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي گواهي ٿو ڏيان تہ تون سچ پچ خدا جو رسول، پاڻ بہ سچو ۽ اڳين نبين کي بہ سچو چوندڙ آهين. آءٌ تنهنجي تابعداري ڪريان ٿو ۽ انهيءَ ئي ڪري تنهنجي سوٽ جي هٿ تي بيعت مڃي اٿم ۽ خاص خدا ڪارڻ اسلام قبول ڪيو اٿم. آءٌ اوهان جي خدمت ۾ پنهنجو پٽ ارها بن الاصحم ڏياري ٿو موڪليان، آءٌ پاڻ فقط پنهجي نفس جو ذميوار آهيان، جيڪڏهن حضور جن جي مرضي هوندي؛ تہ آءٌ پاڻ ضرور اچي حاضر ٿيان، تہ حڪم جي

www.maktabah.org

تعميل لاءِ حاضر آهيان، مگر آءٌ گواهي ٿو ڏيان ته جيڪي اوهين فرمايو ٿا سو حق آهي، ۽ توتي سلام هجن اي الله جا رسول.]

مصر جي بادشاه ڏي حضور جن جو خط.

اهڙيءَ طرح مصر جي بادشاه مقوقس ڏي به حضور جن عليه الصلوات والسلام اسلام جي دعوت جو خط لکيو، جو حاطب بن ابي مبيعه جي هٿان روانو ڪيو هئائون، جنهن کي ڏسي هو اگرچ مسلمان ڪين ٿيو، مگر تمام ادب ۽ تعظيم سان قاصد سان گفتگو ڪيائين. قاصد پنهنجي پاران به سمجهايس ۽ فرعون جي غرور ۽ وري فنا ٿيڻ واري احوال ڏي ڌيان ڇڪايس، سندس شبهن ۽ سوالن جا به جواب ڏنائينس، مگر اجا اسلام قبول ڪرڻ لاءِ ڪجهه مهلت گهريائين ۽ خط مبارڪ ادب سان عاج جي پيٽي ۾ سانڍي رکيائين ۽ حضور جن ڏي چڱا تحفا موڪليائين، جن مان دلدل نالي هڪڙو خچر به هو، جو مشهور هو.

ايران (فارس) جي بادشاه ڏي حضور جن جو خط.

اهڙيءَ طرح فارس جي بادشاه خسرو پرويز ڏانهن به اسلام جي دعوت جو خط موڪليائون، جو عبدالله بن خدام کڻي ويو. خسرو، ايران جي مشهور بادشاه نوشيروان جو پوٽو ۽ اڌ دنيا جو حاڪم هو. سندس مذهب زردشتي يعني پارسين جو مذهب هو، جنهن ۾ باهه جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. خط ۾ هيٺيون مضمون لکيل هو:

بسم الله الرحمان الرحيم من محمد رسول الله الى ڪسرى عظيم فارس سلام على من اتبع الهدى و آمن بالله و رسوله واشهد ان لا اله الا الله وحده لا شريڪ له وان محمد

www.maktabah.org

عبده و رسوله ـ وادعوک بدعاية الله فاني انا رسول الله الي الناس کافة لا نذر من کان حيا و يحق القول علي الکافرين فاسلم تسلم فان ابيت فان اثم المجوس عليک ٠

[الله پاک مهربان ۽ رحم واري جي نالي سان، محمد رسول الله جي طرفان، فارس جي بادشاه خسرو ڏانهن٠ جيکو هدايت جو تابع ٿيندو ۽ الله ۽ الله جي رسول تي ايمان آڻيندو ۽ شاهدي ڏيندو ته هک خدا کان سواء ٻيو کو کونهي، نه سندس کو شريک آهي ۽ ثاني ۽ محمد سندس ٻانهو ۽ رسول آهي ته انهيءَ تي سلامتي هوندي٠ آءٌ توکي اسلام ڏي سڏيان ٿو ۽ اسلام جي دعوت ڏيان ٿو٠ آءٌ خدا جو رسول آهيان، دنيا جي سڀني ماڻهن ڏي، هن لاء ته جيئرن کي عذاب الاهي کان ڊيڄاريان ۽ منکرن تي خدا جي حجت ثابت ٿئي٠ تون اسلام قبول کر ته سلامت رهين جيکڏهن انکار کيئي ته سڀني آتش پرست پارسين جو ڏوهه توتي آهي٠]

خسرو اهو خط پڙهي کاوڙ جي ڦاڙي پرزا پرزا کري ڇڏيو ۽ چوڻ لڳو ته منهنجي رعيت جو هک ادني ماڻهو مون ڏي خط ٿو لکي ۽ پنهنجو نالو مون کان به اڳـــ ۾ ٿو لکي! پوء ڇا کيائين، جو يمن جي گورنر جنرل باذان ڏي (جنهن جي هٿ هيٺ خود عرب جو ملک به هو) لکيائين ته انهيءَ شخص (يعني حضرت پاک عليه الصلوات والسلام) کي گرفتار کري مون ڏي موکل٠ باذان بادشاه جي حکم موجب هک لشکر سنبرايو ۽ انهيءَ لشکر سان "بانويه" نالي هکڙو آفيسر به موکليائين، جنهن کي سمجهائي ڇڏيائين ته حضرت جو حال احوال پوري طرح وٺي جاچي پوء بادشاه وٽ موکلجانس، مگر پاڻ يعني حضرت جن هلڻ کان انکار کن ته هروپرو نه

www.maktabah.org

زور رکجانءِ، ۽ نہ ستائجانءِ ۽ موٽي اچي اسان کي رپورٽ ڪجانءِ. اهو لشڪر جڏهن طائف وٽان اچي لنگهيو تہ طائف وارا ڏاڍا خوش ٿيا تہ هاڻي محمد (عليه الصلوات والسلام) تي جو هيڏي ساري شهنشاه جي چڙهائي ٿي آهي، سو ڪاٿي تو بچي سگهي. آهي آفيسر جڏهن حضور جن عليه الصلوات والسلام جي خدمت مبارڪ ۾ رسيا تہ حضور جن ڪين فرمايو تہ ڇگو اج وڃي ڪجهہ آرام ڪريو، سڀاڻي اچجو تہ پوءِ ڳالهيون ڪريون.

حضور جن جو معجزو.

ٻئي ڏينهن جڏهن آيا تڏهن پاڻ انهن کي فرمايائون تہ ڪا خبر اٿو؟ اج رات اوهان جي خود بادشاه کي الله تعاليٰ هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ هو مري ويو، اول اوهين وڃي اهو تحقيق تہ ڪريو. اهي آفيسر حيرت ۾ اچرج ۾ پئجي ويا ۽ آخر موٽيا. اجا يمن ۾ پهتا تہ برابر سرڪاري طرح خبر اچي وئي هئي تہ بادشاه کي آنهيءَ جي پٽ شرويه ماري وڌو ۽ پاڻ تخت تي ويٺو آهي.

يمن جي گورنر جو مسلمان ٿيڻ.

يمن جو گورنر جنرل باذان، ايندڙن کان حضور جن عليه الصلوات والسلام جي اها خبر ٻڌي ۽ پيون عادتون اخلاق بہ پڇي يڪدم مسلمان ٿي پيو، جنهن جي ڪري اڪثر سندس درباري ۽ ملڪ جا ماڻهو بہ مسلمان ٿي پيا.

حضور جن جو ٻيو زبردست معجزو.

حضور جن عليه الصلوات والسلام جي قاصد، حضور ۾ اچي سڀ احوال سڻايو ۽ هي بہ عرض ڪيائين تہ حضور جن جي خط کي ايران جي بادشاه ڪاوڙ جي ٻرزا ٻرزا ڪري

www.maktabah.org

ڇڏيو. اها خبر پڌي حضور جن عليه الصلوات والسلام هي
جلالي ۽ هيبت ناڪ الفاظ زبان مبارڪ سان ڪڍيا
”مزق ملڪه“ هن پاڻ پنهنجي ملڪ کي پرزا پرزا ۽
ڇيهاڙ يون ڪيو. پڙهندڙ صاحب هن ننڍڙي ۽ هيبت ناڪ
جملي تي خيال ڪندا ته ڇا نه منجهس جلالي قوت ۽ ڇا نه
منجهس رعب ۽ هيبت رکيل آهي. تنهن کان پوءِ پڙهندڙ
صاحب تيرهن سؤ ورهين جي تاريخ ۾ چڱيءَ طرح جاچي
ڏسندا ۽ ورق ورق ڪري ڦولهيندا ته ايران جي موروثي
بادشاه جي بادشاهي ۽ حڪومت جو ڪاٽي ٻه ڪو پتو
ڪونه ملندو، يا ته ڪي ڏينهن اهڙا هئا، جو ڇهن پنجن
هزارن ورهين کان وٺي، هن حڪومت ۽ بادشاهيءَ جو پايو
پيل هو ۽ ايران جا بادشاه نهايت شان ۽ شوڪت، رعب
۽ داب سان دنيا جي اڌ تي راڄ ڪندا آيا هئا، مگر اڄ
خداوند پاڪ جي پيغمبر ۽ سچي رسول جي جلالي جملي ڪري
ساڳي بادشاهي، ساڳيءَ قوم جي هٿان ائين وئي، جڻ هٿن
مان هوا. سبحان الله! قرآن شريف ۾ جيڪي فرمايل آهي،
سو سراسر سچ آهي:

اللهم مالك الملك توتي الملك من تشاء و تنزع
الملك ممن تشاء وتعز من تشاء و تذل من تشاء بيدك
الخير انك علىٰ كل شيءٍ قدير.

[اي اسانجا الله سائين! اي ملڪ جا مالڪ!! تون
جنهن کي وڻيئي تنهن کي ملڪ ڏين، ۽ جنهن کان
وڻيئي تنهن کان کسين، ۽ جنهن کي وڻيئي تنهن
کي عزت ڏين ۽ جنهن کي وڻيئي تنهن کي ذليل
(خراب) ڪرين. تنهنجي ئي هٿ ۾ هرقسم جي نيڪي
آهي ۽ تحقيق تون سڀ ڪنهن شئي تي قادر آهين.]

انهيءَ هُر هيبت جلالي جملي دنيا کي ثابت ڪري
ڏيکاريو ته سپاه ۽ لشڪر، قديم رعب ۽ داب، موروثي

www.maktabah.org

سلطنت، حڪومت، بارود ۽ بندوقون، قلعا ۽ ڪوٽ، اهي اهڙين شيون نه آهن جي خداوند تعاليٰ جي قدرت تي غالب اچي سگهن. الله تعاليٰ فرمايو آهي ته:

قال الله تعاليٰ هو الذي اخرج الذين ڪفروا من اهل الڪتاب من ديارهم لاول الحشر ما ظننتم ان يخرجوا وظنوا انهم مانعتهم حصونهم من الله فاتاهم الله من حيث لم يحتسبوا و قذف في قلوبهم الرعب يخربون بيوتهم بايديهم وايدي المومنين فاعتبروا يا اولي الابصار.

[اهو سو الله آهي جنهن ڪافرن يعني نصارن ۽ يهودين کي سندن گهر مان پهرئين حملي ۾ ڪڍي ٻاهر ڪيو. اوهان کي اهڙو گمان به ڪونه هو ته ڪو هو نڪرندا ۽ هنن کي به اهوئي خيال هو ته هنن جا قلعا ۽ ڪوٽ کين الله کان بچائيندا رهندا. پوءِ الله تعاليٰ انهن کي اهڙيءَ طرح ته پڪڙيو، جنهن جو هنن کي وهم ۽ گمان به ڪونه هو ۽ هنن جي دلين ۾ اهڙو ته رعب ۽ ڏپ وڌائين جو پنهنجا گهر پنهنجن هٿن سان ۽ مومنن جي هٿائون برباد ڪرڻ لڳا. پوءِ عبرت وٺو اي اکين وارا!]

انهيءَ جملي قرآن پاڪ جي هن آيت جي به تصديق ڪئي:
ان الارض لله يورثها من يشاءُ من عباده والعاقبة للمتقين.
(تحقيق هي زمين الله جي شئي آهي. پنهنجن ٻانهن مان جنهن کي وڻيس، تنهن کي سندس وارث بڻائي ۽ چڱو نتيجو آخرڪار خدا کان ڊڄندڙن لاءِ آهي.)

شاه بحرين جو مسلمان ٿيڻ.

بحرين جو حاڪم منذر بن ساوي هو. سندس حڪومت ايران، فارس سان متعلق هئي. علاءُ بن الحضرمي حضور جن عليه الصلوات والسلام جو خط مبارڪ وٽس کڻي ويو، جنهن

www.maktabah.org

ڪري ڏسي هو تهدل سان مسلمان ٿيو ۽ سندس ڪري سندس رعيت به گهڻي ئي مسلمان ٿي پئي.

عمان جي حاڪم ۽ سندس ڀاءُ جو مسلمان ٿيڻ.

اهڙيءَ طرح عمان جي حاڪم "جلندي" جي فرزندن، هرهڪ جيفر ۽ عبد وٽ، عمرو بن عاص رضي الله تعالىٰ عنه، حضور جن عليه الصلوات والسلام جو خط کڻي ويو. حضرت عمرو جو چوڻ آهي ته جڏهن آءٌ عمان ۾ پهتس ته پهرين عبد وٽ ويس، جو ڀاءُ کان وڌيڪ نرم ۽ خوش خلق سردار هو. مون هن کي سارو حال سڻايو ته ههڙي طرح آءٌ حضرت رسول الله صلعم جو قاصد آهيان؛ تو ۽ تنهنجي ڀاءُ ڏي خط کڻي آيو آهيان. عبد چيو، ڀلي آئين، جيءَ آئين، پر پهرين جو تون مون وٽ آيو آهين تنهن کان ته چڱو ائين ٿيندو ته منهنجي ڀاءُ وٽ وڃ، جو هو ملڪ جو مالڪ به آهي ۽ مون کان عمر ۾ به وڏو آهي؛ سو آءٌ تو کي پنهنجي ڀاءُ وٽ پهچايان، پر پهرين خبر ته ڏي ته اوهان جو چوڻ ڇا آهي؟ عمرو چيو ته ٻيو سڀ خير آهي، اسان جو چوڻ آهي ته هڪ خدا کي مڃو ۽ کيس لاشريڪ ۽ لاثاني ڪري ڄاڻو. اهو سبق ۽ اها تعليم حضرت رسول الله صلعم جي آهي، انهيءَ ڪري حضرت محمد ڪريم عليه الصلوات والسلام کي خدا جو خاص ٻانهون، پيغمبر ۽ رسول ڪري سمجهو.

سردار عبد ۽ عمرو بن عاص جي عجيب گفتگو.

اتي عبد چيو، عمرو! ڳالهه ٻڌ، تون پاڻ قوم جي سردار ۽ پرئي مڙس جو پٽ آهين، تنهنجي پيءُ ڇا ڪيو؟ ته پوءِ اسين به اهو ٻڌي ائين ڪريون. عمرو چيو ته بابو ته مري ويو پر حضرت رسول الله صلعم تي ايمان ڪو نه آندائين،

www.maktabah.org

چڱو ٺٺي ها، جو ايمان آڻي وڃهي ها ۽ حضرت رسول الله صلعم کي سچو رسول سمجهي ها، آءٌ پاڻ اهڙو ٿي هوس، مگر رب مون کي حق سمجهايو ۽ اسلام ڏي هدايت بخشي. عبد چيو ته پلا پڏاءِ ته سهي ته تون ڪڏهانڪر مسلمان ٿيو آهين؟ عمرو چيو ته، ڪي ٿورا ڏينهن ٿيندا. عبد چيو ته پلا ڪهڙي هنڌ؟ عمرو چيو حبش جي بادشاهه نجاشيءَ جي درٻار ۾، جتي نجاشي خود به مسلمان ٿيو هو. عبد چيو هان؟ نجاشي به مسلمان ٿيو! پوءِ سنديس رعيت ساڻس ڇا ڪيو؟ عمرو چيو رعيت ڇا ڪندي؟ انهن ئي بادشاهه ڪريو پنهنجي سڃيس، پر رعيت مان به ڪيترن ته اسلام قبول ڪري ورتو آهي. عبد پڇيو ته وڏن وڏن بشپ پادرين به اسلام قبول ڪيو آهي؟ عمرو چيو ته هائو، هائو، پادرين به اسلام قبول ڪيو آهي. عبد چيو ته عمرو، ڏس ڇا ٿو چوين، ڪوڙ ڪو ڳالهائجي؟ عمرو چيو ته خدا پناهه ڏئي، آءٌ ڪوڙ بلڪل ڪين ٿو ڳالهايان، اسلام ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ حرام آهي. عبد چيو ته پلا نجاشيءَ جي مسلمان ٿيڻ جي خبر هرقل کي آهي؟ عمرو چيو ته هائو! عبد چيو ته توکي ڪهڙي پڪ؟ عمرو چيو ته مون کي سموري خبر آهي، مورڳو هي به معلوم اٿم ته نجاشي، جو هرقل کي ڍل ڏيندو هو، سو هاڻي چوي ٿو ته هڪ پائي به ڪين ڏيندوسانس؛ اها خبر به هرقل تائين وڃي پهتي آهي، جنهن تي هرقل جي ڀاءُ نباق، هرقل کي چيو ته نجاشي نه رڳو ڍل کان انڪار ڪيو آهي، پر پنهنجو دين به ڇڏي ڏنو اٿس ۽ وڃي مسلمان ٿيو آهي؛ هرقل چيو ته جيڪڏهين پنهنجو دين ڇڏيو اٿس ته ڇا ٿي پيو؟ هن آنهيءَ اڪيلي دين کان وڌيڪ عمدو دين قبول ڪيو آهي؛ هرقل ائين چئي ڏاڍي ذوق ۽ شوق سان چيو ته قسم خداوند پاڪ جو جيڪڏهين مون کي بادشاهيءَ جا ڪم نه هجن ها ته آءٌ خود حضرت رسول الله صلعم جو وڃي

www.maktabah.org

خادم ٿيان ها، جئن نجاشيءَ جو خيال آهي. عبد اها گفتگو ٻڌي ڏاڍو حيران ٿيو ۽ ڇڻ پت ئي نہ پيو ڪري، مگر عمرو صاف چيس تہ جنهن خداوند پاڪ تي تازو ايمان آندو اٿم، انهيءَ جو قسم تہ سچ ٿو چوان. تہ اتي عبد چيس تہ ڀلا ٻڌاءِ تہ رسول الله ڇا ڇا ٿو چوي، ۽ سندس تعليم ڪهڙي قسم جي آهي؟ عمرو رض، چيو تہ حضور جن عليه الصلوات والسلام جي تعليم سڄي سون آهي: هڪ الله پاڪ کي مڃڻ ۽ سندس عبادت بابت حڪم ڪن ٿا، خداوند پاڪ جي بي فرماني ۽ ڇٽي نہ مڃڻ کان روڪين ٿا. زنا، شراب، پٿرن، بتن، مورتن ۽ عيسائي صليب وغيره جي تعظيم ۽ پوڄا کان سخت منع ڪن ٿا. عبد چيو ائين! هيءَ تہ تمام عمدي تعليم ۽ هدايت جا عمدا احڪام آهن. جيڪڏهن منهنجو ڀاءُ بہ مون سان شامل ٿيو تہ اسين ٻئي رسول الله تي بيشڪ ايمان آڻينداسين. ائين ڇٽي وري هئن بہ چيائين تہ خود سنديس بادشاهيءَ لاءِ بہ ايمان آڻڻ نقصان ڪار ڪينهي. عمرو چيس تہ سچ آهي، ايمان آڻيندو تہ حضرت رسول الله صلعم کيس اسلام جي پاران هڪ بادشاهہ ڪري، کيس انهيءَ ئي بادشاهي تي قائم رکندو، رڳو ايترو ٿيندو، جو دولتمندن کان زڪوات وصول ڪري، شريعت موجب غريبن ۾ ورهائي ڏيندو. اهڙيءَ طرح ٻنهي جي وچ ۾ گفتگو ٿيندي رهي ۽ عبد ذري پرزي جي خبر پنهنجي ڀاءُ کي پهچائيندو رهيو. هڪڙي ڏينهن بادشاهہ سلامت عمرو بن عاص کي پاڻ وٽ گهرايو، چوبدار جو ويا، سي کڻي ڪٽي آيس. بادشاهہ چين تہ ڇڏيوس ڇڏيوس. حضرت عمرو دربار ۾ بادشاهہ جي سامهون وڃي ويٺو، جنهن تي چوبدارن ٽوڪيس، مگر حضرت عمرو بادشاهہ ڏي نهاريو تہ بادشاهہ چيس تہ ڪر خبر، تنهنجو ڪهڙو ڪم آهي؟ عمرو، حضور جن عليه الصلوات والسلام

www.maktabah.org

جو خط مبارڪ پيش ڪيو، جنهن تي مهر لڳل هئي. بادشاه جيفر، مهر ٽوڙي خط پڙهيو ۽ پڙهي پاڻ کي ڏنائين، جنهن به پڙهيو. عمرو بن عاص سندس نموني مان سمجهي ورتو ته بادشاهه جو ڀاءُ زياده نرم دل آهي اتي بادشاهه قريشن ۽ نون مسلمانن وغيره بابت ڪجهه سوال عمرو بن عاص کان پڇيا، پوءِ ڪيس موڪل ڏنائين. حضرت عمرو پڻ ڏينهن بادشاهه جي ڀاءُ عبد سان مليو. عبد چيس ته بادشاهه جو اسلام ڏي ڏاڍو خيال آهي، پر سندس ملڪ کي جيڪڏهن ڪنهن قسم جو لوڏو نه اچي ته. خير، عمرو بن عاص وري به بادشاهه سان مليو. بادشاهه چيس ته آءٌ اهڙو طاقت وارو بادشاهه آهيان جو جيڪڏهن اوهان جو لشڪر مون تي چڙهائي ڪري اچي ته آءٌ هوند اهڙي جنگ ڪريان جو اوهان سان اڳي ڪنهن به ڪانه ڪئي هجي؛ انهيءَ ڪري آءٌ رکو قاصد جي خط تي آڻ مڃيندس ته عرب ۾ بد نام ٿيندس. عمرو چيس چڱو آءٌ موٽي ٿو وڃان. بادشاهه چيس نه نه، سڀاڻي تائين ترس. پڻ ڏينهن بادشاهه ماڻهو موڪلي گهرايس ۽ سندس روبرو بادشاهه، ڀاءُ سميت مسلمان ٿيو ۽ سندس رعيت جو به گهڻو ڀاڱو مسلمان ٿيو.

دمشق جي حاڪم ڏي اسلام جي دعوت جو خط.

منذر بن حارث بن ابي شمر وٽ، جو دمشق جو حاڪم ۽ شام جو گورنر هو، شجاع بن وهب الاسري رض، حضور جن عليه الصلوات والسلام جو خط کڻي ويو. پهرين خط پڙهي ڏاڍو ڪاوڙيو ۽ چوڻ لڳو ته آءٌ مديني تي ڪاهيندس، مگر وري دل ۾ ڪو اهڙو اثر ٿيس، جو قاصد کي عزت سان روانو ڪيائين. مگر مسلمان نه ٿيو.

www.maktabah.org

يمامہ جي حاڪم ڏي حضور جن عليه الصلوات والسلام جو خط.

يمامہ جو حاڪم هوذه بن علي عيسائي مذهب جو هو، جنهن وٽ سايط بن عمرو رض، حضور جن عليه الصلوات والسلام جو خط مبارڪ کڻي ويو. انهيءَ البت سرڪشي ڪئي ۽ چوڻ لڳو تہ اسلام تي منهنجي اڌ حڪومت ڇڏيو، پوءِ اچي تہ آءٌ مسلمان ٿيان. انهيءَ سرڪشيءَ سببان جلد ئي هلاڪ ٿي مري ڪپي ويو: بيوقوفن دنيا جي بندن جو خيال هو تہ هي سڀ دنيائي ڳالهہ ٻولهہ آهي، مگر روحاني روشني، تهذيب اخلاق ۽ مقدس خيالات کان محروم هئا.

ٻين رياستن جي والين جو مسلمان ٿيڻ.

انهيءَ کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي ملڪن جا حاڪم ۽ رياستن جا والي بہ حضور جن جي موڪليل مشنرين (اسلام جي وعظ ڪندڙن) کان، حضور جن عليه الصلوات والسلام جا مبارڪ اخلاق ۽ اسلام جون خوبيون ٻڌي مسلمان ٿيا هئا، جن جو مختصر ذڪر هيٺ لکان ٿو:

(۱) نجد جو حاڪم ثمامہ ثالي، سنہ ٦ هجري ۾ مسلمان ٿيو.

(۲) عرب جي سلطنت قديم "غسان" جي حاڪم جبلہ، سنہ ۷ هجري ۾ اسلام قبول ڪيو.

(۳) علاقي شام جو گورنر فرده بن عمرو خزاعي رض جو مسلمان ٿيو، تنهن کي روم جي قيصر پاڻ وٽ سڏايو ۽ چيائين تہ يڪدم اسلام ڇڏ ۽ مگر فرده انڪار ڪيو، قيصر کڻي قيد ۾ وڌس، آخر قتل ڪرائي ڇڏيائينس. قتل قبول ڪيائين، مگر خدا جي پياري بندي اسلام نہ ڇڏيو ۽ عزت، حڪومت ۽ دولت کي لت هنيائين، مگر اسلام جي نعمت کي هٿان نہ ڇڏيائين (رضي الله تعاليٰ عنه).

www.maktabah.org

(٤) دومة الجندل جو حاڪم "اڪيدر" سنہ ۹ هجري ۾ مسلمان ٿيو.

(٥) يمن ۽ طائف جي ڪن ضلعن جو حاڪم ذي الڪلاع رضہ حميري، جو حميري قبيلي جو گويا بادشاھ هو ۽ پاڻ کي (نعوذ بالله) خدا سڏائيندو، ۽ ماڻهن کان پاڻ کي سجدو ڪرائيندو هو، اهڙو سرڪش به اسلام جو تابع ٿي پيو. مسلمان ٿيڻ کان پوءِ ڪيس اهڙي ته خوشي ٿي ۽ باطني نور پيدا ٿيس، جو انهيءَ خوشيءَ ۾ هڪ ڏينهن اندر، ارڙهن هزار غلام (گولا) آزاد ڪيائين. حضرت امير عمر رضي الله تعاليٰ عنه جي خلافت جي وقت ۾ از خود حڪومت ڇڏي مديني منوره ۾ اچي رهيو ۽ زاهدانہ زندگي ۽ فقيراڻي حياتي گذارڻ لڳو (رضي الله تعاليٰ عنهم اجمعين).

حضور جن صلعم جي خدمت ۾ ڪيترن ملڪن مان وفد (جماعتن) جو اچڻ.

اسلام جي اصولن ۽ خيالن جي صفائي ۽ پاڪيزائي ملڪن ۾ ايتري قدر ته مشهور اچي ٿي، جو ڪيترن ئي ملڪن مان اسلام بابت پڇا ڳاڇا ڪرڻ ۽ حقيقت حال جاچڻ لاءِ جماعتن جون جماعتون اچڻ لڳيون، ۽ اسلام ۾ داخل ٿيڻ لڳيون ۽ اسلام جي فضيلت ۽ شان معلوم ڪري هزارين غير مسلمان، مسلمان ٿيا؛ قومن جون قومون، فوجن جون فوجون اسلام جي برادريءَ ۾ داخل ٿيڻ لڳيون. هي سڀ حضور جن عليه الصلوٰت والسلام جي اصحاب ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم جي ڪوشش ۽ سعيي جو نتيجو هو. ملڪ جي مختلف پاڱن مان اٽڪل پنجويهہ ٿيه وفد آيا جن جا نالا هي آهن:

وفدن جا نالا

دوس، ارد، فرده جزامي همدان، طارق بن عبدالله، تجيب، بني سعد هذيم، بنو اسد، وفد بهراءَ، وفد بنو عيش،

www.maktabah.org

بني حنيفہ، عبدالقيس، طي، اشعريين صداء، عذرا، ثقيف، سلامان، نخع، وغيره. مناسب آهي تہ انهن وفدن مان ڪن ڪن جو ذڪر لکان، چو تہ انهيءَ بيان مان ڪي اهڙيون اهڙيون عمديون ۽ ضروري هدايتون معلوم ٿي ٿيون وڃن، جي دين ۽ دنيا لاءِ ڪافي، ۽ روحاني مرضن لاءِ شافي آهن.

وفد ثقيف جو حال.

ثقيف وارن مان اسلام جو پهريون طالب، عروه بن مسعود ثقفي هو، جو پنهنجي قوم جو پريو مڙس هو. عروه، صلح حديبيہ جي وقت ڪافرن جي پاران وڪيل ٿي آيو هو. رب گهريس، مديني شريف ۾ آيو ۽ اسلام قبول ڪيائين. ڪيس ڏهہ زالون هيون، مگر حضور جن عليه الصلوات والسلام جي حڪم موجب باقي چار پاڻ وٽ رکيائين. اسلام جي واقف ٿيڻ کان پوءِ حضور جن صلعم جي خدمت ۾ عرض ڪيائين تہ قبلا، منهنجي مرضي آهي تہ پنهنجي قوم کي وڃي اسلام سيکاريان. حضور جن صلعم، فرمايس "سو تہ چڱو، پر ماري ڇڏيندءِ." عرض ڪيائين تہ حضور! منهنجي قوم جي مون سان ڏاڍي دل ۽ محبت آهي ۽ اهڙي جهڙي ڪنهن عاشق جي معشوق سان. موڪل وٺي پنهنجي قوم وٽ آيو ۽ اچي اسلام جي حقانيت بابت وعظ شروع ڪيائين. هڪڙي ڏينهن نماز پئي پڙهيائين تہ اوچتو ڪنهن ڪمبخت پٿر هڻي شهيد ڪري وڌس: عروه تہ وڃي بهشت ۾ رهيو، پر سندس آواز سندس قوم جي دلين ۾ اثر ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيو. جلد ئي سندس قوم کي اسلام جي تحقيقات جو شوق پيدا ٿيو ۽ ڪي ماڻهو وفد طرح حضور جن صلعم جي خدمت ۾ وڃڻ لاءِ چونڊيائون. اهو وفد سنہ ۹ هجريءَ ۾ حضور جن صلعم جي خدمت ۾ حاضر ٿيو، جن جو سردار عبد ياليل هو. هيءُ اهو شخص هو، جنهن طائف ۾ حضور جن عليه الصلوات والسلام جي پويان

www.maktabah.org

ڇوڪرا ڇڀيا هئا ۽ کين سخت تڪليف پهچائي هئائين. آنهيءَ وقت طائف ۾ حضور جن صلعم فرمايو هو ته، آءٌ هنن ظالمن جي حق ۾ بد دعا ڪين ڪندس، من انهن جا پويان هدايت وارا ٿين؛ مگر اڄ ته اهي ظالم انهيءَ مظلوم ۽ معصوم نبي جي حضور ۾ حاضر ٿيڻ ۽ اسلام جو شوق ۽ ذوق رکڻ لڳا آهن. جڏهن اهي مديني شريف ۾ پهتا، تڏهن مغيره بن شعبه، حضور جن صلعم جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته يا حضرت! هي ثقيف جا ماڻهو منهنجي قوم جا آهن، آءٌ کين پاڻ وٽ ٽڪائي خدمت ۽ مهماني ڪريان؟ حضور جن فرمايو ته:

لا امنعڪ ان تڪرم قومڪ

[آءٌ توکي پنهنجي قوم جي عزت رکڻ کان ڪون ٿو جهليان.]

مگر حضرت جن صلعم فرمايس، ته ايترو ڪر، جو ڪنهن اهڙي هنڌ لاهين، جتي قرآن پاڪ جو پڙلاءُ ڪنن تي پوين. حضور جن صلعم جي اشاري موجب انهن مهمانن جا تنبو، مسجد جي صحن ۾ کوڙيا ويا، جتي قرآن به ٻڌائون ۽ نماز پڙهندي به ڏٺائون؛ انهيءَ ڪري سندن دلين تي ڏاڍو اثر پيو ۽ نيٺ حضور جن عليه الصلوات والسلام جي مبارڪ هٿ تي بيعت ڪري اسلام جو اظهار ڪيائون ۽ سندن صحبت ۽ اثر سان، سندن قوم وارا به گهڻائي مسلمان ٿي پيا.

وفد عبدالقيس.

عبدالقيس جي قبيلي جا ماڻهو به حق جي ڳولا ۽ اسلام جي جاچ ۾ وفد طرح سيدنا رسول الله صلي الله عليه وسلم جي خدمت شريف ۾ حاضر ٿيا. حضور جن صلعم پڇيو ته اوهين ڪهڙي قوم جا آهيو؟ عرض ڪيائون ته قوم ربيعه جا. حضور جن صلعم فرمايو ته ڀلي آيو، جيءُ آيو، آهي حق جا طالب ڪجهه وقت حضور جن عليه الصلوات والسلام

www.maktabah.org

جي خدمت با برڪت ۾ رهي، انهيءَ شمع رسالت ۽ چراغ نبوت جي پرتوي، ۽ انهيءَ آفتاب هدايت ۽ ماهتاب ارشاد جي نور سان اهڙا ته منور ۽ روشن ٿيا، جو بي اختيار اسلام جا بيدام غلام ٿي پيا ۽ پڇڻ لڳا ته يا حضرتا! حضور جن ۽ اسان جي جي وچ ۾، قبيلي مضر جا ڪافر روڪيندڙ ٿي پيا آهن، جنهن سببان گهڻو ڪري آزاديءَ سان اچي وڃي ڪين سگهنداسين ۽ اج ڪان پوءِ پانيون ٿا ته جدائيءَ جي آگ ۾ جلندا رهنداسين ۽ زيارت لاءِ مشتاق مرنداسين، انهيءَ ڪري لاچار ڏاڍي افسوس سان عرض ٿا ڪريون ته ڪي اهڙا پاڪ ۽ صاف حڪم سائين جن بڌائي ڇڏين، جن تي اسين عمل ڪندا رهون ۽ وري پڇڻ جا محتاج نه ٿيون. حضور جن عليه الصلوات والسلام فرمايو ته چار ڳالهيون آهن، جن ڪي هميشه ڪندا رهجو ۽ چار ڳالهيون آهن جن کان هميشه پاسو ڪجو. ڪرڻ وارا ڪم ڪهڙا آهن:

اسلام جا چار سُڪ اسر.

(١) خداوند پاڪ کي هڪ ڪري مڃڻ، جنهن ۾ رسالت جو مڃڻ به اچي ٿو وڃي يعني ڪلمو پاڪ پڙهڻ ۽ دل سان مڃڻ. (٢) سچيءَ دل سان الله پاڪ کي حاضر ناظر ڄاڻي، سندس درگاهه ۾ پانهون ٻڌي بيهڻ ۽ تمام نياز سان سندس آڏو سجدو ڪرڻ يعني نماز پڙهڻ. (٣) خدا جي ڏنل دولت مان چاليهين پتي مسڪينن ۽ محتاجن کي ڏيڻ يعني زڪوات ڪڍڻ. (٤) ٻارهن مهينن مان هڪڙو سڄو مهينو روزا رکڻ يعني رمضان جا، ۽ غنيمت جي مال مان پنجين پتي راه خدا لاءِ ڪڍڻ.

خاص شراب بابت اسلام جا چار سُڪ نهي (سنع).

۽ هنن چئن شين کي هرگز ڪم ۾ نه آڻجو: (١) تُنبو يعني آهو ڪدوءَ جو ٿانو، جنهن ۾ شراب رکي تيز بنائيندا هئا.

www.maktabah.org

(٢) ختم، جو بہ هڪڙو شراب جو ٿانوُ آهي. (٣) نقير يعني ڪاٺ جو مٽ، جنهن ۾ شراب رکندا آهن. (٤) مزفت يعني ڏامر لڳل ٿانوُ، جو شراب لاءِ ٺاهيندا هئا . مطلب تہ انهيءَ قوم ۾ شراب نوشيءَ جي سخت عادت پيل هئي، ان موجب اهي حڪم پاڻ فرمايائون ۽ هئن بہ فرمايائون تہ هي حڪم اوهين بہ ياد رکو ۽ اتي پنهنجي قوم وارن کي بہ ٻڌائجو.

وفد بني حنيفہ.

قبيلي بني حنيفہ جو وفد بہ اسلام جي تلقين حاصل ڪرڻ لاءِ حضور جي خدمت شريف ۾ حاضر ٿيو ۽ تحقيقات ڪري سيني اسلام قبول ڪيو. انهيءَ وفد ۾ مسيلمو ڪذاب* بہ شامل هو جو مديني شريف ۾ وفد سان گڏجي اچي چوڻ لڳو تہ محمد (عليه الصلوات والسلام) پنهنجو جانشين، جيڪڏهين مون کي ڪري، تہ آءٌ ڪيس مڃان. حضور جن ٻڌي فرمايو تہ هن کجيءَ جي ٽاريءَ ڏيڻ جي شرط تي بہ ڪنهن جي بيعت قبول ڪين ڪندس، اسلام خالص الله جو دين آهي، جيڪو قبول ڪندو تہ پنهنجي لاءِ فائدو اٿس، ڪنهن تي ٿورو ڪونہ ٿو ڪري. مسيلمو جيڪڏهين بيعت نہ ڪندو تہ پنهنجي نيت موجب جزا ملنديس.

---

* مسيلمو ڪذاب. جيڪڏهين نبوت جي دعويٰ ڪندو هو تہ حضور جن عليه الصلوات والسلام کي بہ خدا جو نبي ڪري مڃيندو هو ۽ اڪثر حضرت جن کي برحق چوندو هو؛ ڇا لاءِ تہ سندس پاسي ۽ علائقي جا مسلمان سندس مخالف نہ ٿين. اڄڪلهہ پنهنجي ڪوڙي نبوت کان بچڻ لاءِ جيڪڏهين قاديانيءَ پارن بہ حضور پاڪ عليه الصلوات والسلام کي نبيءَ برحق ڪٿي چيو تہ مسيلمي ڪذاب کان بهتر ڪين ٿيا.

www.maktabah.org

وفد قبيلہ طي.

قبيلو طي آهو مشهور قبيلو آهي جنهن مان حاتم طائي بہ هو. انهيءَ وفد جو مهندار زيد الخيل هو. اهو وفد بہ اسلام جي جاچ ۽ حق جي ڳولا لاءِ حضور جن صلعم جي خدمت شريف ۾ آيو. حضور جن عليه الصلوات والسلام انهيءَ وفد جي سردار جي فضيلت ۽ سياڻپ کي ڏسي فرمايو تہ عرب جي ملڪ ۾ جيڪڏهين ڪنهن ماڻهوءَ جي تعريف ٻڌبي آهي تہ ڏسڻ وقت وڏو تفاوت نڪري پوندو آهي؛ مگر زيد الخيل، جهڙو ٻڌو تهڙو ڏٺو؛ پوءِ سندس نالو زيد الخير رکيائون. انهيءَ وفد جا سڀ ماڻهو تحقيقات ڪري مسلمان ٿيا.

وفد اشعرين

اشعري قبيلو يمن جي قبيلن مان هو. انهن جو وفد بہ حضور ۾ حاضر ٿيو ۽ اسلام جو شوق رکي آيو هو، جو اها نعمت حاصل ڪري موٽيو.

وفد ازد.

انهيءَ قبيلي جا جملي ست (٧) ماڻهو آيا هئا، جن کان حضور جن عليه الصلوات والسلام پڇيو تہ اوهين ڪير آهيو؟ جواب ۾ عرض ڪيائون تہ حضور! اسين مومن آهيون. پاڻ فرمايائون تہ ڪهڙيءَ معنيٰ سان مومن؟ انهن عرض ڪيو تہ اسان ۾ پندرهن عادتون اهڙيون آهن، جي ايمان وارن جون آهن. انهن مان ڏهہ اوهان جي وعظ ڪندڙ اصحابن وٽان معلوم ٿيون اٿئون. جن ڏهن مان پنج اعتقادي آهن ۽ پنج عملي؛ باقي پنج، سي اسان ۾ اڳيئي هيون. اعتقادي پنج هي آهن: (١) الله پاڪ تي ايمان (٢) ملائڪن کي مڃڻ (٣) الله پاڪ جا سڀ آسماني ڪتاب لائق تعظيم جي

www.maktabah.org

چاڻ (٤) الله جي سڀني رسولن کي رسول ڪري مڃڻ (٥) مرڻ کان پوءِ وري محشر ۾ حساب ۽ ڪتاب، عذاب ۽ ثواب لاءِ اٿڻ کي قبول ڪرڻ ۽ مڃڻ. عملي پنج ڪم هي آهن: (١) لا اِله الا الله چوڻ (٢) پنجوقتي نماز پڙهڻ (٣) سال مان زڪوات ڏيڻ (٤) رمضان شريف جا روزا رکڻ (٥) طاقت هوندي حج ڪرڻ. جيڪي پنج عادتون اڳيئي معلوم هيوسين، سي هي آهن: (١) آسودائيءَ وقت شڪر ڪرڻ (٢) مصيبت جي مهل صبر ڪرڻ (٣) خداوند پاڪ جي قضا تي راضي رهڻ (٤) امتحان ۽ پرک وقت حق تي قائم رهڻ (٥) دشمنن جي نقصان تي خوش نه ٿيڻ. حضور جن فرمايو هائو، جن اهي پويون ڳالهيون اوهان کي ڏسيون آهن، سي به شايد ڪي حڪيم يا نبي هوندا. وري فرمايائون ته ڇگو، پيون پنج به ٻڌائي ٿو ڇڏيانوَ ته پلي ويهه (٢٠) نصيحتون ٿي پون، جن تي عمل ڪجو.

حضرت رسول الله صلعم جون مفيد نصيحتون.

(١) اها شيءِ گڏ نه ڪريو جا کائڻي نه هجيوَ (٢) اها جاءِ نه اڏايو، جنهن ۾ رهڻو نه هجيوَ (٣) اهڙين ڳالهين ۾ مقابلو نه ڪريو، جي سڀاڻي ڇڏڻيون هجنوَ (٤) خداوند پاڪ کان ڊڄندا رهو، جنهن ڏي آخر موٽي وڃڻو ۽ سندس درگاه ۾ پيش ٿيڻو اٿوَ (٥) انهن شين سان دل رکو، جي آخرت ۾ ڪم اچنوَ، جتي هميشه رهڻو اٿوَ. اهي نصيحتون اهڙيون آهن، جو هڪ هڪ نصيحت مان سوين شاخون ڦٽن ٿيون. وفد وارا ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ پوريءَ طرح تعميل ڪيائون.

وفد بني الحارث.

هي وفد، مهيني شوال، سنه ١٠ هجريءَ ۾ حضور جن عليه الصلوات والسلام جي حضور ۾ حاضر ٿيو. انهيءَ قبيلي جا

www.maktabah.org

ماڻهو اڳيئي خالد بن وليد جي وعظن ۽ سمجهائڻ سان مسلمان ٿيا هئا. جڏهن حضور ۾ رسيا ته زيارت ۽ بيعت ڪري فيضياب ٿيا.

جنگ ۾ فتحمند ٿيڻ جو عجيب راز.

حضور جن عليه الصلوات والسلام آنهن کان پڇيو ته ڇا سبب آهي؟ جو اسلام قبول ڪرڻ کان اڳ به جنهن قبيلي اوهان سان جنگ ڪئي، ته سيڪنهن جنگ ۾ اوهين غالب، ۽ اوهان جا مخالف مغلوب رهندا هئا ۽ هر جنگ ۾ اوهان جي فتح ٿيندي هئي؟ آنهن عرض ڪيو ته حضور! اسان جي قبيلي ۾ ڪڙي خاصيت آهي، جنهنڪري اسين گهڻو ڪري فتحمند ٿيندا آهيون. اها هيءَ آهي ته اسين اڳرائي ڪري ڪنهن تي به چڙهائي ڪين ڪندا آهيون، ۽ وري جنگ لاءِ گڏ ٿيندا آهيون ته هڪ ٻئي سان گڏ رهندا آهيون ۽ ڌار نه ٿيندا آهيون، ڪنهن سان اڳرائي ڪري ظلم به ڪين ڪندا آهيون. حضور جن عليه الصلوات والسلام فرمايو سچ پچ اهي ڳالهيون فتحمند ٿيڻ لاءِ ڪافي آهن. هن وفد جي اچڻ کان چار مهينا پوءِ، حضور جن صلعم هن دنيا مان لاڏاڻو فرمايو (صلي الله عليه و علي آله و اصحابه وسلم).

وفد دوس.

اسين مٿي طفيل بن عمرو رضه دوسي جي اسلام جو احوال لکي آيا آهيون. اسلام آڻڻ کان پوءِ حضور جن عليه الصلوات والسلام کان پنهنجي قوم لاءِ به دعا گهري هئائين، ته شال هدايت وارا ٿين. حضور جن عليه الصلوات والسلام دعا فرمائي هئي، جنهنڪري وجڻ شرط پهرين سندس پيءُ ۽ عورت مسلمان ٿيا، جن کي وهنجاري سهنجاري پاڪ ڪپڙا ڍڪائي اسلام جي تلقين ڏنائين ۽ قوم ۾ اسلام

www.maktabah.org

جو وعظ ڪرڻ لڳو. سنديس قوم ۾ زنا جي بد عادت ڏاڍي گهڻي ڦهليل هئي، اسلام ۾ زنا بابت سخت ڪان سخت حڪم هئا، انهيءَ ڪري سندس قوم وارن اسلام ڏي جلد ميل ڪونه ڪاڏو، جنهن ڪري وري حضور جن عليه الصلوات والسلام وٽ وڃي دعا گهريائين. حضور جن صلعم زبان مبارڪ سان فقط هي لفظ فرمايا ”اللهم اهد دوسا“ ”خدايا دوس وارن کي هدايت ڏي“. پوءِ ته الله جي مهرباني سان سندس قوم کي اسلام جو مزو اچي ويو، سڀئي گناهن کان توبه ڪري اسلام قبول ڪرڻ لڳا. سچا ستر، اسي (٧٠-٨٠) خاندان مسلمان ٿيا، جن کي وٺي مديني ۾ آيو، ۾ حضور جن عليه الصلوات والسلام خيبر ڏي روانا ٿيل هئا، جنهن ڪري مديني مان خيبر وٺي وين. اتفاق سان انهيءَ ڏينهن حبش جي ملڪ کان حضرت جعفر طيار رضه سان حضرت رسول الله عليه وسلم جي زيارت جا مشتاق به آيا هئا. خيبر جا يهودي حيران ٿي ويا ۽ سمجهائون ته ضرور هن پاڪ شخص جو قبضو دلين تي آهي، سو هن مٿيءَ جي قلعن تي سندس قبضو ته آسان ٿيندو.

وفد همدان.

اهو قبيلو يمن جي ملڪ مان آهو هو. انهيءَ پاسي پهرين حضرت خالد بن وليد رضه اسلام پکيڙڻ لاءِ ويو هو، پر موٽي آيو هو. وري حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه کي حضور جن عليه الصلوات والسلام روانو فرمايو جنهن جي برڪت سان هڪڙي ئي ڏينهن ۾ سڄو قبيلو مسلمان ٿيو. انهن مان ڪيترا چڱا وفد طور حضور جن عليه الصلوات والسلام جي زيارت فيض بشارت ۽ ديدار فرحت آثار لاءِ حاضر ٿيا، ڏاڍي ذوق شوق سان زيارت ڪيائون ۽ درياءِ رحمت مان فيض پاتائون.

www.maktabah.org

وفد طارق بن عبدالله.

طارق بن عبدالله خود هڪڙو شخص هو، جو وفد وٽي آيو هو. سندس چوڻ آهي ته آءٌ مڪي جي بازار مجاز ۾ بيٺو هوس ته هڪڙو شخص اتاهون اچي لنگهيو ۽ دانهون ڪري هئن پئي چيائين:

يا ايها الناس قولوا لا اله الا لله تفلحلوا

(اي انسانو! چئو لا اله الا الله ته سرفراز ۽ ڪامياب ٿيو.)

هڪڙو ٻيو ماڻهو سندس پويان پٺيان پئي آيو ۽ پويان ڪنڪريون هڻندو پئي آيس، آنهيءَ هيئن پئي چيو:

يا ايها الناس لا تصد قوه فانه ڪذاب

(اي انسانو هن کي سچو نه سمجهو اهو ڪوڙو آهي.)

آءٌ حيران ٿي ماڻهن کان پڇڻ لڳس ته هي ڪير هو؟ ماڻهو چوڻ لڳا ته هو بني هاشمين مان ٻهريون ئي هڪڙو شخص آهي، جنهن جو چوڻ آهي ته آءٌ خدا جو رسول آهيان ۽ چوي ٿو ته خدا هڪڙو آهي، جنهن مون کي اوهان جي سمجهائڻ لاءِ اوهان ڏي موڪليو آهي، ۽ هي ٻيو شخص سندس چاچو عبدالعزيٰ آهي، جنهن کي پوءِ ابولهب سڏيندا هئا. طارق چوي ٿو ته تنهن کان پوءِ گهڻوئي زمانو گذري ويو حضور جن عليه الصلوات والسلام مڪو به ڇڏي مديني ۾ اچي رهيا. اسين به پنهنجي قوم جا ڪجهه ماڻهو گڏجي مديني ۾ کجور سودڻ وياسين، جڏهن مديني کي ويجها ٿياسين ته اسان شهر ۾ وڃڻ لاءِ ڪپڙا لٽا بدلايا، ايتري ۾ هڪڙو شخص آيو، جنهن کي ٻه پراڻيون چادرون ڍڪيليون هيون. آنهيءَ اچڻ شرط ڏاڍي محبت پرئي آواز سان سلام ڪيو ۽ پڇڻ لڳو ته ڪاٿان آيا آهيو؟ ڪاڏي ويندؤ؟ اسان چيو "ربذه" کان آيا آهيون، مديني ۾ وينداسين. پڇيائين ڪهڙي ڪم لاءِ آيا آهيو؟ چيوسين کجور سودڻ ٿي آئيون.

www.maktabah.org

اسان وٽ هڪڙو ڳاڙهو مهري آٺ هو انهيءَ شخص آٺ
ڏي نهاري پڇيو ته هي آٺ وڪڻندؤ؟ اسان چيو ته هائو،
مگر هيترين هيترين کجورين جي عيوض ڏينداسين. انهيءَ
شخص وري قيمت گهٽائڻ لاءِ ڪجهه به نه چيو ۽ آٺ کي
مهار مان وٺي روانو ٿيو. اسان به ڪجهه ڪين. جڏهن
هو آٺ ڪاهي شهر ۾ ويو تڏهن لڳاسين پاڻ ۾
ڳالهيون ڪرڻ ته اسان هي ڪم ڪهڙو ڪيو؟ اڻ واقف
ماڻهو کي هڙو پلو آٺ ڪٺي ڏنوسين نه نالو پڇوسين نه نشان.
اتي هڪڙي سردار زادي پالڪيءَ ۾ چڙهيل اسان سان هئي
تنهن چيو ته مون هن شخص جي مهاندن مان سمجهو آهي
ته هي نيڪ مرد آهي، سندس چهرو نه ڏٺو ته چنڊ جهڙو
هو، اهڙو ماڻهو آٺ جي قيمت کائي ڪين ويندو. جيڪڏهن
نه ڏنائين ته آءٌ اوهان کي پري ڏيندس. اسان اڃان اهي ئي
ڳالهيون ويٺي ڪيون ته ايتري ۾ هڪڙو شخص آيو، جنهن
اچي چيو ته مون کي جناب رسول الله صلي الله عليه وسلم
موڪليو آهي ۽ آٺ جي قيمت بابت هي کجور ڏني اٿس،
سا توري تڪي مون کان وٺو، تنهن کان سواءِ اوهان جي
مهماني لاءِ هي ڊار کجور ڏني اٿس، سا به سنڀالي وٺو.
اسان گهڻي شڪر گذاري سان آها کجور ورتي ۽ ڪاڏي سين،
پوءِ شهر ۾ وياسين، ڏٺوسين ته ساڳيو شخص مسجد جي
ممبر تي بيٺو آهي ۽ وعظ پيو ڪري. اسان به هي لفظ پڇاڙيءَ
جا وچي پڌا، جي عام قومن ڏي منهن ڪري پئي چيائين:

تصدقوا فان الصدقه خير لکم - اليد العليا خير من اليد
السفلي امک و اباک و اخاک واد ناک.

([انسانو!] خيرات ڪريو، صدقو ڏيو، صدقي جي
عادت اوهان لاءِ چڱي آهي ساڄو هٿ کابي هٿ
کان وڌيڪ چڱو آهي يعني صدقو ساڄي هٿ سان

www.maktabah.org

ڏينهن گهرجي. صدقو ماءُ کي، پيءُ کي، پٽ کي، ڌيءُ کي ۽ ويجهي ويجهي مائٽ کي ڏيندا ڪريو.)

وفد تجيب.

تجيب جي قبيلي جا تيرهن ماڻهو، جي پرپٺ مسلمان ٿيا هئا، گڏجي حضور جن عليه الصلوات والسلام جي زيارت ۽ بيعت ڪرڻ لاءِ مديني شريف ۾ آيا هئا. هنن نيڪ شخصن پنهنجي مال ۽ ڍورن جي زڪوات به پاڻ سان آندي هئي. حضور جن صلعم فرمايو ته هيءَ زڪوات جو مال موٽائي پنهنجي ملڪ کڻي وڃو اتي گهٽائي محتاج ۽ مسڪين هوندا انهن کي وراهي وجي ڏيو. انهن عرض ڪيو ته حضرتا اول پنهنجي ملڪ جي فقيرن کي سندن گهرج موجب ڏئي وٺي باقي جيڪي بچيو آهي سو کڻي آيا آهيون. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه، جو هر وقت حضور جن سان گڏ ۽ سندن خدمت ۾ سدائين حاضر رهندو هو، تنهن چيو ته يا رسول الله صلعم ههڙو وفد هيل تائين ڪونه آيو. پاڻ فرمايائون ته هدايت ۽ سعادت الله تعاليٰ جي وس ۾ آهي، الله جنهن کي گهري ٿو ته سندس سينو ايمان لاءِ کولي ۽ اندر روشن ڪري وجهي ٿو.

حديثن جو حضرت جن جي وقت ۾ ئي لکجڻ.

انهن شخصن دين بابت ڪي سوال پڇيا. حضور جن عليه الصلوات والسلام جيڪي کين جواب سمجهايا، سي کين لکرائي ڏنئون. انهن ماڻهن کي قرآن ۽ حديث سکڻ جو ڏاڍو شوق هو. انهيءَ ڪري حضور جن صلعم حضرت بلال رضه کي سندن خاطريءَ لاءِ خاص طرح والنٽيئر (خادم مهمانان) ڪري مقرر ڪيو هو، مگر هنن کي پوئتي ديس ۽ ڳوٺ موٽڻ جو به ڏاڍو خيال هو. ڪن اصحابن پڇڻ ته اوهان کي

www.maktabah.org

پوءِ جو ڪاڏو ايترو ڇو بيٺو آهي؟ چيائون ته پيو ڪو سبب ڪونهي، سبب فقط هي آهي جو حضور جن جي زيارت فيض بشارت مان جيڪا روشني اسان کي حاصل ٿي آهي ۽ حضرت رسول الله جي پاڪ سمجهاڻين مان جا برڪت اسان کي ميسر ٿي آهي، دل پئي گهري جهٽ پٽ وڃي پنهنجي قوم کي ان کان واقف ڪريون.

پنهنجي مريد کي پاڪر يعني هديو يا تحفو ڏيڻ

حضور جن عليه الصلوات و السلام انهن کي تحفا تحائف ڏئي روانو ڪيو، مگر وري به ويندي مهل انهن کان حضور جن صلعم پڇيو ته اوهان مان ڪو رهجي ويو آهي جو اسان وٽ نه آيو هجي؟ هنن چيو هائو سائين! هڪڙو جوان رهجي ويو آهي، جنهن کي سامان تي ڇڏي آيا هئاسين. حضور جن صلعم فرمايو ته انهيءَ کي وڃي جلد موڪلي ڏيو. هنن وڃي موڪليس ۽ هو اچي حضور ۾ حاضر ٿيو، عرض ڪيائين ته يا رسول صلي الله عليه وسلم، حضور جن منهنجي قوم تي گهڻي نوازش ڪئي آهي، مون تي به ڪا مهرباني ٿئي. حضور جن صلعم فرمايو ته تون ڇا ٿو گهرين؟ چيائين حضور منهنجو عرض ٻئي قسم جو آهي. فرمايائون ته چئو! چيائين يا رسول الله صلعم مون کي حضور جي دعا جي درڪار آهي، منهنجي حق ۾ حق تعاليٰ جي درگاه ۾ دعا گهرو ته الله پاڪ مون کي بخشي، مون تي رحم ڪري ۽ منهنجي دل کي بي پرواهه ۽ دولتمند ڪري، يعني دنيا جي دولت مون کي ڪانه گهرجي، پر منهنجي دل غني ۽ تونگر ٿئي. (شيخ سعدي رحمت الله عليه به سچ فرمايو آهي: تونگر به دل است نه بمال، بزرگي بعقل است نه بسال) حضور جن صلعم انهيءَ نيڪ بخت جوان جي حق ۾ نهايت دعا گهري. پوءِ جڏهن پاڻ سنه ١٠ هجريءَ ۾ حج تي روانا ٿيا ته وات تي

www.maktabah.org

انهيءَ قبيلي جا ماڻهو سائن اچي مليا. پاڻ پڇا ڪيائون تہ فلاڻي جوان نيڪ بخت جي ڪهڙي خبر آهي؟ ماڻهن چيو، سائين! انهيءَ جهڙو نيڪ انسان اسان ڪڏهن ڪونہ ڏٺو، نہ هن جهڙو قناعتي ۽ صابر شاڪر ٿي ڪو هوندو، جيڪڏهن ساري دنيا جي دولت سندس آڏو ڪو ڪٽي وجي تہ هو رڳو تيڏيءَ اک سان بہ انهيءَ ڏي نہ نهاريندو. حضورجن پڏي ڏاڍا خوش ٿيا.

وفد بني سعد هذيم.

انهيءَ قبيلي جا ماڻهو بہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي هٿ مبارڪ تي بيعت ڪرڻ لاءِ آيا هئا. جنهن وقت مسجد نبوي ۾ رسيا، تنهن وقت حضورجن عليه الصلوات والسلام جنازي نماز پئي پڙهائي، هو آيا تہ ماٺ ڪري اچي ويٺا. حضورجن صلعم جڏهن واندا ٿيا، تڏهن پڇيائون تہ اوهين ڪير آهيو؟ مسلمان آهيو؟ هنن عرض ڪيو تہ هائو سائين! پاڻ فرمايائون تہ اوهان ڪي گهربو هو تہ جنازي نماز ۾ شامل ٿيو ها. هنن عرض ڪيو تہ سائين اسان سمجهيو هو تہ جيسين حضورجن جي هٿ مبارڪ تي بيعت نہ ڪبي، تيسين پورو مسلمان نہ ٿبو ۽ تيسين مسلماني ڪم بہ نہ ڪبا. پاڻ فرمايائون تہ نہ!! انسان جڏهن اسلام قبول ڪري ٿو تہ انهيءَ ئي مهل مسلمان ٿي وجي ٿو، پوءِ هن کي اسلام جا سڀ ڪم ڪرڻ گهرجن. اتي هڪڙو ڇوڪرو جو پوئتي سامان جي نظرداريءَ لاءِ ڇڏي آيا هئا، سو بہ حضور ۾ اچي نڪتو. وفد وارن عرض ڪيو تہ يا حضرت! هي ننڍڙو هو انهيءَ ڪري اسان جو خادم ٿي رهيو. پاڻ فرمايائون هائو "اصغر القوم خادمهم" ننڍو وڏن جو خادم هوندو آهي، خدا هن کي برڪت ڏئي. انهن لفظن جو اهڙو تہ اثر ٿيو، جو ساڳيو ننڍو جوان پنهنجي سڄي قوم جو بزرگ ۽ امام ۽ ساري قوم ۾ قران

www.maktabah.org

ڪريم جو چڱو چاڱندڙ ۽ وڏيڪ سمجھندڙ ٿي پيو. اهو وفد جڏهن موٽي ملڪ ويو، تڏهن سارو قبيلو اسلام جي اثر هيٺ اچي ويو.

وفد بنو اسد.

اُنهيءَ وفد ۾ ڏهه ڄڻا هئا. حضور جن صلعم اصحابن سان گڏ مسجد شريف ۾ ويٺا هئا ته، هي آيا ۽ منجهائن هڪڙي چيو ته يا رسول الله صلعم اسين گواهي ٿا ڏيون ته الله پاڪ هڪڙو آهي، لا شريڪ آهي ۽ اوهين بيشڪ سندس ٻانها ۽ پيغمبر آهيو، مگر رسول الله صلعم! هيءَ ڳالهه خيال تي آڻجو ته سائين جن پڻ پاسي پنهنجا واعظ موڪليا تڏهن اهي مسلمان ٿيا، اسين پاڻيهي مسلمان ٿيا آهيون.

مسلمان ٿيڻ ۾ الله جي مهرباني سمجهڻ گهرجي نه ڪنهن تي ٿورو ڪرڻ گهرجي.

حضور جن عليه الصلوات والسلام تي اُنهيءَ ئي وقت الله تعاليٰ وٽان هيءَ وحي آيو:

يمنون عليڪ ان اسلموا قل لا تمنوا عليّ سلامڪم
بل الله يمن عليڪم ان هداڪم الا يمان ان ڪنتم صادقين
(سورت حجرات رڪوع ٢)

[ماڻهو توتي مسلمان ٿيڻ جو ٿورو ڪرڻ ٿا. اُنهن کي چئو ته پنهنجي مسلمان ٿيڻ جو مون تي احسان نه ڌريو، بلڪ اهو ٿورو ۽ احسان الله پاڪ جو اوهان تي آهي، جو اوهان کي ايمان جي هدايت ڪيائين، جيڪڏهن اوهين سچا آهيو.]

اُنهن مسلمانن پنهنجي انهيءَ خيال تي پڇتايو ۽ پوءِ هيٺيان سوال پڇيائون: (١) يا رسول الله صلعم پکي پکڻ ۽ پين

جانورن جي ٻولين مان فال * وٺڻ ۽ سيپ ۽ سوڻ ڳولڻ روا آهي يا نه؟ حضور جن جواب ۾ فرمايو تہ انهن ڪرڻ منع ۽ ناروا آهي. (٢) ٻيو سوال تہ يا حضرت هي جو ليڪن ڪڍڻ سان حساب ڪندا آهن (يعني علم رمل)، اهو روا آهي يا نه؟ پاڻ فرمايائون تہ اهو علم اصل ڪنهن نبيءَ ماڻهن کي سيکاريو هو، مگر هاڻي جيڪڏهن ڪنهن کي صحيح ۽ سالم، بنا ڦير ڦار هٿ آيل هجي تہ اهو بہ هڪ علم آهي. سندن فرمودي مان معلوم ٿيو تہ شايد ڪنهن نبيءَ جي انهيءَ علم ۾ بہ توريت ۽ انجيل وانگي ڦير ڦار ٿيل آهي، انهيءَ ڪري پورو ڀروسي جي لائق ڪينهي.

وفد بهراء

انهيءَ وفد جا ماڻهو مديني ۾ حضرت مقداد رضہ اصحابي جي گهر وٽ اچي لٿاه مقداد انهن کي وچي مليو ۽ اصحابن واري اخلاق سان انهن مسافرن کي چڱيءَ طرح آجيان ڪيائين ۽ انهن جي مهماني جهليائين ۽ عرب جو عمدو کاڌو جنهن کي حيش سڏيندا هئا، سو سندن لاءِ تيار ڪرايائين.

حضور صلعم جن جو معجزو

انهن مان ڪجهہ حضرت جن ڏي بہ موڪليائين. حضرت جن ڪائي ٿانوَ موٽائي موڪليو. هن انهيءَ ٿانوَ ۾ وجهي مهمانن کي ڏنو مهمانن جڏهين کائڻ ويٺا تہ خوب کائي ڍوَ ڪيائون، مگر کاڌو اوتري جو اوترو، ڪٿي ٿي نہ. اهڙيءَ طرح ڪيترائي ڏينهن ساڳيو کاڌو ساڳئي ٿانوَ مان تازو ٿي تازو ۽ اڳي کان بہ لذت ۾ اڳرو اهي مهمان کائيندا رهيا،

---

* جهڙيءَ طرح سنڌ ۾ اڪثر عورتون ڪانوَ جي ٻولي ٻڌي چونديون آهن تہ ڪو گهر ۾ نئون ماڻهو ايندو جو ڪنياتو تو لوين.

مگر ڪاڏو ڪٿو نہ. آخر هڪڙي ڏينهن حيران ٿي انهن مهمانن، مهماني جهليندڙ مقداد اصحابيءَ کان پڇيو تہ هي ڪهڙو اسرار آهي؟ اسان تہ ٻڌو هو تہ مديني جا ماڻهو ويچارا سدائين سادي ڪاڌي تي گذران ڪندا آهن، هتي تہ هر روز عمدو ڪاڌو اسان کي پيو ملي، سو بہ روز ڪائي ڪائي ٽڪجي پئون، ڪٿي ٿي ڪين! وري ٻئي ڏينهن بہ ساڳئي طرح تازو ۽ گرما گرم پيو ملي ۽ لذت ۾ وري اهڙو مزيدار، جو ڪڏهين بہ اسان نہ ڏٺو، نہ ڪاڌو! مقداد چيو تہ پيو اسرار هن ۾ ڪو ڪونهي، حضرت رسول الله عليه الصلوات والسلام جي مبارڪ آڱرين جي لڳڻ جي برڪت آهي. سيئي اها خبر سڻي ڏاڍا خوش ٿيا، تہ اسان جنهن برگزيدي انسان لاءِ هيترو ڪشالو ڪڍي آياسين تنهن رسول پاڪ جي برڪت اسان اکين سان اچي ڏٺي. حضور ۾ حاضر ٿي پنهنجو ايمان تازو ڪيائون ۽ ڪجهہ وقت رهي قرآن ڪريم ۽ احڪام الاهي سکيا ۽ پوءِ ملڪ موٽي ويا.

وفد عذره.

مهيني صفر سنہ ۹ هجري ۾ ١٩ ڄڻا انهيءَ وفد جا حضور ۾ حاضر ٿيا. اهي ويچارا شام جي بادشاهہ هرقل جا تابع هئا. حضور جن کين بشارت ڏني تہ شام جلدي فتح ٿيندو ۽ هرقل انهن جي علائقي مان ڀڄي ويندو. پوءِ حضور جن سمجهاڻ تہ غيب ٻڌندڙن (نجومين جوتشين) کان سوال ۽ پڇائون نہ ڪندا ڪريو (جئن هندو صاحب پنهنجون جنم پتريون، پڇي ساري عمر گهٽيءَ ۾ گهاريندا ۽ سوداءَ ۾ گذاريندا آهن) ۽ جيڪي قربانيون ۽ صدقا اهي جوتشي ڪندا آهن اوهين انهن جي پَر نہ ڪندا ڪريو؛ فقط عيدالضحيٰ جي قرباني ڪرڻ ڪافي آهي. اهي ماڻهو ڪجهہ

وقت مديني شريف ۾ رهي حضور جن وٽان تحفا ۽ پاڪرون وٺي خوش ٿي ويا.

وفد خولان.

مهيني شعبان سنہ ١٠ هجريءَ ۾ ١٠ ڄڻا انهيءَ وفد جا حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون تہ يا رسول الله (صلي الله عليه وسلم)، اسين ملڪ هٺي پنهنجي قوم جي پاران حضور ۾ حاضر ٿيا آهيون. اسان سڀني پرپٽ ايمان آندو آهي، اها الله ۽ الله جي رسول جي مهرباني ٿا ڄاڻون جا اسان کي هدايت بخشي اٿس. اسين هتي رڳو زيارت جي خاطر آيا آهيون. حضور جن فرمايو:

[من زارني في المدينة كان في جواري يوم القيامة.
جنهن مديني ۾ اچي منهنجي زيارت ڪئي، سو قيامت جي ڏينهن منهنجي پاڙي ۾ هوندو.]

وري حضرت جن عليه الصلوات والسلام، عم انس نالي هڪ بُت جي خبر پڇين، جنهن کي انهيءَ قبيلي جا ماڻهو پوڄيندا هئا. انهن عرض ڪيو تہ الحمدلله، الله تعاليٰ گهڻن کي حق سمجهايو آهي، هاڻي انهيءَ بت جي پوڄا گهڻن ڇڏي ڏني آهي؛ ڪي ڪراڙيون ۽ ڪراڙا وڃي رهيا آهن، جي پوڄينس پيا؛ سو بہ هن دفعي اسين وڃي انهيءَ بت کي پورو ڪنداسين. هنن هي بہ عرض ڪيو تہ يا حضرت انهيءَ ڪمبخت بت جي اسان جي قبيلي ۾ ايذي سختا ۽ پوڄا ٿيندي هئي، جو هڪڙي ڏينهن اسان جي قوم بکن ۾ پئي مري تنهن هوندي بہ هڪ سؤ ڏڳا گڏ ڪري، هڪڙي ئي ڏينهن، انهيءَ منحوس بت عم انس تان قربان ڪري ڪنائون ۽ اتي ئي ڇڏي آيا، جو گدڙن بگهڙن جو کاڄ ٿيو، جي اڳيئي پڻ نديڙن جانورن کي ڦاڙي پيا کائين.

www.maktabah.org

پيرن فقيرن جي نالي تي خيرات ڪرڻ، انهيءَ
خيال تي ته هو اسان کان خوش ٿي اسان جا
ڪم ڪندا رهن ۽ ناراض ٿي نقصان نه پهچائن،
ڪفر جون رسمون آهن.

هنن هڪڙن به عرض ڪيو ته چوپائي مال ۽ پوک مان انهيءَ عمر انس جو حصو هميشه ڪڍندا هئا (جڏهن سنڌ ۾ هر مهيني جي يارهين تاريخ حضرت پيران پير رحمت الله عليه جي نالي تي کير ڪڍندا آهن - يعني مهيني ۾ يارهين تاريخ جو کير حضرت پيران پير جو حصو سمجهي ڪڍندا آهن- يا پوک جي تياري مهل ٻنائي وقت ٻيراٽو نويو ڪڍندا آهن، اهڙيءَ طرح ڪيترن پيرن جي نالي تي ٻڪرا ۽ گهٽا ڪڍندا آهن، اهي رسمون سڀ ڪافرن جي رسمن جهڙيون آهن ۽ ائين آهن جڏهن عمر انس جي نالي تي ڪافر ڪڍندا هئا - انهيءَ ۾ نه خدا خوش نه خدا جو رسول راضي آهي، نه حضرت پير رحمت الله عليهم ٿي پسند ٿا ڪن- اسلام انهن رسمن کان پاڪ ۽ صاف آهي) پوک جو ته وچون ٽڪرو عمر انس ٻت جي نالي تي خيرات ڪندا هئا ۽ هڪڙو ٻاهريون پاسو خدا جي نالي؛ پر جيڪڏهن پوک کي رتي ڪائي ويندي هئي، يا جهولا سڪائي ڇڏيندا هئا ته عمر انس * جو حصو قائم، مگر خدا جو حصو ڪين ڏيندا هئا.

حضور جن آنهن نؤ مسلمن کي دين جا حڪم ۽ فرض سمجهايا ۽ سيکاريا ۽ خاص طرح هنن ڳالهين جي نصيحت

---

* عمر انس اصل ۾ هڪ نيڪ ٻانهو خدا جو ٿي گذريو هو ۽ ولي الله هو؛ پوءِ ماڻهن منجهس وڏا وڏا اعتقاد رکي رکي اهو حال اچي ڪيو جو سندس قبر کي ستا ٽيڪيندا هئا؛ نيٺ بت ٺاهي پوڄيائونس.

ڪيائون: (١) انجام پورو ڪرڻ گهرجي. (٢) امانت هميشه سندس حقدار کي پهچائي ڏجي. (٣) پاڙي وارن سان هميشه چڱو سلوڪ ڪجي. (٤) ڪنهن به شخص تي ظلم نه ڪجي؛ ڇو ته ظلم قيامت جي ڏينهن اونداهين جي صورت ۾ ايندو.

وفد محارب.

هن وفد ۾ ڏهه شخص هئا، جي پنهنجي قوم جي طرفان وڪيل ٿي، سنه ١٠ هجري ۾ حضور ۾ حاضر ٿيا. حضرت بلال کي حضور جو حڪم ٿيو ته انهن مهمانن جي خدمت ۾ رهي، ۽ صبح سانجهيءَ کاڌو پيتو چڱيءَ طرح حاضر ڪري ڏئي. آخر هڪڙي ڏينهن ظهر جي يعني اڳين نماز کان وچين نماز تائين، حضور جن صلعم انهيءَ وفد وارن سان ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو وقت رکيو. هو حاضر ٿيا ۽ نهايت عمديون عمديون ڳالهيون ۽ نصيحتون هلنديون رهيون. انهيءَ وچ ۾ حضور جن عليه الصلوات والسلام وفد وارن مان هڪڙي شخص ڏي چتائي چتائي پئي نهاريو؛ آخر انهيءَ کي پاڻ فرمايائون ته آءٌ پانيان ٿو ته توکي ڪاٿي مڙيوئي ڏٺو اٿم. انهيءَ شخص چيو هائو سائين! حضور جن مون کي بازار "عڪاظ" ۾ ڏٺو هوندو جو سائين جن وعظ پئي فرمايو ۽ مون تمام گستاخيءَ ۽ بي ادبيءَ سان رد پئي ڏنا. حضور جن صلعم فرمايو ته برابر. انهيءَ شخص عرض ڪيو، ياحضرت آءٌ حضور جن جو سيني دشمنن مان ڪٿو دشمن هوس، پر پيا مري کپي ويا، مون کي رب مهلت ڏني، جو اڄوڪو سڀاڳو ڏينهن نصيب ٿيم. حضور جن عليه الصلوات والسلام فرمايو ته سيني جون دليون مولا سائينءَ جي هٿ ۾ آهن؛ اهو مقلب القلوب (دلين کي ڦيرائيندڙ) آهي. هن شخص روئي عرض ڪيو ته يا رسول الله، يا نبي الله! منهنجي حق ۾ رب کان معافي گهرو ته مون کي اهو قصور معاف ٿئي.

www.maktabah.org

اسلام قبول ڪرڻ گناهن کي ميٽي ٿو.

حضور جن عليه الصلوات والسلام فرمايو ته اسلام قبول ڪرڻ سان، رب تعاليٰ، اڳيان گناهه ننڍا وڏا سڀ بخشي معاف ڪري ڇڏي ٿو، تون دلجاءِ ڪر.

وفد صداء.

اهو وفد سنه ٨ هجري ۾ حضور ۾ حاضر ٿيو. اهو وفد زياد بن حارث جي ڪوشش سان آيو هو. انهيءَ وفد ۾ جملي پندرهن ڄڻا پنهنجي قوم جا پريا مڙس شامل هئا. سعد بن عياره کي حڪم ٿيو ته تون انهن مهمانن جي خدمت ڪندو رهه. جڏهن اهي موٽي پنهنجي ملڪ ويا ته انهن جي برڪت سان انهن جي قبيلي ۾ اسلام پکڙجي ويو. زياد حضور ۾ عرض ڪيو ته ياحضرت اسان جي ڳوٺڙي ۾ هڪڙو کوهه آهي، جو سياري ۾ ته هلندو آهي پر اونهاري ۾ پاڻي سڪيو وڃيس، انهيءَ آزار ڪان اسان جي قبيلي جا ماڻهو ڇڙوڇڙ ٿي ٻين ٻين ملڪن ڏي وڃو گذارين. منهنجو عرض آهي ته اسان جو قبيلو اڃان نئون مسلمان ٿيو آهي، انهن کي اسلام پوريءَ طرح سکڻ ۽ سيکارڻ گهرجي، سو دعا ڪريو، يانبي الله ته، اونهاري ۾ انهيءَ کوهه جو پاڻي ڪپي نه وڃي، ته هو اتي ئي هڪ هنڌ رهن.

حضور جن جو معجزو.

حضور جن عليه الصلوات والسلام فرمايو ته ست ڪنڪريون ڪڻي اچ. زياد ڪڻي آيو. حضور جن صلعم انهن ڪنڪرن کي پنهنجن مبارڪ هٿن ۾ جهلي وري زياد کي موٽائي ڏنيون ۽ فرمايائون ته هڪ هڪ ڪنڪريءَ تي الله پاڪ جو نالو وٺي کوهه ۾ اڇلائيندو وڃجانءِ. زياد ائين وڃي

www.maktabah.org

ڪيو. سندس بيان آهي ته، وري آهو ڪوه، سڪو ته، ڪين،
پر سندس ترڻي ڪونہ پيو ليي.

وفد غسان.

سنه ١٠ هجري جي رمضان مهيني ۾ قبيلي غسان جا
ٽي نيڪ مرد حضور ۾ حاضر ٿي، ايمان جي نعمت ۽ هدايت
جا تحفا حاصل ڪري، پنهنجي ملڪ موٽي ويا ۽ پنهنجي قوم
کي اسلام جون ڳهٽيون ئي سمجهائيون ڏنئون، پر اچا ويچارن
پنهنجي مراد ماڻي ئي ڪانہ، تہ منجهانئن ٻہ تہ الله جي حضور ۾
روانا ٿي ويا، يعني دنيا مان گذاري ويا ۽ هڪ اصحابي
منجهانئن شام جي فتح تائين جيئرو هو.

وفد بني عيش.

انهيءَ وفد ۾ جيڪي اصحاب شامل هئا، سي اڳيئي
پرپٺ اسلام قبول ڪري پوءِ حضور ۾ حاضر ٿيا هئا. انهن
حضور ۾ عرض ڪيو تہ يا رسول الله، اسان ٻڌو آهي تہ
حضور جن جو حڪم آهي تہ آهو شخص مسلمان ئي نٿو ٿئي
جو پنهنجو ملڪ ڇڏي اتاهون لڏي هتي نٿو اچي رهي.
جيڪڏهن ائين آهي تہ، اسان ڪسي پنهنجو مال متاع گهٽو
پنهنجي ملڪ ۾ آهي، سو سڀ نيڪال ڪري لڏي پلاڻي
سائين جن جي پاڙي ۽ پناري اچي پئون. حضور جن فرمايو:

اتقوا الله حيث ڪنتم فلن يلتڪم من اعمالڪم شيئا.

[جتي هجو، تتي خدا کان ڊڄندا ۽ ڪنبندا رهو.
اوهان جي عملن مان ذرو بہ زيان نہ ٿيندو.]

ٻي سبب هجرت ڪرڻ ضروري نہ آهي.

سٿين پاڪ لفظن مان نيڪ روشن ٿيو تہ مسلمانن کي
هرگز نہ گهرجي تہ پنهنجا پنهنجا ملڪ ۽ ماڳ مڪان ڇڏي

www.maktabah.org

اسلام جي مرڪز عربستان ۾ اچي ڳڏ ٿين، بلڪ جتي جتي هجن آتي آتي هو الله الله چوندا رهن ۽ الله جي دين جي منادي ڪندا وتن.

وفد غاسد.

اهو وفد، سنه ١٠ هجري ۾ حضور ۾ حاضر ٿيو. انهيءَ وفد ۾ ڏهه ڄڻا هئا. اهي مديني جي ٻاهران لهي سامان تي هڪڙي ڇوڪري کي وهاري آيا، حضور جن ايندي شرط چين ته پوئتي سامان تي ڇوڪري کي وهاري آيا هوَ ئو ڇا؟ هئن چيو هائو حضور. حضرت فرمايو ته ڇوڪري جي اک لڳي وئي، پريان ڪي چور پئي آيا، سي سامان جي پريل خرجين چورائي ويا. اتي هڪڙي شخص عرض ڪيو ته يا حضرت اها خرجين ته منهنجي هئي. پاڻ فرمايائون ته فڪر نه ڪر، ڇوڪرو جاڳي پيو، ۽ چورن جي پويان ڪاهي پيو، سامان سمورو ڇڏايائين. جڏهن موٽي منزل تي آيا ته سچي ڳالهه سچي هئي، جا اچي ٻڌائون ۽ حضرت رسول الله صلعم کي سچو ڪري مڃيائون. حضور جن عليه الصلوات والسلام انهن لاءِ شريعت سيکارڻ واسطي، ابي بن ڪعب کي مقرر ڪيو ته قرآن ڪريم ياد ڪرائين ۽ اسلام جا حڪم احڪام سيکارين. جڏهن ڳوٺ روانا ٿيا ته اسلامي احڪام ڪاغذ تي لکائي انهن کي ڏنا ويا.

وفد بني فرازه.

حضور جن عليه الصلوات والسلام جڏهن جنگ تبوڪ کان موٽيا هئا ته اهو وفد حضور ۾ حاضر ٿيو هو، جنهن ۾ ڏهه پندرهن ماڻهو شامل هئا. اهي ته اڳي ئي اسلام قبول ڪري چڪا هئا. جن وهٽن آلن تي آيا هئا، سي تمام ڏٻرا ۽ هيڻا هئن. حضور جن پڇين ته اوهان جي ملڪ جو ڪهڙو

www.maktabah.org

حال آهي؟ هنن عرض ڪيو ته يا رسول الله اسان جي ملڪ ۾ ڏاڍو ڏڪار آهي: ڍڳا مري ويا، باغ سڪي ويا، ٻچا ٻار بکن ۾ مرن پيا، اوهين ياحضرت دعا ڪريو ته رب تعاليٰ سڪار ڪري ڏئي، يا حضرت اوهين اسان جي سفارش خدا وٽ ڪريو، خدا اسان جي سفارش اوهان وٽ ڪري.

الله پاڪ ڪنهن جي به سفارش ٻئي وٽ ڪونه ٿو ڪري.

حضور جن عليه الصلوات والسلام، چوندڙن کي فرمايو ته اهي لفظ نه چئو، الله تعاليٰ انهن ڳالهين کان پاڪ آهي، پلا آءٌ ته بارگاه الاهي ۾ سفارش ڪريان، پر خداوند پاڪ ڪنهن وٽ سفارش ڪندو؟ ڪو ڪهاس ٻيو مٿاهون آهي؟ آءُو معبود خدا آهي انهيءَ کان سواءِ ڪو ڪونهي؛ هو سڀني کان بزرگ ۽ برتر آهي، آسمانن ۽ زمينن تي سندس ئي حڪم هلندڙ آهي. ائين فرمائي پوءِ حضور جن عليه الصلوات والسلام انهن جي ساري قوم لاءِ برسات جي دعا گهري، جنهن جا جنسي لفظ هي آهن:

اللهم اسق عبادك و بهائك وانشر رحمتك واحي بلادك الميت اللهم اسقنا غيثا مغيثا مريحا طبقا واسعا عاجلا غيراجل نافعا غير ضار اللهم سقيا رحمة لا سقيا عذاب ولا هدم ولا غرق ولا محق اللهم اسقنا الغيث و انصرنا اعليٰ الا عداء.

[يا الله پنهنجن (آجاين) ٻانهن ۽ جانورن کي پاڻي پيار، پنهنجي رحمت کي ڪشادو ڪر ۽ پنهنجن مئن شهرن کي نئين سر جيار. يا الله اهڙي ڪا خير جي برسات برسائي جا اسان جي دانهن ٻڌندڙ ۽ راحت ڏيندڙ ۽ آرام بخشيندڙ هجي، گهرج موافق ججهي هجي، سا به جلد اچي دير نه ڪري، فائدو

www.maktabah.org

رسائي نقصان نہ ڪري. يا الله، رحمت جو مينهن وسائي، نہ عذاب جو، ۽ نہ ڈاہ ڈوہ ۽ ٻوڙ ٻوڙان جو. خدايا بادل برسائي ۽ اسان کي دشمنن تي فتحمند ڪر. (آمين)]

وفد سلاسان.

هي وفد سنہ ۱۰ هجريءَ جي شوال مهيني ۾ آيو هو. هن وفد ۾ سترهن ڄڻا هئا، جي حضور ۾ حاضر ٿيا ۽ روبرو اچي اسلام قبول ڪيائون. انهيءَ ۾ حبيب بن عمرو بہ هو، جنهن حضور جن صلعم کان پڇيو تہ ياحضرت، ڪهن ۾ چڱو ڪم ڪهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ ڪهن ۾ چڱو ڪم آهي وقت تي نماز پڙهڻ. انهيءَ وفد وارن بہ عرض ڪيو تہ سائين دعا گهرو تہ اسان جي ملڪ ۾ برسات پوي. پاڻ زبان مبارڪ مان هي لفظ ڪڍيائون:

اللهم اسقهم الغيث في دارهم.

[يا الله هنن جي ملڪ ۾ برسات وسائي.]

حبيب عرض ڪيو يا رسول الله صلعم انهن مبارڪ هٿن کڻي ڪٿي پوءِ دعا گهرو! حضور جن عليه الصلوات والسلام مُرڪي ڏنو ۽ ائين ئي ڪيائون. جڏهن وفد وارا موٽي ملڪ ويا تہ سندن پهچڻ کان اڳي ئي برسات جام وسي وئي هئي؛ انهي ئي ڏينهن جنهن ڏينهن حضور جن صلعم دعا فرمائي هئي.

وفد نجران.

وفد نجران جو وڏو عبرت ناڪ قصو آهي، هتي مختصر طرح لکان ٿو: حضور جن عليه الصلوات والسلام، نجران وارن ڏي اسلام جي دعوت جو خط مبارڪ موڪليو. نجران جي وڏي پادريءَ جو حضرت رسول الله صلعم جو اهو

www.maktabah.org

مبارڪ خط پڙهيو، سو پڙهندي ئي ڏڪي ويو ۽ اهڙو ته اثر ٿيس، جو بُت سارو پئي ٿڙڪيس. انهيءَ پادريءَ پنهنجن دوستن ۽ صلاحڪارن کي خط ڏيکاريو، مگر انهن به ڪا دلجاءِ جهڙي راءِ ڪانه ڏني. آخر پنهنجيءَ پَر موجب ديول ۾ گهنڊ گهڙيال وڄارائي، عام خاص ماڻهن کي گهرايائين - اها ديول ايڏي ته وڏي هئي، جو سڄا ٻاهتر ڳوٺ ۽ ديهون سندس جاگير ۾ هئا - انهن ڳوٺن ۾ لک کن عيسائي مرد رهندا هئا - جڏهين سڀ اچي مڙيا، تڏهين حضور جن عليه الصلوات والسلام جو خط مبارڪ پڙهي ٻڌايائين ۽ سڀني کان صلاح پڇيائين. سڀني جي صلاح موجب ٽي ڄڻا احوال جاچڻ لاءِ حضرت پاڪ جي خدمت ۾ موڪليا ويا: شرحبيل، عبدالله ۽ حبار. اهي ٽئي ڄڻا مديني شريف ۾ آيا. انهن حضور جن عليه الصلوات والسلام سان حضرت عيسيٰ عليه السلام بابت اهڙي ته نموني جو گفتگو ڪيو، جنهنڪري مباهلي واريون آيتون نازل ٿيون، جن جو مطلب آهي ته "حضرت عيسيٰ کي الله تعاليٰ پنهنجي قدرت سان ائين خلقيو، جئن حضرت آدم کي مٽيءَ مان؛ پوءِ خدا جي حڪم موجب حضرت عيسيٰ پيدا ٿي پيو. اهڙي سچي ۽ مڃيل ڳالهه هوندي به - جنهن ۾ ڪو شڪ آڻڻ ئي نه گهرجي - جيڪڏهين تو سان ڪو حجتون هلي ته تون ڳالهه کي وڌاءِ نه، پر چئين ته: اچو سڏيون هڪ ٻئي جي پٽن، زالن ۽ خود پاڻ هڪ ٻئي کي ۽ خدا جي درگاهه ۾ خيال ڪري چئون، ته لعنت خدا جي آهي ڪوڙن تي. انهن آيتن جي حڪم موجب، حضور جن صلعم، امام حسن رضه ۽ امام حسين رضه، ۽ ڪن روايتن ۾ آهي ته حضرت علي رضه کي به سڏيو؛ بيبي خاتون جنت رضي الله تعاليٰ عنها به حضرت جن جي پٺيان اچي بيهي رهي؛ يعني حضرت جي سچ ۽ ڪوڙ جي صاف ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا. آخر انهن ٽن ڄڻن صلاح ڪري

www.maktabah.org

اهڙو مباهلو ۽ مقابلو نہ ڪيو؛ سمجهيائون تہ جيڪڏهن خدا جو سچو نبي هوندو تہ سندس لعنت اسان جا خانا خراب ڪري وجهندي. انهيءَ ڪري انهن عرض ڪيو تہ يا حضرت، اسين اوهان جا تابع ٿي رهنداسين ۽ شريعت جي حڪم موجب جيڪي اسان تي مناسب سمجهو سو اسان جي امن جي حفاظت جي عيوض ڪجهہ مقرر ڪريو تہ اسين پري پيا ڏينداسين ۽ اوهان جي حفاظت ۾ خوش هونداسين. حضرت جن صلعم مٿن جزيو مقرر ڪيو، جنهن کي هنن خوشيءَ سان قبول ڪيو، ۽ حضور جن هڪڙو عهد نامو بہ مغيره رضہ اصحابيءَ جي هٿان لکارائي انهن کي ڏنو. انهيءَ عهد نامي تي ابو سفيان بن حرب، غيلان بن عمرو، مالڪ بن عوف ۽ اقرع بن حابس اصحابين جون شاهديون وڌيون ويون. جنهن ۾ لکيل هو تہ نجران وارن جي جان، مال، مذهب، زمين ۽ جايون سڀ خدا ۽ رسول جي حفاظت ۾ رهنديون، يعني ڪو دشمن ڪاهي ايندو تہ ان جو بندوبست رسول الله صلعم پاڻ ڪندو. جيڪي حاضر آهن يا غير حاضر، خود قبيلي وارا يا انهن جا لڳ لاڳاپي وارا، سڀني جا حق قائم آهن. جيڪي انهن جي قبضي ۾ هوندا سو انهن جي هٿ ۾ رهندو. اڳيان خون ۽ جنگيون معاف اٿن. انهن کي ڪوبہ بيگر نہ هڻندو، نہ انهن کان پيدائش جو ڏهون حصو ورتو، جيڪو مسلمانن کان وٺبو آهي ۽ اسلامي لشڪر انهن جي ملڪ مان نہ لنگهندو. اها سند وٺي، پادريءَ ڏي ڪٿي تي آيا تہ پادري هڪ منزل وڌي وچي رستي ۾ مليُن، جنهن هلندي ئي اها سند کولي پڙهي ۽ سندس سوٽ بشر بن معاويہ بہ ايتري خيال سان پڙهي، جو بيخبري جي ڪري اٺ وچي ڪنهن جهاڪي ۾ ڪيرائي وڌس. بشر ڪيرندي شرط چيو تہ شل خراب ٿئي اهو، جنهن اسان کي هيڏي رولي ۾ وڌو آهي (اهو اشارو حضرت جن صلعم ڏي ڪيائين)، پادريءَ چيس ادا ائين نہ

www.maktabah.org

ڇڏي، ادب ڪري قسم خدا جو اهو شخص هڪ نبي مرسل آهي. بشر ڇيو ته جيڪڏهن ائين آهي ته آءٌ هن نُبي آڏ تي ڏانهس هليو ٿو وڃان، پاڪڙو به ونس وڃي لاهيندس. پادري گهٽوئي پويان پيس ۽ وڏا سڏ ڪري روڪيائينس، پر هن هڪ به نه ٻڌو، ۽ ٻڌو آڏٻڌو ڪري پنڌ ڪندي وڃي حضور ۾ حاضر ٿيو، عمر اتي رهيو ۽ شهادت جي درجي کي رسيو.

هڪڙي پادريءَ کي رسول الله جي زيارت جو نهايت شوق.

نجران جي آنهيءَ ئي ڏيول ۾ هڪ عيسائي عابد تارڪ دنيا جو رهندو هو، جو ڏيول جي مٿين حصي ۾ گذاريندو هو، جنهن ماڻهن کان اهو سمورو حال سڻيو ته تهام يعني مديني ۾ هڪ خدا جو رسول پيدا ٿيو آهي- جنهن وٽ نجران جا عيسائي ويا، هٿن آيا وغيره وغيره- تنهن کي حضور جن عليه الصلوات والسلام جي زيارت جو اوچتو اهڙو ته اچي شوق جاڳيو، جو گرجا جي مٿان ٻيهي رڙيون ڪيائين ته مون کي هتان لاهيو نه ته آءٌ ٽپ ڏئي ڪري پوندس ۽ پلي مري وڃان ته مري وڃان. آخر هيٺ لاٿائونس. ويچارو نهايت شوق ۽ ذوق سان سوکڙيون ۽ تحفا کڻي حضور جن صلعم جي خدمت مبارڪ ۾ ويو. هڪ پيالو، هڪ عصا ۽ هڪ چادر، اهي شيون انهيءَ ويچاري تحفي طور حضور ۾ ڏنيون- اها چادر عباسي خليفن جي خلافت تائين محفوظ هئي- اهو راهب ڪجهه وقت مديني ۾ رهي اسلام سکي، وري ملڪ موٽيو ۽ چئي ويو ته موٽي ايندس، مگر حضور جن صلعم جي حياتيءَ ۾ ته ڪونه موٽيو. وري ابوالحارث اسقف (پادري)، جو هڪ وڏي ڏيول جو پيش امام هو ۽ روم جو بادشاه به سندس ادب ڪندو هو ۽ عيسائن ۾ وڏو مجتهد ۽ ولي الله ليکبو هو، سو به پڻ

www.maktabah.org

سائيڪي ڪن وڏن ماڻهن کي پاڻ ساڻ ڪري حضور ۾ حاضر ٿيو. وچين نماز جو وقت هو ته مسجد نبوي ۾ اچي پهتا. اها مهل عيساين جي به نماز پڙهڻ جي هئي، جو شايد آچر جو ڏينهن هو. حضور جن عليه الصلوات والسلام هنن کي موڪل ڏني ته پلي پنهنجي نماز مسلمانن جي مسجد ۾ پڙهن. هنن اوڀر پاسي، جيڏانهن هنن جو قبلو هو، منهن ڪري نماز اڙهي. مسلمانن البت خيال ڪيو ته انهن کي نماز کان جهلجي، مگر حضور جن عليه الصلوات والسلام سيني کي جهليو. انهيءَ وفد جي مشهوري اهڙي ته اچي ٿي، جو ڪيترائي يهودي به ڏسڻ لاءِ آيا.

حضرت ابراهيم مسلمان هو، يهودي ۽ نصارو ڪين هو.

هڪڙي ڏينهن حضور جن عليه الصلوات والسلام جي روبرو يهودين ۽ نصارن جو اچي تڪرار ٿيو، هو چون ته حضرت ابراهيم عليه السلام يهودي هو، هي چون ته اوهين ڪوڙا آهيو، حضرت ابراهيم عليه السلام نصارو هو. اتي الله جي درگاه مان هي آيتون نازل ٿيون:

يا اهل الكتاب لم تحاجون في ابراهيم وما انزلت التورات والانجيل الامن بعده افلا تعقلون ها انتم هاؤلاء حاججتم فيمالكم به علم فلم تحاجون في ماليس لكم به علم و الله يعلم و انتم لا تعلمون.

ما كان ابراهيم يهوديا ولا نصرانيا ولاكن كان حنيفا مسلما وما كان من المشركين ان اولي الناس با ابراهيم للذين اتبعوه وهاذ النبي والذين آمنوا و الله ولي المومنين.

(سورت آل عمران رڪوع ٧)

www.maktabah.org

[انهن کي چئو (اي رسول الله) ته اي آسماني ڪتابن کي مڃيندڙؤ! حضرت ابراهيم جي حق ۾ ڇو ٿا پاڻ ۾ جهيڙو ڪريو؟ توريت ۽ انجيل ته انهيءَ کان پوءِ نازل ٿيو. اوهان کي ايترو به عقل ڪونهي؟ اوهين هڪ ڀي سان انهيءَ ڳالهه ۾ ته جهيڙو ٿا، جا ڳالهه اوهان کي معلوم به آهي؛ پر جا ڳالهه اوهان کي معلوم ئي نه آهي، تنهن ۾ اوهين ڇو ٿا اٽڪو. الله تعاليٰ ڄاڻي ٿو ۽ اوهين نٿا ڄاڻو.

حضرت ابراهيم نڪي هو يهودي، نڪي هو نصارو، پر هو پڪو خدا پرست مسلمان هو ۽ نڪي مشرڪن منجهان هو. ماڻهن مان حضرت ابراهيم سان اوڏڙا ماڻهو آهي ڄڻيا جي سندس پيروي ڪن، ۽ حضرت ابراهيم سان اوڏڙو آهي هي نبي ڪريم ۽ مٿس ايمان آڻيندڙ، ۽ الله مومنن جو دوست آهي.]

حضرت رسول الله صلعم کي پوڄڻ ناجائز ۽ حرام آهي.

هڪڙي ڏينهن يهودين، حضرت جن صلعم کي چيو ته تنهنجي مرضي آهي ڇا، ته اسين تنهنجي عبادت ڪريون؛ جهڙيءَ طرح عيسائي، حضرت عيسيٰ عليه السلام جي عبادت ڪن ٿا؟ اتي هڪڙو نجراڻ جو عيسائي به ڇوٽ لڳو ته هان هان محمد! تنهنجي اهڙي مرضي آهي ڇا؟ حضور جن عليه الصلوات والسلام انهن بيوقوفن کي فرمايو ته خدا پناه ۾ رکي، آءٌ ته هڪ خدا جي هيڪڙائي، دنيا کي مڃائڻ ۽ سندس عبادت ۽ ٻانهپ سندس ٻانهن کان ڪرائڻ آيو آهيان. ۽ پوءِ قران شريف جون هي آيتون به نازل ٿيون:

ماڪان لبشر ان يوتيه الله الڪتاب والحڪم والنبوت ثم يقول للناس ڪونوا عباداً لي من دون الله ولا ڪن ڪونوا ربانيين بما ڪنتم تعلمون.

www.maktabah.org

الڪتاب و بما ڪنتم تدرسون ولا يا مرڪم ان تتخذوا الملائڪته و النبيين ار بابا ايا مرڪم با لڪفر بعد اذانتم مسلمون.

[جنهن انسان کي الله تعاليٰ ڪتاب، حڪم ۽ پيغمبريءَ جو عهدو ڏنو، تنهن کي ڪو حق ڪونهي ته هو وري ماڻهن کي چوي ته خدا کي ڇڏي منهنجا ٻانها ھجو پر ھن کي ته ھئن چوڻ گھرجي ته الله جو ڪتاب ۽ شريعت سکي خدا وارا ٻنجو.

هي نبي اوهان کي ڪونه ٿو چوي ته ملائڪن يا نبين کي پنهنجا رب بنايو، اوهين ته اسلام قبول ڪري چڪا آهيو، ته پوءِ هو پلا اوهان کي ڪفر جو حڪم ڪئن ڪندو؟]

جڏهن اهي وفد وارا موٽيا ته حضور جن عليه الصلوات والسلام کان ھي سند به لڪائي ورتائون جنهن ۾ ديولين ۽ پادرين بابت صاف آزادي ھئي. اها سند ھيءَ ھئي:

بسم الله الرحمان الرحيم من محمد النبي الي الا سقف ابي الحارث و اساقفته نجران و ڪهنتهم ورهبانهم و اهل بيعتهم و رقيقهم و ملتهم وسوا طبتهم و علي ڪل ماتحت ايديهم من قليل او ڪثير جوار الله و رسوله لايغير اسقف من سقفيته ولا راهب من رهبانية ولا ڪاهن من ڪهنانيته ولا يغير حق من حقوقهم ولا سلطانهم ولا مما ڪانوا عليه علي ذالڪ جوار الله و رسوله ابدا مانصحوا واصلحوا عليهم غير متقلبين بظالم ولا ظالمين.

[الله پاڪ مهربان ۽ رحم واري جي نالي سان، طرفان محمد نبيءَ جي، ابو الحارث اسقف (وڏي پادريءَ) ڏانهن، نجران جي ٻين اسقفن (پادرين)، ڪاهنن (ڀارن ھٽندڙن)، راهبن (درويشن)، سندن مريدن، غلامن، ھم قوم ۽ ھم مذهب وارن، پوليس وارن ۽

www.maktabah.org

جيڪي به ٿورو گهڻو انهن جي هٿ ۾ آهي انهن سيني لاءِ، خدا ۽ خدا جي رسول جي پناه آهي. اسقف، راهب ۽ ڪاهن پنهنجي پنهنجي مرتبي تان نه هٽائبا ۽ نه مٽائبا، نه انهن جو ڪو حق ڪسبو ۽ نه ڪو اختيار، نڪي انهن جي ڏرم ڪرم ۾ ڪا دست اندازي ٿيندي ۽ انهن سيني تي الله ۽ الله جي رسول جي هميشه پناه آهي، جيستائين پنهنجي لڳ لاڳاپي وارن ڪي خير خواهيءَ سان سڌاريندا ايندا ۽ جيسين نه پاڻ ظالم هوندا نه ظالمن جا رفيق ۽ همراه ٿيندا.]

ابن سند مغيره بن شعبه رضه اصحابيءَ لکي هئي. وچڻ وقت عرض ڪيائون ته حضور جن ڪو معتبر ماڻهو اسان سان گڏ ڏين، جنهن ڪي پنهجي حفاظت جو بدل محصول (جزيو) ڏيون. حضور جن صلعم ابو عبيده بن جراح رضه کي روانو ڪيو ۽ فرمايائون ته هي شخص منهنجي اُمت جو امين آهي. حضرت ابو عبيده رضه جو ويو، تنهن جي برڪت سان انهيءَ ساري ملڪ ۾ اسلام پکڙجي ويو ۽ اسلام ڪي ماڻهو چڱو سمجهي داخل ٿيندا ويا.

دفع نخع.

هن وفد کي "خاتم الوفود" يعني وفدن ۾ پويون وفد، چئبو آهي. هن وفد کان پوءِ ڪو وفد ڪونه آيو ۽ هي وفد پندرهين تاريخ محرم سنه ۱۱ هجريءَ ۾ حاضر ٿيو هو. هن ۾ ٻه سؤ ماڻهو هئا، جي حضرت معاذ بن جبل رضه صحابي سونهاري جي هٿ تي مسلمان ٿيا هئا. جڏهن مديني شريف پهتا ته "دارالضيافه" (مهمانخاني) ۾ لاٿا ويا. انهيءَ وفد ۾ هڪڙو شخص زراره بن عمرو رضه نالي هو. انهيءَ حضور، جن صلعم کان ڪيترن ئي خوابن جا تعبير پڇيا، جن مان هڪڙو هي به هوءَ زراره چيو ته حضور! خواب ۾ ڏٺو اٿم ته زمين

www.maktabah.org

مان هڪڙي باهہ نڪتي آهي جا مون ۽ منهنجي پٽ عمر جي وچ ۾ اچي پهتي آهي ۽ چوي پئي تہ "سڙو سڙو، ڏسو ٿا ڪين اندا آهيو؟ اي انسانو! پنهنجو ڪاڌو، پنهنجو عيال ۽ پنهنجو سڀ مال مون کي کائڻ لاءِ ڏيو!" حضور جن صلي الله عليه وسلم فرمايس تہ هي هڪڙو وڏو فساد آخر زماني ۾ ظاهر ٿيڻو آهي. زراره عرض ڪيو تہ قبلا! اهو ڪهڙو فساد هوندو ۽ ڪڏن هوندو؟ پاڻ سونهارن فرمايو تہ ماڻهو پنهنجي امام (بادشاهہ يا خليفي) کي قتل ڪري ڇڏيندا، پاڻ ۾ وڙهي پوندا، هڪ ٻئي سان اهڙيءَ طرح ڪنڌ جي وڃندا جهڙيءَ طرح هٿن جون آڱريون چنبي ڏيڻ مهل ڪنڌ جي وينديون آهن، بدڪار پاڻ کي نيڪوڪار سمجهندا، هڪڙي مومن جو رت پاڻيءَ کان وڌيڪ پيو وٽندو. جيڪڏهن تنهنجو پٽ دنيا مان اڳيئي گذري ويو تہ تڏهن تون پاڻ اها حالت ڏسندين، جيڪڏهن تون اڳيئي مري وئين تہ پٽهين ڏسندو. زراره عرض ڪيو تہ يا رسول الله (صلعم)، دعا فرمايو تہ آءٌ اهڙو فتنو ۽ فساد اکئين نہ ڏسان. حضور جن عليه الصلوات والسلام دعا فرمائي تہ خدايا هي شخص زراره اهو فتنو شل اکئين نہ ڏسي. زراره سونهارو اڳيئي گذاري ويو، پٽس، حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنه جي خلافت وقت، بيعت پڇي مخالف ٿي بيٺو، آخر حضرت عثمان رض جي شهادت اکئين ڏٺائين.

حج جو فرض ٿيڻ.

مون کي هن تاريخ شريف لکڻ وقت اصل اهو ارادو ڪون هو تہ آءٌ طول طويل لکبي، سنڌ جي ملول طبع ماڻهن کي پڙهڻ کان ئي ٿڪايان، انهيءَ ڪري مون مٿي بہ مختصر لکڻ جو نمونو اختيار ڪيو آهي ۽ هاڻي بہ ائين ٿو ڪريان. ڪيترا واقعا آهن، جو مون ڇڏي ڏنا آهن، مگر جيڪي

www.maktabah.org

ضروري، عبرت جهڙا ۽ شان نبوت ڏيکارڻ وارا واقعا هئا، سي اڪثر لکيا اٿم. اهل اسلام تي، سنه ۹ هجري ۾، حج فرض ٿيو، مگر انهيءَ سال حضور جن عليه الصلوات والسلام وٽ، اسلام جي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترن ئي ملڪن ۽ طرفن کان وفد اچڻ لڳا ۽ پيا به ضروري ڪم هئا، جن ڪري ڇڏي حج تي وڃڻ مناسب نه هو.

حضور جن صلعم، حضرت ابوبڪر صديق رضه کي امير الحاج بنايو.

انهيءَ ڪري انهيءَ سال حضور جن پنهنجي ٻاران حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه کي امير الحاج مقرر ڪري مڪي شريف موڪليو. انهيءَ سال ٽي سؤ اصحاب مديني شريف مان حج لاءِ روانا ٿيا هئا.

حضور جن صلعم، حضرت علي رضه کي سورت توبه پڙهڻ لاءِ نائب مقرر ڪيو.

تنهن کان پوءِ حضور جن عليه الصلوات والسلام حضرت علي رضه کي سورت توبه جون پهريون چاليهه آيتون مڪي جي ماڻهن کي حج جي موقعي تي پڙهي ٻڌائڻ لاءِ روانو ڪيو، جنهن مان خاص مطلب هو ته هن سال کان پوءِ ٻيو ڪو به مشرڪ بيت الله جي اندر داخل ٿي نه سگهندو، ۽ ڪو به شخص اگهاڙو ٿي ڪعبة الله جو طواف ڪري نه سگهندو، جو اهو مشرڪن ۽ ڪافرن ۾ دستور هو.

حَجتہ الوداع.

سنه ۱۰ هجريءَ ۾ حضور جن صلعم حج جو پڪو ارادو ڪيو ۽ سڀني طرفن ڏي اها خبر مشهور ٿي وئي ته حضور

www.maktabah.org

جن عليه الصلوات والسلام، هيل، ڀاڻ پنهنجي سر حج تي وڃڻا آهن. سندين زيارت ۽ ساڻن حج ۾ شامل ٿيڻ لاءِ خلقن جون خلقون مدينی شريف ۾ اچي گڏ ٿيون. وڏا وڏا ماڻهو توڙي غريب، سيڪنهن قسم جا اچي حضور ۾ حاضر ٿيا. هڪ لک کان وڌيڪ ماڻهو حج لاءِ حضور جن سان همرڪاب ٿيا ۽ جملي مسلمان انهيءَ سال حج تي هڪ لک چاليهه هزار هئا. هن حج ۾ ڀاڻ اهڙي نموني جون ڳالهيون ڪيائون، جو ڄڻ ڀاڻ ماڻهن کان موڪلائڻ پيا، انهيءَ ڪري هن حج جو نالو "حجة الوداع" پئجي ويو، جنهن جي معنيٰ آهي موڪلائيءَ جو حج.

حضور جن صلعم جو حجة الوداع جي وقت خطبو ۽ وعظ.

ڀاڻ، حج جي ڏينهن حج جي موقعي تي هڪ جبل جي ٽڪريءَ تي چڙهي، هڪ لک چاليهه هزارن مسلمانن کي نهايت اعليٰ درجي جون نصيحتون، وصيتون ۽ هدايتون فرمايون، ۽ فرمايائون ته مسلمانو! شايد آءٌ آئنديءَ سال اوهان ۾ نه هجان، منهنجي حوالي جيڪو ڪم هو سو ختم ٿي ويو ۽ الله جو دين ڪامل ٿيو: مگر اوهين ياد رکجو ته اوهان جو رت، اوهان جا مال ۽ اوهان جون عزتون هڪ ٻئي تي حرام آهن. ڪو ڪونه ڪنهن جو رت هاري، ڪو ڪونه ڪنهن جو مال ڦري، ڪو ڪونه ڪنهن جي عزت وٺي. الله تعاليٰ قيامت جي ڏينهن اوهان کان اوهان جن ڪمن جي پڇا ڪندو. خبردار مون کان پوءِ گمراهه نه ٿجو ۽ هڪ ٻئي جون گردنون نه ڪاٽجو.

www.maktabah.org

جاهليت جي رسمن بابت ارشاد.

* آءٌ جاهليت جي سڀني رسمن کي پيرن هيٺ لتاڙيان ٿو: جاهليت جي وقت ۾ جيڪي خون ٿيل هجن، تن جو بدلو بند آهي؛ آءٌ پاڻ ابن ربيعہ بن الحارث جو خون بخشيان ٿو، جنهن کي بيگناهہ هذيل وارن قتل ڪيو هو. جاهليت جي وقت جو وياج، جيڪڏهن ڪنهن جو ڪنهن ڏي هجي تہ سو بہ بند آهي؛ آءٌ عباس بن عبدالمطلب جو وياج ماڻهن ڏي لهڻيل سڀ ڇڏيان ٿو. ڪتاب الله (قران ڪريم) کي پوريءَ طرح عمل ۾ رکجو؛ اوهان جا سڀ ڪم قران ڪريم جي حڪمن موافق هئڻ گهرجن. مڙسن کي زالن سان، زالن کي مڙسن سان چڱو سلوڪ رکڻ گهرجي؛ هڪ ٻئي جا حق سڃاڻڻ گهرجن. اي انسانو! مون کان پوءِ ڪو نبي ٿيڻو ڪونهي، نہ ڪا اوهان کان پوءِ ڪا ٻي امت نئي ٿيڻي آهي. خبردار پنهنجي رب جي عبادت ڪجو، پنج وقت نماز پڙهجو، رمضان جا روزا رکجو، پنهنجن مالن جي زڪوات ڏجو، بيت الله جو حج ڪجو ۽ پنهنجن حاڪمن جي تابعداري ڪجو تہ بهشت ۾ داخل ٿيو. پڇاڙيءَ ۾ فرمايائون تہ اي انسانو! قيامت جي ڏينهن خداوند پاڪ اوهان کان منهنجي رسالت بابت سوال ڪندو تہ محمد عليه الصلوات والسلام اوهان کي برابر خدائي پيغام پهچايا يا نہ؟ اوهين ڇا چوندو؟ سڀني هڪ آواز سان عرض ڪيو تہ يا رسول الله! تو الله جا حڪم احڪام ۽ وحيءَ جا پيغام

* اسان جي مسلمان ڀائرن کي هي لفظ زياده دل سان هنڊائڻ گهرجن: ڪيتريون ئي جاهليت جون رسمون، شادين ۽ غمين جي موقعن تي مسلمانن ۾ موجود، ۽ ڪيتريون ئي جاهليت جون رسمون مسلمانن جي عقيدن ۾ گڏيليون آهن، جن کي حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم مٿيان لفظ فرمائي لتاڙي ڇڏيو.

www.maktabah.org

چگيءَ طرح اسان کي وسايا، اُمت کي چگيءَ طرح تڪليفون سهي به نصيحتون ڪيون. تو رسالت جا يارسول الله، سڀ حق ادا ڪيا. حضور جن عليه الصلوات والسلام انهيءَ وقت پنهنجي امت جو اقرار ٻڌي، آسمان ڏي مُنهن مبارڪ ڪري هي لفظ فرمايا:

اللهم اشهد اللهم اشهد اللهم اشهد.

[خدايا تون شاهد هججانءِ، خدايا تون شاهد هججانءِ خدايا تون شاهد هججانءِ.]

حج جو ڏينهن هو انهيءَ ڏينهن هيءَ آيت شريف نازل ٿي:

اليوم اڪملت لڪم دينڪم و اتممت عليڪم نعمتي و رضيت لڪم الاسلام دينا.

[اڄ ڪامل ڪيو مون دين اوهان جو ۽ پوري ڪئي مون مهرباني پنهنجي، اوهان تي. اوهان اسلام کي دين ڪري قبول ڪيو آهي تنهن کان آءٌ راضي آهيان.]

انهيءَ آيت شريف جي نازل ٿيڻ مان پاڻ به سمجهي ويا هئا ته هاڻي مولا سان ملڻ جو وقت ويجهو آهي، پوءِ ڪين به اچي شوق ٿيو وصال ٻاريءَ جو. دستور آهي ته "وعده وصل چون شود نزديڪ- آتش شوق تيز تر گردد":

"ملڻ جا مشتاق کي، جڏهين اوڏا اچن ڏينهن،
ذوق زيارت جو وڌي، ٿي اسورو نينهن،
محبت وسي مينهن، محبوبن جي پار جو."

آخر پاڻ مديني شريف ۾ خيريت سان موٽي آيا.

حضور جن جو آخرين خطبو (ليڪچر).

هڪڙي ڏينهن حضور جن عليه الصلوات والسلام مديني ۾ وفات کان هڪ مهينو اڳ، مهاجرن ۽ انصارن کي هڪ

www.maktabah.org

هنڌ ڳڌ ڪري هيئين طرح سمجهايو: اي انسانو، مرحبا! الله تعاليٰ جي سلامتي، مدد ۽ حفاظت اوهان تي هجي. الله پاڪ اوهان کي عزت، هدايت ۽ توفيق بخشي. الله پاڪ اوهان کي پنهنجي پناهه ۾ رکي، آفتن کان بچائي ۽ سلامت رکي. آءٌ وصيت ٿو ڪريان ته پرهيزگار رهجو ۽ خدا کان ڊڄندا رهجو. آءٌ اوهان کي الله جي عذاب کان ڊيڄاريان ٿو ۽ اميد ٿو ڪريان ته اوهين به ماڻهن کي الله جي عذاب کان ڊيڄاريندا رهجو. اوهان تي لازم آهي ته هٺ، وڏائي ۽ وڏي هلڻ جي عادت کي، خدا جي ٻانهن ۽ خدا جي ڳوٺن ۾ وڌڻ نه ڏيو. آخرت به انهن لاءِ چڱي ٿيندي، جي دنيا ۾ وڏي ٿيا هان ۽ ملڪ ۾ فساد نٿا وجهن. نيڪ عاقبت پرهيزگارن لاءِ آهي. ۽ هتي به حضور جن عليه الصلوات والسلام فرمايو "مون کي اهي فتحون ۽ ڪاميابيون معلوم آهن ۽ آءٌ اهي ڏسان پيو، جي اوهان کي نصيب ٿينديون. مون کي هاڻي هن ڳالهه جو ڪو ڊپ ڪونهي ته اوهين وري ڦري ڪافر ۽ مشرڪ ٿيندؤ، بلڪل نه، پر هي ڊپ اٿم ته آخر انسان آهيو، آئين شل نه ٿئي جو دنيا جي محبت ۾ ڦاسي ڪنهن وڏي آزمايش ۽ فتني ۾ پئجي وڃو، جنهن فتني ۾ پنهنجي اڳيون امتون هلاڪ ۽ چٽ ٿيون". پڇاڙيءَ ۾ فرمايائون ته "سلام اوهان سڀني تي ۽ انهن سڀني تي جي اڄ کان وٺي قيامت تائين اسلام جي واسطي سان منهنجي بيعت ۾ داخل ٿيندا".

قبرستانن جي زيارت لاءِ حضور جن جي تشريف.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، حضور جن عليه الصلوات والسلام جبل احد تي تشريف فرما ٿيا ۽ احد جي شهيدن لاءِ موڪلائيءَ جي نماز پڙهيائون. پوءِ وري مديني شريف جي قبرستان ۾ جنت بقيع ۾ سمهيلن ۽ آراميان جي حق ۾ دعا گهرڻ لاءِ اُٿ

www.maktabah.org

رات مهل روانا ٿيا ۽ جنهن به قبرستان ۾ ويا ته هي لفظ زبان مبارڪ تي آندائون، "انابڪم للاحقون" اسين اوهان کي جلدئي اچي ملنداسين.

حضور جن صلعم جي آخرين بيماري ۽ تنهن کان پوء وفات.

سومر جي ڏينهن، ٢٩ تاريخ مهيني صفر جي، ڪين بيماري ٿي، تپ ۽ مٿي جي سور سخت شدت ڏيکاري ۽ تڪليف ڏني. حضرت ابوسعيد خدري رضي الله تعاليٰ عنه جو چوڻ آهي ته رومال حضور جن صلعم جي مٿي مان ٻڌل هو. مون ان کي هٿ لائي ڏٺو ته منجهانس باه جي سيڪ وانگي سيڪ پئي آيو. جسم مبارڪ اهڙو ته گرم هون، جو هٿ سهي نه سگهي. مون عجب ڪيو ۽ حيرت ۾ پيس. پاڻ فرمايائون ته نبين کان وڌيڪ تڪليف ڪنهن بئي کي ٿيڻي ڪانهي؛ انهي ٿي ڪري آجر به عظيم ملين ٿو.

بيماريءَ جي وقت دعا.

بيبي ام المومنين عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها کان روايت آهي ته پاڻ سگهورا جڏهين بيمار ٿيندا هئا، ته هيءَ دعا پڙهي جسم تي هٿ گهمائي ڇڏيندا هئا:

اذهب الناس رب النباس واشف انت الشافي لا شفاء الا شفائڪ شفاءَ لا يغادر سقما.

[اي ماڻهن جا پالڻهار (رب) هي درد دفع ڪر ۽ شفا ڏي. تون ئي شافي آهين، ٻئي ڪنهن جي به شفا ڪانهي، تنهنجي شفا کان سواءِ. اهڙي شفا ڏي، جو وري بيماري نه ٿئي.]

بيبي صاحبه فرمايو ٿي ته مون کي اها دعا ياد هئي، مون پڙهي، خيال ڪيو ته سندن جسم مبارڪ تي هٿ

www.maktabah.org

گهمايان، پاڻ منهنجو هٿ پري ڪري هي لفظ زبان مبارڪ مان ڪڍيائون:

اللهم اغفرلي والحقني بالرفيق الاعلىٰ

[خدايا بخشيم ۽ رفيق اعلىٰ سان ملائيم.]

حضور جن قبر پرستي بابت وصيت طور سخت منع ڪئي.

وفات کان پنج ڏينهن اڳ فرمايائون "اي منهنجي امت، توهان کان اڳ هڪ قوم ٿي گذري آهي، جنهن نبين، نيڪن ۽ صالحن جي قبرن کي پنهنجو سجده گاه بڻايو هو. توهين هرگز ائين نه ڪجو." پاڻ هڪڙن به فرمايائون ته "خدا انهن يهودين ۽ نصارن تي لعنت ڪري، جن نبين جي قبرن کي سجدي گاه بنايو ۽ بتن وانگي پوڄيو: اي خدا منهنجي قبر کي مون کان پوءِ بت نه بڻائجانءِ جو منهنجي پوڄا ٿئي." پڻ فرمايائون ته "انَ قوم تي خدا جو سخت غضب ٿئي ٿو جن نبين جي قبرن کي سجدي گاه بنايو. مسلمانو، ڏسو آءٌ اوهان کي ان ڳالهه کان منع ڪريان ٿو. آءٌ اوهان کي خدا جو پيغام پهچائي چڪس: خدا، تون ان بابت شاهد هج" وري چيائون، جو مٽي سان پيندي (هٿي) پڌي، پڻ شخص جي ڪلهن تي ٽيڪ ڏئي مسجد شريف ۾ تشريف فرما ٿيا ۽ سيني مسلمانن کي گڏ ڪري، انصارن ۽ مهاجرن بابت چڱيءَ طرح هدايتون ۽ نصيحتون فرمايائون. پوءِ فرمايائون ته "جيڪڏهن ڪنهن به شخص جو مون تي ڪو حق هجي ته آءٌ حاضر آهيان، مون کان بيشڪ گهري."

هڪڙي آئي عرض ڪيو ته يا حضرت! حضور جن هڪڙي دفعي مون کان ٽي درم آڌارا ورتا، هڪڙي محتاج کي ڏنا هئا، سي اڃا مون کي نه مليا آهن. پاڻ انهيءَ وقت ٽي درم

www.maktabah.org

ڏنائون، پوءِ جنهن جنهن جو، جو جو حق هو، تنهن تنهن پنهنجي حق جي عيوض ۾ دعا ۽ برڪت گهري.

جملي چوڏهن ڏينهن حضور جن صلعم بيمار هئا، تن مان ٻارهن ڏينهن تہ حضور جن عليه الصلوات والسلام مسلمانن کي پاڻ نماز پڙهائي. ٻارهين ڏينهن سومهڻي نماز جي وقت مسجد ۾ وڃڻ لاءِ سچا ٽي دفعي خيال ڪيائون، مگر ٽئي دفعي بيهوش ٿي ويا: نيٺ فرمايائون تہ ابوبکر رضہ نماز پڙهائي.

حضور جن صلعم جي بيماريءَ وقت حضرت ابوبکر، حضور جن صلعم جي حکم موجب امام ٿيو.

جڏهن حضرت ابوبکرصديق رضي الله تعالیٰ عنه، حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم جي مصلي تي بيٺو تہ خود حضرت ابوبکر رضہ ۽ ٻين اصحابن جي اهڙي اچي دل ڀري ۽ اهڙو اچي روئڻ لڳا جو سندن روئڻ جو آواز حضور جن عليه الصلوات والسلام جي ڪنن مبارڪن تائين وڃي رسيو. انهيءَ وقت البت طبيعت ۾ وري آرام ٿيو هو، انهيءَ ڪري آخر مسجد شريف ۾ تشريف فرما ٿيا، ۽ حضرت ابوبکر صديق رضہ جي ڪپي پاسي ويهي نماز پڙهايائون. ۽ نماز کان پوءِ وري سڀني کي مخاطب ڪري فرمايائون " تہ مسلمانو! آءٌ اوهان کي الله جي حوالي ڪريان ٿو، الله جي پناهہ، نگاهہ ۽ مدد جي حوالي ڪريان ٿو، الله اوهان تي مون کان پوءِ واهي آهي. اوهين پرهيزگار ۽ سندس بندگي ڪندڙ رهندؤ، تہ پاڻ بہ اوهان کي سنڀاليندو. آءٌ هاڻي دنيا کان ڌار ٿيڻ ۽ دنيا کي ڇڏڻ وارو آهيان."

www.maktabah.org

حضور جن صلعم جي دنيائي ۽ سالي حالت پڇاڙيءَ ۾.

حضور جن عليه الصلوات والسلام جي حويلي شريف ۾ جيڪي به انهيءَ وقت موجود هو، سو سڀ پاڻ راه خدا ۾ ڏئي ونئي ڇڏيائون، ۽ هٿيار جيڪي وٽن هئا، سي مسلمانن کي بخشش ڪيائون. جنهن رات جي صبح جو لاڏاڻو ٿيو تنهن رات ڏئي ۾ تيل ئي ڪونه هو. بيبي عائشه رضي الله تعاليٰ عنها پاڙي مان اُڌارو وٺي آئي. ۽ حضور جن عليه الصلوات والسلام جي جيڪا زره هئي سا به ٽيهن ٽويـَن جوَن جي قرض ۾ گِهه رکيل هئي!

پويون ڏينهن.

پوئين ڏينهن صبح جو، حجري مبارڪ جو پردو حضور جن صلعم پاسي ڪرائي ڇڏيو، جو مسجد جي پاسي هو. سندن نظر مبارڪ مسجد ۾ پئي پئي، ڏٺائون ته مسلمانن جون صفون تيار آهن ۽ هڪ الله پاڪ لاشريڪ جي عبادت ۾ بيٺا آهن. اهو پاڪ ۽ دل تي اثر ڪرڻ وارو نظارو جو سندن ئي ڪوشش ۽ صداقت جو نتيجو ۽ نشان هو، پاڻ سونهارا ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ سندن چهري مبارڪ تي خوشيءَ جا آثار ظاهر، ۽ چپن مبارڪن مان مُرڪڻ جو نمونو معلوم ٿيو ٿي. اصحابن کي جو نمازئي ۾ خبر پئي ته پاڻ مسجد ڏانهن نهارين ٿا ۽ اسان کي ڏسن ويٺا، سو اصحابن کي سندن ديدار جو اهڙو ته اڃي شوق غالب ٿيو، جو پائين ته ڏانهن نهارين مگر حضور جن عليه الصلوات والسلام هٿ مبارڪ جي اشاري سان کين دلجاءِ ڏني ۽ روڪيو.

www.maktabah.org

حضور جن صلعم پوئين نماز، حضرت صديق اڪبر رضه جي پويان پڙهي.

پاڻ سڀوڙن صبح جي نماز، حضرت ابوبڪر صديق رضه جي پويان پڙهي. هن نماز کان پوءِ ٻي ڪنهن به فرض نماز جو وقت حضور جن صلعم تي ڪونہ گذريو. جڏهن انهيءَ ڏينهن نزع جي حالت ٿي، تڏهن هڪ پيالو پاڻيءَ جو ڀرائي سيراندي‌ءَ کان رکائي ڇڏيو هئائون، جنهن مان پاڻ هٿڙا ٻوڙيو منهن مبارڪ تي ٿي رکيائون، چهرو مبارڪ ڪڏهن ڳاڙهو ڪڏهن پيلو ٿيو ٿي ويو. اهڙي وقت به، زبان مبارڪ تي هيءَ لفظ هئا:

لا اله الا الله ان للموت سڪرات.

[هڪ خدا ڌاران ٻيو ڪو خدا ڪونهي، موت ۾ گهڻي قدر تڪليفون آهن.]

انهيءَ وقت پاڻ بيبي فاطمہ بتول رضي الله تعاليٰ عنها کي فرمايائون، "امان! اهو موت، لذتون ڇنندڙ، سڌون ۽ خواهشون کپيندڙ، جماعتون جدا ڪندڙ، عورتن کي رنڙ ڪندڙ، ٻچن ۽ ڌين کي يتيم ۽ ڇورڙو ڪندڙ آهي." اهي لفظ ٻڌي بيبي صاحبہ روئي ڏنو ۽ اکين مان پاڻي وهايو. حضور جن عليه الصلوات والسلام پنهنجي هٿن مبارڪن سان بيبي صاحبہ جون اکيون اگهيون، ۽ فرمايائون تہ بابا، نہ نہ، روءِ نہ. پوءِ حضرت امام حسن ۽ حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنهما کي گهرايائون، امام سونهارا، خدا جي مقدس نبي ۽ متبرڪ ناني جو هڙو وقت ڏسي رنڻ لڳا. حضور جن عليه الصلوات والسلام ٻنهي کي چميون ڏنيون ۽ سندن عزت بابت وصيت فرمايائون. پوءِ وري حرمن پاڪن کي گهرايائون ۽ نصيحتون ڏنائون. وري حضرت علي مرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه کي گهرايائون، جنهن اچي سر مبارڪ

www.maktabah.org

جوٽ تي رکيو ۽ حضور جن عليه الصلوات والسلام ساڻس ڳالهه ٻولهه ڪندا رهيا. ڳالهائڻ ۾ البت ڪجهه وات مبارڪ مان پاڻي آئيو ٿي ته حضرت علي رضه جي منهن مبارڪ تي ڦڙڪون پيون ٿي. ۽ حضرت علي رضه کي خاص طرح هيءَ نصيحت ڏنائون ته ٻانهن ۽ ٻانهين سان چڱا پير ڪڄجو، خدا کان ڊڄجو، انهن غريبن کي چڱو کارائجو، چڱو جوڙائجو ۽ چڱو ماڻائجو ۽ ساڻن هميشه نرم ٿي هلجو. ۽ فرمايائون ته علي (رضه) صبر سان رهجانءِ.

رب پاڪ جو محبوب رسول عربي،
مڪي، مدني، هاشمي و مطلبي،
جي مشڪ وجهي وات کي خوشبوءِ سان ڀريان،
حضرت جو ولڻ نانءُ ته به بي ادبي.
قربان وڃان شان ڪريميءَ تان سندن،
صدقي ٿيان احسان جي عميمي تان سندن،
ٿيان گهور، مٿن گهوريان پنهنجي جان ۽ مال،
رحمت تان، ڪرم تان ۽ رحيميءَ تان سندن.

حضرت علي رضه آخر حضور جن صلعم وٽان اٿي روانو ٿيو ته بيبي عائشه صاحبه رضي الله تعاليٰ عنها سر مبارڪ کڻي گوڏي تي رکيو. اتي عبدالرحمان بن ابي بڪر رضه به اندر آيو، جنهن جي هٿ ۾ تازو ڏندڻ هو. اهو ڏندڻ وٺي پاڻ سونهارن ڪم آندو. تنهن کان پوءِ هي لفظ زبان مبارڪ مان نڪتن:

الصلوات الصلوات و ما ملڪت ايمانڪم

(نمازا نمازا! يعني نماز نه ڇڏيو ۽ ٻانهن ۽ ٻانهين جي سنڀال ڪندا رهجو).

انهن لفظن کان پوءِ هي لفظ فرمايائون:

اللهم الرفيق اعليٰ

(اي خدا مٿاهين رفيق سان ملائينم.)

www.maktabah.org

بيبي عائشه صديقي رضہ جو فرمودو آهي تہ اهي لفظ چيائون تہ انهيءَ کان پوءِ اکين جا تارا مبارڪ ٿورا ڦري ويا: ۽ تاريخ ١٢ مهيني ربيع الاول سنہ ١١ هجريءَ سومر جي ڏينهن ٦٣ سال ۽ چئن ڏينهن جي عمر ۾ منجهند مهل روح پاڪ جسم مبارڪ مان نڪري عالم قدس ڏي هليو ويو، "اِنا لله و اِنا اليه راجعون". انهيءَ دل ڏکوئيندڙ حادثي، ۽ رسول الله، نبي الله، حبيب الله، رحمت للعالمين، محبوب رب العالمين، تاج الحرمين، سيد الثقلين صلي الله عليه وسلم جي ظاهري فراق ۽ وڇوڙي جي غم ۽ ڳوندر ۾ ڪنهن اهل بيت، ڪنهن بہ اصحاب سونهاري شريعت جي خلاف نہ رڙيون ڪيون ۽ نہ واڪا ڪري رنو. غم ۽ اندوه جي تلخ آب سان سندن دل ۽ جگر جو پيمانو ۽ پيالو ڀرُ ٿي ويو، مگر الله ۽ الله جي رسول صلي الله عليه وسلم جا مضبوط ۽ موچارا حڪم ياد ڪري، انهيءَ ڪڙاڻ ڪي خيال ۾ بہ نہ آندائون. خيال جي جاءِ آهي تہ جن انسانن، مٺي مرسل مدني محبوب جي مٺي ۽ من موهڻي مجلس هڪ دفعي ڏٺي هوندي، جن دنيا جي اولين ۽ آخرين نبين جي سردار، حڪمين ۽ فلاسفرن جي مهندار، قانون قدرت جي مطالعي ڪندڙن جي سرتاج، دنيا کي سڌاريندڙن ۽ سنئين رستي تي آڻيندڙن جي امام جي صحبت حاصل ڪئي هوندي، تن کي اهڙي گوهر گرانمايہ، اهڙي جواهر ناياب جي جدائيءَ جو ڪيڏو نہ غم ۽ الم رسيو هوندو! مگر واهہ ڙي سندن همت ۽ شريعت جي متابعت، جو هڪ آواز بہ خلاف حڪم رسول الله جي ڪو نہ ڪڍيائون!

بيبي خاتون جنت جو حال حضرت جن جي وفات وقت.

سند ين نور نظر نياڻي بيبي خاتون جنت رضي الله تعاليٰ عنها انهيءَ حادثي جي وقت فقط حيرت ۾ پئجي، حضور جن عليه

www.maktabah.org

الصلوات والسلام جي مٿان بيھي اکين مان دل جا ڳوڙھا ڳاڙي، ھي درد ڀريا لفظ چيا، "منھنجا عالي شان ابا! اوھان الله سائينءَ جو سڏ سڻيو ۽ قبول ڪيو، بھشت ۾ جاءِ ورتي. غم فقط ھيترو آھي، جو ھاڻي جبرئيل ڪنھن تي ايندو ۽ خدائي پيغام ڪنھن وٽ آڻيندو؟ يعني افسوس اھو سلسلو بند ٿي ويو. خدايا فاطمہ جي روح کي پنھنجي پاڪ نبي محمد عليه الصلوات والسلام جي روح سان ملاءِ ۽ سندن ديدار سان مون کي ھميشه خوش رک! خدايا ھن مصيبت جي ثواب کان تون مون کي بي نصيب نہ ڪر ۽ روز محشر ۾ رسول الله صلعم جي شفاعت کان محروم نہ ڪريئم." آمين.

بيبي عائشہ صديقہ جو حال حضور جن جي وفات وقت.

بيبي عائشہ صديقہ ام المومنين رضي الله تعاليٰ عنها ھي جذبي وارا لفظ زبان مبارڪ مان ڪڍيا، "افسوس ھن ڳالھہ جو آھي تہ اھو خدا جو پيارو نبي، جنھن مسڪينيءَ کي دولتمنديءَ تي، فقيريءَ کي دنياداريءَ تي اختيار ڪيو، جنھن امت جي غم ۾ ڪڏھن سڄي رات آرام نہ ڪيو ۽ فرحت نہ ڪئي، جنھن ھميشه وڏي ھمت سان نفس جو مقابلو ڪيو، جنھن خدائي منع ٿيل ڳالھين ڏي رکو نھاريو بہ ڪين، جنھن کي حق جي تائيد ۾ دشمنن جي ظلمن جو ڪو بہ خيال ڪو نہ ٿيندو ھو، جنھن جي مھربانين ۽ احسانن جو دروازو مسڪينن ۽ محتاجن تي سدائين کليل ھو، جنھن جا موتيءَ جھڙا ڏند حق جي اظھار ۾ پٿرن سان ٽوڙيا ويا، جنھن جي مبارڪ پيشاني زخمي ڪئي وئي، جنھن پياري رسول فقط جوَن جي ماني بہ پيٽ ڀري نہ کاڌي، اڄ اھڙو پاڪ نبي دنيا مان لڏي ٿو وڃي". البت اصحابن جي دلين تي ھن مصيبت جي بجلي اھڙي تہ ڪري، جو اھو سور اندر ۾ سانڍي جوش وچان کي تہ چريَن جھڙا ٿي

www.maktabah.org

پيا، کي رڻ پٽ ڏئي ٻاهر نڪري ويا، کي جتي هئا آتي ئي حيران پريشان رهجي ويا.

حضرت امير عمر جو حال حضور جن صلعم جي وفات وقت.

حضرت امير عمر رضي الله تعاليٰ عنه جو ته اهڙو حال ٿيو، جو کيس ڀڪ ئي نه پئي ٿئي ته کو حضور جن عليه الصلوات والسلام دنيا مان لڏيو هوندو، بلڪ هٿن چوڻ لڳو ته جيڪو چوندو ته محمد عليه الصلوات والسلام مري ويو ته آءٌ انهيءَ جي سري ترار سان لاهيندس.

حضرت ابوبڪر صديق جو حال حضور جن جي وفات وقت.

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه، حضور جن جي حويليءَ ۾ وڃي کين پاڪر پائي پيشاني تي چمي ڏئي اکين مان ڳوڙها ڳاڙيائين ۽ لڙڪ وهايائين ۽ هي لفظ چيائين ته "منهنجو ماءُ پيءُ توتان صدقي: قسم خدا جو، توتي اي نبي خدا جا، الله پاڪ ٻه ڀيرا موت کين موڪليندو، هي هڪڙو ئي موت آهي، جو اوهان وٽ خدا جي لکئي موجب آيو آهي." حضرت ابوبڪر وري مسجد نبوي ۾ آيو ۽ اصحابن جي سخت حالت ڏسي سيني کي هڪ مغزدار ۽ تسلي بخشيندڙ وعظ هن طرح فرمايو:

اما بعد- فمن كان يعبد محمدا فان قدمات و من كان منكم يعبد الله فان الله حي لايموت قال الله تعاليٰ وما محمد الارسول قد خلت من قبله الرسل افان مات او قتل انقلبتم عليٰ اعقابكم و من ينقلب عليٰ عقبيه فلن يضرالله شيئًا وسيجزي الله الشاكرين.

[الله جي تعريف ۽ رسول جي صلوات کان پوءِ، ظاهر هجي ته جو شخص حضرت محمد صلعم کي پوڄيندو

هو، تنهن کي معلوم هئڻ گهرجي تہ حضور جن تحقيق وفات ڪئي ۽ جو اوهان مان الله پاڪ کي پوڄيندو هو، سو جيئرو ۽ سدائين قائم آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ حضرت محمد فقط رسول آهي، جو پيا رسول بہ ڪناس اڳ گذري ويا آهن. جا جيڪڏهين حضرت محمد عليه الصلوات والسلام مري پوي، يا قتل ٿئي تہ اوهين پوئين پيرين موٽندؤ ڇا ۽ جيڪو اوهان مان پوئين پيرين موٽندو تہ الله کي ڪو نقصان رسائي ڪين سگهندو ۽ الله تعاليٰ شڪرگذار ٻانهن کي اجر بخشيندو.]

حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خطبي پڙهڻ سان اصحابن کي هڪڙي قسم جي همت ۽ زياده صبر جي توفيق حاصل ٿي ۽ اڳ پوء جاچڻ لڳا.

حضرت علي رضہ جو حال حضور جن صلعم جي وفات وقت.

جنهن وقت حضور جن عليه الصلوات والسلام کي غسل ڏيڻ ۾ آيو ٿي ان وقت حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه هي پيارا لفظ زبان مان ڪڍيا:

بابي انت وامي لقد انقطع بموتڪ مالم ينقطع بموت غيرڪ من النبوت و الانباء و اخبار السماء. خصصت حتي صرت مسليا عمن سواڪ. و عممت حتي صار الناس فيڪ سواء ولولا انڪ امرت بالصبر و نهيت عن الجزع لا نفدنا عليڪ ماء الشيون ولڪان الداء مما طلا والڪبد مخالفا و قلا لڪ ولڪنه مانملڪ رده ولا يستطاع دفعه. بابي انت وامي اذڪرنا عند ربڪ و اجعلنا من بالڪ.

[منهنجو ماءُ پيءُ توهان تي صدقي: اوهان جي وفات سببان اهڙيون شيون بند ٿي ويون، جي ٻين جي وفات سببان هوند ڪين ٿين، يعني نبوت، غيب جون

خبرون، ۽ آسماني وحي. اوهان وفات ڪئي ۽ منهنجي دل پين مصيبتن ڪان سرد ٿي وئي. تنهنجي موت جي مصيبت اهڙي ته گهٽي آهي، جو سيني لاءِ هڪ جهڙي ٿي پئي آهي؛ جيڪڏهين تون (اي رسول خدا جا) صبر جو حڪم نه ڪرين ها ۽ واڪا ڪري روئڻ کان نه روڪين ها ته ضرور اسين ماتم جو پاڻي وهائي وهائي سڪائي ڇڏيون ها. تحقيق هي درد لادوا ۽ هي زخم لا علاج آهي، جنهن جو غم جيترو ڪجي، اهو ٿورو آهي؛ پر اسين هن غم کي پاسي ڪري ٽٽا سکهون ۽ نڪا هن درد جي دفع جي ڪا طاقت ٿي اٿون. صدقي منهنجو ماءُ پيءُ تو تان؛ پنهنجي رب وٽ اسان کي ياد ڪجانءِ ۽ دل تان نه وسارجانءِ.]

حضور جن عليه الصلوات والسلام کي تن ڪپڙن ۾ ڪفنيو ويو، جيئن شرعي حڪم آهي. پهرين سندن قبيلي وارن، پوءِ مردن، پوءِ عورتن، پوءِ ننڍڙن ڇوڪرن متن نماز پڙهي. انهيءَ نماز ۾ امام ڪونه ٿيو، هن ڪري جو حجرو مبارڪ تنگ هو، جنهن سببان ڏهن ڏهن ڄڻن وڃي ٿي اندر نماز پڙهي. هڪڙا نماز پڙهي ٿي آيا ته ٻيا ٿي ويا. اهو سلسلو گهڻو وقت پئي هليو، انهيءَ ڪري دفن ۾ دير پئجي وئي ۽ اربع رات اهو خدائي خزانو خدا جي حوالي ڪيو ويو.

اللهم صلي علي محمد و علي آله و اصحابه و بارڪ وسلم.

سندن جنازي نماز ۾ هيءَ دعا پڙهي وئي هئي:

ان الله و ملائڪته يصلون علي النبي. يا ايها الذين آمنوا صلوا عليه وسلمو تسليما. اللهم ربنا لبيڪ و سعديڪ. صلوات الله البر الرحيم و الملائڪته المقربين و النبيين والصديقين والصالحين وما سبح لڪ من شيءٍ يا رب العالمين علي محمد بن عبدالله خاتم النبيين و سيد المرسيلن و امام المتقين و رسول رب العالمين الشاهد البشير الداعي باذنڪ السراج المنير و بارڪ عليه وسلم.

www.maktabah.org

الحمد لله! منهنجي هن جان ڪان پياري ۽ سچيءَ محنت سان تيار ٿيل، مبارڪ ۽ شريف ڪتاب جو خاتمو، اڄ مبارڪ ۽ شريف ڏينهن يعني جمعي جي ڏينهن تاريخ ۱۳ جمادالاوليٰ سنہ ۱۳۳۲ هجري مقدس، مطابق ۱۰ اپريل سنہ ۱۹۱۴ عيسوي جي ٿيو. پڇاڙيءَ ۾ مون کي پيو ڪجهہ بہ وڌيڪ لکڻو ڪينهي فقط هيترو عرض ڪرڻو اٿم تہ منهنجي هن ڪتاب جا پڙهندڙ، خدا جي واسطي سچي دل واريءَ دعا ڪان مون کي نہ وسارين- انهيءَ ۾ منهنجو بہ فائدو آهي ۽ دعا ڪندڙ جو بہ فائدو آهي- والسلام عليٰ من اتبع الهديٰ

هن ڪان پوءِ "اخلاق محمدي" هٿ ۾ ڪٺندس جو بہ گويا هن ڪتاب جو پيو جلد ٿي سمجهڻ گهرجي. انشاءَ الله تعاليٰ.

ڪراچي } حڪيم فتح محمد سيوهاڻي.
۲۰- اپريل ۱۹۱۴ع }

اڄ تاريخ ۲۱ رجب المرجب سنہ ۱۳۴۴ هجريءَ جمعي جي ڏينهن هن ڪتاب کي ٻئي دفعي نظر مان ڪڍي سڌاري پورو ڪيم.

الحمد لله، جو هن ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ڪيل انجام ۽ ڏيکاريل اميد موافق "اخلاق محمدي" بہ هن ڪتاب ڪان پوءِ جلد ٿي لکي پورو ڪيو هوم، جو ڇپجي ۽ ڪپي بہ ويو ۽ هاڻي اُن جو بہ ڪو جلد ڪنهن ڪتب فروش وٽان ڪونہ ٿو ملي. اميد تہ اهو بہ نئين سر سڌاري پنهنجي هن ڪٺل حياتيءَ ۾ ٿي وري ڇپارائيندس.

ڪراچي } دعا جو طالب، الله جو عاجز ٻانهو
۵ فيبروري، ۱۹۲۶ع } حڪيم فتح محمد سيوهاڻي.

www.maktabah.org

www.maktabah.org

www.maktabah.org



www.maktabah.org

سنڌي ادبي بورڊ جا ڇپايل ڪجهہ ڪتاب

١-	چچ نامو	مترجم مخدوم امير احمد
٢-	سنڌ جي اقتصادي تاريخ	مترجم سراج الحق
٣-	سنڌ جي درٻار	مترجم محمد حنيف صديقي
۴-	سيٺ نائونمل جون يادگيريون	مترجم محمد حنيف صديقي
۵-	تاريخ سنڌ، ڪلهوڙا دؤر ٻہ جلد	مترجم ابن حيات پنهور ۽ شمشير الحيدري
٦-	تذڪره امير خاني	مولف: سيد حسام الدين راشدي
٧-	تحفة الڪرام	مصنف مير علي شير "قانع"
٨-	لب تاريخ سنڌ	مصنف خانبهادر خداد خان
٩-	تاريخ مظهر شاهجهاني	تاليف: يوسف ميرڪ
١٠-	اسلام جي تبليغ يعني اسلام جي اشاعت جي تاريخ	منصف ٽي، ڊبليو آر نولڊ
١١-	تذڪره مشاهير سنڌ ٣ ڀاڱا	مولانا دين محمد وفائي
١٢-	تاريخ معصومي	مخدوم امير احمد
١٣-	تاريخ ريگستان	استاد رائچند
١۴-	تحفة الطاهرين	شيخ محمد اعظم بن شفيع ٺٽوي
١۵-	پراڻو پارڪر	منگهارام اوجها
١٦-	سنڌ، هڪ عام جائزو	ايچ. ٽي. لئمبرڪ
١٧-	قديم سنڌ	ڀيرومل مهرچند آڏواڻي

www.maktabah.org

Maktabah Mujaddidiyah
www.maktabah.org

This book has been digitized by Maktabah Mujaddidiyah (www.maktabah.org).

Maktabah Mujaddidiyah does not hold the copyrights of this book. All the copyrights are held by the copyright holders, as mentioned in the book.

Digitized by Maktabah Mujaddidiyah, 2012

Files hosted at Internet Archive [www.archive.org]

We accept donations solely for the purpose of digitizing valuable and rare Islamic books and making them easily accessible through the Internet. If you like this cause and can afford to donate a little money, you can do so through Paypal. Send the money to ghaffari@maktabah.org, or go to the website and click the Donate link at the top.